جڳديش لڇاڻي

(ادب ۽ شخصيت)



پاڳيتا

مان بنيادي طور پروفيشنل آهيان. پروفيشن جي لحاظ کان منهنجو ساهتيہ سان واسطو گهٽ رهيو آهي. پر گهرَ جي صورتحال ۽ دادوءَ جي صحبت ۽ پيار ادب ڏانهن موڙيو. مان دادوءَ جي هٿن ۾ ئي وڏي ٿي آهيان. دادوءُ جڳديش لڇاڻيءَ جو سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ سان بي پناهہ عشق آهي. دادوءَ جي پهرين پانڪا مان آهيان. دادوءَ جا مون سيئي ڪتاب پڙهيا آهن. دادوءَ جي صحبت ۽ پيار ۾ منهنجي فطرت ۾ بہ پڙهڻ لکڻ ايندو ويو آهي. 4 ڊسمبر 2019ع دادوءَ حياتي جا اسي سال پورا ڪيا. دادوءَ تي ڊاڪيومينٽري رليز ٿي ۽ دادوءَ جي آتم - ڪٿا جي رونمائي بہ ٿي. اسان کي دادوءُ تي فخر ٿيڻ لڳو. اسان دادوءَ تي لکڻ جو خيال ڪيو، جيئن دادوءُ بہ اسان تي فخر وٺي سگهي. لکڻ جي شروعات مان اڳ ۾ ئي ڪري چڪي آهيان، هيءُ منهنجو پهريون اصلوڪو ڪتاب آهي. هن ڪتاب لاءِ مونکي ڪافي جاکوڙ ڪرڻي پيئي آهي. گهڻا ئي فائيل، اخبارون، ڪتاب نظر مان ڪڍڻا پيا آهن ۽ وري جي دادوءُ لڇاڻيءَ جي رهنمائي ميسر نہ هجي ها تہ مان شايد هن ڪم کي انجام ڏيئي نہ سگهان ها. ۽ ها، جيڪڏهن منهنجي هيءَ ڪوشش ادب ۾ ثاب پيئي تہ مان وري وڏيڪ پختن قدمن سان توهان جي اڳيان حاضر ٿينديس.

پاڳيتا

ISBN: 978-93-5416-032-5

Name	:	Dr. JAGDISH LACHHANI
Date of Birth	:	4th December,1939
Place of Birth	:	Pir-jo-Goth (Undivided India) Now in Pakistan
Education	:	M.A, M.Phil, Ph.D
Occupation	:	Principal: Kalani College, Ulhasnagar.
Awards and Recognition	:	Jogi Jadoo Laye Wiya-C.H.D Award in 1990 Sahitya jee Parakha - M. Sindhi Sahitya Academi Award in 1999, NCPSL Award in 2000 M. Kamal Jee Shairi - NCPSL Award in 2009. Priya Darshni Award in 2012 Bal Sahitya Puraskar from Central Sahitya Akademi in 2012 on **Roshan Rah** Central Sahitya Akademi Award in 2017 on **Aachende Laja Maraan** NCPSL Life Time Achievement Award in 2018 Translation Award from Central Sahitya Akademi in 2018

Work and Contribution:

Member of B.O.S in Sindhi,
University of Mumbai
Ex. Member of B.O.S in Sindhi,
M.S Board of Secondary & High Secondary Education, Pune.
Ex. Memebr of NCPSL (HRDMIN) New Delhi
Ex. Member of Maharashtra State Sindhi Sahitya Academy, Mumbai.
Evaluator/Examiner for Ph.D in Sindhi,
Universities in India & Abroad: Still Continuing

Contact : **Dr. Jagdish Lachhani**
Konark Residency,
304, Marigold, Ulhasnagar-421 001.
M. 09423087336
Email: Jagdishlachhani@yahoo.com

sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

جڳديش لڇاڻي

(ادب ۽ شخصيت)

ڀاڳيتا

sindhsalamat.com

ڪتاب جو نالو	:	**جڳديش لڇاڻي** (آدب ۽ شخصيت)
ليکڪا	:	ڀاڳيتا
ڇپائيندڙ	:	ڀاڳيتا لڇاڻي 301/102/202، آتم-ڌام، شو ڪالوني، چوپڙا ڪورٽ پرسان، الهاسنگر -421003
ڇاپو پهريون	:	ڊسمبر 2020
حق واسطا	:	**ليکڪا وٽ**
پرنٽر	:	وشال انٽرپرائيزس، الهاسنگر 421004
قيمت	:	500 رپيا

Title	:	**JAGDISH LACHHANI** **(Adab ain Shakhisiyat)**
Author	:	**Bhagyata Lachhani**
Publisher	:	Bhagyata Lachhani 202/102/301, Aatam Dham Shiv Colony, Near Chopra Court, Ulhasnagar-421003
First Edition	:	December 2020
Copy right	:	With Authoress
Printer	:	Vishal Enterprises, Ulhasnagar - 421004
Price	:	₹ 500

books.sindhsalamat.com

ڪجهه مان به چوان....

دادوُ جڳديش لڇاڻي آسان لاءِ Inspiration آهي، اسان جو آدرش آهي. ڪاجل لڇاڻي شاهه، منهنجي سوٽ، جيڪا لنڊن ۾ رهندي آهي، دادوُ جڳديش لڇاڻيءَ کي چوندي ٿي celebrity آهي. سچ پچ دادوُ لڇاڻي اسان سڀني لاءِ celebrity آهي. توهان هن کي ڪاليج جي فنڪشن ۾ ڏسو، ڪنهن ادبي ڪانفرنس ۾ جاچيو، توهان کي به هوُ celebrity ئي لڳندو. مون دادوُ جا سڀ ڪتاب پڙهيا آهن، هڪ دفعو نه انيڪ بار پڙهيا آهن. دادوُ جي پهرين پاٺڪا مان آهيان. دادوُ جو هر ڪتاب سڀ کان پهرين مون وٽ پهچندو آهي. مان دادوُ جي هٿن ۾ ئي وڏي ٿي آهيان. دادوُ منهنجي ڪنن ۾ الائي ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون وڌيون آهن.

دادوُ جڳديش لڇاڻيءَ جي 4 ڊسمبر 2019ع تي پنهنجي حياتيءَ جا اَسي سال پورا ڪيا. دادوءَ جنم ڏينهن تي اسان کي ٻه تحفا ڏنا: هڪ جڳديش لڇاڻي ڊاڪيومينٽري ۽ ٻي سندس آتم ڪٿا ... And life goes on، جنهن جو وموچن ڪاجل لڇاڻي شاهه، ڪٽنب جي سڀني ڀاتين سان گڏجي celebration جي دوران ڪيو. ٻئي ڏينهن ڪاجل لڇاڻي شاهه مونکي چيو، ”ڀاڳيتا، اسان چو نه دادوُ جڳديش لڇاڻيءَ تي ڪو ڪتاب لکي، ايندڙ Birthday تي تيس Gift ڪريون. جيئن اسين دادوُ تي فخر ڪريون ٿيون، تيئن دادوُ به اسان تي فخر ولي.“ بس يوجنا تيار ٿي ويئي. ڪاجل هڪدم ڪتاب لاءِ مونکي work-plan ٺاهي ڏني. ڪاجل اسان سڀني ۾ وڏي به آهي ته هوشيار به! soft ware ڪمپنيءَ سان واسطو اٿس. ڪتاب تيار ڪرڻ جو ڪم منهنجي مٿان رکيو ويو چو ته مان اُلهاسنگر ۾ آهيان. دادوُ به اُلهاسنگر ۾ ئي آهي. منهنجو ڊئڊي راجيش لڇاڻي سنڌيءَ ۾ Expert آهي. ڪنهن زماني ۾ هو بورڊ ۾ سنڌي وشيه ۾ پهريون نمبر آيو هو.

sindhsalamat.com

مون دادوُ ءَ جا ڪتاب وري پڙهڻ شروع ڪيا. ساهتيڪارن تي لکيل سنڌس ڪتابن تي هڪ دفعو وري ڳهري نظر وراڻي. دادوُ ءَ جو سڄو گهر ڪتابن سان ڀريل آهي. چوطرف ڪتاب ئي ڪتاب. فائيل ئي فائيل ۽ فائيلن ۾ پنا ئي پنا. مون پهريون ڪم دادوُ جڳديش لڇاڻيءَ جي فائيلن ۾، الماڙين ۾، ڪٻٽن جي خانن ۾ ٽڙيل - پکڙيل ۽ بي ترتيب پنن کي ترتيب ڏني. ٻيو ڪم جيڪو مون ڪيو سو هو دادوُ ءَ جي تمام ڪتابن کي Categorise ۽ تاريخ -وار بڻائڻ جو ! ڪتاب لکڻ وقت منهنجا مکيه Source رهيا:

1. Jagdish Lachhani Documentary
2. And life goes on ...
3. شخص ۽ ڪلاڪار : جڳديش لڇاڻي
4. سپون: ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي خاص پرچو
5. ڇا ساريان - ڇا وساريان

ڪتاب جي Compilation ۾ اسان هڪ الڳ رستو اختيار ڪيو آهي. اسان دادوُ ءَ جي ساهتيڪارن تي لکيل ڪتابن کان پاڻ کي الڳ بيهارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. نئون نمونو اختيار ڪرڻ ۾ اڪثر خطرا هوندا آهن، پر اسان کي ان ۾ آسانيءَ جو احساس ٿيو آهي. اسان دادوُ ءَ لاءِ پاڻ گهٽو نه چئي، ٻين کي چوڻ ڏنو آهي، مٿان دادوءَ لاءِ بي پناهه محبت ۽ صدق اسان جي آڏو نه اچي. اسان ڪتاب ۾ پاڻ کي پاسيرو رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ڇو ته ڪتاب دادوُ ءَ تي آهي، اسان تي ناهي؛ ان ڪري ڪتاب جي محور دادوُ ءَ جڳديش لڇاڻي ئي آهي. اسان اڳتي هلي دادوُ لفظ جو استعمال به ڪين ڪيو آهي، مٿان داخليت جو عناصر نه اچي وڃي ۽ مقصد کي ضرب رسي.

ڀاڳيتا

books.sindhsalamat.com

فهرست

ڪجھ مان بہ چوان

1. جيئن اسان ڪيس ڏٺو پڙهيو آهي... 9
2. شخصيت ۽ آدبي خدمتون 36
3. ڪهاڻي - نويس 50
4. ناٽڪ - نويس 75
5. ٻال ساهتيہ 89
6. مونوگراف 108
7. فن، فڪر ۽ جيون تي لکيل ڪتاب 140
8. سوانحي ۽ ادبي خاڪا 163
9. ادبي اصول 222
10. عملي آلوچنا 243
11. مضمون ، مقالا ۽ تبصرا 249
12. سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر 258
13. ادبي انٽرويو 268
14. ايم.ڪمل جي شاعري 273
15. ٻوان شل قبول 279
16. نثري نظم ۽ ان جو ادبي پسمنظر 283
17. نئين ڪوتا: ارتقائي سفر 288
18. شاهہ لطيف شناسي 296
19. سنڌي ناول جي اوسر 328
20. ڇا ساريان، ڇا وساريان 338
21. ادبي قدرشناسي 345

sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

1

جيئن اسان ڪيس ڏٺو، ٻڌو ۽ پڙهيو آهي...

مان سمجهان ٿي، اهو آگسٽ هو يا سيپٽمبر 2019ع، جو مونکي جيوَتي تيجواڻيءَ جو فون آيو. ڳالهه هيئن هئي ته هن کي مالهي ڪلچرل اڪيڊميءَ طرفان دادو جڳديش لڇاڻيءَ تي ڊاڪيومينٽري ٺاهڻي هئي، جيڪا 4 ڊسمبر 2019ع تي دادو جي 80th برٿ ڊي تي رليز ٿيڻ واري هئي. جيوَتي تيجواڻيءَ کي دادو بابت اسان جا Impressions کپندا هئا. هن اهڙو Request منهنجي سوٽِ ڪاجل ڪمليش لڇاڻي شاهه کي به ڪيو هو ته هوءَ ڪيس هڪ منٽ جو ويڊيو شوٽ ڪري موڪلي، جيڪو Edit ڪري هوءَ جڳديش لڇاڻيءَ تي ٺهندڙ ڊاڪيومينٽريءَ ۾ ڪم آڻي سگهي. منهنجي سوٽِ ڪاجل لنڊن ۾ رهندي آهي ۽ ڪنهن software ڪمپنيءَ ۾ وڏي عهدي تي آهي. منهنجي چاچو ڪمليش جڳديش لڇاڻيءَ کي به اهڙو Message ويل هو، جيڪو نيوزيلئنڊ ۾ رهندو آهي.

دادو جڳديش لڇاڻي 4 ڊسمبر 2019ع تي پنهنجي حياتيءَ جا اسي سال پورا ڪرڻ وارو هو. اسان دادوءَ لاءِ هڪ پارٽي Arrange ڪئي هئي. پارٽي Arrange ڪرڻ پنيان منهنجي چاچي ڪمليش جو وڏو هٿ هو. هن نيوزيلئنڊ ۾ رهندي به پارٽيءَ جو سڄو بندوبست پئي ڪيو. انهيءَ ڪم ۾ منهنجو پتا راجيش هن سان ٻانهن ٻيلي هو. ان celebrition جا مکيه ٻه اسر هئا: هڪ ته مالهي ڪلچرل اڪيڊميءَ دادو جڳديش لڇاڻيءَ تي ڊاڪيومينٽري تيار پيئي ڪئي سا ان فنڪشن ۾ رليز ٿيڻ واري هئي ۽ ٻيو ڪاجل جي هٿان دادوءَ جي انگريزيءَ ۾ آتم ڪٿا... on And life goes رَليز ڪرڻ جو پروگرام رٿيل هو.

اسان اُن ڏينهن جو بي صبريءَ سان انتظار ڪري رهيا

sindhsalamat.com

هئاسين. ان وچ ۾ منهنجو چاچو ڪمليش لڇاڻي ، چاچي ميوري ۽ سوٽُ ڪُنال به اچي پهتا. ڪاجل پنهنجي husband سان لنڊن مان آئي. گهر ۾ محفل مچي ويئي. آخر اهو ڏينهن به آيو. جنهن جو اسان کي بي صبريءَ سان انتظار هو. پروگرام ميور هوٽل ۾ رکيل هو.

4 ڊسمبر 2019ع ، شام جو نوَ لڳا ته مهمانن اچڻ شروع ڪيو. چاچو ڪمليش ۽ ڪُنال اُنهن جي آجيان لاءِ حاضر هئا. سنڌيءَ جي مشهور اديبه مايا راهي آئي ته ان سان گڏ پروفيسر سنڌيا ڪندناڻي، مالهي ڪلچرل اڪيڊميءَ جي پروڊيوسر شوبا چندناڻي، جيوَتي تيجواڻي، جئه شري ٿانواڻي به هيون. دادوءَ جي خاص دوست ايم.ڪمل جو پٽ نند به هال ۾ داخل ٿيو، ڪمليش سان ڀاڪر پائي گڏيو. ڊاڪٽر لعل ٿنواڻي ۽ دادوءَ جي ڪاليج جون پروفيسرس به آيون، جيئن ته جئشري، روشني، لوينا، پرينڪا، هيتل ۽ پريتي چيلاڻي. پپو ڪالاڻيءَ جي ڌيءَ پنڪي ڪالاڻي به پنهنجي هسبنڊ سان موجود هئي. هندواسيءَ جي سمپادڪا شوبا لعلچنداڻي به مسڪرائيندي آئي. هال ڀرجندو ويو. دادو جڳديش لڇاڻيءَ هڪ celebrity جيان entry ڪئي، ته سڀني اُٿي ڪيس ڪلي ڪيڪاريو. مائيڪ ڪُنال جي هٿ ۾ هو. هن دنيا جي انيڪ ملڪن مان آيل مهمانن جي آجيان ڪندي چيو، ”مان توهان سڀني جي شڪرادائي ٿو ڪجان جو توهان ڏور ڏور کان دادو جڳديش لڇاڻيءَ جي جنم ڏينهن تي ڪيس آسيس ڪرڻ آيا آهيو. دادو اسان سڀني لاءِ مثال آهي. Inspiration آهي. مان سالن کان دادوءَ کي ڏسندو اچان ٿو، ساڳيو ئي آهي، سدائين جوان، چست، درست، ٽِپ ٽاپ. هن لاءِ work ئي worship آهي. هن عمر ۾ به دادو ڪاليج سنڀالي ٿو ۽ ڇڳيءَ طرح سنڀالي ٿو. سڀني ۾ پيارو آهي. سنڌي ٻوليءَ لاءِ پيار اٿس. الائي گهڻا ڪتاب لکيا اٿائين، الائي گهڻا انعام حاصل ڪيا اٿائين. نيوزيلئنڊ ۾ شرير جي ڪنهن انگ تي

books.sindhsalamat.com

Tatoo چپائڻ، ڀاڳ جي نشاني ليکيو ويندو آهي. مون پنهنجي ٻانهن تي Tatoo چپايو آهي اهو آهي سنڌيءَ ۾ پنهنجي surname ’لڇاڻي‘. مان اُتي دوستن کي ڏيکاري فخر سان چوندو آهيان: "I am sindhi" ۽ پوءِ هن ٻانهن مٿي ڪري رهو سيني کي ڏيکاريو. سيني خوشيءَ وچان تاڙيون وڄايون. هاڻي ڪاڄل جو وارو هو. ڪيس تي دادوءَ جو ڪتاب ... And life goes on رِليز ڪرڻو هو. ڪتاب هن جي هٿ ۾ هو. ڪتاب جي ڪَوَرَ جي فوٽي ڏانهن نهاريندي ڪاڄل چوڻ شروع ڪيو، ” دادوءَ، Iam proud of you . دادوءَ جڳديش لڇاڻيءَ جو اسان ڏانهن پيار un parallel آهي. اڪثر مان پنهنجن Friends سان دادوءَ جو ذڪر ڏاڍي فخر سان ڪندي آهيان. برابر اڄ مان دادوءَ کان ڪافي ڏور آهيان، پر اسان جي پيار ۾ ڪمي ڪين آئي آهي. مان هاڻي به دادوءَ کي اينرو ئي پيار ڪندي آهيان، جيترو اڳ ڪندي هئس. دادوءَ جڳديش لڇاڻي اسان لاءِ هڪ آدرش آهي. دادوءَ منهنجو ۽ ڪُنال جو ننڍي هوندي کان ئي گهڻو گهڻو خيال رکيو آهي. اسڪول جو آٽو مِس ٿي ويندو، ته دادوءَ رڪشا ڪري، مونکي ڪلياڻ هولي ڪراس ۾ ڇڏي ايندو ۽ پاڻ پوءِ ڪاليج ويندو. دادوءَ جون ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون بيان ڪريان. دادوءَ وقت جو قدر ڪرڻ ڄاڻي. سدائين پاڻ کي مشغول رکندو آهي. سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه سان بي انتها محبت اٿس. ننڍي هوندي هو اسان کي آکاڻيون پڙهائيندي ننڊ ڪرائيندو هو. اڳائي گهڻا آکاڻين جا ڪتاب شايع ٿيل اٿس. جڏهن به مان دادوءَ جڳديش لڇاڻيءَ سان گڏبي آهيان، ڪونه ڪو نئون ڪتاب ڏيکاريندو آهي. اسان جا فوٽا به ڪتابن تي ڪم آندا اٿائين. ڪنهن تي منهنجو، ڪنهن تي ڪُنال جو، ته ڪنهن تي ديوَ جو! جڏهن اُهي ڪتاب Face book تي ايندا آهن، اسان وڏي فخر سان دوستن کي

sindhsalamat.com

ڏيکاريندا آهيون.“

چاچُوءَ ڪمليش لڇاڻيءَ چيو، ”منهنجو پتا جڳديش لڇاڻي هڪ سچو، سرل ۽ ڀڳوان ۾ وشواس رکندڙ اِنسان آهي. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ نسوارٿ ٻڌجي ڪيترن جي مدد ڪئي آهي، پوءِ چاهي اُهي شاگرد هجن، ماستر هجن چاهي ٻيو ڪوئي هجي. منهنجو پتا هڪ اعليٰ اديب آهي. هن سنڌي، هندي ۽ انگريزيءَ ۾ ڪيترا ئي ڪتاب لکي سرڪاري خواه غير سرڪاري انعام کٽيا آهن. چوندا آهن ته اُهي بيحد خوش نصيب آهن جن تي ماتا پتا جو سايو آهي ۽ اسين اُنهن خوشنصيب انسانن مان آهيون، جن تي ماتا پتا جو سايو آهي، آشيرواد آهي، I love you daddy.“

ان بعد ڪيڪ ڪٽڻ جي رسم ڪانپوءِ پارٽيءَ رنگ لاتو. رات جو ٻي بجي تائين کاڌو - پيئڻ ۽ ڊانس وغيره جاري رهي.

دادوءَ جڳديش لڇاڻيءَ هن سال ئي ڪاليج مان رٽائر ڪيو آهي. 4 ڊسمبر 2019ع تي هن جي حياتيءَ جا اسي سال پورا ٿيا آهن. پنهنجي حياتيءَ جا اسي سال پورا ڪري، لڇاڻيءَ ڪاليج کي الوداع ڪيو. دادوءَ جڳديش لڇاڻيءَ کي ڪاليج ۾ هر خواه اسٽاف ڏاڍو ڀائيندا آهن. مون ڪيترن جي واتان ٻڌو آهي ته پروفيسر لڇاڻيءَ جو پيرڊ Full of pleasure ۽ Learning هوندو آهي. مونکي اها شخصي معلومات آهي ته سائنس جا شاگرد لئنگويج جي پيرڊ ۾ غائب هوندا آهن. وري جي اها لئنگويج سنڌن مدرٽنگ هوندي ته ڇڻ انهن لاءِ فري پيرڊ آهي پر دادوءَ لڇاڻيءَ سان ائين نه هوندو هو.

هو سائنس وارن کي هندي ۽ سنڌي وشيه پاڙهيندو هو. لڇاڻيءَ جي پيرڊ ۾ ڪلاس روم شاگردن سان بلڪل پريل هوندو هو. ڊاڪٽر لڇاڻي پيو ٻارن کي کلائيندو ۽ پڙهائيندو. وچ وچ ۾

books.sindhsalamat.com

هو مزيدار آکاڻيون ۽ ٽوٽڪا ٻڌائي وشيہ کي اهڙو تہ دلچسپ ۽ مزيدار بڻائيندو هو جو پيرڊ ڪيئن گذريو ۽ ڪڏهن گذريو، شاگردن کي خبر ئي نہ پوندي هئي. سندس وهنوار بہ سڀني سان پيار ڀريو ۽ پنهنجائپ وارو !

جڏهن دادوءَ ڪاليج کي الوداع ڪيو تہ منظر ڏسڻ وٽان هو. سڀ ٻار ۽ ڪاليج جا پروفيسرس اُداس هئا. ڪي تہ رنا بہ پئي. اڄ جي زماني ۾ اهڙيون ڳالهيون حياتيءَ ۾ نہ پر فلمن جي پردي تي ڏسبيون آهن:

"....There are no good byes for us

wherever you are ,you will always

be in our heart ."

Googbyes are not Forever,

Googbyes are not the end

They simply mean we will miss you

until we meet again."

A Great salute to our Beloved worthy principal

Dr. Jagdhish Lachhani , sir.

Wishing you Much Love and Happiness, Dear sir-

As you Begin A New chapter in your life

Smita Bhosle , Jaishri ,Rosshini ,Priyanka , Geeta , and others

اهي هئا پروفيسرس جا لفظ !! شاگردن جي بہ ساڳي حالت هئي.

دادوُ جڳديش لڇاڻيءَ، اسان سڀني لاءِ هڪ celebrityآهي.

توهان ڪيس ڪاليج جي فنڪشن ۾ ڏسو، ڪنهن ادبي ڪانفرنس ۾ پيپر پڙهندو ڏسو يا ڪنهن ادبي gathering ۾ جاچيو، توهان کي بہ دادوُ celebrity لڳندو. بہ سال اڳہ جي ڳالهہ آهي.

دادوُ جڳديش لڇاڻي دهليءَ ۾ ساهتيہ اڪاديمي ايوارڊ وٺڻ ويو

sindhsalamat.com

هو، ان وقت سنڌي اڪاديمي، دهليءَ جي بہ هڪ لٽرري ڪانفرنس منعقد ٿيل هئي. دادوُ لڇاڻيءَ کي هڪ سيشن جي صدارت ڪرڻي هئي. ان وقت تي اين.سي.پي.ايس.ايل بہ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ کي Life time achievement award ڏيڻ جي پڌرائي ڪئي. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي جيئن ئي سنڌي اڪاديمي، دهليءَ جي هلندڙ ڪانفرنس هال ۾ داخل ٿيو، تہ حاضر حضرات اُٿي بيهي تاڙين جي ڦهڪن سان دادوءَ جي آجيان ڪئي هئي. اها تاڙين جي گونج، اڄ بہ مونکي ٻڌڻ ۾ ايندي آهي.

دادوءَ ڪٿي لکيو آهي تہ "ٻار منهنجي ڪمزوري آهن."

اهو اسان پنهنجن ماٽن کان بہ ڪيترائي دفعا ٻڌي چڪا آهيون. پر هاڻي مان بہ محسوس ڪرڻ لڳي آهيان تہ اهو سچ آهي، سورهن آنا سچ. مون خود جڳديش لڇاڻيءَ جو پيار ڏٺو آهي، ماڻيو آهي. مان دادوءَ جي سامهون ئي وڏي ٿي آهيان. هولي هوندي تہ مون ۽ منهنجي ڀاءُ راهل لاءِ (هو هينئر آمريڪا ۾ نوڪري ڪندو آهي) دادوُ بہ وڏيون ۽ سٺيون پچڪاريون ضرور وٺي ايندو ۽ ڏياريءَ تي ڦٽاڪا ۽ خرچي بہ ملندي. دادوءَ جو تعليم ۽ ساهتيہ سان واسطو رهيو آهي. ان ڪري هو ٻاهر بہ جام نڪري. (هينئر عمر جا اسي ڏهاڪا گذارڻ کان پوءِ ٻاهر نڪرڻ لڳ ڀڳ بند ڪري ڇڏيو اٿائين.) ٻاهر ويندو تہ اسان لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور وٺي ايندو. مان نہ سنيران تہ هو ڪڏهن ٻاهر ويو هجي ۽ اُتان هٿين خالي آيو هجي!

پنهنجي ڳالهہ کي واضح ڪرڻ لاءِ، مان هڪ ٻيو مثال بہ ڏيڻ چاهيندس، جيڪو دادوءَ پنهنجي آتم - ڪٿا ۾ بيان ڪيو آهي، "آرتوار جو ڏينهن هو. وينا ۽ ميوري، ڪاجل کي جهولي ۾ سمهاري شاپنگ لاءِ نڪتيون آهن: ڪاجل منهنجي حوالي.

books.sindhsalamat.com

هوئن به هاليڊي ڏينهن ٻارن جي جوابداري منهنجي حوالي هوندي آهي.

ڪاجل جي عمر سال ٻه مس هئي!

ڇا ڏسان ته ڪاجل جي ڳچي مان خون پيو وهي. مون ڪاجل کي اُٿلائي پُٿلائي ڏٺو، ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو. مان منجهي پيس. ڪجهه منٽن کان پوءِ وري ڏسان ته ڪاجل جي آڱر مان خون پيو وهي. سمجهي ويس ته اهو ڪنهن ڪُئيءَ جو ئي ڪم هوندو. وينا ۽ ميوري جڏهن شاپنگ ڪري موٽيون ته ڪاجل کي ڊاڪٽر دولتاڻيءَ جي گهر وٺي وياسين، پرسان رهندو هو. منهنجو شاگرد به رهي چڪو هو.

ڪاجل کي تپاسي، هن هڪ ملم لکي ڏني چيائين، ”گهٻرائڻ جي ضرورت ڪانهي. هن جي ماءُ ميوريءَ کي پرگننسيءَ جي دوران انجيڪشنس لڳل آهن، تنهن ڪري septic ٿيڻ جو سوال ئي ڪونهي.“

هاڻي ڇا ڪجي!

ٻار منهنجي شروع کان ڪمزوري رهيا آهن، اڄ به آهن. ڪاجل کي ڪُئيءَ کي بچائڻ لاءِ، ڪنهن ٻلي پالڻ جي صلاح ڏني.

بس پوءِ دير ڇاجي. ٻليءَ جو هڪ ٻچڙو ميوريءَ جي پيڻ جڳشريءَ آڻي ڏنو. هن کي ٻليون پالڻ جو شوق هو.

ٻليءَ جي ٻچي کي سنڀالڻ جي جوابداري منهنجي مٿان!

هڪ نه ٻئي ڏينهن مٽن مارڪيٽ مان ڇيچڙا آڻڻ لڳس.

ٻليءَ کي کير پيئڻ جي جوابداري به منهنجي مٿان هئي. مون سان ٻليءَ جو ٻچو بيحد هري ويو. ڪاليج مان موٽان-جيئن مونکي ڏسندو مياڻون مياڻون شروع ڪندو.

جيون ۾ سيڪس سچ پچ هڪ پاورفل Lustinct آهي. انسان سان گڏ جانورن کي به ان جي ضرورت ٿئي ٿي. ٻليءَ جو ٻچو به

sindhsalamat.com

وڏي ٿئي ڪنهن نه ڪنهن ٻلي سان ٻڌي وڃي. مون اهڙي نموني ڪيترائي ٻليءَ جا ٻچا پاليا ۽ ٻليءَ جا ٻچا پاليندي پاليندي ڪاجل به وڏي ٿي ويئي. مونکي ٻليءَ جي ٻچن کان ڇوٽڪارو مليو.[1]

اسان سڀني کي خبر آهي ته دادؤ جڳديش لڇاڻيءَ وينا سان پيار جي شادي ڪئي هئي. هو ننڍي هوندي کان ئي ڏيتي ليتيءَ جي خلاف هو، ان ڪري هن ڏهيج جي تقاضا نه ڪئي. گهر ۾ ڪافي مخالفت ٿي هئي. پر آخر سوڀ دادؤءَ جي ٿي. چوندا آهن هر ڪامياب پرش جي سڦلتا پٺيان استريءَ جو هٿ هوندو آهي. دادؤ به پنهنجي شخصيت جي نکار ۾ وينا کي شرف ڏيندو آهي. وينا هن جي آدرش جيون سنگني ٿي رهي. اسان جي پريوار ۾ وينا پهرين استري هئي، جنهن نوڪري ڪئي. لڇاڻيءَ برادريءَ ۾ اهو وشواس ويٺل هو ته نوڪري ڪندڙ استريون سٺيون نه ٿينديون آهن. پر وينا اُنهن جي اها ڌارڻا غلط ثابت ڪئي. هوءَ نه صرف هڪ سٺي پتني ثابت ٿي پر آدرش نونهن ۽ جوابدار ماءُ جو رول به بخوبي ادا ڪيو. هن سس - سهري (دادؤءَ جي ماءُ پيءُ) جي خوب سيوا ڪئي. هن پريوار ۾ نالو ڪڍيو. اَڄ به اسان هن کي بيحد ياد ڪندا آهيون. هن ٻارن جي پڙهائيءَ تي به پورو ڌيان رکيو. هڪ کي سِول انجنير (ڇاڇو ڪمليش لڇاڻي) ۽ ٻئي کي اليڪٽرانڪ انجنير (منهنجو ڊئڊي راجيش لڇاڻي) بڻايائين. هوءَ دادؤءَ جي پڇاڙيءَ جي گهڙين تائين مددگار رهي. دادؤ لڇاڻي لکي ٿو، ”اڄ جيڪا مونکي شهرت آهي، عزت آهي، مانُ-مرتبو آهي، ان ۾ وينا جو وڏو هٿ هو. بي شمار گڻن جو ڀنڊار هئي هوءَ! هن ۾ جيڪڏهن ڪوئي اوگڻ هو ته صرف اهو ته هن ۾ ڪوئي اوگڻ نه هو!

1. جڳديش لڇاڻي: ڇا ساريان، ڇا وساريان. ص. 172

books.sindhsalamat.com

زندگي زنده دلي کا نام هئہ
مرده - دل خاک جيا کرتي هئن.

هوءِ سچ پچ زنده دل انسان هئي. زندگيءَ سان هن کي بي پناهہ محبت هئي. پڇاڙيءَ تائين، هن جي اکين ۾ جيئڻ جي اڻلاکا ٻکندي هئي.

هر ڏڻ کي هن جي نظرن ۾ معنيٰ هئي. هر ڏڻ هوءَ ڏاڍي شوق سان ملهائيندي هئي. هولي هجي يا ڏياري، ٿڌڙي هجي يا شوراتري. هرڏڻ تي گهر ۾ جشن ضرور هوندو هو.

New Year's day تي هوءَ رات جو دير دير تائين جاڳي سيني کي Great ڪندي. هوليءَ جي ڏينهن، اسان جو گهر رنگ-برنگي ٻڻجي پوندو هو. سڀ کان پهرين هوءَ هوليءَ جو شڪار مونکي ٻڻائيندي هئي ۽ پوءِ ڪمليش، ميوري، ڪاجل، ڪنال، راجيش۽ ٻين گهر ۾ موجود ماڻهن کي رنگن سان رڱي ڇڏيندي هئي. ڏياري تہ هن لاءِ وڏو ڏڻ هو. پيئي مٺائي کائيندي ۽ ورهائيندي. شوراتري ڏينهن ٽاڏل (۽ ڀنگ بہ) ضرور پيئندي ۽ پيئاريندي. ٽاڏل / ڀنگ گهوٽڻ ۾ ڪمليش، هن کي مدد ڪندو هو.... محض مان نٿو چوان، سڀ ٿا چون. منهنجا مائٽ بہ ٿا چون، يار دوست بہ ٿا چون. اسڪول جا شاگرد، جن کي هوءَ پڙهائيندي هئي. اهي بہ ٿا چون. ٽيچرس جن سان گڏ هوءَ ڪم ڪندي هئي، اُهي بہ ٿا چون تہ وينا جهڙي شخصيت درلڀ آهي. جنهن ڏينهن هوءَ اسڪول نہ ويندي هئي، سڀئي ان جو خال محسوس ڪندا هئا.“

داديءَ (وينا لڇاڻي) دادوءَ جڳديش لڇاڻيءَ کي ساهتيہ سرجن ۾ بہ مدد ڪئي. هن ڪيترين ئي سنڌي لوڪ ڪهاڻين ۽ لوڪ گيت گڏ ڪري دادوءَ کي ڏنا هئا، جن جو استعمال اڳتي هلي، هن ڪتابن ۽ ليکن ۾ ڪيو. داديءَ جو هڪڙو ليک، جيڪو

هن جڳديش لڇاڻي يعني پنهنجي husband لاءِ لکيو هو، حوالي طور ڪم آڻڻ جهڙو آهي.

”لڇاڻيءَ کي مان چوٽيهن - پنجٽيهن سالن کان سڃاڻان. اسان جي پهرين ملاقات هڪ پڪنڪ تي ٿي. پهرين گڏجاڻيءَ ۾ ئي (Love at first sight) اسان هڪ ٻئي لاءِ اڇهل ڪشش محسوس ڪئي. اسين وهار ليڪ تي ويا هئاسين. مونکي منهنجي هڪ ساهيڙي تلسي ڀاوناڻي، جيڪا پوءِ اَڳتي هلي منهنجي ڀاڄائي بڻي، پڪنڪ تي وٺي هلي هئي. ٻيو سَر هو، ڪرتار ناگراڻي. لڇاڻي اُنهن ڏينهن ۾ ڇوڪرات هو، پر هو ڪافي smart. خوب چرچا ٽهڪا ٿي ڪياٿين. ان جو ان وقت ڳايل گيت:

”جاني وو ڪئسي لوگ ٿي جنڪو، پيار هي پيار ملا.“

اڃا تائين منهنجي ذهن ۾ تازو آهي. ساحر هن جو پيارو ڪوي هو. اڪثر هو ان جا گيت گنگنائيندو رهندو هو. ان پڪنڪ ۾ ئي اسان جي پيار جو ٻج پيو، انهن ڏينهن ۾ مان اسڪول ۾ پڙهندي هئس. هئس ننڍي پر ڪافي چست ۽ چلولي!

اَسان جي ٽمورتي اسڪول ۾ ڏاڍي مشهور هئي. مان (ميران مٺائي)، نرملا تولاڻي ۽ اُشا ڇڳاڻي. نرملا ڳائڻ ۾ هوشيار هئي تہ اسان وري ائڪٽنگ ۾. مستي بہ خوب ڪنديون هيوسين. انهن ڏينهن ۾ هڪ نئون ماسٽر آيو هو نارايڻ ڀارتي. ان کي خوب ڪڃائينديون هيوسين. اڄ بہ جڏهن هو اسان جي گهر ايندو آهي تہ لڇاڻيءَ سان منهنجي شڪايت ضرور ڪندو آهي.

اُنهن ڏينهن ۾ سينٽرل هاسپيٽل جي سامهون، وڏو کليل ميدان هوندو هو. جتي اُلهاسنگر جي سيني اسڪولن جا گڏيل پروگرام ٿيندا هئا. 15 آگسٽ ۽ 26 جنوريءَ تي خاص جشن ڪيا ويندا هئا. انيڪ قسمن جون رانديون ٿينديون هيون. جهنڊي جي سلامي ٿيندي هئي. راءِ صاحب سيتلداس کيماڻي تہ هوندو

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ٿي هو، پر هن سان گڏ ڪونہ ڪو وزير بہ ضرور هوندو هو. پنهنجي اسڪول جي شاگردن کي هميشه مان ٿي Leadڪندي هئس.

اسڪولن ۾ انيڪ ڪلچرل پروگرام ٿيندا هئا. شوو راماڻي اسان کي ڊراماسيکارڻ ايندو هو. هڪ ڊرامو ڪيو هئوسين ”ايپمنيو“. مون ان ۾ ’اُترا‘ جو پارٽ ادا ڪيو هو. نرملا ٿولاڻي بڻي هئي شيدرا ۽ اُشا ڇڳاڻي ايپمنيو. منهنجي اداڪاريءَ تہ ماڻهن کي جنسي روئاري ڇڏيو هو. اڄ بہ اُهي ماڻهو منهنجي ساراهہ مان ڍاپندا ٿي ناهن، جن اهو ناٽڪ ڏٺو هو. لڇاڻي بہ درشڪن ۾ موجود هو. اسان جي پيار جو ٻج تہ اڳيئي ڇٽجي چڪو هو، پر ان ڊراما کان پوءِ اُهو وڏي وڻ ٿي ويو.

اِنهيءَ وچ ۾ منهنجي وڏي ڀاءُ آنند مٽاڻيءَ جي شادي ٿي. لڇاڻيءَ هڪ Gift موڪلي. پروفيسر ٻنيجا جو انوادت ”پنچتنتر“. لڇاڻي آنند مٽاڻيءَ جي دوستن جي لسٽ ۾ ڪين هو. هن ڄاڄ شروع ڪئي تہ لڇاڻي ڪير آهي. آخر نارايڻ پارتيءَ جي معرفت پتو لڳائي ٿي ورتائين. لڇاڻي اسان جي گهر آيو. سيني کي وڻيو. هن چيو، ”مان ڇوڪريءَ کي هڪ ساڙهيءَ ۾ ڪٽڻ لاءِ تيار آهيان.“ ڳالهہ لڳ ڀڳ طئہ ٿي ويئي. پر پوءِ وري اسان جي رشتي ۾ هڪ ديوار کڙي ٿي ويئي. اسين ساهتيءَ جا ۽ هو ڳوناٽا. مان ڪراچيءَ ۾ جائي هئس تہ لڇاڻي پيير ڳوٺ ۾. پر آخر جيت اسان جي پيار جي ٿي. ڪابہ ديوار اسان جي پيار جي اڳيان ٽڪي نہ سگهي. اهڙي نموني اسان جي شادي 14مي ءَ 1961 تي ڏاڍي ڌام ڌوم سان ٿي گذري.

لڇاڻيءَ کي پنهنجي گهر ۾ بہ بغاوت ڪرڻي پيئي هئي. لڇاڻي منڍ کان ٿي ڏيتي ليتيءَ جي خلاف هو. منهنجو سهرو درويش هو ۽ سَس سنتياڻي. ڏيتي ليتي جي جيڪڏهن هو خلاف نہ هئا تہ لالچي بہ ڪين هئا. پر لڇاڻيءَ جو وڏو ڀاءُ دنياداريءَ

sindhsalamat.com

۾ وڏيڪ وشواس رکندو هو. لڇاڻيءَ جي ننڍي هوندي کان ٿي پنهنجي ڪٽنب ۾ شخصيت اُڀريل هئي، انڪري هن جي وڏي ڀاءُ کي بہ ها ڪرڻي ٿي پيئي. پر شاديءَ بعد جلدي ٿي اسان کي الڳ ڪيو ويو. اهڙي ڏکي گهڙيءَ ۾ سس - سهري جو مونکي خوب ساٿ مليو. گهر جي خرچ کي ڇڱيءَ طرح هلائڻ لاءِ مونکي بہ ماستري ڪرڻي پيئي. Teaching Diploma اڳہ ٿي ڪئي هئم، ڀيو سيتلداس ڪيماڻي اسان جو ماڻٽ هو، تنهن ڪري ماستري ملڻ ۾ مونکي ڪابہ تڪليف ڪين ٿي.

ٻارن کي پالڻ پوشڻ ۾ بہ لڇاڻيءَ جو وڏو هٿ رهيو. لڇاڻي ٻارن جي کاڌي - پيتي، پڙهائي -لکائي، ونڊر ورونه سيني جو خيال رکندو هو. لڇاڻيءَ جو جيڪڏهن مونکي ساٿ نہ هجي ها تہ شايد مونکي نوڪري ڇڏڻي پوي ها ! اهوئي سبب آهي جو ٻار هڪ اِشاري تي لڇاڻيءَ لاءِ جان ڏيڻ لاءِ بہ تيار ٿي ويندا آهن.

لڇاڻيءَ جو پتي-روپ منهنجي انيڪ ماڻٽ- استرين لاءِ ايرکا جو ڪارڻ بہ بڻيو آهي. رشتيدارن ۽ دوستن جي سامهون لڇاڻي جڏهن مونکي هر ڪم ۾ هٿ وٺائيندو آهي تہ آيل استريون لڇاڻيءَ جون خوب ساراه ڪنديون آهن. لڇاڻي اهو سڀ ڏيکاءُ لاءِ ڪين ڪندو آهي. پر اها سندس فطرت آهي.

لڇاڻيءَ جا دوست تمام ٿورا آهن، پر ڪيس دوستي نڀائڻ ايندي آهي. لڇاڻي گهڻو وقت گهر ۾ ٿي گذاريندو آهي. هن کي اجايو سجايو وقت وڃائڻ ڪين وڻي.

صبح جو سويل اُٿڻ هن جي عادت آهي. هو صبح جو سويل اُٿي چانه ناهي، پوءِ مونکي اُٿاريندو. اسين ٻئي گڏجي چانه پيئون، پوءِ لڇاڻي ڪاليج لاءِ نڪرندو.

ايمانداري لڇاڻيءَ جي شخصيت جي هڪ وڏو گڻ آهي. جيتري قدر مان هن کي سمجهي سگهي آهيان، هو پوريءَ طرح

books.sindhsalamat.com

ايماندار شخص آهي. ايمانداري جيون جي هر کيتر ۾ چاهي سندس رچنا - سنسار هجي، پڙهائي هجي يا ڪٽنبي سماجڪ سنبنڌ هجن. شايد اهو ئي سبب آهي جو اڄ بہ هن جا جهونا شاگرد، وقتي سندن ماڻت بہ لڇاڻيءَ کان صلاح وٺڻ ايندا آهن. ڪيترا هن جي ڀلمانسي جو فائدو بہ وٺندا آهن. لڇاڻي اهو سڀ ڄاڻندو آهي پر پوءِ بہ ائين ٿيڻ ڏيندو آهي.

ٻاهران بيحد خوش مزاج ۽ چرچائي لڳندڙ انسان اندران بيحد گنڀير آهي. هر وقت، هر استٿيءَ کي بيحد گنڀيرتا سان کڻڻ، صحت لاءِ ڪڏهن ڪڏهن نقصانڪار بہ ٿيندو آهي. اها ڄر هو خود تہ محسوس ڪندو آهي، پر اسان بہ ان کان بچي نہ سگهندا آهيون.

لڇاڻيءَ کي جوانيءَ ۾ ڏاڍو غصو هوندو هو. شروعات ۾ اسان ۾ ڪافي جهڳڙا بہ ٿيندا هئا. پر اسان جا جهڳڙا ڪڏهن وڏي وڻ نہ ٻٽيا. اسان ٻاڻ ۾ ئي پرچي ويندا هئاسين. اسان ڪڏهن ٽئين کي وچ ۾ ڪين وهاريو. هاڻي جڏهن مان اهو ياد ڪرڻ جو ڪوشش ٿي ڪريان ، تہ اسان ڇا لاءِ وڙهندا هئاسين تہ ڪجهہ ياد نٿو اچيم.

Because we quarreled for Nothing

هونئن تہ مان لڇاڻيءَ جي انيڪ روپن کان واقف آهيان. پر هن جو سڀ کان پيارو روپ جيڪو مان پسند ڪندي آهيان اُهو آهي سندس ساٿي روپ..

He is my true companion in real sense

ائين ٿي سگهي ٿو تہ لڇاڻي منهنجين خوشين ۾ ڪڏهن شامل نہ ٿيو هجي، پر دک ۾ هو منهنجو هميشهہ ساٿي رهيو آهي. دک ننڍو هجي چاهي وڏو اُهو هن مون سان گڏجي ئي گهاريو آهي. ڪوبہ مسئلو تيستائين منهنجو مسئلو هوندو آهي

جيستائين مون تائين محدود هوندو آهي. لڇاڻيءَ تائين پهچندي ئي اهو مسئلو، لڇاڻيءَ جو بڻجي ويندو آهي ۽ مان پوءِ صرف ان جي حل جو ئي انتظار ڪندي رهندي آهيان. اهڙي ساٿيءَ کي پائي، دنيا جا ٻيا ڪيترائي آڀاوَ مون لاءِ بي معنيٰ بڻجي ويندا آهن.

توهان ان کي گمان چئو، انڌوشواس ڪوٺيو يا چرياٿپ. پر حياتيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي. ان ڪري ئي تہ وڏا چوندا آهن ٻتيه ڏندن مان ڪڏهن ڪجهہ غلط نہ ٻولجي، ٿي ويندو آهي. دادوءَ سان بہ ائين ئي ٿيو.

سن 1992ع جي آس پاس جي واردات آهي. اسان جي گهر ۾ ان واردات جي ڪيترا دفعا چرچا ٿي آهي. دادوءَ بيمار ٿي پيو هئو. ڦڪيون فرق ئي نہ ڪن. گهڻا ئي ڊاڪٽر آيا، پر اُگهائي وڃڻ جو نالو ئي نہ وٺي.

هڪ شام جي واردات آهي. دادي وينا، دادوءَ جي پرسان ويٺي هئي. دادوءَ جو هٿ، هن جي هٿ ۾ هو. چوندا آهن: اِنسان جو آخرين سهارو پرارٿنا آهي. ”ماندي ٿيءُ نہ ماري، اللهہ ٻيو آهي.` داديءَ ايشور کي پرارٿنا ڪئي، ”هي مالڪ منهنجي لڇاڻيءَ کي ٺيڪ ڪر. ڀلي هن جي بدران مونکي کڻ. هي منهنجا سائين....

۽ سچ پچ ائين ئي ٿي گذريو.

انهيءَ ساڳي رات چاچو ڪمليش لڇاڻي هڪ ڊاڪٽر کي وٺي آيو. ڊاڪٽر چنديراماڻي، اُلهاسنگر جو هڪ ڊاڪٽر.

رات جا ٻارهن ٿيا هئا.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ کي چڱيءَ طرح تپاسيو. تپاسي، ڊاڪٽر ڪجهہ گوريون ڪمليش کي ڏيندي چيو، ”هي آزمايوس``

sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

دادوءَ ڳوريون وٺڻ ڇڏي ڏنيون هيون. ڳوريون وٺڻ سان هن کي اوڪارا اچڻ شروع ٿي ويندا هئا.

ڊاڪٽر ، لڇاڻيءَ کي سمجھائيندي چيو، ”هي تمام ننڍيون ڳوريون آهن. صرف ٽي ڏينهن وٺو. هڪ هڪ ڳوري، ڏينهن ۾ ٽي دفعا.“

داديءَ، لڇاڻيءَ کي ڳوريون ڏيڻ شروع ڪيون

ڪرشمو ٿي گذريو.

دادوءَ ٺيڪ ٿيڻ لڳو. ڪجھ ڏينهن ۾ هو بلڪل نوبنو ٿي پيو. ڪاليج به وڃڻ لڳو.

پر ڪجھ وقت کان پوءِ دادي وينا جي طبيعت بگڙجڻ لڳي. آگسٽ 1994ع ڌاري بخار ۽ بدن ۾ پيڙا ٿيڻ لڳس. پهرياڻين هن جو علاج، اسان جي فئملي ڊاڪٽر نريش هيمناڻيءَ ڪيو. ان مان جڏهن فائدو نه ٿيس ته چاچو ڪمليش، داديءَ کي اُلهاسنگر جي برڪ ڊاڪٽر واڌواڻيءَ وٽ وٺي ويو، جنهن سمورو ڪيس ئي خراب ڪري ڇڏيو. هئس ڪئنسر، سمجھيائين ٽي.بي. اٿس. هو ٽي.بيءَ جو ٿي علاج ڪندو رهيو. فائدي ٿيڻ بدران وينا جي طبيعت وڌيڪ بگڙجڻ لڳي. گهٽي زور پرڻ ٿي، هن ڊاڪٽر لُٽا لاءِ خط ڏنو. ڪئنسر ظاهر ٿي، ڦڦڙن جي. علاج شروع ٿيو ڪيموٿرافي (Chemotheraphy)۾ ڊاڪٽر هو سريش آڏواڻي.

ڪيموٿرافيءَ جي علاج جي دوران، جيڪي دوائون، داديءَ جي شرير ۾ نسن ذريعي، وڌيون وينديون هيون، اُهي ڌرتيءَ تي ڪيرايل بم جو عمل ڪنديون هيون. اٺ ڳهربل جيوڙن سان گڏ ، بدن جي راڪو جيوڙن جو به انت اچي ويندو هو . جڳديش لڇاڻيءَ لکيو آهي، ”تڙ تڙ مرڻ ڏسڻ، ڪيترو نه ڪشت دايڪ آهي، مان ڄاڻان ٿو. وري جي اهو تر تر مرڻ، پنهنجي ڪنهن خاص عزيز جو آهي ته اهو، دک سان گڏ، سچي وجود کي ئي ٽوڙي ٿو ڇڏي.“

sindhsalamat.com

اهڙي نموني داديءَ 8 آگسٽ 1995ع تي چاچو ڪمليش لڇاڻيءَ جي هنج ۾ پراڻ ڇڏيا.

دادوءَ لڇاڻيءَ ڪجھ وقت لاءِ پاڻ کي ادبي تخليقي دنيا ۾ مصروف رکيو. ان وچ ۾ چاچو ڪمليش لڇاڻيءَ کي ڌنڌي ۾ ڪافي نقصان پيو. هو پنهنجو پيٽرول پمپ وڪڻي ٻاهر وڃڻ جا سانباها ڪرڻ لڳو. اسان به پنهنجو گهر بدلايو. پر دادوءَ گهر بدلائڻ لاءِ بلڪل تيار نه هو. گهر سان هن جي زندگيءَ جون حسين يادون جو جڙيل هيون.

دادوءَ سٺ سالن جي عمر ۾ ٻي شادي ڪئي. انسان کي صحبت ترڪيپي ٿي! ان سان عمر جو ڪو واسطو ٿي ڪونهي. وڏي عمر ۾ پاڻ، ان جي ضرورت وڌيڪ محسوس ڪجي ٿي؛ جڏهن پريوار جا ٻيا ڀاتي پنهنجي پنهنجي دنيا ۾ مشغول آهن. شروعات ۾ دادوءَ جي ٻي شاديءَ سبب، گهر ۾ ناراضپو پيدا ٿيو. منهنجي نانيءَ به مخالفت ڪئي. مميءَ کي به ڳالهه ڪين ٿي آئڙي. پر دادوءَ چاچي ميوريءَ کي ساڻ ڪري، گردواري ۾ لانوا پڙهائي شادي ڪري آيو. ان ڳالهه کي ويه سال گذري چڪا آهن. اسان هينئر حياتيءَ جي سچاين کي سمجھڻ لڳا آهيون، ان ڪري دادوءَ جي ٻي شادي، اسان کي غلط نٿي لڳي. آسان جو دادوءَ سان مٺ - محبت جو رشتو برقرار آهي.

جڏهن ڀارت جو ورهاڱو ٿيو ته دادوءَ جڳديش لڇاڻي بلڪل پڙهيل ڪين هو. عمر ڇهه -ست سال، پر علم الف -ب جو به نه! پڙهڻ سان هن جي پوندي ئي ڪانه هئي. پر قدرت جا کيل ڏسو..

سڌ ٻيلي جي ڪپ تي ، سکر جي پرسان، پير ڳوٺ ۾ 4 ڊسمبر 1939 ۾ چاول، صوبراج ڏيئومل لڇاڻيءَ جي گهر ۾ اک کولينڌڙ دادوءَ جڳديش لڇاڻي، ڪنهن ٿي ڄاتو ته ننڍپڻ ۾ لکڻ - پڙهڻ کان ونءُ ويندڙ اڳتي هلي، اعليٰ تعليم حاصل

books.sindhsalamat.com

ڪري ڪاليج جو پرنسيپال بڻيو ۽ ادب ۾ ايڏو نالو ڪمائيندو جو هند سان گڏ سنڌ وارا به ڪيس پيا ساريندا. سچ پچ دادوُ جڳديش لڇاڻيءَ جو سنڌي ٻوليءَ سان عشق آهي. هن پنهنجي اسي سالگره جي موقعي جي دوران، جيڪي الفاظ چيا هئا، سي وسرڻ جا ناهن:

”مڇان ٿو سنڌيءَ ۾ پڙهندڙ غائب ٿيندا پيا وڃن. ادب پڙهڻ / پرکڻ ۽ ساراهڻ وارا مورئي مري ويا. نئين ٽهي ادب کان ڏور ٿيندي پئي وڃي. صرف ليکڪ ئي وڃي پاڻ بچيا آهن. ليکڪ به سڀ ڪتاب نٿا پڙهن. ڪيترا ڪتاب ته بنا پڙهڻ جي رديءَ ۾ هليا وڃن ٿا. اسان جي ڀاشا محض اسپوڪن ڀاشا ۽ اسان جو ادب آڊيو - ويڊيو ٿيندو ٿو وڃي. پر پوءِ به مان لکان ٿو. جيستائين جيئرو آهيان، لکندو رهندس، ڇو ته لکڻ منهنجو جُنون آهي، خفت آهي، پاڳلپڻو آهي، خوراڪ آهي، ساهه کڻڻ آهي.“

1947ع ۾ ڀارت کي آزادي ملي. ملڪ کي آزادي ته ملي پر ويندي ويندي انگريزن سچ پچ سياسي کيڏ کيڏي، مذهب جي بنياد تي ملڪ کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو. سموري سنڌ پاڪستان جي حصي ۾ آئي. ورهاڱو، سنڌي هندن مٿان ايترو اوچتو ۽ اڄاتو اچي نازل ٿيو، جو جڻ وڄ ڪڙڪي هجي. نيتائون، سنڌي هندن کي آٿت ڏيندا رهيا ته هو سنڌ نه ڇڏين. پر پوءِ پاڻ ئي، سنڌين کي نڌڻڪو ڇڏي، هوائي جهازن تي سوار ٿي، ڀارت هليا آيا. ڀارت مان سنڌ ۾ آيل مهاجرن جي مسلم ليگي گنڊن طرفان ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ڪرايل فسادن، سنڌي هندن کي سنڌ ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو. جيتوڻيڪ سنڌي مسلم حضرات، پنهنجي هندو ڀائرن کي هر قسم جي مدد ڪئي، پر پوءِ اُنهن کي ان بحران جي خوف ۽ مهاجرن جي غنڊه گرديءَ باعث،

sindhsalamat.com

پنهنجو وطن ڇڏڻو ٿي پيو. جڳديش لڇاڻي پنهنجي آتم - ڪٿا ۾ لکي ٿو، ”مان سمجهان ٿو، اسان 1948ع ۾ ئي سنڌ کي الوداع ڪيو هو. مان ننڍو برابر هوس، پر سانير چٽي اٿم. پير ڳوٺ ۾، پير پاڳاري جي قبي جي ويجهو، پنهنجي گهر جي بلڪل ٻاهران گوليون هلنديون، مون پنهنجي اکين سان ڏٺيون آهن. سنڌ ڇڏڻ کان ٿورو اڳ جي ڳالهه آهي اها ! سبب کهڙو هو، ان جي ايتري سمجهه ان وقت مون ۾ نه هئي. مان پنهنجي گهر جي ٻاهران بيٺي، اهو لقاءُ ڏسي رهيو هوس. ڪرفيو لڳل هو. ماڻهو حواس وڃائي هيڏانهن هوڏانهن ٿي ڀڳا. خوف کان ماڻهن گهرن جا دروازا بند ڪري ڇڏيا هئا. گهر ۾ مونکي نه ڏسي، ’اما‘ اچي پريشان ٿي. هن آهسته آهسته دروازو کوليو. مون کي دروازي جي ٻاهران ڏسي، هن سنتوش جو ساهه کنيو. مونکي ٻانهن کان گهلي اندر ڪيائين.“ ..... هو اڳتي لکي ٿو، ”اُتي اسان جو رهڻ، هاڻي مشڪل ٿي پيو. اسان جو ڪٽنب ڪافي وڏو هو. سڀني اُتان گڏجي نڪرڻ جون تياريون ٿي ڪيون. ماما، چاچا ۽ اسان جو ڪٽنب. اسان جي ڪٽنب ۾ اما ۽ بابا ڪانسواءِ، وڏو ڀاءُ ٽيڪچند ۽ اُن جي زال يعني منهنجي ڀاڄائي، پرمانند، منهنجو ٻيو نمبر ڀاءُ ۽ اُن جي زال، نول ۽ مان ۽ منهنجي ننڍي ڀيڻ. منهنجي هڪ شادي ڪيل ڀيڻ پمي ۽ ان جو مڙس چاندومل به اسان سان گڏ هو. “ (ص. 24)

دادوُ جڳديش لڇاڻيءَ جي ڪٽنب کي لاچار ٿي سنڌ ڇڏڻي پيئي. هو مڙيئي ڀاتي، مامن ۽ چاچن سوڌا پير ڳوٺ مان سکر تائين بيل گاڏين ۾. سکر کان ڪراچيءَ تائين بس ۾. ڪراچيءَ کان مندر تائين پنڌ. جڳديش جو ٻيون نمبر ڀاءُ پرمانند کي ڪراچيءَ جي رستن جي ڄاڻ هئي ڇو ته هوُ ڪراچيءَ ۾ ڪم ڪندو هو. انهن کي انڪري مندر ڳولهڻ جي تڪليف نه ونڻي

books.sindhsalamat.com

پيئي. اُن مندر جي پهرين ماڙي تي جنهن کي ڪمرو ڏنو ويو. ڪمرو هڪڙو، ماڻهو چاليهارو ڪن. هو سامان سوڌا ان ڪمري ۾ اچي ٿانئيڪا ٿيا. اسان کي پاڪيءَ جي جهاز رستي ڀارت اچڻو هو.

ڀارت وڃڻ لاءِ جهاز جي ٽڪيٽ لاءِ وڏي قطار. هو هئا چاليهارو ماڻهو . سيني کي هڪ ئي جهاز ۾ ڀارت وڃڻو هو. هڪ ڏينهن، سنجها ٽاڻي،اوچتو ئي اوچتو مهاجرن جي هٿياربند ٽوليءَ مندر تي حملو ڪيو. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي ان جو ورنن پنهنجي آتم - ڪٿا ”چا ساريان، چا وساريان“ ۾ هينئن ٿو ڪري: ” سيني جي هٿن ۾ کليل تلوارون، چاڪون ۽ ڪهاڙيون. چوطرف دهشت ڦهلجي ويئي.ماڻهن جي ڀڄ - ڀڄان شروع ٿي ويئي. ڪمرن جا دروازا بند ٿي ويا. لڳ ڀڳ ڪانڊاريندڙ درشيہ! مان مندر جي گيٽ وٽ. ڦرلٽ چالو هئي. ڪن جون چوڙين لاءِ ٻانهون ڪٽيون ويون.ڪن جو نٿ لاءِ نڪ ڪٽيو ويو. منڊين لاءِ آڱريون ڪٽيون ويون. زيورن لاءِ ڪيترين زالن جي ڪنن کي بہ چيريو ويو... مون اهو سڀ پنهنجي اکين سان ڏٺو. بچائڻ وارو ڪوئي ڪونہ هو. هو ڪيترو وقت تمام بي رحميءَ سان، پنهنجون ڪارروايون ڪندا رهيا.....مان گرائونڊ فلور تي هوس. گرائونڊ فلور تي ٻيهي مان اِهو سڀ لقاءُ ڏسي رهيو هوس. اما مونکي مٿان سڏي رهي هئي؛ پر مان ڊڄان چو ٿو! اما هيٺ لهي آئي. اما نٿ پائيندي هئي سون جي! نٿ جي وچ ۾ جڙيل ياقوُد. جڏهن مهاجرن جي نظر اما تي پيئي تہ هو کيس ورائي ويا. اما چوڙا تہ کين لاهي ڏنا، پر سهاڳ جي نشاني نٿ ڏيڻ لاءِ تيار نہ هئي. مونکي مهاجرن جي اها هلت نہ وڻي، سو مون چا ڪيو اما کي مهاجرن کان ڇڏائڻ لاءِ هڪ مهاجر کي هٿ ۾ ڪٽي زور سان چڪ پاتو. امان تہ ڇٽي ويئي، مان مهاجرن جي ور چڙهي ويس. هنن منهنجي منهن تي چاڪو هڻي ڪڍيو ۽ اکيان

sindhsalamat.com

وڌي ويا. ڀارت جي آزاديءَ جو اهو نشان، اڄ بہ منهنجي ڪاٻي ڳل تي سلامت آهي.“ (ص. 26-25)

دادوُ جڳديش لڇاڻيءَ جو ڪٽنب پاڪيءَ جي جهاز رستي بمبئيءَ پهتو. بمبئيءَ مان ٻين سنڌين سان گڏ، کين ٽرڪ ۾ چاڙهي، ليڪ بيل ڪئمپ ۾ وٺي آيا. لڇاڻيءَ جن ڪجهہ وقت ليڪ بيل ڪئمپ ۾ رهيا. پر ڪجهہ وقت کان پوءِ سرڪار ليڪ بيل ڪئمپ کي بند ڪري، اُتي جي رهواسين کي الڳ الڳ هنڌن تي موڪليو ويو. ڪي جلگانءُ طرف ويا، ڪي ديولاليءَ ۽ ڪي ناسڪ. جڳديش جي پريوارڪلياڻ ڪئمپ اچي وسائي. ڪلياڻ ڪئمپ نمبر ٻيون. او.ٽي سيڪشن، بئرڪ نمبر 590، روم نمبر 3.

بئرڪ جي پٺيان سرڪاري ڪاڪوس ۽ کليل ميدان.

دادوُ جو ڪٽنب جڏهن ڪلياڻ ڪئمپ ۾ اچي رهيو ، تہ کين ڪو بہ ڪم ڪونہ هو.کائڻ لاءِ، ڪجهہ وقت سرڪار مفت راشن ڏيندي رهي. گاڏي ايندي هئي ۽ کين قطار ۾ بيهي راشن وٺڻو پوندو هو. پر سنڌي واندا ويهڻ وارا ڪونہ هئا. اورچائي اُنهن جي خون ۾ هئي.سيني ڪونہ ڪو ڪم ڳولهڻ شروع ڪيو. سنڌين ڪنهن بہ پورهئي کي گهٽ نہ سمجهيو. جڏهن سنڌي پنهنجن پيرن تي بيهڻ لڳا تہ سرڪاري مدد بند ٿي ويئي.

جنهن کي جيڪي ڪم مليو، ڪرڻ لڳا. پر رستي تہ پنندڙن، ڀهاري پائيندڙن ۽ ڪاڪوس صاف ڪندڙن ۾ سنڌي نہ هئا.

جڳديش بہ ڪجهہ وقت پنهنجي پيءُ صوڀراج سان لوڪل گاڏين ۾ بسيڪٽ ۽ ڪٽمنڙا وڪيا . پر هڪ ڏينهن ٽي.سيءَ کي ڏسي ڊوڙيو تہ گاڏيءَ مان ڪرندي بچي ويو. هاڻي کيس لوڪل گاڏين ۾ ڪٽمنڙا ۽ بسيڪٽ وڪڻڻ کان منع ڪئي ويئي.

books.sindhsalamat.com

ڪجهه وقت کان پوءِ ڪلياڻ ڪئمپ ۾ اسڪول کليا.
جڳديش کي اسڪول ۾ ويهاريو ويو. اُنهن ڏينهن ۾ ڪهڙي به درجي ۾ ويهي سگهبو هو. اڳئين پڙهائيءَ جي تصديق نه ڪئي ويندي هئي. صرف اينٽرو ڪوڙ ڳالهائڻو پوندو هو ته اسين هينئر پاڪستان مان آيا آهيون. جڳديش جي عمر ته وڏي هئي ئي؛ ان ڪري کيس ٽئين درجي ۾ ويهاريو ويو. هه ٽي مهنا ٽئين درجي ۾ پڙهي، واسواڻي اسڪول ۾، جيڪو ٻئين جي او.ٽيءَ ۾، سندس گهر جي پرسان هو. پنجين درجي ۾داخلا ورتي. هو بيحد شوق سان پڙهڻ لڳو. پنجين درجي جي ساليانِي امتحان ۾ جڏهن جڳديش پهريون نمبر آيو، ته کيس Double Promotion ڏيئي، ستين درجي ۾ ٽپايو ويو. سندس عمر وڏي هئي، ان ڪري به شايد!

سن 1958ع کان دادوُ جڳديش لڇاڻيءَ ماستري شروع ڪئي. هندي سينئر شڪشڪ سند (Sr .teachers' Diploma) هو اڳ ئي پاس ڪري چڪو هو، تنهن ڪري هن کي ماستري سولائيءَ سان ملي ويئي. هنجي پگهار مقرر ڪئي ويئي 101=45+56رپيا. جڳديش لڇاڻيءَ کي ڪيماڻي هاءِ اسڪول ۾ رکيو ويو. ڪيماڻي هاءِ اسڪول ۾ جئرام روپاڻي به ماستر هو. هن شاگردن ۾ ڪلاتمڪ ٻوجهه جاڳائڻ ۽ ڪلچرل کي زور وٺائڻ لاءِ، اسڪول اندر ٽيگور ناٽيه ڪلا مندر برپا ڪيو. هن ڪلا مندر طرفان ڪيترائي ناٽڪ اسڪول جي اسٽيج تي پيش ڪيا ويا. جڳديش به اسڪول ۾ پيش ڪيل ڪيترن ئي ناٽڪن ۾ اداڪاري ڪئي آهي.

جڳديش لڇاڻيءَ جي ادبي زندگيءَ جي شروعات، اسڪولي ڏينهن ۾ ٿي. هن جي پهرين ڪهاڻي سن 1955ع ۾اسڪولي مخزن 'سنڌو'ءَ ۾ شايع ٿي، جنهن جو عنوان هو 'انتقام'.

جڳديش لڇاڻيءَ جي ڪهاڻي 'لڙڪن جي لڙي' جڏهن

sindhsalamat.com

سن 1956ع ۾ سنڌ جي مشهور اخبار ''مهراڻ'' ۾ شايع ٿي ۽ انعام کٽيو ته جڳديش جو نالو نڪتو. جڳديش لڇاڻيءَ جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو 'خاموش زندگي' سن 1957ع ۾ شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ اُها انعامي ڪهاڻي 'لڙڪن جي لڙي' به شامل آهي. جگديز چواڻي، ''بنيادي طرح مان هنديءَ جو ماڻهو هوس پر دوستن -پرسرام ضيا (منهنجو اُستاد به رهي چڪو هو)، لعل پشپ، سگن، موهن ڪلپنا ۽ ايم.ڪمل جي صحبت ۾ سنڌيءَ ڏانهن مڙيس. پر هنديءَ ۾ ليکن جاري رهيو. (اڄ به جاري آهي) .... جڏهن مون ڏٺو ته سنڌيءَ ۾ ادبي اصولن تي ڪتاب آهن ئي ڪونه- ايڪڙ ٻيڪڙ کي ڇڏي ته مون ادب جي اصولن تي ڪتاب لکڻ جو من ٻڌايو. اهڙي طرح سن 1958ع ۾'ادبي شناس' وجود ۾ آيو. اهو منهنجو ٻيو ڪتاب هو.'' (آتم ڪٿا، ص. (91). هن ڪتاب جو مهاڳ اُستاد شاعر ۽اعليٰ زباندان ليکراج عزيز لکيو هو.

جڳديش لڇاڻيءَ ٻال - ڪهاڻيون به لکيون آهن؛ جنن - ڀوتن، پرين، راجائن ۽ راڻين جون. ازانسواءِ جگديش لڇاڻيءَ سوين سنڌي لوڪ - ڪهاڻيون گڏ ڪري، ڇپائي ، ٻال - ساهتيه ۾ ساراهه جوڳو اضافو ڪيو آهي. هو لوڪ ڪهاڻين لاءِ چوي ٿو،

"A folk- tale can never grow old or lose its charm.
Why it is called a folk tale ? Because it belongs to all
the people and transcends the barrer of space and time.
For a long time ,these folk- tales were not written
down ,but they were told to people young or old ,
who crowded round the story - tellers or these fascinating
Stories were originally told orally and many of us
heard them at our grand mother's knees ."(2)

ڊاڪٽر جگديش لڇاڻيءَ جا ٻال ساهتيه تي ويهارو ڪن

2. Dr . Jagdish Lachhani : folk - tales of Sindh .2014

books.sindhsalamat.com

ڪتاب سنڌي، هندي ۽ انگريزيءَ ۾ شايع ٿيل آهن. هن کي مرڪزي ساهتيہ اڪاديمي ٻال پرسڪار سن 2012ع ۾ ”روشن راهه“ [3] ٻال ڪهاڻين جي مجموعي تي حاصل ٿي چڪو آهي.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي تخليق ڪيل ادبي خاڪن (Pen-Portraits) جي پنهنجي اهميت آهي. اهي شخص اڄ جيئرن جي جهان ۾ ڪونهن، پر سنڌي ادبي تاريخ ۾ سندن يوگدان پنهنجي پنهنجي انفرادي مخصوصيت سان ياد رکڻ لائق آهي. بقول ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي، ” مان بيحد خوش نصيب آهيان جو مونکي اعليٰ اديبن، دانشورن جي صحبت ۽ محبت حصي ۾ آئي. مون اُنهن فنڪارن سان ملاقاتون ۽ ڪچهريون ڪيون. اُنهن جي سنگ ۽ صحبت مان، هن ناچيز ادنيٰ شخص ڪافي فيض حاصل ڪيو. منهنجو اُنهن سان سڪ ۽ خلوص جو رشتو پڇاڙيءَ تائين قائم رهيو.“ (دل جي دنيا :مهاڳ تان.) ’ادبي تصويرون‘ (1999)، ’يادن جا ورق‘ (2012) ، ’لاهوتي لڏي ويا‘ (2012ع) ۽ ’دل جي دنيا‘ (2013) ان لحاظ کان جڳديش جا يادگار ڪتاب آهن.

ڊاڪٽر لڇاڻيءَ مونوگراف لکڻ ۾ مهارت حاصل ڪئي آهي. ڀارتيہ ساهتيہ جا نرماتا سيريز تحت مرڪزي ساهتيہ اڪاڊميءَ ڊاڪٽر جڳديش کان هيٺيان مونوگراف هنديءَ ۾ لکارايا آهن، جيڪي ڌيان ڇڪائيندڙ آهن:

1. موهن ڪلپنا: 2007ع
2. شيام جئسنگهاڻي: 2011ع
3. لعل پشپ: 2011ع

3. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي : روشن راهه. سن 2010ع .

sindhsalamat.com

4. گنو سامتاڻي: 2014ع
5. رام پنجواڻي: 2017ع

سنڌي اڪادمي، دهليءَ به سنڌي ساهتيہ جا سارٿيءَ جي رٿا تحت جڳديش لڇاڻيءَ کان موتيلال جوتواڻيءَ تي مونوگراف لکارايو، جيڪو اُنهن ٿي سن 2018ع ۾ شايع ڪيو آهي.

ڊاڪٽر لڇاڻيءَ پنهنجن ٿي ڪن همعصرن جي ادبي ميڙي چونڊيءَ کي آڌار بڻائي جيونيون تخليق ڪيون آهن. ڪنهن چيو آهي:

شاعر اهو وڻ آهي
جنهن جا گل
هن جي موت کان پوءِ ٽڙندا آهن!

چو ته همعصر ڪڏهن به هڪ ٻئي کي، صحيح نموني Appreciate نه ڪندا آهن، اِهو ازل جو ڪوئي قانون آهي، پر ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ اها ڳالهه غلط ثابت ڪري ڏيکاري آهي. جڳديش جون تخليق ڪيل همعصرن جون جيونيون، سندن سامهون ٿي، خوشبو ڦهلائي، ادب جي عام ۽ خاص ماڻهن کي معطر ڪرڻ لڳيون آهن.

تاج بلوچ ڪراچيءَ مان نڪرندڙ هفيتوار ’ڪاوش‘ ۾ لکي ٿو ”هر سينئر شاعر توڙي اديب جي زندگيءَ ۾ ئي سندس ڪم ۽ ادبي پورهئي تي اهڙا دستاويز اچڻ کپن. جڳديش جو هيءُ پورهيو يقينن ٿاب پيو آهي ۽ علمي توڙي ادبي حلقن ۾ سندس ڪتاب ضرور پنهنجي اهميت مڃائيندا.“

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي ڀريون شخص آهي، جنهن همعصر اديبن جون ادبي جيونيون لکيون آهن. اِن ڏس ۾ هن گهڻو ڪم

books.sindhsalamat.com

ڪيو آهي. جڳديش لڇاڻيءَ سوانحي عمرين ۾ تحقيق سان گڏ تنقيدي جائزو پڻ ورتو آهي. واسديو موهي، پريم پرڪاش ۽ هيرو ٺڪر ان لحاظ کان سندس قابلِ ذڪر ڪتاب آهن.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي هڪ اهڙو اديب ۽ عالم آهي، جنهن سنڌي ادب جي اڀياس واري عمل کي گنڀيرتا سان ڪٽي، ادب جي مختلف صنفن جو عالماڻو تنقيدي ۽ تحقيقي جائزو ورتو آهي. ان ڏس ۾ سندس ڪيترائي ڪارائتا ڪتاب شايع ٿيل آهن: جن ۾ مکيه آهن: سنڌي ادب جي روپ ريکا، اصول ۽ آلوچنا، نئون ساهتيه، سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر، ساهتيه جي پرک، ايم.ڪمل جي شاعري، ادبي تنقيد، نثري نظم ۽ ان جو ادبي پسمنظر، نئين ڪوتا: ارتقائي سفر، جوڳيئڙا جهان ۾، ادبي رهاڻ، ادبي انٽرويو وغيره.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي عقيدتمندن مان هڪ آهي. هن شاهه جي ڪلام جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو آهي. شوڪت حسين شورو چوي ٿو، ''ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي هن وقت هند جي سنڌي ساهت جو اڪيلو عالم آهي، جيڪو شاهه لطيف جي شاعري ۽ فڪر تي مختلف پهلوئن کان پنهنجو اڀياس لکندو رهي ٿو. سندس پهريون ۽ آڳاٽو ڪتاب ''شاهه ۽ صوفي مت'' هو. گهڻو پوءِ هن ٻيو ڪتاب ''آچيندي لڄ مران'' لکيو جيڪو سنڌ ۾ ڪلچر ڊپارٽمينٽ، سنڌ سرڪار طرفان شايع ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جون ٽيئون ڪتاب جيڪو هن شاهه جي شاعريءَ، فڪر ۽ فلسفي تي لکيو آهي، سو آهي تون ڏاتار، آءٌ ڏڌ.''(4)

4. شوڪت حسين شورو : پنهنجي اکبار. ورهائجي ويل سنڌي ادب جو اسڪالر تان ورتل.

''تون ڏاتار، آءٌ ڏڌ'' ڪتاب به سنڌ جي (پاڪستان) ثقافت ۽ سياحت کاتي، حڪومت سنڌ سن 2019ع تي شاهه جي عُرس مبارڪ جي موقعي ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ کي ''آچيندي لڄ مران '' تي 2017ع تي مرڪزي ساهتيه اڪادمي ايوارڊ به عطا ٿيل آهي.

ڊاڪٽر لڇاڻيءَ ترجما به ڪيا آهن. ڪنهن مواد کي، هڪ ٻوليءَ مان ٻيءَ ٻوليءَ ۾ آڻڻ کي ترجمو چئبو آهي. ترجمو ڪرڻ به هڪ ڪلا آهي، جنهن عمل ۾ مترجم کي پڻ پنهنجي لفظن ۾، هڪ ڪلاڪار جيان ساڳيائي تخليق - ڪار وارا رنگ ڀرڻا پون ٿا، جو ان مان اصليت جو هڳاءُ اچي. جڳديش جا ترجمو ڪيل ڪتاب آهن:

1. آڏوري پياس (گلشن نندا) سن 1956ع
2. ميناڪشي (پربوڌ ڪمار سانيال) سن 1957ع
3. نرالا (پرمانند شريواستو) سن 1996ع
(ساهتيه اڪاديمي، دهليءَ طرفان شايع ٿيل)
4. من جوڳي سن 2014ع
(مرڪزي ساهتيه اڪاديمي طرفان انواد پرسڪار پراپت)
5. پمپو ۽ پنپن (پرڪاش منو) سن 2016ع

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ کي مچنا طور اٺ ايوارڊ سرڪاري خواه غير سرڪاري ادارن طرفان ملي چڪا آهن.

اسي سالن جي عمر ۾، ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ تعليمي کيتر ۾ پنهنجون سيوائون ڏيئي، ڪاليج جي پرنسيپال جي عهدي تان رٽائر ڪيو آهي. سندس زندگيءَ جو سفر جاري آهي. ساهتيه سرجن به جاري آهي.....

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اختصار

پورو نالو	جگديش صوپراج لڇاڻي
ماءُ جو نالو	لڇمي ٻائي صوپراج لڇاڻي
اولاد	ٻہ پٽ
وڏي جو نالو	ڪمليش جگديش لڇاڻي
ننڍي جو نالو	راجيش جگديش لڇاڻي
پوٽيون	ڪاجل ڪمليش لڇاڻي
	ياڳينا راجيش لڇاڻي
جنم جي تاريخ	4 ڊسمبر 1939ع
جنم آستان	پير ڳوٺ، سنڌ (پاڪستان)
تعليم	ايم. اي(هندي، سنڌي)
	ايم.فل. پي ايڇ . ڊي (ممبئي يونيورسٽي)
	بي. ايڊ (پونا يونيورسٽي)
	ساهتيہ رتن

ڇپيل ساهتيہ

ڪهاڻيون	چار مجموعا
ناول	هڪ
ناٽڪ	ٻہ مجموعا
ٻال - ساهتيہ	ويهارو کن ڪتاب
خاڪا	چار
مونوگراف	ست
جيونيون	ٽي
تنقيد	اٽڪل 10 ڪتاب
آتم ڪٿا	ڇا ساريان ، ڇا وساريان
انگريزيءَ ۾	And life goes on....

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2

شخصيت ۽ ادبي يوگدان

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي هميشهه صاف - سٿرو ۽ ڪلين شيوَ وارو چهرو .... دنيا کي گهراڻيءَ سان سمجهڻ لاءِ بي چين اکيون. گهر ۾ هوُ هڪ جوابدار پيءُ ۽ پتي تہ آهي ئي، ٻاهر بہ هڪ نيڪ انسان، وفادار دوست، سٺو اديب ۽ پيارو اُستاد آهي. سچ پڇو تہ هوُ ننهن کان چوٽيءَ تائين هڪ ڪلاڪار آهي.

جڳديش لڇاڻيءَ مظاهرن کان پاڻ کي پري رکيو آهي. هو گروه بنديءَ جي چڪر ۾ ڪڏهن ڪين ڦاٿو آهي. هوُ ڏيکاءُ مان نہ ڄاڻي. هوُ گهٽ ڳالهائو ۽ پاڻ ۾ پورو ۽ انترمکي آهي. پر شِشٽاچار جي وٽس ڪمي ڪانهي. جڳديش لڇاڻي سيني سان پنهنجائپ رکي نہ سگهندو آهي. پر جنهن سان دل جُڙي ويس، ان اڳيان کلي پوندو آهي، ان سان پاڻ ڳڏي سگهندو آهي. هوُ مهل جو ماڻهو آهي. ڪائڻ، کلڻ ۽ ڏيکارڻ لاءِ وٽس هڪڙو ئي ڏندن جو سيٽ آهي. عزت ۽ عهدي ۾ هڪجهڙو، سدا مرياداڻن اندر. جڳديش لڇاڻي اُنهن ٿورن خوشنصيبن مان آهي، جن کي جنس مونث جو بيحد پيار مليو هن بہ ڪين موٽ ۾ عزت ۽ پيار ڏنو آهي. هن استريءَ کي پرش کان ڪڏهن گهٽ ڪين سمجهيو آهي. هو 'مان' 'مان' واري ماحول کان سدا ڏور رهيو آهي. جي حضوريءَ واري فضا کان بغاوت سندس رت جي جزن ۾ سمايل آهي. پڙهڻ - پاڙهڻ جو شوق اٿس. وديا دان ڪري ڄاڻي ۽ دان ڪرڻ واري جو هٿ سدائين وٺڻ واري جي مٿان هوندو آهي.

هولارام هنس، جڳديش لڇاڻيءَ لاءِ لکيو آهي، "ڊاڪٽر جڳديش شڪل جو شاهاڻو، قد جو پورو، کليل پيشاني، مک تي مرڪ، شڪل جو سهڻو، سٺو ويس وڳو، محفلن جو مور، سيمينارن ۾ سرمور، مقالن تي سندس دسترس، ياروَيس، ڪنهن سان نہ ڦٽائيندڙ، سڀ جو پلو ڇاهيندڙ، وسيع مطالعي ۽ مشاهدي جو مالڪ .... پري کان ئي مونکي پروفيسر لڳندو آهي."(1)

جڳديش لڇاڻيءَ جو جنم 4 ڊسمبر 1939 تي پير ڳوٺ ۾ هڪ غريب پريوار ۾ ٿيو پر هوُ وڌيو پنهنجي محنت، جفاڪشي ۽ لياقت سان. هن جي چهري تي سدائين چمڪ ساڳي آهي. سندس دوست ۽ عزيز کيس Ever green and always young ڪري چوندا آهن. هڪ ڏينهن مون مذاق ۾ ڪانئس ان جو سبب پڇيو، چيائين، "بيٽا، ايشور مون تي منڍ کان وٺي مهربان رهيو آهي. ماءُ جي آسيس بہ رهي آهي. زندگيءَ مون کي سوين سک ڏنا آهن. مون ڪڏهن سک جي تلاش ٻاهر نہ ڪئي آهي. گهر ۾ ئي مونکي ڀرپور سک مليو آهي. مون زندگيءَ ۾ پئسي کي گهٽي اهميت نہ ڏني آهي. منهنجي زندگيءَ ۾ اهڙيون گهڙيون بہ آيون آهن، جڏهن منهنجا کيسا بلڪل خالي رهيا آهن. پر پوءِ بہ مونکي ان جي چنتا نہ رهي آهي. منهنجا دوست بہ منهنجي مٿان مهربان رهيا آهن. منهنجي جوان هئڻ جو راز ، منهنجي جوانن سان سنگت آهي."

مونکي اِها شخصي ڄاڻ آهي تہ دادوُ جڳديش لڇاڻيڪهڙي بہ بي انصافي برداشت ڪري نہ سگهندو آهي. ان ڪري هو جوابي حملي کان ڪترائيندو ڪونهي. هو سٺا چرچا ڀڳيا بہ ڪندو آهي. بشرطيڪ موڊ ۾ هجي. هن جا ٽهڪ بہ تمام مشهور آهن. ننڍين محفلن ۾ هن جي رنگيني مزاجي ڏسڻ وٽان هوندي آهي. جڳديش لڇاڻيءَ جي زندگيءَ جون گهٽناڻون خود ۾ ڀرپور دلچسپ آهن. اهي افسانن جيان ئي روچڪ آهن.

1. هولارام هنس: تاثرات (ڇا سارين،، ڇا وسارين). سهڻون - آڪٽوبر ، نومبر، ڊسمبر 2019. ص. 33

sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

ڳالهائيندي ڳالهائيندي ڪڏهن ڪڏهن هوءُ اُهي اسان کي ٻڌائي چڙيندو آهي. پر دادي وينا جي گذاري وڃڻ کان پوءِ هوءُ گنڀير ٿي ويو آهي.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي بيحد محنتي ۽ هڪ اورچ انسان آهي. جيڪو ڪم هٿ ۾ کنيائين ان کي پورو آوَس ڪندو، پوءِ ڀل ڪيترين به مشڪلاتون چو نہ اچنس.

پوپٽي هيراننداڻيءَ، جڳديش لڇاڻيءَ لاءِ لکيو آهي، ”اڄ ٻڌم تہ ڪالاڻي ڪاليج جو پرنسيپال جڳديش لڇاڻيءَ کي ڪيو ويو آهي. ٻڌي مونکي گهڻي خوشي ٿي. جڳديش منهنجو شاگرد آهي، ان ڪري پاڻ وڌيڪ خوش آهيان.... مان سڀني محنت ڪندڙ شاگردن جي قائل آهيان، پر هن ڏانهن منهنجو ڌيان نہ ڇڪيو هو. هڪ دفعي پروفيسرڪلياڻ آڏواڻيءَ هن جي پهرين ۽ ننڍي ڪتاب کي ڏاڍو ساراهيو. مان وائڙي ٿي ويس! مان نٿي پڙهان اُهو ڪتاب حيف آهي مونکي ! پر ان کان پوءِ مان هن کي پڙهڻ بہ لڳس ۽ سڃاڻڻ بہ لڳس. واه جو شخص آهي. هر هڪ عهدي ۽ ڪم سان چڱيءَ طرح نباهيندو آهي. دوست بہ سڃاڻي رکي. ايم. ڪمل جهڙي شاعر سان دوستي اٿس ۽ ڪتاب بہ ڇپائيندو آهي، ڪنهن ٽيئون ٽيپر جا ڪتاب نہ ڇپائي. پر ايم. ڪمل جي ڪتابن کي دنيا ڏيکاري.“ (2)

جڳديش لڇاڻيءَ جي ادبي زندگيءَ جي شروعات جينوئيڪ ڪهاڻيءَ سان ٿي پر هن کي ادب ۾ مقبوليت ۽ شهرت هڪ نقاد ۽ محقق طور وڌيڪ حاصل آهي. هن ناٽڪ، مضمون ۽ اسڪرپٽس بہ لکيون آهن. ٻال ساهتيہ جي لحاظ کان بہ جڳديش هڪ وڏو نانءُ آهي. هو هنديءَ جو بہ هڪ وڏو ودوان آهي. هن هنديءَ ۾ بہ ڪافي لکيو آهي.

2. پوپٽي هيراننداڻي؛ هندواسي. آڪٽوبر 2003.

sindhsalamat.com

جڳديش لڇاڻيءَ جون ڪيترين ئي رچنائون، هندي ڀاشا جي مشهور رسالن جهڙوڪ ڌرم-يگ، نوڀارت ٽائيمس، راشٽر ڀاشا، راشٽر ڀارتي، جن - ستا ۽ پرڪر وغيره جي دوارن لکين پاٺڪن تائين پهچي چڪيون آهن. وڏين وڏين مخزنن جا سمپادڪ سنڌي ساهتيہ بابت هنديءَ ۾ ليک هن کان لکارائيندا آهن. جڳديش جون انيڪ ڪهاڻيون، ٻال ڪتائون، بحث - مباحثا آڪاشواڻيءَ ۽ دور - درشن تان نشر ٿيل آهن.

ٽيلي اسڪرپٽس ۽ سوانحي خاڪا (Pen Portraits) لکڻ جي تہ جڳديش لڇاڻيءَ کي خاص مهارت حاصل آهي. پروفيسر سليم ميمڻ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي ’دل جي دنيا‘ جي مهورت وقت جيڪي لفظ چيا هئا، سي ڪوٽ ڪرڻ لائق آهن: ”اسان لاءِ فخر جي ڳالهہ آهي جو اسان پنهنجي دوست ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي سوانحي ۽ ادبي خاڪن جو ڪراچيءَ ۾ مهورت ڪري رهيا آهيون. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي هند ۾ سنڌي اديبن ۽ عالمن ۾ هڪ اهم جڳهہ والاري ٿو. گذريل پنجاه سالن کان سنڌي ادب جي مختلف ڪيترن ۾ پنهنجي قلم جو زور هلائيندو اچي ٿو. سندس تصنيفن ۾ تحقيق ۽ تنقيد کي نمايان حيثيت حاصل آهي.... ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي تصنيف ’دل جي دنيا‘ ادبي ۽ سوانحي خاڪن تي ٻڌل ڪتاب آهي، جنهن ۾ هند سنڌ جي پنجن ٻرڪ ادبي شخصيتن جي زندگيءَ جي احوال سان گڏ، انهن جي ادبي لکڻين جو تنقيدي جائزو پڻ ورتل آهي. (3)

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي ادبي زندگيءَ جي شروعات ننڍي عمر ۾ ڪهاڻين لکڻ سان ٿي؛ پر هن کي مقبوليت 1956ع

3. تاريخ 27 ڊسمبر 2013ع تي ممتاز مرزا اسٽوڊيو ۾ ”دل جي دنيا“ جي مهورت وقت ڏنل تقرير مان.

books.sindhsalamat.com

سنڌ مان شايع ٿيندڙ نامياري مخزن 'مهراڻ' جي ڪهاڻي چٽاڀيٽيءَ ۾ ايوارڊ عطا ٿيڻ کان پوءِ مليو. هن ڪهاڻي چٽاڀيٽيءَ ۾ سنڌ ۽ هند جي برک ڪهاڻي - نويسن ڀرو ورتو هو. ڪهاڻيءَ جو عنوان هو 'لڙڪن جي لڙي' جنهن تي جڳديش لڇاڻيءَ کي ٻيون نمبر اِنعام عطا ٿيو هو. جڳديش لڇاڻي لکي ٿو، ''مهراڻ' سنڌ ۽ هند جي اديبن لاءِ هڪ ڪهاڻي چٽاڀيٽي رکي.....منهنجي عمر سترهن - ارڙهن سال. مون پنهنجي 'ڪهاڻي لڙڪن جي لڙي' ڪهاڻي چٽاڀيٽيءَ لاءِ موڪلي. جمال ابڙي 'بدمعاش'، موهن ڪلپنا 'ڦيرو'، هريڪانت 'غفور'، بشير موريا ڻي 'ٽيڪري'، پريو الله رکيي 'اوورڪوٽ' ڪهاڻيون چٽاڀيٽيءَ لاءِ موڪليون هيون......پارکن جي ڪاميٽيءَ جمال ابڙي جي ڪهاڻي 'بدمعاش' کي پهريون نمبر ۽ منهنجي ڪهاڻي 'لڙڪن جي لڙيءَ' کي ٻيو نمبر اِنعام عطا ڪيو هو. اِهي اِنعامي ڪهاڻيون مهراڻ جي جولاءِ - آگسٽ - سيپٽمبر 1956ع واري انڪ ۾ شايع ٿيل آهن. انعام جي پڌرائي آڪٽوبر - نومبر - ڊسمبر 1956ع واري آنڪ ۾ ٿيل آهن.'' (4)

پر پوءِ جڳديش سنڌي ادب کي ڪجهه يادگار ڪهاڻيون ڏيئي، پنهنجو طرف بدلائي ڇڏيو. جڳديش لڇاڻي هڪ نقاد ۽ محقق طور وڌيڪ اُڀري بيٺو آهي. هن جي ڪهاڻين جا هيٺيان مجموعا شايع ٿيل آهن.

1. خاموش زندگي : سن 1957ع
2. پيڙا، منهنجي زندگي (ٻين سان گڏ) سن 1959ع
3. هڪ تصوير - ٻه پاسا: سن 1961ع
4. ڏنم جي ڏينهنڙا : سن 1973ع

هن جون يادگار ڪهاڻيون آهن- 'پيڙا، منهنجي زندگي'،

4. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي؛ ڇا ساريان، ڇا وساريان. 2019ع ص. 184

'ڪهاڻيءَ جو جنم'، 'سنيهه - مٽي' وغيره. جڳديش جون ڪجهه ڪهاڻيون هنديءَ ۾ اَچي شهرت ماڻي چڪيون آهن ۽ ڪجهه ڪهاڻيون ناٽڪ روپانتر دواران آڪاشواڻيءَ تان به پرسارت ٿيون آهن.

جڳديش لڇاڻيءَ جو ٻال ساهتيه ۾ يوگدان ڪافي ساراهه جوڳو آهي. 1979ع ۾ انتر راشٽر ٻال ورش ۾ لڇاڻيءَ جي ڪتاب ''جهرڪيءَ لڏو ٽڪو'' ٻال ادب ۾ ڪافي شهرت حاصل ڪئي. ٻارن کي ڪتاب جون آکاڻيون پسند آيون، پر وڏڙن کي به ڏاڍيون وڻيون. جڳديش لڇاڻيءَ ڏاڍي جاکوڙ ڪري وڏي عمر وارن ٻڍين ۽ ٻڍن کان آکاڻيون ٻڌي ۽ پوءِ اُنهن کي سهڻي ۽ دلچسپ نموني قلمبند ڪري، اسان جي اڳيان پيش ڪيون آهن. لکمي کلاڻيءَ 29 جون 1980ع تي جڳديش کي هڪ خط ۾ لکيو، ''اها هڪ مڃيل حقيقت آهي ته ٻارن جو ساهت لکڻ مشڪل آهي. توهان جيڪو هن ڪتاب 'جهرڪيءَ لڏو ٽڪو' تي محنت ڪئي آهي، ان لاءِ بيشڪ داد جا مستحق آهيو. ڪي ڪهاڻيون پنهنجي ٻارن کي پڙهي ٻڌايم، کين ڏاڍو مزو آيو.''

''جهرڪيءَ لڏو ٽڪو'' کان پوءِ، جڳديش لڇاڻي ويو آهي ٻارن لاءِ ڪتابن پٺيان ڪتاب لکندو. هن هندي ۽ انگريزيءَ ۾ به ٻارن لاءِ ڪتاب لکيا آهن. بقول جڳديش لڇاڻي، ''ٻال ساهتيه جي سرجن پٺيان ٻارن لاءِ پريم مکيه ڳالهه آهي. ان لاءِ ماءُ واري ممتا ڀري دل کپي.''

جڳديش لڇاڻيءَ جو ٻارن لاءِ پيار پِٽ پڌرو آهي، ٻار قوم جو آئينده آهن سمجهي، هن ٻارن جي وڪاس لاءِ پتا-شڪتيءَ ڪوشش پئي ڪئي آهي. هن جو ويچار آهي ته ٻارن کي پنهنجي آس پاس جي دنيا کان به واقف ڪرڻ کپي. ڪچي عمر کان وٺي ٻارن ۾ سٺا سنسڪار وجهڻ گهرجن. هن پنهنجو ڇڱو وقت اسان کي ڏنو، فرصت جون گهڙيون اسان سان گذاريون آهن. هو اسان

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سان راند-روند بہ ڪندو هو. هو پنهنجين ڪهاڻين سان نہ صرف اسان کي وندرائيندو هو. آسان جي ڄاڻ ۾ اضافو آڻي اسان ۾ سٺا سنسڪار بہ وجهندو هو. دادوءَ جون آکاڻيون نہ صرف ديو-پرين جنن-ڀوتن ۽ ڪوئن ٻلين جون آهن، پر هو اسان کي ڀارتي ڪلچر جي ورثي ڪان بہ واقف ڪندو هو ۽ ڀارت جي مهان نيتائن جي قربانين جا قصا ٻڌائيندو هو. هيري شيوڪاڻيءَ 'لال هيري جي ٻُولها' جي مهاڳ ۾ نيڪ ٿي لکيو آهي، ''جڳديش لڇاڻي نہ رڳو آزمودگار ۽ جهونو اڌياپڪ آهي؛ پر ڏاڏو بہ آهي. هن کي عملي ضرورت ۽ علم سان آکاڻيون ٻڌائڻ جو اهڙو ڏانءُ اچي ويو آهي جيڪو ٻال- ساهتيہ رچڻ سان، هو ٻين انيڪ سنڌي ٻارن ۽ نونهالن سان ونڊڻ لاءِ ڀرپور نموني اڳيان آيو آهي. ان ڪري هن جي ٻال ڪهاڻين ۾ اهي سڀ خوبيون گهٽي حد تائين موجود آهن، جيڪي منهنجي ويچار ۾ ٻال-ساهتيہ ۾ هئڻ کپن.''

جڳديش لڇاڻي ٻال-ڪهاڻين لاءِ چوي ٿو، ''ٻال-ڪهاڻي لکڻ لاءِ مونکي گهڻو ڪين سوچڻو پوندو آهي. ڪهاڻي هميشہ مون سان گڏ هوندي آهي. ڪو غير رواجي واقعو يا درشيہ (رواجي بہ) ڏسندي منهنجي ذهن ۾ ڪهاڻيءَ جا پلاٽ اُڀري ايندا آهن. وقتي رستي تان هلندي هلندي ڪهاڻيءَ جو پلاٽ سوچي وٺندو آهيان ۽ پوءِ فرصت جي وقت اُهي ذهن جي پٽيءَ تان اُتري پني تي هليا ايندا آهن. ڪيترا وقت گذرڻ تي ذهن جي پٽيءَ تان ميسارجي بہ ويندا آهن.[(5)]

جڳديش لڇاڻيءَ جو هيٺيون ٻال ساهتيہ ميدانِ ادب تي اچي چڪو آهي:

1. جهرڪيءَ لڏو ٽڪو (آکاڻيون) : سن 1979ع

---

5. جڳديش لڇاڻي: مان ٻال - ڪهاڻيون ڪيئن لکندو آهين؟ (شخص ۽ ڪلاڪار) سن 1996ع

sindhsalamat.com

2. روپ-نگر جي راجڪماري (ناول) سن 1982ع
3. گلن ڦلن جي راڻي (ناول) سن 1982ع
4. ڪُني آندي ڪنوار (لوڪ ڪهاڻيون) سن 1983ع
5. ٻال ڪهاڻيون سن 1985ع
6. سنڌي لوڪ ڪهاڻيون سن 1986ع
7. هڪڙو هو ڏاهري (لوڪ ڪهاڻيون) سن 1989ع
8. گيان گنگا: (پراڻڪ ٻال ڪهاڻيون) سن 1990ع
9. لعل هيري جي ٻولها (ناول) سن 1992ع
10. وگيان جون آکاڻيون (ٻال ڪهاڻيون) سن 1994ع
11. ڪوئن جي بستي (ٻال ڪهاڻي) سن 1996ع
12. ڪڪڙ ۽ ڪيئون (ٻال ڪهاڻيون) 2009ع
13. روشن راهہ (ٻال - ڪهاڻيون) سن 2010ع
(ساهتيہ اڪاديمي ٻال - پرسڪار حاصل ٿيل)
14. آکاڻيون (ٻال ڪهاڻيون) سن 2011ع
15. سونو وار (ٻال ڪهاڻيون) سن 2012ع
16. ائٽمڪ ڌماڪو (ٻال ڪهاڻيون) سن 2014ع

In Enghish

1. A colony of mice : 2003 .
2. Sindhi Folk Tales : 2004
3. colourful stories : 2011
4. Children stories : 2012
5. Science Fiction Tales : 2013
6. Folk Tales of Sindh : 2014

हिंदी में

1. सिंधी लोक कहानियाँ (भाग – 1, 2) 2003
2. नानी की कहानियाँ 2006
3. विज्ञान की कहानियाँ 2008

books.sindhsalamat.com

بقول ادل سومرو، ”ڊاڪٽر لڇاڻيءَ انگريزي ۾ هندي ٻولين ۾ به لکيو آهي، پر سنڌي ٻوليءَ سان هن جي جذباتي وابستگي ۽ فطري محبت آهي. جنهن ڪري سنڌس فن ۽ فڪر جو وڏو حصو پنهنجي ماءُ جي ٻوليءَ کي ئي ارپيل آهي.“ (6)

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي بنيادي طور هڪ رومانوي اديب آهي، پر هن ادب جي ٻين صنفن تي ڪافي ڪارائتا ڪتاب تخليق ڪري، سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيه جي جهولي ڀري آهي. جڳديش لڇاڻي هڪ ئي وقت ڪهاڻي -نويس، ٻال ساهتيه جو سٺو سرجڻهار، ترجمان، نقاد ۽ محقق آهي. هن ناٽڪ به لکيا آهن. هن جي ناٽڪن جا ٻه مجموعا شايع ٿي چڪا آهن:

1. ريڊيو - ناٽڪ سن 1986ع
2. ناٽڪ ئي ناٽڪ سن 2018ع

جڳديش لڇاڻيءَ هر قسم جا ناٽڪ لکيا آهن. هن ڊاڪيومينٽريز به لکيون آهن. هن جي اسڪرپٽس تي ڊاڪيومينٽريز ٺهيون به آهن. اهو پڇڻ تي ته هو اسڪرپٽس لکڻ لاءِ آماده ڇو ٿيو ته جڳديش لڇاڻيءَ چيو، ”پراڻي زماني ۾ ساهتيه جا ٻه روپ هئا - پڙهڻ وارو ساهتيه ۽ ڏسڻ وارو ساهتيه. پڙهڻ واري ساهتيه ۾ ڪاويه، ناول، ڪهاڻيون ۽ مضمون اچي ٿي ويا ۽ ڏسڻ واري ساهتيه ۾ ناٽڪ ۽ ايڪانڪيون شمار ٿينديون هيون. جديد دور ۾ ساهتيه جو ٽيون قسم به اسان جي سامهون آيو آهي ۽ اهو آهي اسڪرين لٽريچر يا پَٽ - ڪٿا ساهتيه. سنيما يا ٽيليويزن جي پردي تي جيڪو ادب ڏيکاريو وڃي ٿو، اهو سڀ اسڪرين لٽريچر آهي ۽ انهيءَ ادب جي تخليق لاءِ هڪ منفرد ٽيڪنيڪ جي درڪار آهي. ناول لکڻ جي هڪ ٽيڪنيڪ

6. اَدل سومرو : ڪٿي نه پهچبو ٿڪ مسافر. سپون (ڊا. جڳديش لڇاڻي پرچو) آڪٽو-نومبر-ڊسمبر. سن 2018ع

آهي ته ناٽڪ ۾ ايڪانڪي لکڻ جي ٻي. اهڙيءَ طرح پرده - ادب لکڻ لاءِ خاص قانون آهي.“

ڪجهه ترسي وري چياتين، ”اڄ جو زمانو اسڪرين ادب جو آهي. ڪتابن پڙهڻ لاءِ ماڻهن جي دلچسپي ڏينهون ڏينهن گهٽجندي پيئي وڃي. ٻئي طرف وري ناٽڪن جو دائرو محدود آهي. ناٽڪ مان محدود ماڻهون ئي هڪ وقت ڏسڻ جو لطف وٺي سگهن ٿا پر ٽيليويزن جو دائرو لامحدود آهي.... اڄ ٽي.وي. تي هلندڙ رامائڻ ۾ مهاڀارت دنيا کي ڀاڳليٽي جي حد تائين عجب ۾ وجهي ڇڏيو آهي. اها اسان کي خبر آهي ’بنياد‘ جي رستي پنجابي تهذيب جي سڳنڌ سرحدون لتاڙي دور دور تائين پهچي چڪي آهي. ’تمس‘ سالن جا سال ماڻهن کي ياد ڏياريندي رهندي ته پنجاب جي سکن ورهاڱي جي آگ ۾ ڇا ڇا سواها ڪيو ۽ ڪيتري حد تائين شعلن جي تپش سنائون ۽ قربانيون ڪيون. ’مرزا غالب‘ ۽ ’گفتگو‘ ۾ اردو ادب ۽ اسلامي تهذيب ۽ ان جا تجليدار پهلو اجاگر ٿي بيٺا آهن. ”پارٽ ايڪ کوچ“ ۾ پارٽ جو اتهاس دلچسپ ۽ پراثر نموني اڳيان جلوه نما ڪيو ويو آهي.“

جڏهن مون ڪانئس اسڪرپٽ ۽ ناٽڪ ۾ فرق کي واضع ڪرڻ لاءِ چيو ته جڳديش لڇاڻيءَ ان جي وضاحت هينئن ڪئي: ”اسڪرين اسڪرپٽ ۾ ڪئميرا جي ڪنڊن جو ذڪر هوندو آهي. ان لاءِ ٽيڪنيڪل لفظ آهي اسڪرين پلي. مطلب ته اسڪرين پلي ۾ ڪهاڻي پردي تي ڪيترن حصن ۾ ڪٿي جوڙي ڏيکاري ويندي آهي. اسڪرپٽ جا ٽي مکيه انش ٿين ٿا. ڪهاڻي، اسڪرين پلي ۽ ڊائلاگ. ڪهاڻي ۽ ڊائلاگ ته لڳ ڀڳ سڀني ادبي صنفن ۾ ٿين پر اسڪرپٽ ۾ ڪئميرا جي اينگلس جو اضافو آڻي، اسڪرپٽ کي مڪمل روپ ۾ اسڪرين تي پيش ڪرڻ لائق بڻائبو

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

آهي. ناٽڪ ۾ وري اينيمر- تتو (Elements of acting) جو ليکڪ کي ڌيان رکڻو پوندو آهي. ناٽڪ جي رچنا ڪرڻ وقت ليکڪ گهٽنائن کي اهڙي نموني پيش ڪندو آهي يا ڪردارن جو ڍانچو اهڙي نموني ٺاهيندو آهي، جئن رنگ - منچ جون ضرورتون پوريون ٿي سگهن. ناٽڪ - نويس جون حدون ان ڪري محدود هونديون آهن. پر اسڪرين پلي سان اها ڳالهه لاڳو ڪانهي.``

ڄڳديش لڇاڻيءَ هر قسم جا ناٽڪ لکيا آهن. هن ٻارن کي به ڪين وساريو آهي. هن جي پهرين ناٽڪ - سنگرهه ۾ ٻال - ناٽڪن سان گڏ هڪ ٽيلي-پلي ’ڪرانتيڪاري‘ به شامل آهي. مان سمجهان ٿي ته سنڌيءَ ۾ ٽيلي - پلي لکڻ جي شروعات ڄڳديش لڇاڻيءَ ڪئي. ان کان پوءِ هن منوهر ٻيديءَ سان گڏجي ڪيترائي ٽي.وي. ناٽڪ لکيا. ويجهڙائيءَ ۾ سندس ٻيون ناٽڪن جو مجموعو شايع ٿيو آهي: ناٽڪ ٿي ناٽڪ، جنهن ۾ به ناٽڪ، ريڊيو-ناٽڪ، ٽي.وي پلي، ڊاڪيومينٽري يعني ناٽڪ جا سڀ قسم موجود آهن.

ڊاڪٽر ڄڳديش لڇاڻيءَ ساهتيڪارن جي ادب ۽ شخصيت تي جيڪي ڪتا لکيا آهن، سي ڪافي معلوماتي ۽ معياري آهن. ادبي جيوني ڪنهن به ساهتيڪار جي اندرين (شخصي) ۽ ٻاهرين حياتي يعني ساهتڪ يوڳدان جو اظهار آهي. ڪنهن به اديب جي ساهتيڪ فن، فڪر ۽ يوڳدان تي رچيل جيونيون يا تخليقون ٻن قسمن جون ٿين:

1. ڪنهن اديب جي موت پڄاڻان لکيل
2. ڪنهن حيات اديب تي لکيل

ڊاڪٽر ڄڳديش لڇاڻيءَ ٻنهي قسمن جون جيونيون لکيون آهن. ادب ۾ ساهتيڪارن جي فن، فڪر ۽ شخصيت تي لکيل

sindhsalamat.com

ڪتابن کي پنهنجي اهميت آهي. اهڙيون رچنائون نه فقط ڪنهن خاص اديب جي رچنا - سنسار کي سمجهڻ ۾ مدد ڪن ٿيون پر اُهي اُن وقت جي ادبي صورتحال تي به روشني وجهن ٿيون. مرڪزي ساهتيه اڪادميءَ ڄڳديش لڇاڻيءَ کان ڪافي مونوگراف لکايا آهن، جيڪي ادبي جڳت ۾ ڪافي مقبول به ٿيا آهن. هن حال حيات اديبن تي به قلم هلايو آهي. ان سلسلي ۾ سندس ذڪر قابل ڪتاب آهن:

1. واسديو موهي : 2016ع
2. پريم پرڪاش : 2018ع
3. هيرو ٺڪر : 2019ع

ساهتڪارن جي سوانح حيات ۽ سندن ادبي يوڳدان تي ڄڳديش لڇاڻيءَ شايع ٿيل ٻيا ڪتاب آهن:

1. يادن جا ورق : سن 2012ع
2. لاهوتي لڏي ويا : سن2013ع
3. دل جي دنيا : سن 2013ع

ڄڳديش لڇاڻي سنڌيءَ جو هڪ اهڙو اديب ۽ عالم آهي جنهن تنقيدي ۽ تحقيقي عمل کي تمام گنڀيرتا سان ڪنيو آهي. هن جا ڪيترائي ڪتاب قديم کان جديد ساهتيه جي پرک ۽ پروڙ تي مشتمل آهن، جيڪي سنڌي ادب جي هڪ قدآور شخصيت سندس سڃاڻپ بڻيا آهن. تاج جويو چواڻي، ’’ڳالهائڻ ۽ لکڻ جو انداز ڄڳديش لڇاڻيءَ کي پنهنجي دور جو هڪ سڄاڳ ۽ سڄاڻ نقاد ظاهر ڪري ٿو. هو ڀارت ۾ سنڌي ادب جي اهم نقادن ۾ شمار ٿئي ٿو ۽ ان چوڻ ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو ته پنهنجي همعصر هيري شيوڪاڻيءَ کان پوءِ ڊاڪٽر ڄڳديش لڇاڻي، هند ۾ سنڌي ادب جو هڪ ’اهم نقاد‘ آهي، جنهن جا سڀ کان

books.sindhsalamat.com

وڏيڪ اپياسي ۽ تنقيدي ڪتاب ڇپيا آهن.[7]

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ ادب جي اصولن ۽ عملي آلوچنا تي ڪافي معلوماتي ۽ معياري ڪتاب تخليق ڪيا آهن. ادبي شناس (1958) کان شروعات ڪري هيبري نڪر (2019) تائين جڳديش لڇاڻيءَ جو ڪافي تنقيدي ذخيرو ميدانِ ادب تي اچي چڪو آهي. هن ڪيترن سنڌي ڪتابن تي عالماڻا تبصره به ڪيا آهن، جيڪي الڳ الڳ ادبي رسالن ۾ شايع ٿيا آهن / ٿيندا رهن ٿا.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جا شاهه سائينءَ سان به نينهن آهي. هو شاهه لطيف جي عقيدتمندن مان آهي. شايد سنڌس شاهه ڏانهن انتهائي عقيدت ۽ پيار تي رنگ لاٿو جو شاهه سائينءَ کيس پاڻ ڏانهن گهرائي ورتو ۽ جڳديش شاهه لطيف ڀٽائيءَ جي 270 هين عُرس مبارڪ تي اچي پٽ ڏٺيءَ جي چائنٽ چمي.

هوءِ پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لکي ٿو، ”حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي عُرس مبارڪ تان موٽي اچڻ ڪانپوءِ ، مان شاهه سان ڳنڍجي ويو هوس. اُٿندي- ويهندي، ڪاٿيندي - پيئندي، جاڳندي - سمهندي شاهه ساڻ هو. انهيءَ نيڪ نيت، شاهه طرف عقيدت ۽ محبت، مون کان قلمي پورهيو ڪرائي ”آچيندي لڇ مران“ وجود ۾ آندو. سن 2014ع ۾ ڪتاب شايع ٿيو.“[8] ۽ انهيءَ ڪتاب تي ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ کي مرڪزي ساهتيه اڪادميءَ طرفان سن 2017ع ۾ انعام عطا ٿيو. ڊاڪٽر جڳديش

7. ٿاج جويو : 27 ڊسمبر 2013ع تي ممتاز مرزا اسٽوڊيو ڪراچيءَ ۾ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي سوانحي ڪتاب ”دل جي دنيا“ جي مهورت وقت ڳالهايل لفظن مان....

8. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي: ڇا ساريان، ڇا وساريان. سن 2019ع. ص.219

sindhsalamat.com

لڇاڻيءَ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي زندگي، فڪر ۽ فن بابت هڪ ٻيو ڪتاب به لکيو آهي، ”تون ڏاتار ، آءٌ ڏُٿ“ (2016) اهي ٻئي ڪتاب سنڌ سرڪار جي ثقافت ۽ سياحت کاتي ٻيهر ڇپائي پڌرا ڪيا آهن.

اسان جو دادوُ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي سنڌي ٻوليءَ جو هڪ اهڙو اديب، عالم ۽ اسڪالر آهي جو اسي ورهين بعد به پنهنجي آرام کي ترڪ ڪري مسلسل لکي رهيو آهي. اهو سندس سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ پيار ئي ته آهي. شايد ان ڪري ئي سنڌ جي عالم ادل سومري جڳديش لاءِ لکيو آهي، ”ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي هڪ اهڙو ليکڪ آهي جنهن پنهنجي علميت، ذهانت ۽ وقت سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب کي ارپي ڇڏيو آهي. هن جو قلم ڪڏهن به ٿڪو ناهي ۽ نه هن ڪڏهن ”ساهيءَ“ جي طلب ڪئي آهي. هو اهڙو فڪري مسافر آهي، جنهن ڪٿي به ٿڪ ناهي ڀڳو. سندس زندگيءَ جي جاکوڙ جسجوءِ جو فلسفو، شاهه سائينءَ جي هڪ سٽ ۾ سمايل آهي: ”جا جيئين تان جل، ڪانهي جاءِ جلڻ ري.“[9]

9. اَدل سومرو : ڪٿي نه پڄبو ٿڪ مسافر. سپون- آڪٽو-نومبر-ڊسمبر. سن 2018ع ص. 45

books.sindhsalamat.com

3

ڪهاڻي - نويس

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي سنڌي ادب جي هڪ ڄاتل - سڃاتل شخصيت آهي. دادؤ کي آفرين هجي، جو هن زمان ۾ جڏهن قدرشناسيءَ جي قلت آهي، ادب پڙهڻ، پرکڻ ۽ ساراهڻ وارن جو اندازو وڃي پيو ڏينهون - ڏينهن گهٽبو، تڏهن بہ دادؤ پنهنجي ادبي جانفشانيءَ کي برقرار رکندو پيو اچي. هر سال جڳديش لڇاڻيءَ جو ڪونہ ڪو ڪتاب شايع ٿيندو رهي ٿو. برابر انداز کي گهٽي معنيٰ ڪانهي. پر هن جو هر هڪ ڪتاب، پنهنجي وصف سان آهي. پنهنجي حياتيءَ جي اڌ صديءَ کان بہ وڌيڪ، هن سنڌي ادب کي ڏني آهي. اڃا هنجي ڪِلڪَ جي مَسُ سڪي ڪانهي.

جڳديش لڇاڻيءَ لکڻ جي شروعات ڪهاڻيءَ سان ڪئي. لعل پشپ، سڳن، موهن ڪلپنا ۽ ڳني جي صحبت ۾، شروعاتي ڏينهن ۾ هن جو لاڙو ’ڪهاڻيءَ‘ طرف وڌيڪ رهيو. هونئن بہ ڪهاڻي ادب جي هڪ اهم ادبي - صنف آهي. هر ڪنهن ٻوليءَ ۾ علم ادب جي شروعات نظم سان ٿي آهي تہ نثر جي شروعات وري ڪهاڻيءَ سان. ڪهاڻيءَ جي پرمپرا جي انسان ذات جي اتهاس جيان ئي قديم آهي. بقول رچرڊ برٽن، ’’جيئن تہ ڪهاڻيون سڄي دنيا کي عزيز آهن، ان ڪري ڪهاڻي يا قصا گوئيءَ جو آغاز تڏهن کان مڃڻ گهرجي، جڏهن انسان پنهنجن پيرن تي بيهڻ سکيو.‘‘ (1)

جڳديش لڇاڻي وري ڪهاڻيءَ جي وضاحت هيئن ٿو ڪري، ’’انسان جي زندگي هڪ ڪهاڻي آهي. انسان ۾ جڏهن

1 . Richard Burton : The Book of thousands nights . Vol -1 ,P.14

sindhsalamat.com

سمجهہ آئي هوندي، تڏهن کان ئي هن سوچڻ شروع ڪيو هوندو، تہ ’مان ڪير آهيان، ڪٿان ۽ ڇو آيو آهيان. هيءُ منهنجي چوطرف ڇا پکڙيل آهي؟‘ ۽ پوءِ انهن سوالن تي سوچيندي سوچيندي، جواب بہ پاڻ ئي ڏيڻ شروع ڪيا هونداٿين. اهو ڪڏهن نہ ختم ٿيندڙ سلسلو آهي. نہ سوالن جي ئي پڄاڻي آئي آهي ۽ وري جوابن مان ئي انسان کي مڪمل سنتوش مليو آهي. انهن سوالن - جوابن جي سلسلي مان نڪري، هيءَ وسيع زندگي چوطرف پکڙجي ويئي آهي. انسان ۾ ڄاڻڻ جي جڳياسا بہ آهي تہ پنهنجي ڳالهہ چوڻ جي، پاڻ کي ظاهر ڪرڻ جي ڀاونا بہ. انهيءَ ڄاڻڻ ۽ چوڻ جي جذبي ڪهاڻيءَ کي جنم ڏنو آهي. انهيءَ ڪري ڳالهائڻ سکندي ئي ٻار ڪهاڻي ٻڌڻ چاهيندو آهي ۽ ڪلپنا شڪتي جاڳرت ٿيڻ تي ڪهاڻي ٻڌائڻ بہ چاهيندو آهي. مطلب تہ ڪهاڻي ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ انسان جي سڀاويڪ ۽ استاتي پرورتي آهي ۽ ڪهاڻيءَ جي پرمپرا مانو - جاتيءَ جي اتهاس جيان قديم آهي.‘‘ (2)

پر هڪ ادبي صنف جي حيثيت ۾، پنهنجي موضوع، ٽيڪنيڪ ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان، اها مغرب جي، البت جديد حاصلات آهي. ڪهاڻي زندگيءَ مان اُڀري ٿي ۽ ان جا ڀانت ڀانت پهلو، پاڻ ۾ سمائي هلي ٿي.

جڳديش لڇاڻيءَ جي پهرين ڪهاڻي ’انتقام‘ سن 1955ع ۾ اسڪولي مخزن ’’سنڌوءَ‘‘ ۾ شايع ٿي، پر ڪيس ڪهاڻي نويس جي حوالي سان شهرت ’مهراڻ‘ ڪهاڻي چٽاڀيٽيءَ ۾ ايوارڊ حاصل ٿيڻ کان پوءِ ملي. جڳديش، پنهنجي آتم ڪٿا ’’ڇا ساريان - ڇا وساريان‘‘ ۾ لکي ٿو، ’’مهراڻ سنڌ ۽ هند جي اديبن لاءِ هڪ ڪهاڻي چٽاڀيٽي رکي. منهنجي عمر سترهن - ارڙهن سال. مون

2. جڳديش لڇاڻي : پيڙا، منهنجي زندگي (1959) جي مهاڳ تان ورتل.

books.sindhsalamat.com

پنهنجي 'ڪهاڻي لڙڪن جي لڙي' ڪهاڻي چٽاڀيٽيءَ لاءِ موڪلي. جمال ابڙي 'بدمعاش'، موهن ڪلپنا 'ڦيرو'، هريڪانت 'غفور'، بشير موريائي 'ٽيڪري'، پريو الله رکيي 'اوورڪوٽ' ڪهاڻيون چٽاڀيٽيءَ لاءِ موڪليون. پارکن جي ڪاميٽيءَ جمال ابڙي جي ڪهاڻي 'بدمعاش' کي پهريون نمبر ۽ جڳديش لڇاڻيءَ جي ڪهاڻي 'لڙڪن جي لڙيءَ' کي ٻيو نمبر اِنعام عطا ڪيو هو. اِهي اِنعامي ڪهاڻيون مهراڻ جي جولاءِ - آگسٽ - سيپٽمبر 1956ع واري انڪ ۾ شايع ٿيل آهن. انعام جي پڌرائي آڪٽوبر - نومبر - ڊسمبر 1956ع واري پرچي ۾ ٿيل آهي. ان وقت 'مهراڻ' جو ايڊيٽر محمد ابراهيم جويو هو ۽ اسسٽنٽ ايڊيٽر م.ع. ڏيپلائي هو.''[3] جڳديش لڇاڻيءَ کي جڏهن 'لڙڪن جي لڙي' ڪهاڻيءَ تي ايوارڊ حاصل ٿيو ته ادبي ڪيتر جي جڳياسو شخصن جو ڌيان ان ڏانهن ڇڪجي ويو. هن ٻيون به ڪي سٺيون ۽ يادگار ڪهاڻيون سنڌي ادب کي ڏنيون آهن جيئن ته خاموش زندگي، ڪهاڻيءَ جو جنم، پيڙا، منهنجي زندگي، سنيهمئي وغيره. پر پوءِ جڳديش لڇاڻيءَ پنهنجو طرف بدلائي ڇڏيو. هيئنر جڳديش لڇاڻي هڪ نقاد ۽ محقق طور وڌيڪ اُڀري بيٺو آهي. هن جي ڪهاڻين جا هيٺيان مجموعا شايع ٿيل آهن:

1. خاموش زندگي : سن 1957ع
2. هڪ تصوير ٻه پاسا: سن 1961ع
3. ڏنم جي ڏينهڙا : سن 1973ع

'پيڙا منهنجي زندگي' ڪهاڻي - سنگره جو هن سمپادن ڪيو آهي؛ جنهن ۾ جڳديش لڇاڻيءَ جي ڪهاڻي 'پيڙا منهنجي زندگي' به شامل آهي. هن ڪتاب جي خاص وصف ڪهاڻي - ڪلا تي لکيل جڳديش جو طويل مهاڳ آهي.

3. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي: ڇا سارين- ڇا وسارين. 2019ع ص. 184

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو 'خاموش زندگي' آهي.[4] هن مجموعي ۾ جڳديش جون هيٺيون ڪهاڻيون شامل آهن: لڙڪن جي لڙي، نئين نظر، اڌوري پياس، ڪمپازيٽر، نيٽڻ نير وهايو ۽ خاموش زندگي. جڏهن جڳديش لڇاڻيءَ ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون ته سنڌيءَ ۾ ترقي پسند ڌارا جو زور هو. مارڪسوادي اثر هيٺ، سماجڪ حقيقت-نگاريءَ واريون ڪهاڻيون لکيون ٿي ويون. ترقي پسند دور جا مقبول موضوع هئا: سرماڻيدارن جي لوٽ مار تي ملامت، امن لاءِ محبت، عورت جي عزت ۽ هن جي مرتبي جو احساس ڏيارڻ ۽ ان سان واسطو رکندڙ ٻيا تمام پهلو. ان طرح جي موضوعن اسان جي ادب ۾ جوڳي جاءِ والاري. ان دور جا ليکڪ پاڻ کي ان اثر کان بچائي نه سگهيا. جڳديش لڇاڻي به اُنهن مان هڪ هو، جيڪو ترقي - پسند دور کان اثر انداز ٿيو. هن جي لکيل شروعاتي ڪهاڻين تي اهو اثر نمايان آهي.

مان خاموش زندگيءَ ۾ شامل 'ڪمپازيٽر' ڪهاڻيءَ سان پنهنجي ڳالهه شروع ڪريان ٿي. ڪهاڻيءَ جي شروعات هن طرح سان ٿئي ٿي.... آتو لڳ ڀڳ 16 سالن کان لڳاتار ساڳيءَ پريس ۾ ڪمپازيٽر ٿي رهيو. ڪيس روزاني پگهار ملندي هئي. لڳ ڀڳ اڍائي روپيه اڇي پڙ پوندا هئس. سنڌس عمر 36 سالن جي قريب هئي. پر هن ٿي عمر ۾ سنڌس نظر گهٽجڻ شروع ٿي ويئي هئي. (ص.49).

... سنڌس بدن ڪمزور هو، جنهن ڪري متس اڪثر ڪري بيماريون غالب پيون پونديون هيون. سنڌس بيمار رهڻ جو نتيجو اهو نڪرندو هو جو گراهڪن کي ڪم پوري وقت تي نه

4. جڳديش لڇاڻي: خاموش زندگي. جوالا پبليڪيشن، ڪلياڻ ڪئمپ - 2. آڪٽوبر 1957

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ملي سگهندو هو. گراهڪ منيجر تي ڪاوڙبا هئا ۽ منيجر صاحب وري سمورو غصو آتو تي ئي چنبي چڙهيندو هو. (ص. 49).

...اڄ آتو ٽن ڏينهن کان پوءِ پريس ۾ آيو هو ۽ اچڻ سان ئي ڪيس پڌٽو پيو، ''آتو، آخر تنهنجو مطلب ڇا آهي؟ تو نوڪري سمجهي آهي يا مسخري؟ بس جنهن وقت چاهين گهر ويهي رهين يا جنهن وقت خيال اچيئي ته پريس ۾ هليو اچين.`` (ص. 50).

آتوءَ جي نظر ڏيري ڏيري گهٽجندي ويئي. چشمي خريد ڪرڻ جا ڪيس پئسا ڪين هئا. هن کي نوڪريءَ تان هٽ ڌوئڻو پيو. ٻي هنڌ نوڪري ته مليس پر اُتي به ساڳي حالت. ڪمپوزنگ ۾ چڪون ٿيڻ لڳس. اُتي به نوڪري وڃائي ويٺو. هاڻي ڇا ڪري؟ پٽ سان سائيڪل جو انجام ڪيو هئائين، پر غربت سبب اهو انجام به پاڙي نه سگهيو.

سندس دماغ ۾ طوفان هو... هو اڄ ڪنهن به حالت ۾ گهر نه موٽندو ! گهر نه موٽندو ته ڪيڏانهن ويندو. هو بيگانن جيان ريل جي پٽن تان هلڻ لڳو. ڪارو ديو آيو ۽ سندس پليدان وٺي هليو ويو.

ڪهاڻي نويس ڪهاڻيءَ جو انت هينئن ڪيو آهي:

.... ٻئي ڏينهن سندس زال، سندس پيارو لڇو ۽ سندس ٻه پينر سرزمين تي آنديون ويون. لڇوءَ پاپا پاپا ڪري چلايو، سندس زال آنسن سان پنهنجو آنچل پچائي ڇڏيو، سندس ٻن ڪنوارين ڌيئرن دل دهڪائيندڙ آواز ۾ رنو.... ليڪن سندس دانهن کي ٻڌندڙ ته هو ئي ڪونه....آتوءَ جي چهري تي نفرت جا نشان صاف ظاهر هئا گويا سماج جي بانيڪارن جي سنگدليءَ جو اظهار ڪري رهيا هجن. (ص. 57).

ترقي پسند اديبن پنهنجين لکڻين ۾ عوام جي خواهشن،

اُمنگن ۽ ارادن جو خيال ٿي رکيو، سماجي ڪاريہ ۽ سماجي اوسر کي توجه ٿي ڏني. ٻين قومي ٻولين جيان سنڌيءَ ۾ ترقي پسند تحريڪ حاوي رهي. غريب غريب هر طبقي جي اديب تي مارڪسوادي نظريي جو اثر رهيو، ان ۾ حصيداري رهي. ڪوبہ قلمڪار ان نظريي کان پاڻ آجو ڪري نہ سگهيو. جڳديش بہ هن ڪهاڻيءَ ۾ ائين ڪيو آهي. سماجي موضوع کڻي، اُنهن ۾ وارداتون ۽ ڪردار (ڪمپازيٽر) ڦباڻي، بامقصد ڪهاڻي لکي آهي. بامقصد موضوع کي سپاٽ بيانيءَ ۾ لکيل، هيءَ جڳديش لڇاڻيءَ جي ميڊياڪرڪهاڻي آهي. پر ان ۾ انتظار جو پهلو برابر نمايان آهي. مجموعي جي هڪ ٻي ڪهاڻي 'نئين نظر' بلڪل روايتي ڪهاڻي آهي؛ پر ڪهاڻيءَ جي ٽيڪنيڪ نئين آهي. سموري ڪهاڻي خطن ۾ لکيل آهي. سڀ خط مايا، مينا کي پنهنجي دل جو حال اورڻ لاءِ لکيا آهن. مايا، اڄ جي پڙهيل - ڳڙهيل، شاديءَ کان ونءُ ويندڙ آهي.

... مونکي چاڙ آهي تہ هو ديوتا آهن. هنن ۾ ڪوئي اوگڻ ڪونهي، پر مان پنهنجي من کي ڪيئن سمجهايان ان کي ڪيترا دفعا ڏنو اٿم. ان ڏينهن سندس چهري تي ڪهڙي نہ دلڪش مسڪراهٽ رقص ڪري رهي هئي. ڇا شاديءَ بعد سندس اها مسڪراهٽ قائم رهي سگهندي؟ منهنجي مانسڪ اشانتيءَ ۾ اها جرڪي نہ ويندي؟ اُف، مان، اما کي ڪيئن سمجهايان. (ص. 21).

پر مايا جي پيءُ ڄاتو ٿي تہ شاديءَ کانپوءِ مايا جي ڌارڻا اَوَسَ بدلبي ۽ ان ۾ ڦيرو ايندو... ان ڪري ئي هن پنهنجي ٿيندڙ پيٽيوٽي کي لکيو:

... مان سندس سڀاءَ کان پوري طرح واقف آهيان. هوءَ ٻاهران جيترو ٿي پاڻ کي ڪنور ۽ نيرس ظاهر ڪري ٿي، اندر اوترو ٿي

sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

ڪومل، سرس ۽ پاوِڪ آهي. ڏک جي ڳالهه اها آهي جو هوءَ خود پنهنجي انهن ڪومل ڀاونائن کان اڻڄاڻ آهي.

... هڪ ڳالهه ٻي به لکان ٿي. جڏهن تنهنجي گهر ۾ هڪ ننڍو ٻالڪ اچي، پنهنجي توتلي ٻوليءَ سان گهر ڀري ڇڏيندو ته پڪ ڄاڻ ان ۾ ڪافي ڦيرو اچي ويندو. (ص.27). ۽ سچ پچ ٿيو به ائين ٿي ! مايا کي اها 'نئين نظر' ٻار ڄمڻ کان پوءِ حاصل ٿي.

..... مونکي معاف ڪر مايا.

ڇا جي لاءِ؟ مون لڄ کان ڪنڌ هيٺ ڪري پڇيو.

ٻار طرف اشارو ڪندي چيائين، ''هن غلطيءَ لاءِ.''

مون پنهنجو هٿ سندس منهن تي رکندي چيو، ''ائين نه چئو. هيءَ اسان جي غلطي ناهي، بلڪ جيون جو سهارو آهي.'' اهو چوندي چوندي منهنجي اکين مان لڙڪ لڙي آيا. هن منهنجا لڙڪ اُگهيا ۽ مونکي ٻاڻ ڏانهن ڇڪي، مِٺي وٺندي چيو، ''اڄ تون سندرتا جي چرمسيما (climax) تي پهچي ويئي آهين.'' (ص.33).

جڳديش لڇاڻيءَ ڪهاڻيءَ تي ڏنل سِرو 'نئين نظر' پلاٽ سان بلڪل نهڪندڙ آهي. ليکڪ مايا جي ڪردار کي اُڀارڻ ۾ ڪامياب رهيو آهي. ليکڪ مايا جي دل جي آرزن، اُمنگن جو ورنن دلچسپ نموني ڪيو آهي. ڪهاڻيءَ جي اُٺت - ٻڌت به تحسين جوڳي آهي. پيڪش به اثرائتي آهي. پر ڪهاڻي بلڪل روايتي آهي.

'خاموش زندگي' عنوان واري ڪهاڻي رميش ۽ ميران جي پريم ڪهاڻي آهي. ڪهاڻي - نويس پريم - ڪهاڻيءَ جي وچ ۾ هڪ سماجڪ برائي ڏيتي - ليتيءَ کي آڻي، ڪهاڻيءَ کي دک- انت ڏنو آهي. ميرا کي سس جي مهڻن ماري وڌو:

... موٽڻ تي معلوم ٿيو ته سندس ڀراڻ پڪيئڙو اڳ ۾ ئي

sindhsalamat.com

پرواز ڪري چڪو هو. ڊاڪٽر ٻڌايو ته هن زهر کاڌو هو! منهنجي دل جي ڌڙڪن گويا بند ٿيڻ لڳي!! دل ۾ هڪ طوفان اُٿڻ لڳو ۽ ان طوفان ۾ آشا جو ديپڪ هميشه لاءِ اُجهامي ويو. (ص. 93).

.. هڪ ڏينهن اخبار پڙهي رهيو هوس ته اوچتو منهنجي نظر رميش جي فوٽي تي وڃي پيئي. فوٽي جي هيٺان وڏن اکرن ۾ لکيل هو: ديش جو مشهور ساهتيڪار ۽ ڪلاڪار رميش بابوءَ جو ديهانت ڪالهه شام جو دل ٽٽڻ سبب بمبئيءَ ۾ ٿيو. (ص. 93).

ڪهاڻي ساڌارڻ آهي پر ڪهاڻيءَ جي منظرنگاري پڙهندڙن جو ڌيان ڇڪائي ٿي.

... مٿي ماهه نوورنين جيان شرمائي شرمائي مرڪي رهيو هو. تارن جي محفل ۾ به خوب رنگ مٿل هو. نديءَ جي شانت سيني تي سندن عڪس ائين لڳي رهيا هئا گويا هڪ وڏي شمعدان جي چوگرد ديپڪ ٽمٽائي رهيا هجن. (ص.88).

هن مجموعي جي بهترين ڪهاڻي ''لڙڪن جي لڙي'' آهي، جيڪا مهراڻ ڪهاڻي - چٽاڀيتيءَ جي انعامي ڪهاڻي آهي. هيءُ ٻال منو وگيان تي آڌارت آهي جنهن ۾ ٻال ڪردار موهن جي منوڀاونائن جو من - ڇيد آهي. هيءَ ڪهاڻي موهن جي اردگرد ئي گهمندي رهي ٿي. ڪهاڻيءَ جا ٻيا ڪردار آهن سندس ماءُ شيلو ۽ سندس پيءُ، جنهن جو ڪوئي نالو ڪونهي. ماءُ - پيءُ جي پيار کان وانجهيل ٻار موهن نفرت ۽ ترسڪار ملڻ سبب ننڍو ٻڌجي پوي ٿو:

... جيئن جيئن موهن وڏو ٿيڻ لڳو، تيئن تيئن هن شيلو لاءِ ٿي نه پر سڄي پاڙي لاءِ مصيبت کڙي ڪري ڇڏي، پاڙي ٻار جا ته ڪانئس ڊڄندا هئا، پر اُنهن جا مائٽ به ڪيس ڪجهه چئي نه سگهندا هئا. (ص.10).

موهن هڪ غير رواجي ٻالڪ هو ۽ هن جون شرارتون به غير

books.sindhsalamat.com

روايتي قسم جون هونديون هيون:

... هڪ دفعي هڪ ٻڍي پنهنجي پاند ۾ شيشي جا ٽڪر ڪٺي آئي ۽ اهي شيلوءَ کي ڏيکاريندي چيائين، ”ڏس ڌيءُ! هيءُ گلاس مون اڄان ڪالهه ئي تہ بزار مان گهرايو هو ۽ تنهنجي لاڏلي هينئر ئي هن کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو!“

ٻڍيءَ جي پويان ايندي ئي موهن وراڻيو، ” ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهہ اماں! پاڻ ئي تہ چيائين هيءُ نہ ڀڄڻ وارو ڪانچ آهي! مون آزمايو تہ ڀڄي پيو! هاڻي تون ئي ٻڌاءِ اماں، تہ هو ڪوڙو ڪانچ وٺي ئي ڇو آئي؟“ (ص. 11).

اهڙيءَ طرح روز شيلوءَ کي اهڙين ڪيترين ئي ڳالهين کي منهن ڏيڻو پوندو هو. ديڄارڻ، ڌمڪائڻ ۽ مارڻ جو موهن تي ڪوبہ اثر نہ ٿيو.

هڪ ڏينهن هن ماءُ کان پڇيو- ”ڪالهہ رات جڏهن تنهنجو بابا سان جهڳڙو ٿيو، تہ مان اکيون ٻوٽي سڀ ڪجهہ ٻڌي رهيو هوس. تو ڪين چيو هو تہ ’جي هي چوڪر نہ جمي ها، تہ مان ڪڏهوڪو هتان هلي وڃان ها! الائجي ڪيئن هيءُ بدنصيب اڇي منهنجي پڙ پيو آهي!“.....

... سچ ٻڌاءِ اماں، آخر اها ڪهڙي عورت آهي، جنهن بابا کي پنهنجي جار ۾ ڦاسايو آهي ۽ توکان ڪسي ورتو آئس؟“ (ص. 16).

ٻاهران نئر نظر ايندڙ موهن، اندران بلڪل ئي حساس دل هو ۽ هڪ ڏينهن پوليس، موهن جو لاش تلاءُ مان لڙهندو ڪڍيو.

ڪهاڻيءَ جو مکيہ محور موهن آهي. ڪهاڻي ان جي زندگيءَ کي ڪٺي هلي آهي. مغربي سڀيتا جي وڌندڙ اثر سبب پتي-پتنيءَ جا رشتا بہ اڳين معنيٰ وڃائڻ لڳا آهن. پتي - پتني ۽ هوءَ - هڪ عام روايتي ڳالهہ بڻجي ويئي آهي. اثر ٻارن تي

ٿئي ٿو. ليکڪ انهيءَ منووگيانڪ حقيقت کي اثردار نموني اظهارڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. ڪتاب جون ٻيون ڪهاڻيون آهن ’اڌوري پياس‘ ۽ ’نيٽن نير وهايو‘. اِهي ٻئي سکياداٽڪ سماجي ڪهاڻيون آهن.

جڳديش لڇاڻيءَ جي ڪهاڻين جو ٻيون مجموعو ’هڪ تصوير بہ پاسا‘[5] آهي. اِن ۾ پنج ڪهاڻيون شامل آهن. جڳديش لڇاڻيءَ ڪتاب جي ’پيش لفظ‘ ۾ لکي ٿو، ”هيءُ منهنجي ڪهاڻين جو ٻيون مجموعو آهي. منهنجين ڪهاڻين جو پهريون مجموعو 1957ع ۾، ’خاموش زندگي‘ جي نالي سان شايع ٿيو هو. اُهي منهنجون شروعاتي ڪهاڻيون آهن. مون بہ ، ٻين گهڻن ليکڪن جيان، ٻاهرين ڳالهين تي لکيون. پر هينئر منهنجو ساهت طرف نظريو بدلجي ويو آهي. بدلجي ئي نہ بنه بدلجي ويو آهي. هينئر مان ساهت کي آتم درشن جو ذريعو مڃيندو آهيان. ان ڪري منهنجون هي ڪهاڻيون، شروعاتي ڪهاڻين کان نوع توڙي ڍنگ ۾ مختلف آهن. هينئر منهنجين ڪهاڻين ۾ ’اندرين‘ ڳالهين جو ئي بيان وڌيڪ هوندو آهي.“

هن مجموعي جي پهرين ڪهاڻي ’احساس‘ آهي. سچي ڪهاڻي خطن ۾ لکيل آهي. جڳديش لڇاڻيءَ جي هيءَ پياري ٽيڪنيڪ آهي. شايد انڪري، جو ان ۾ داخليت سولائيءَ سان آڻي سگهجي ٿي.

ڪهاڻيءَ ۾ بہ ڪردار آهن- هڪ آنند بابو، جيڪو ليکڪ آهي ۽ ٻيو پشپا، جيڪا پاٺڪا آهي ۽ آنند بابوءَ جي ڪهاڻين کان متاثر بہ آهي. پشپا کي ليکڪ جو بغاوتي سُرُ پسند آهي پر هوءَ پڪ ڪرڻ چاهي ٿي تہ ڇا اهڙا ڪردار سماج ۾ ممڪن آهن:

.... توهان بغاوت ۾ ڏيکاريو آهي تہ هڪ شخص وتشيا سان

5. جڳديش لڇاڻي: هڪ تصوير - بہ پاسا. 14 ميءِ 1961ع، اُلهاسنگر

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

شادي ٿو ڪري. ڪيس ڪافي مصيبتون درپيش اچن ٿيون، سندس ماءُ ڪيس اڪيلو ڇڏي ٿا ڏين، سندس دوست ڪانئس نفرت ٿا ڪن، سماج ۾ سندس بلند عزت جهڪي ٿي وڃي پر هو ڪنهن به نوڪر اڳيان گهبرائجي، سر نٿو جهڪائي.... ڇا اهڙا ڪردار حقيقي زندگيءَ جي اسٽيج تي به موجود آهن يا توهان پنهنجي تخيل جي سهاري ئي ان ڪردار جي رچنا ڪئي آهي؟ (ص. 16).

...آءٌ ان جدوجهد جي فائدي ۾ آهيان، جا ڪنهن کي به انسان بڻائڻ لاءِ ڪئي وڃي ٿي... آءٌ مڃان ٿو ته بغاوت منهنجي تخيل جي رچنا آهي، ليڪن اها بغاوت حقيقي زندگيءَ ۾ به ممڪن آهي ۽ جيڪڏهن اڄ ناهي ته سڀاڻ ضرور ٿيندي. (ص.19).

ٻنهي جي وچ ۾ خطن جو اهو سلسلو پيار ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو. معاملو شاديءَ تائين وڃي پهچي ٿو.

... پر آنند، آءٌ تنهنجي بنه لائق نه آهيان، ڇاڪاڻ ته هڪ دفعي هڪ حوس جي پوڄاريءَ، پريم جار وڃائي منهنجي عصمت تي حملو ڪيو هو، مونکي چريترهين بڻائي ڇڏيو هو.... ڇا، آنند، توکي مون کان نفرت ته ڪانه ٿي اچي؟... ڇا تون اڃان به مونکي اپنائي سگهندين؟ (ص. 23).

ڪجهه ڏينهن جواب نه ملڻ تي هوءَ آنند مان وشواس وڃائي ويهي ٿي ۽ ......

... عجب ٿو لڳيم ته تون پنهنجي آنند منجهان اينرو جلد وشواس ڇو ڪيئي ڇڏيو. تو غصي ۾ اچي به ٿي سخن به ٻالهائي ڇڏيا. پرواهه ناهي، آخر پنهنجي ئي ته آهين. وشواس رک، آنند جهڙو اڳ هو، اهڙو ئي هينئر آهي. تنهنجي ۽ منهنجي شادي ٿي ئي رهندي. (ص. 27).

پڪي پختي ٻوليءَ ۾ تخليق ڪيل، هيءَ ڪهاڻي لس ئي لس پنهنجي مقصد ڏانهن وڌندي رهي ٿي. ڪهاڻيءَ جو

ڳهاڙيتو به سنئون سڌو آهي، بنا گهماءُ - ڦراءُ جي !

مجموعي جي ٻي ڪهاڻي ’ڦيرو‘ هڪ اهڙي شاعر جو داستان آهي، جيڪو گهرو جوابدارين کان منهن موڙي، ڪلپنا - لوڪ جو نواسي آهي. سندس پتني ڏُرو، ڪيس اِنهيءَ من - استتيءَ مان ٻاهر آڻي، ڪيس زندگيءَ جي حقيقتن ڏانهن موڙڻ ٿي چاهي:

... ڪلپنا جڳت جا نواسي ! ڪجهه حقيقت جي ويراني طرف به نهار!!..... تنهنجي سپنن ۾ روان مڌر چشما، اسان جي جيون جي خشڪي مٽائي ڪين سگهندا. اسان کي تنهنجون بهارون نه گهرجن، بادلن ۽ چنڊ تارن سان تنهنجون آنک- مچوليون نه گهرجن. اسان کي تون کپين، تنهنجي محنت... ۽ بس ان محنت جي بوندن منجهان پيدا ٿيل روٽيءَ جا ٻه چار ٽڪر گهرجن. تنهنجو پيٽ ته ڪلپنا تي ڀريو ڇڏي، ليڪن اسان جي بک ائين ڪين مٽندي، اسان کي درڪار آهي روٽيءَ جي! ....جا صرف تنهنجي محنت تي پيدا ڪري سگهي ٿي. (ص. 26).

شيکر پل پر لاءِ پنهنجي پل محسوس ڪئي ۽ گهري ويچارڌارا ۾ غلطان ٿي ويو. سندس ڪلپنا ماڻهن کي خوش ڪري سگهي ٿي، پر ان ننڍڙي ڳل لاءِ ڪير جو چڪو نٿي پيدا ڪري سگهي، ان جي ڌرم - پتنيءَ کي روٽيءَ جا ٻه ٽڪر نه ٿي ڏيئي سگهي. (ص. 27).

شيکر هڪ دفعو وري سماجي حقيقتن کي وساري مشاعري ۾ شرڪت ته ڪئي پر اڄ هن کي ماڻهن جي واهه ! واهه !! مان تسڪين جي حاصلات نه ٿي. هن جي اکين اڳيان ڌرم - پتني درد ۾ بيمار پٽ ڳل جي تصوير اُڀرڻ لڳي. پٽ جي علاج لاءِ هن کي پئسن جي ضرورت هئي. هو سواڀيمان کي پلجي، پبلشر وٽ هليو ويو، ڪجهه ائڊوانس وٺڻ لاءِ، جيئن هو گهر جي بک مٽائي

سگهي ۽ بيمار پٽ جو علاج ڪرائي سگهي...

... توهان چيو هو ته ’ڪلپنا‘ لاءِ توهين ڪجهه پيشگي ڏيندا... مهرباني ڪري ڪجهه ڏيو، منهنجو ڪڪو.... منهنجو ڪڪو... (ص. 32).

لڪشميءَ جي پوڄاريءَ سرسوتيءَ جي ڀڳت ڏانهن نظر ورائي چيو، ”مون توهان جو ڪتاب پڙهيو ڪونهي، ڪجهه وقت ترسو.“ (ص. 32).

هاڻي شيکر کي حقيقت جو آڀاس ٿيو، ”مونکي ڄاڻ آهي، توهان اديبن جو خون چوسيندڙ آهيو. توهان ٻي جي دل کي ڇا ڄاڻو؟ واپس ڏيو مونکي ڪلپنا، نه کپن مونکي توهان جا پئسا. (ص. 32).

بس اِتان ئي شيکر جو نئون سفر شروع ٿئي ٿو.....

هڪ محنتڪش نوجوان جو سفر!.....

هيءَ ڪهاڻي جڳديش جي شروعاتي ڪهاڻين مان آهي. مان اڳ لکي چڪي آهيان ته جڳديش لڇاڻيءَ جي شروعاتي ڪهاڻين تي ترقي پسند ڌارا جو اثر نمايان آهي. جڳديش جون شروعاتي دور ۾ لکيل ايڪڙ ٻيڪڙ کي ڪهاڻيون ترقي پسند نظريي کان مختلف رهيون هونديون. جڳديش لڇاڻيءَ جي شروعاتي ڪهاڻين ۾ سنڌيش به آوَس ملي ٿو. ڪهاڻين جي ترڪيبي اوسر گهڻو ڪري واقعات تي ٻڌل آهي. اُنهن ۾ آتم - جيوني عنصر جو اپاءُ آهي. پر ان ۾ به رايا نٿا ٿي سگهن ته ڪهاڻين جي ٻولي پُرُ اثر ۽ رنگين آهي. سندس ڪهاڻين ۾ ٻيهڪ جي نشانين جو به تز استعمال ٿيل آهي.

هن مجموعي جي ٽين ڪهاڻي ’پيزا، منهنجي زندگي‘ جڳديش لڇاڻيءَ جي سٺين ڪهاڻين مان هڪ آهي. ڪهاڻي هندي ترجمي ۽ you Tube ذريعي، لکين پڙهندڙن /ٻڌندڙن تائين

sindhsalamat.com

پهچي چڪي آهي. ڪهاڻي ريڊيو -روپانتر ۾ تبديل ٿي آڪاشوائي، ممبئيءَ تان به پيش ٿيل آهي.

جڳديش لڇاڻيءَ جي هيءَ هڪ رومانوي ڪهاڻي آهي. هيءَ ڪهاڻي انساني رشتن جي فارمولائي سرشتن کي درڪنار ڪري اڳيان وڌي ٿي. ڪهاڻيءَ جا ڪردار، روايتي جيون ملهن کان منڪر ٿي، پنهنجي پنهنجي انفراديت جو اظهار ڪن ٿا. منو وگيانڪ اثر سبب، ڪهاڻي ڪرادريت ڏانهن مائل آهي، ڪهاڻي - نويس، ڪهاڻيءَ ۾ واقعات تي زور نه ڏيئي، سيرت - نگاريءَ جو وڌيڪ خيال رکيو آهي. سيرت - نگاريءَ تي توجه ڏيڻ سبب، ڪهاڻي انترمکي وڌيڪ ٿي ويئي آهي. ڪهاڻيءَ ۾ فيلسوفاڻا خيال جاءِ بجاءِ پکڙيل آهي. ڪهاڻيءَ جي ڀاشا به ڪمال جي آهي. ڪهاڻي جڻ ڀاڻيءَ تي ترندي اڳيان وڌي ٿي. ڪهاڻي نويس پنهنجي خوبصورت فني نڪتن، سهڻي ورنن شئلي، مڌر، ڪومل ۽ من - موهڻي ڀاشا، ۽ پر اثر گفتگوءَ سبب رچنا کي ڪمال جي اونچاين تائين پهچائي ڇڏيو آهي.

”پيزا، منهنجي زندگي“ ۾ به ڪردار آهن-ديپ ۽ جيوتي. ڪهاڻي ديپ جي زباني ٻڌايل آهي. ڪهاڻي گفتگو - پرڌان آهي. ڪهاڻيءَ ۾ ديپ جي سوچ آهي يا جيوتيءَ سان گفتگو. بيحد ئي رومانوي، دلچسپ ۽ فلاسافيڪل نڪتن سان ٿمتار آهي؛ جيڪا پڙهندڙن کي جمالياتي تسڪين عطا ڪري، سوچائي به ٿي. ڪهاڻيءَ جي شروعات ئي فيلسوفاڻا آهي ۽ سڄي ڪرداريت سان ڀرِ آهي.

... اسان جي زندگي سدائين سمپورڻتا ڏانهن ئي وڌندي آهي. جڏهن اسين سمپورڻ ٿيندا آهيون، تڏهن ئي وڃي اسان جي جيوت شانت ٿيندي آهي. پر ائين بنه ڪانهي ته شانتيءَ منجهه ئي ڪا سمپورڻتا سمايل آهي. درحقيقت اها اپورڻتا ئي

books.sindhsalamat.com

آهي جا اسان جي زندگيءَ کي سمپورڻ ٿيڻ ۾ مدد ڪندي آهي ۽ نه ڇانئي ! حياتيءَ جي هلچل سان ڀرپور گهڙين جي جيڪڏهن لهرن سان مشابهت ڪجي ته ڪو به وڏاءُ نه ٿيندو..... لهرون جيئن ڪناري طرف ڊوڙنديون ضرور آهن، ليڪن پوءِ به سندن مقصد ڪنارو نه هوندو آهي، ڪين فقط تڙڦڻ ۾ ئي آنند ۽ مچلڻ ۾ ئي مزو ايندو آهي. هر گهڙيءَ منجهان نئين ۽ نئين زندگي ڪر موڙي اُٿندي آهي ۽ اهي ئي البيليون ڪشمڪش جون ڪوڙيون پيون، اڳيان ڊوڙنديون آهي. (ص. 35).

ڪهاڻي - نويس هن ڪهاڻيءَ ۾ من جي سوڪيم احساسن کي قيد ڪيو آهي. ديپ ۽ جيوتيءَ جو هڪ ٻئي سان لڳاءُ آهي، ٻنهي کي هڪ ٻئي مان سڪون جي حاصلات ٿئي ٿي. پر پوءِ هو هڪ ٻئي کي حاصل نٿا ڪري سگهن.

......اڄوڪي رات ڪاري آهي مگر اُها رات ڪيتري نه سندر هئي. ڪهڙي نه سهاوني ..... جهلمل ستارن ۽ مسڪرائيندڙ چندرما جي ساي ۾ هزارين حسرتون پاليون هيون ان رات... ڪنهن ٿي ڄاتو ته اسين حسرتون ميسارجڻ لاءِ ئي پاليون رهيا آهيون. ارمانن جو اُپرڻ، اُپري وڏو ٿيڻ ۽ پرورش جي عرصي ۾ ئي نابود ٿي وڃڻ! ڪيڏي نه نئولي آهي جيون سان !..... (ص. 36).

.... ڏس ديپ، اڄ اسين هڪ ٻئي جي ڪافي نزديڪ آهيون. ليڪن پوءِ به الائي ڇو آءُ ائين پيئي سوچيان؛ اسين ٻئي مختلف شڪتيون آهيون. جن جو پاڻ ۾ ملڻ به ڀيانڪ آهي ته جدا ٿيڻ به.... يعني اسين هڪ ٻئي کي پائي ترپت به آهيون ته اترپت به. ترپت انڪري جو تون مون ۾ ۽ مون تو ۾ پنهنجي منزل ملڻ جو آٿت پاتو آهي ۽ اترپت ان لاءِ، جو اسانجون تقاضائون مري ڪين ويون آهن. ڪابه منزل آخري منزل نه آهي. جا منزل اڄ اڻئون سا شايد سڀان ٻيءَ منزل لاءِ پهريون ڏاڪو

sindhsalamat.com

بڻجي وڃي ۽ اسين اهي ئي نئين منزل جا پانڌيئڙا!... (ص. 39).

....هڪ ڏينهن مون کيس چيو، ”جيوتي، ڪوئٽا سان شروع ٿيل هيءَ گهٽنا هينئر ته ڪهاڻي ٿيڻ لڳي آهي.“

هوءَ مند مند مسڪرائڻ لڳي. ”اونهون، ڪهاڻي ته ننڍي ٿيندي آهي. ٻن چئن ڏينهن جي يا وڌ ۾ وڌ ڪجهه مهنن جي، مان ته هن کي پورو ناول بڻائڻ ٿي چاهيان.“ (ص. 42)

ديپ، پهرين پيار ۾ دوکو کاڌو هو، ان ڪري هن نه ٿي چاهيو ته ’مون جهڙي پيڙا، هن کي نه ملي‘.... جيوتي، انهيءَ ڪري مون ڪوشش به ڪئي ... پر مون کي اهو ممڪن نٿو لڳي. (ص. 45).

۽ پوءِ ٻنهي موڪلايو.

۽ هڪ ڏينهن اوچتو ئي جيوتي اچي پرگهٽ ٿي هئي.

........مدت کان منهنجي هڪ تمنا هئي ديپ، سوچيندي هئس زندگيءَ ۾ بس هڪ ئي ڪهاڻي هجي پر اها پوري هجي. اها چاهنا هئي، آءُ تنهنجي ٻارن جي ماءُ بڻجان... تنهنجن گهڻن گهڻن ٻارن جي ماءُ.... اڄ مان ان پنهنجي اڌوري ڪهاڻيءَ کي پورو ڪرڻ آئي آهيان. منهنجي ڪهاڻي تنهنجي ڇانءُ کان سواءِ ٻنهي اڌوري رهندي- ڪڏهن به پوري ڪانه ٿيندي... مون کي اپناءِ منهنجا ديپ، مون کي قبول ڪر.“ (ص. 55)

سموري ڪهاڻي فلئش بئڪ ٽيڪنيڪ ۾ لکيل آهي پر ڪهاڻيءَ مان ليکڪ جي اظهاري قوت نمايان ٿئي ٿي. هو ڪردارن جي سوڪيم ڀاوناٿن کي پڪڙڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. ڪهاڻيءَ جي منظرنگاري به لاجواب آهي.

ڪهاڻيءَ جي موضوع ۽ عبارت ۾ نواڻ آهي. مجموعي جون ٻيون به ڪهاڻيون آهن؛ جيون - ڪلا ۽ هڪ تصوير به پاسا. جيون ڪلا تي مارڪسوادي ويچارڌارا جو اثر آهي ته هڪ تصوير

books.sindhsalamat.com

-پاپاسا ۾ داخليت جو انگ جهجهو آهي.

جڳديش لڇاڻيءَ جي ڪهاڻين جو آخرين مجموعو، جيڪو شايع ٿيل آهي، سو آهي ''ڏنم جي ڏينهڙا!''[6] هن مجموعي ۾ جڳديش لڇاڻيءَ جون ڇهہ ڪهاڻيون شامل آهن؛ اُنهن مان 'پيڙا، منهنجي زندگي' ورجايل آهي. ان ڪري مان ان کي ڇڏي باقي ڪهاڻين تي تنقيدي نظر وراڻيندس. مجموعي جي لڳ ڀڳ سڀني ڪهاڻين ۾ 'آتم' انش آهي، داخليت جهجهي آهي. پر ڪهاڻيون هڪ پڪي پختي ۽ آزمودگار اديب جون لڳن ٿيون.

مجموعي جي پهرين ڪهاڻي 'اوشواس جو جنم' هڪ طويل ڪهاڻي آهي، جنهن جو گهڻو حصو خطن ۾ آهي. لڳي ٿو خطن واري ٽيڪنيڪ، جڳديش جي هڪ پسنديده ٽيڪنيڪ آهي، جنهن جو استعمال هن ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾ ڪيو آهي. هيءَ ڪهاڻي سڌا ۽ شيکر جي پريم ڪهاڻي آهي. ان ۾ هڪ ڪاليجي اديب جي رومانوي داستان جي شروعات پريم - پٽرن سان ٿئي ٿي، جيڪي هڪ شرڌالو پاٺڪا ليکڪ کي لکيا آهن. خطن ۾ سوال - جواب ڪندي، ٻئي پريم جي ڏور ۾ ٻڌجي وڃن ٿا. ڪهاڻي جو جهجهو حصو اُنهن خطن سان ڀريل آهي ۽ خط رومانوي احساسات ۽ فلاسافيڪل ويچارن سان ڀريل آهن. خطن ۾ نهايت اعليٰ ويچار، شاعرانہ تصورات ۽ جيوت جو فلسفو سمايل آهي.

شيکر هڪ ڪلاڪار اهي. پنهنجيءَ ڪلا کي وستار ڏيڻ، ڏينهون ڏينهن وشال بڻائڻ، سندس جيون اُديش آهي. هو گم سم پنهنجي ڪلپنا سنسار ۾ وينو سپنن جي رچنا ڪري اوچتو سندس ڪلا جڳت ۾ هڪ سندري آراڌنا جا ڦول، ٻنهي هٿن ۾

6. جڳديش لڇاڻي: ڏنم جي ڏينهڙا ! ويڻا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن 1993ع.

sindhsalamat.com

ڪٿي ڏيري ڏيري پنهنجي ارمانن جو جار وڇائيندي وڌي ٿي اچي.... گلن جي خوشبو، شيکر جو ڌيان ڇڪائي ٿي. هو جيئن ئي اکيون کولي ٿو تہ پنهنجي ساڌڪا کي مڌر مڌر مسڪرائيندو ٿو پائي. هو ڪيس پوتر جاڻي سندس پشپانجلي سويڪار ٿو ڪري.... سندس پوترتا تي فخر وچان انلائي تو اُٿي... ليڪن! جيئن ئي ڪيس جاڻ پوي ٿي سندس ساڌڪا، پوترتا جي پوش ۾ هڪ پاپ پاليو ويٺي آهي، تہ سندس دماغ ۾ هلچل مچي ٿي وڃي.... سندس وشواس ڀاري چوٽ رسڻ سبب اوشواس ۾ بدلجي ٿو وڃي.''

هن مجموعي جي ٻي ڪهاڻي 'سنيهمئي'[7] جڳديش لڇاڻيءَ جي سٺين ڪهاڻين مان هڪ آهي. هيءَ ڪهاڻي بہ هنديءَ ۾ انواد ٿي. you Tube تي اچي، هزارين سنڌي - غير سنڌي پڙهندڙن تائين پهتي آهي. هيءَ ڪهاڻي آتم - ڪٿائي طرز ۾ لکيل آهي. سڄي ڪهاڻي 'ماں' ڪردار جي زباني آهي. 'ماں' ڪردار جو ليکڪ ڪوئي نالو نٿو ڏئي. ماں ڪردار سڄي ڪهاڻيءَ ۾ جنهن سان مخاطب آهي، اهو استري - ڪردار بہ سڄي ڪهاڻيءَ ۾ سامهون ڪين ٿو اچي ۽ نہ ئي سندس ڪو نالو آهي. پر اهو استري ڪردار 'ماں' جي ذهني اسڪرين تي ظاهر ٿئي ٿو. سڄي ڪهاڻيءَ ۾ 'ماں' ڪردار جي سوچ آهي. ڪهاڻيءَ تي سچيتيءَ جي وهڪري (The Stream of Conciousness) جو اثر نمايان آهي. ڪهاڻي ٻوليءَ، عبارت ۽ موضوع جي لحاظ کان سنڌيءَ ۾ هڪ نئون، سگهارو ۽ اهميت ڀريو تجربو آهي. جڳديش لڇاڻي چواڻي: ''1920ع جي آس پاس جيمس جايس، ورجينا وُلف، ڊي.ايڇ. لارينس پلاٽ جي روايتي بندش کي سچيتيءَ جي وهڪري (The Stream of Conciousness) معرفت صفا ڀڃي

७. सिंधी कहानियाँ अनुवाद: देवी नागरानी। शिलालेख प्रकाशन, दिल्ली, सन् 2015 ई. पृ. 127

books.sindhsalamat.com

پوري ڇڏيو. فلمڪار سچ ۽ معنيٰ جي تلاش شخص جي ٻاهرين حالتن بدران، ان جي اندر اسٿتين ۽ ڪشمڪش ۾ ڪرڻ لڳو. هاڻي ڪٿا يا پلاٽ جي ڪاياپلٽ بدلجي ويئي. ٻين پارٽي ٻولين جيان سنڌيءَ ۾ به سچيتيءَ جي وهڪري جي داخلا ٿي.'' [8]

ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن کي نالا نه ڏيڻ، نئين ساهتيه جي هڪ وصف ڳڻي وڃي ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ به ائين ئي آهي. 'مان' ڪردار جي ذهن تي جيڪو استري ڪردار آهي؛ اُهو پڇاڙيءَ تائين ظاهر نٿو ٿئي، صرف 'مان' (جنهن جو به ڪوئي نالو ڪونهي) جي ذهني اسڪرين تي اُڀري ٿو. اُهو ڪردار ڪهاڻيءَ ۾ اُڀري بيٺو آهي. اهو گمنام ڪردار نراش 'مان' جي جيون ۾ آشا بڻجي اچي ٿو. نتيجي طور 'مان' ڪردار جنهن کي امتحان ۾ ناپاس ٿيڻ جي پڪ هئي، سٺين مارڪن سان ڪامياب ٿئي ٿو:

تنهنجي هر وقت مسڪراهٽ مونکي خوشي ڏيندي هئي.....

ڏيري ڏيري ''ماضي'' ڏنڌلو بڻجي، جڻ مون کان وسري ئي ويو. جڏهن جڏهن مان چوندو هوس ته آءٌ پڪ ناپاس ٿيندس، تڏهن تڏهن تون چوندي هئينءَ، ''ناپاس ٿي ٿيٺو هوءِ ته ايترو پنڌ ڪهي ڇا لاءِ هت آيو آهين؟ مان ڄاڻان ٿي ته تون پنهنجي حياتيءَ مان نراس ٿي چڪو آهين. ليڪن آشا نالي واري چيز به ته دنيا ۾ آهي، اهو تون ڇو ٿو وسارين؟'' (ص. 55).

....پر اڄ تائين مونکي بار بار تنهنجي ياد ايندي رهندي آهي. شايد توکي به ايندي هجي! مان ڪيئن چوان؟ ڇو ته آءٌ اِهو به ڄاڻان ٿو ته تون پنهنجي ماضيءَ طرف ڪڏهن ڪين نهاريندي آهين! آءٌ به ته تو لاءِ ماضي ئي آهيان، ڪيئن؟ پر تو جو مونکي جيون ۾ آشاوادي بڻجي رهڻ سيکاريو آهي، انڪري مان دل ۾ سوچيان پيو آءٌ ڪا گهٽتا ته نه آهيان، مان ته هڪ حساس من وارو انسان آهيان. مان ماضيءَ ۾ به هوس، حال ۾ به آهيان ۽ شايد مستقبل ۾ به هجان! (ص. 56).

....اڄ منهنجي امتحان جو نتيجو ظاهر ٿيو آهيءَ مان سٺين مارڪن سان پاس ٿيو آهيان. آءٌ بيحد خوش آهيان. امتحان جي ڪاميابيءَ تي نه، بلڪ هيءَ خوشخبري تو تائين پهچائڻ تي! منهنجي سڦلتا، مون کان وڌيڪ تنهنجي سڦلتا آهي. اڄ تنهنجي صورت منهنجي اکين اڳيان ڦري رهي آهي. تنهنجي ياد منهنجي دل سان جڙي پيئي آهي. جيتوڻيڪ جسماني طور تون مون کان ڪافي پري آهين، ايترو پري جتان نه تون ئي منهنجو آواز ٻڌي سگهندين ۽ نه آءٌ ئي تنهنجو ٻڌي ٿو سگهان! (ص. 52).

....مونکي خبر آهي ته غمگيني تنهنجي سڀاءُ ۾ آهي ئي ڪانه، ڇو ته تون ماضيءَ بابت ڪڏهن ڪين سوچيندي آهين! ماضيءَ جي باب کي تون بيڪار ۽ بي ڪشش سمجهي، بلڪل لاغرضائيءَ سان ورائي ڇڏيندي آهين. تنهنجي لاءِ حال ئي سڀ ڪجهه آهي ۽ اهو به تيستائين، جيستائين اهو حال ئي آهي، ماضيءَ ۾ به بدليو آهي. ماضيءَ سان اهو به ڪجهه معنيٰ نٿو رکي، تو لاءِ پل اهو ڪيترو به اهميت ڀريو ڇو نه هجي. مستقبل ۾ ته تنهنجو وشواس ئي ڪونهي! جي آهي به، ته صرف ايترو ئي ته مستقبل حال کي ڳرڪائي ماضيءَ کي جنم ڏيندو آهي ۽ بس! (ص. 52).

جڳديش لڇاڻيءَ جي هيءَ سموري ڪهاڻي خود ڪلامي آهي. 'مان' ڪردار جي اکين اڳيان ماضي ڦرندو رهي ٿو.

8. جڳديش لڇاڻي: لاهوتي لڏي ويا. ويڻا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن 2013ع. ص. 144

ڪهاڻي - نويس اهڙي نموني پنهنجي مقصد تي رسڻ جو جتن ڪري ٿو. ڪهاڻي سپاويڪتا ۽ گهرائيءَ سان پيش ٿيل آهي. ڪهاڻيءَ ۾ انتظار جو پهلو پڇاڙيءَ تائين برقرار رهي ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ خاصي پڪڙ آهي.

جڳديش لڇاڻيءَ جي ڪهاڻي 'پريم وواه' خطن جي اُٽت - ٻٽت ۾ رچيل هڪ بامقصد ڪهاڻي آهي. هن ۾ پريم-وواه جي عيوش سيٽل مئريج تي وڌيڪ ترجيح ڏنل آهي.

... اُشا، ڪجهه ڏينهن کان مان هڪ عجيب اُلجهن ۾ آهيان. دادا مون کان پڇڻ بنا منهنجي شادي طئه ڪري ڇڏي آهي، جنهن مونکي بي انتها بيچئن بڻائي ڇڏيو آهي. جنهن مون کي ڪڏهن ڏٺو به نه آهي، پوءِ مان ان کي پنهنجو جيون ساٿي ڪيئن ٿي بڻائي سگهان؟ هرديه ۾ جنهن لاءِ قرب جو ڪڻو به ڪونهي، ان سان شادي رچائي مان ڪهڙو سک حاصل ڪري سگهندس. (ص. 70).

.... تون پنهنجي دادا تي وشواس رک. هو ڪڏهن به تنهنجو نقصان نه چاهيندو ڇو ته هو تنهنجو پتا آهي ۽ پريم ته پوءِ جي ڳالهه آهي. جڏهن توهين ٻئي هڪ ٻئي جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجي ويندا، توهان جا ويچار هڪ ٿي ويندا، جيون ڌارائون ملي وينديون ته توهان جي زندگي سکميه بڻجي ويندي. (ص. 74) ۽ ٿيو به ائين. مڌوءَ کي سندس پيار دوکو ڏنو.

.... شوپا، محبت ۾ اهي ماڻا وري چاجا. هينئر تي انڪار ڪيئه ته شاديءَ بعد ڪهڙي حجت رکنديءَ. ڇو ڇو گهٽا پئسا ڪپني؟ (ص. 78).

... بس، حد ٿي ويئي، مان وڌيڪ دل جهلي نه سگهيس، تنهن هوندي به دل تي پٿر رکي واپس مڙيس ۽ گهر اچي وهاڻي

sindhsalamat.com

کي آلو ڪرڻ شروع ڪيم.... اُشا پيڻ، بيحد خوشيءَ جي ڳالهه ته وري به اها آهي جو مان زندگيءَ کي اوڙاه ۾ اُڇلڻ کان بچي ويس. (ص. 78).

اڄ جڏهن زمانو 21 صديءَ ۾ پهچي ويو آهي، اسان جي صورتحال ۾ تمام گهڻو ڦيرو اچي ويو آهي، اسان جون مڃتائون بدلجي ويون آهن، اهڙي وقت ڪهاڻيءَ جو هيءُ موضوع پراڻو ٿولڳي ۽ گهڻو متاثر نٿو ڪري.

'ڪهاڻيءَ جو جنم' هن مجموعي جي پنجين ڪهاڻي آهي. هيءَ ڪهاڻي به جڳديش جي مشهور ڪهاڻين مان هڪ آهي. هيءَ هڪ نئين قسم جي ڪهاڻي آهي؛ جنهن ۾ ڪوئي ٿوس ڪٿانڪ ڪونهي. جيون ۾ گهٽيل هڪ واردات ، ڪهاڻي نويس جي فنڪارانه ڇهاءَ سبب هڪ سهڻي ڪهاڻيءَ ۾ تبديل ٿي ويئي آهي. هونئن به ڪهاڻي حقيقت ۽ ڪلپنا مان سرجندي آهي؛ پر ڪهاڻي تڏهن بقا ماڻي ٿي، جڏهن رچناڪار ۾ تخليقي صلاحيت هجي. ڪهاڻي آتم - ڪٿائي عبارت ۾ لکيل آهي. ڪهاڻيءَ ۾ به ڪردار آهن. ڪهاڻي ٻڌائيندڙ ۽ ٻي آهي ان جي پريمڪا. ٻنهيءَ جي گفتگوءَ مان ڪهاڻيءَ جو تاڃو-پيٽو اڻيل آهي. ڀت تي ٽنگيل مسڪرائيندڙ ٻار جي ڪئلينڊر کي ڏسي، پريمڪا جي من ۾ ماتر-ٿوَ جاڳي اُٿي ٿو ۽ اُن جي نالي بابت گفتگو ڪندي، ڪهاڻي جڙي وڃي ٿي.

خبر ڪانهي توهان ڪهاڻيءَ لاءِ ڪهڙا جزا ضروري ٿا سمجهو! ايڊگر ايلن پو ته ڪهاڻيءَ جي سمجهاڻي تمام سولي نموني ڏني آهي. سندس ويچار موجب صرف هڪ ٽڪنڊو گهرجي. ٽڪنڊي جي ٽنهي ڪنڊن جي ورهاست به ڪري ڇڏي اٿائين - ٻه پرش، هڪ استري، يا هڪ پرش ٻه استريون (ص. 79).

books.sindhsalamat.com

... پر منهنجي راءِ ڪجهه ٻي ئي آهي. ڪهاڻيءَ لاءِ هڪ سڌي ريکا گهرجي. ان جا ٻه پاسا يا ٻه ڪنڊون - هڪ پريمي، هڪ پريمڪا. جيڪڏهن توهان پريمڪا کي وڌيڪ اهميت ڏيڻ چاهيو ته چئي سگهو ٿا، هڪ پريمڪا، هڪ پريمي. (ص.79).

ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي به دلچسپ ۽ فنائتي آهي. بس ڪهاڻي ختم ٿي ويئي. هينئر وري ڪهاڻيءَ جي ٽنون تي ٿو اچان. توهان ڏٺو، ڪهاڻي هڪ سڌي ليڪ آهي، جنهن جي هڪ ڪنڊ پريمي ۽ ٻي پريمڪا بڻجي سگهي ٿي. پر جيڪڏهن توهان ٽڪنڊي جي فارمولا سان سهمت آهيون ته ٽڪنڊي جون ٻه ڪنڊون پريمي ۽ پريمڪا ڪٽي مڇو ۽ ٽئين ڪنڊ غائب ٿي رهڻ ڏيو، جيئن پريمڪا جو ڪڪو.....

'اڪٽر' مجموعي جي آخرين ڪهاڻي آهي. ڪهاڻيءَ جو نائڪ ڍونگي ۽ چاپلوس آهي. ڪهاڻي-نويس انکي اڄ جي اِنسان جي علامت طور پيش ڪيو آهي.

... چا ڪريان يار. ڪالهه بابا (پريزيڊنٽ) جي پوٽي جو برٿ-ڊي هو. پارٽي هئي بمبئيءَ ۾ڪافي دير ٿي ويئي اُٿي. لڳي ٿو ڪافي سپيرير ڪوالٽيءَ جو بئر استعمال ڪري رهيو آهين.

چا ڪجي يار، اڄڪلهه انهيءَ ڪانسواءِ ڪم هلي ڪٿي ٿو سگهي....

ڀلا تنهنجي پروموشن جو چا ٿيو؟

اهوئي ته چڪر چالو آهي، يار. مئنيجر جي پوسٽ خالي آهي نه. اڳئين مئنيجر جي استعفا ڪان ته تون واقف آهين نه. ڏاڍو واٽيزلي پارٽ ادا ڪيو اٿيئي تو اڳئين مئنيجر کي استعفا ڏيارڻ ۾. (ص. 86).

sindhsalamat.com

.. ڏسو، مان توهان جي ڀاونائن کي سمجهان ٿو. مان به انسان آهيان، ليڪن لائيف ۾ اهڙن موقعن تي 'ڊسيشن' وٺڻي پوندي آهي.. توهان جيون کي ڀاونائن جي پتوار سان هلائي سگهندا !... (ص. 91).

... اسان کي 'نيشنل اسپرٽ' ڌارڻ گهرجي. ڏسو، توهان جي پتاجن جي عمر ته ڪافي آهي. اڄ نه ته ٻن چئن سالن .... ليڪن منهنجو ته هڪڙو ئي پٽ آهي، جو دهليءَ ۾ سخت بيمار آهي. ٻه ٽي 'ڪال' اچي چڪا آهن. ليڪن مان پنهنجو درد ڪنهن کي ٻڌايان.... (ص. 91).

هو اهڙي چالاڪي ۽ ڍونگ سان ڪلارڪ مينوانيءَ جي موڪل جي عرضي نامنظور ڪري ٿو. ڪهاڻيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ اهڙن ماڻهن تي پوشيده طنز سمايل آهي، جنهن تمام فنڪارانه اظهار پاتو آهي ۽ ڪهاڻي ڪلاتمڪ بڻجي پيئي آهي.

... ڪيس من ڪائي ٿو-اينرو ڪوڙ، اينري ڪنورتا.... ليڪن هو پاڻ کي جلد ان ڪان آجو ٿو ڪري. لائيف از آ گيم، گيم ۾ طاقت ۽ چالاڪيءَ جي ضرورت ته پوندي ئي آهي. شيڪسپيئر ڪين چيو آهي ته 'دس ورلڊ اِز لائيڪ آ اسٽيج' هن رنگمنچ تي اهوئي ڪامياب ويندو آهي. جيڪو هوشياريءَ سان پنهنجو پارٽ ادا ڪري سگهي، ائڪٽنگ ڪري سگهي. بس، هينئر منهنجو پروموشن تي امپارٽنٽ آهي. مئنيجر جي پوسٽ 'فِل آپ' ٿيڻي آهي. (ص. 92).

پوپٽي هيراننداڻيءَ ڪتاب جي مهاڳ ۾ جڳديش جي ڪهاڻين بابت لکيو آهي، ''ڪهاڻيون پڙهڻ سان جڳديش جي ٻوليءَ ڏانهن پهرين پهرين ڌيان ڇڪجي ٿو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي وسعت محسوس ڪجي ٿي. جڳديش جي ٻولي سرل پر پختي

books.sindhsalamat.com

آهي. هي ڪهاڻيون پڙهڻ سان ہي ڳالهہ جيڪا محسوس ڪجي ٿي سا اِها آهي تہ جڳديش قدرت جي منظرنگاري تمام سهڻي نموني پيش ڪري ٿو. قدرت جا سندر نظارا اِنسان جي من تي اثر ڪن ٿا ۽ انهن جو انساني من جو رد عمل ڪيئن ٿو ٿئي، اها ڳالهہ جڳديش پڙهندڙن کي چڱيءَ طرح محسوس ڪرائي آهي..... نئين ڳالهہ جنهن منهنجو ڌيان ڇڪايو آهي سا آهي جڳديش جي فيلسوفاڻي طبعيت جو اظهار جڳديش جا اهي ويچار پڙهندڙن جي من کي سوچڻ لاءِ ڪاڏو ڏين ٿا... اڻين چوڻ ۾ مان نٿي هٻڪان تہ جڳديش سنڌيون ۾ بلند پايي واريون ڪهاڻيون لکي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ تہ منجهس اهڙيون قوتون موجود آهن.``
(26-11-1993).

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

4

ناٽڪ - نويس

هن جڳت بابت هڪ تصور اهو به آهي ته هيءَ دنيا هڪ رنگ - منچ مثل آهي ۽ منش اِن رنگمنچ تي هڪ ويس ڌاري ٿي اچي ٿو، جيڪو پنهنجي حصي جو پارٽ ادا ڪري پردي پٺيان هليو وڃي ٿو ۽ پٺيان رهجي وڃڻو آهي، سندس ڪيل ڪم! حقيقت ۾ انساني زندگي هڪ مختصر صورت ۾، وشوَ - ناٽڪ ئي آهي. انکي باطني بيروني ڇهڇٽا ۽ پردا آهن، جن کي ناٽڪ - نويس رفيق نظر سان جاچي، اُنهن جو پنهنجي پنهنجي فهم ۽ ادراڪ موجب عڪس پسائڻ جو جتن ڪري ٿو. شروعات کان وٺي عارف، فيلسوف، دانشور ۽ اديب هن ناٽڪ - گهر تي غور ۽ فڪر ڪندا رهيا آهن، پر زندگي هڪ اهڙي معما ۽ ٻجهارت آهي، ڪو سلي ئي نٿو سگهي.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي بنيادي طور هڪ رومانوي اديب آهي، پر هن ادب جي ٻين ٻين صنفن تي ڪافي ڪاراتتا ڪتاب لکي، سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيه جي جهولي ڀري آهي. جڳديش لڇاڻيءَ گهڻن ئي حوالن ۾ پنهنجو نالو ڪڍيو آهي. هو لڳاتار پنجن ڏهاڪن کان الڳ الڳ موضوعن تي لکي رهيو آهي؛ جن مان 'ناٽڪ' به هڪ آهي. جڳديش لڇاڻيءَ گوناگون ناٽڪ تخليق ڪيا آهن. مان ڀانيان ٿي ته جڳديش لڇاڻيءَ جي ناٽڪ سان دل آهي ۽ باقي صنفن سان دماغ. شايد ناٽڪ هن لڳاتار لکيو آهي؛ ان ڪري اهو گمان ٿئي ٿو. ڪيئن به ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي هڪ گهڻ لکيو ليکڪ آهي. هو پنهنجي عمر جو هر پل لکڻ لاءِ وقف ڪري ٿو. اٿين شايد لکڻ هن جو ساهه کڻڻ به آهي.

ٽيلي - اسڪرپٽ لکڻ جي لحاظ کان ته جڳديش لڇاڻي

sindhsalamat.com

سنڌي ادب ۾ هڪ وڏو نانءُ آهي. جڳديش لڇاڻيءَ اسٽيج پلي ته لکيا ئي آهن پر ريڊيو ۽ ٽيليويزن کي خيال ۾ رکي به ناٽڪ تخليق ڪيا آهن. هر هڪ اِنسان ريڊيو به ٿاڻ آهي ته ٽيليويزن به ٿاڻ آهي. هو گفتار ٿو ڪري ته ريڊيو جو روپ ٿيو پوي ۽ وري جڏهن اندر ۾ ماضيءَ جون تصويرون پسي ٿو، تڏهن دور درشن جي صورت اختيار ٿو ڪري. جڳديش لڇاڻيءَ ڊاڪيومينٽريز به لکيون آهن. هن جي اسڪرپٽس تي ڪي ڊاڪيومينٽريز ٺهيون به آهن. جڳديش لڇاڻيءَ جي ناٽڪن جا هيٺيان ڪتاب شايع ٿيل آهن:

1. ريڊيو ناٽڪ: سن 1986ع [1]
2. ناٽڪ ئي ناٽڪ :سن 2018ع [2]

'ريڊيو - ناٽڪ' ۾ جڳديش لڇاڻيءَ جا هڪ کي ڇڏي، سڀ ريڊيو لاءِ لکيل ناٽڪ آهن ۽ اُنهن مان لڳ ڀڳ سڀيئي آڪاشواڻي، بمبئيءَ تان آيل آهن. جڳديش لڇاڻيءَ جا جيترا ناٽڪ آهن، اوتراڻي موضوع به آهن. جڳديش جا ڪي ناٽڪ عشق ۽ محبت جي بنياد تي رچيل آهن، ڪي تاريخي واقعن تي ٻڌل آهن، ڪي ڪلائيندڙ آهن، ڪي روتاريندڙ، ڪن کي پڙهندي دليون بهار ٿيو پون، ڪن جو مطالعو قلب کي موم وانگر رجايو ڇڏي. هڪ طرف مذاق آهي ته ٻئي طرف فراق!

جڳديش لڇاڻيءَ جو پهريون ناٽڪ 'جهانسيءَ جي راڻي' آهي، جو اتهاس سان وابسته آهي. راڻي لڪشمي ٻائيءَ جي سجاعت ۽ دليري جا عالم آشڪار آهي، تنهن کي هن ناٽڪ ۾ نئين سر روشن ڪيو ويو آهي. آزاديءَ جي پروانن کي ناٽڪ-نويس نئين جوت عطا ڪئي آهي. پڙهندي دل ۾ عجيب جذبو ٿو جاڳي. ٻئي

1. جڳديش لڇاڻي: ريڊيو - ناٽڪ. ويڻا پبليڪيشن، اُلهاسنگر- 1. 1986ع.
2. جڳديش لڇاڻي: ناٽڪ ئي ناٽڪ. اُلهاسنگر. سن 2018ع.

books.sindhsalamat.com

طرف گدارن جي بي وفائي ۽ وطن فروشيءَ لاءِ هردي کي بيحد ضرب ئي رسي.

راڻي لڪشمي ٻائي: ديش جا بهادرو ۽ سينا نايڪو، جنهن ڏينهن جو اسان کي ڪيتري وقت کان انتظار هو، اهو ڏينهن اڄ اچي ويو آهي. اڄ توهان کي ثابت ڪرڻو آهي ته توهين ديش جا سچا سپاهي آهيو، ملڪ روپي شمع مٿان جان قربان ڪندڙ سچا پروانا آهيو. (ص. 11-10)

... مگر ڀڳرڪجهه به نه. اسانکي پنهنجو فرض پورو ڪرڻو آهي. هر سٺي ڪم ۾ سنڪٽ ايندا آهن. انهن سنڪٽن جو سهرش مقابلو ڪرڻ ئي ته ويرتا آهي. ڀڳوان ڪرشن گيتا ۾ ڪين چيو آهي ته اسان کي صرف ڪم ڪرڻ جو اڌڪار آهي. ڦل جي اِڇا ڪرڻ جو نه. اسان لاءِ اِها خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو جنتا اسان سان آهي. جنتا ئي سڀ ڪجهه آهي. جنتا امر آهي. (ص. 13)

... اوه ! پستڪاليه !! اسان جو سڄو ساهتيه جلي خاڪ ٿي ويو. جنهن ساهتيه جي اڀياس لاءِ دور دور کان وديارٿي هٿي ايندا هئا. اهو ساهتيه! اوه ، اهي ويد پراڻ، شاستر ۽ اِتهاسڪ گرنٿ. نانا، هي گورن ڇا ڪري ڇڏيو.

اوه : آه!.... ديش دروهي پير علي ۽ دولهاجو جيڪڏهن وشواس گهات نه ڪن ها ته اڄ اسانجي هيءَ حالت نه هجي ها. (ص. 14)

’گوتم جو تياڳ‘ روحاني رنگ جو ناٽڪ آهي. گيان، جوڳ ۽ وئراڳ جا پنڌار، ڀارت ۾ ئي مهيا آهن. جن جي هڪ ئي گوتم ٻڌ جي مثال ، دنيا جي فيلسوفن ۽ گرنٿڪارن کي وقت به وقت پئي موهيو آهي. اِنهيءَ لحاظ کان جڳديش لچاڻيءَ جي هن ريڊيو-ناٽڪ کي اهم معنيٰ آهي.

..... ٻڌ اي راجن! تنهنجو هي ٻالڪ سنسار روپي ورڪش جو هڪ اهو بي نظير گل آهي، جيڪو هزارن ورهين ۾ هڪ دفعو

sindhsalamat.com

ٽڙي، سنسار ۾ پنهنجي گيان جي خوشبو ڦهلائي، ماڻهن جو ڪلياڻ ڪندو آهي. اي راجن! تنهنجو ڪل سدورو آهي. تنهنجو هي ٻالڪ سنسار کي اوديا جي اونده مان ڪڍي، گيان جو پرڪاش ڦهلائيندو ۽ سنسار کي ان مان فيض رسندو. (ص. 19)

.... ضرور هليو ويندو، راجن. 33 سالن جي عمر ۾ ’نرنجنا‘ نديءَ جي ڪناري تي هو ٻڌ بڻبو. خوشنصيب آهين راجن ته تنهنجو پٽ هزارن سالن تائين پريم ۽ شانتيءَ جو دوت بڻجي ماڻهن جو مارگ درشن ڪندو. هن جي ’پنچه - شيل‘ جي شيتل ڇايا ۾ سڄو سنسارسک پائيندو. (ص. 20)

....راجن، تنهنجي تلوار لڙائي جاڳائي سگهي ٿي، ليڪن شانتي استاپت نه ٿي ڪري سگهي. اها موت ڏيئي سگهي ٿي ۽ نه زندگي، ۽ اڄ دنيا کي زندگيءَ جي درڪار آهي ۽ نه موت جي.... راجن، تون لڙائيءَ جا سپنا ڏسي رهيو آهين. ليڪن امرت - پتر جو شانتي - سنديش، سدا سدا لاءِ سنسار کي لڙائيءَ جي ڊپ کان مڪتي ڏياريندو.... اها منهنجي پوشيه واڻي آهي.... اها منهنجي پوشيه واڻي آهي. (ص. 22)

’پيڙا، منهنجي زندگي‘ ريڊيو ناٽڪ جي روپ ۾ هريش ميرچندائيءَ جي هدايتڪاري هيٺ، چاندي ٻائي ڪاليج جي ٻارن دواران آڪاشواڻي، بمبئيءَ تان پيش ٿيل آهي.

هيءَ جڳديش لچاڻيءَ جيمشهور ڪهاڻي آهي، جنهن کي ليکڪ خود ئي ڪهاڻي فارم مان، ريڊيو ناٽڪ ۾ تبديل ڪيو آهي. پرنٽ فارم کان، ريڊيو- فارم ۾ هيءَ پيشڪش وڌيڪ متاثر ڪندڙ آهي. سنڌيءَ جون ڪيترين ڪهاڻيون دور درشن تان به ٽيليڪاسٽ ٿيون آهن. موهن ڪلپنا جي ’پتر جو دشمن‘ ۽ سنڌيءَ جي ’پوري‘ ان لحاظ کان ذڪر لائق ڪهاڻيون آهن. هونئن به پڙهڻ ۽ ٻڌڻ کان ڏسڻ جو عمل وڌيڪ آنند بخشي ٿو.

books.sindhsalamat.com

’ڪرانتيڪاري‘ ۾ انساني سڀاءَ جو هڪ اعليٰ پهلو نمايان آهي. انقلابي منيشچندر، جو ڀارت جي آزاديءَ لاءِ سر تريءَ تي کنيو بيٺو آهي، سو قدرت سان هڪ پوليس ڪمانيءَ جي گهر ۾ اڌ رات جي وقت اچي ٿو پناهه وٺي ۽ ڪمانيءَ جي زال ڪيس سام بخشي، سندس جان ٿي بچائي! هيءُ هڪ اهڙو مثال آهي، جو اڪين ۾ آب آڻيو ڇڏي:

.... ايتري دير؟ توهان ته ڇيو هو ....

..... هن منيش جي ڀڇي ته پوليس جي ننڊ حرام ڪري ڇڏي آهي.

منيش؟ منيش وري هتي ڪٿان آيو؟

... ڇا هنن اِنقلابين جو ڪو هڪ گهر ٿيندو آهي؟ سڄي دنيا ڪي پيءُ جو باغ سمجهي پيا گهمندا ڦرندا آهن...

... خبر ملي ته هن پاسي آيو آهي. سو ڳولها ۾ سڄي رات ڀٽڪندا رهياسين. لڳي ٿو هن منيشچندر کي پوليس ڪڏهن به پڪڙي نه سگهندي....

(سنيتا دروازي ڏانهن نهاري ٿي. سندس اکين جي اڳيان اهو نظارو ڦري ٿو وڃي. جنهن ۾ منيش سندس پيرن کي ڇهي رهيو آهي... رڪڙي چمڪي رهي آهي.)

هيءَ هڪ سهڻي ٽيلي پلي آهي، دوردرشن تي ٽيليڪاسٽ ٿي سگهي ٿي. جڳديش لڇاڻي ناٽڪ-ڪلا جي پوري پوري شناس رکي ٿو؛ ان ڪري هن جا تخليق ڪيل ناٽڪ اسٽيج، ريڊيو ۽ دور درشن جي ڏانءُ جا آهن. بنا ڪنهن ڪٽ - ڪوٽ، ڦير بدل جي اُهي ريڊيو تي به اچي سگهن ٿا ته سولائيءَ سان دور - درشن تان به ٽيليڪاسٽ ڪري سگهجن ٿا.

’سونل‘، ’نصيب‘ ۽ ’سياڻو وزير‘ ٻال ريڊيو - ناٽڪ آهن. سنڌي ساهتيہ ۾ ٻال - ناٽڪن جو اڀاءُ آهي. ان ۾ ريڊيو-ناٽڪ به

sindhsalamat.com

شامل آهن. سنڌيءَ ۾ ٻال- ريڊيو ناٽڪ لکندڙ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا به مشڪل ملندا. ٻال - ناٽڪن جا موضوع ٻارن جي حياتي، ڳالهين ۽ ماحول وغيرهہ سان وابسته هوندا آهن. جڳديش لڇاڻيءَ جا مذڪوره ٻال ريڊيو-ناٽڪ ڪنهن نه ڪنهن ڪارڻ ٻڌندڙن جو ڌيان ڇڪائين ٿا. اهي ناٽڪ آڪاشواڻي، بمبئيءَ جي سنڌي وڀاڳ طرفان الڳ الڳ وقتن تي نشر ٿيل آهن. ’سونل‘، ’نصيب‘ ۽ ’سياڻو وزير‘ حقيقت ۾ جڳديش جون ٻال ڪهاڻيون آهن، جن جو روپ بدلائي، جڳديش ٿي ڪهاڻين کي ريڊيو ناٽڪن ۾ تبديل ڪيو آهي. اهڙي نموني سنڌي ٻال ڪهاڻين کي روپانتر ذريعي، هزارين- لکين ٻڌندڙن تائين پهچائي. ٻال - ناٽڪن جي اٺاڻ کي به مِٽائي سگهجي ٿو. اِهي ٻارن جي دل ريجهائڻ جي مقصد سان لکيل آهن پر اِنهن ۾ پوشيده نصيحت به آهي.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ ’ريڊيو - ناٽڪ‘ ڪتاب ۾ هڪ اهميت ڀريو مهاڳ به لکيو آهي؛ جنهن ۾ هن ريڊيو - ناٽڪ جي سرل ڀاشا ۾ سهڻي وضاحت ڪئي آهي. هاڻي اسان سٺي ۽ رواجي ريڊيو - ناٽڪ جي تفاوت کي سمجهي سگهون ٿا، ريڊيو جي پرک ڪري، ان جو معيار مقرر ڪري سگهون ٿا.

جڳديش لڇاڻي ڪتاب جي مهڙ ۾ ’ليکڪ وٽان‘ ۾ چوي ٿو، ’’روشني ٿي درشيہ ڪلائن جو روح آهي. ليڪن ٻڌڻ لاءِ اهڙي ڪنهن شرط جي ضرورت نٿي پوي. هو، هوا ۾ هلڪي ۾ هلڪي چرپر پيدا ٿيندي ٿي آواز هڪ هنڌان ٻي هنڌ پهچي ويندو آهي، ڇو ته هوا هر هنڌ موجود آهي. ڏينهن هجي چاهي رات، روشني هجي يا اونده، ڪو به وقت اهڙو ڪونهي، جڏهن اسين ٻڌي نه سگهون ۽ ريڊيو - ناٽڪ ڇاڪاڻ جو شِروِيہ - ڪاويہ جي اندر شماريل آهي، تنهن ڪري اُن جو آنند بنا روشنيءَ جي به ماڻي سگهجي ٿو. هن ڪلا جي صحيح استعمال سان ليکڪ ريڊيو-

books.sindhsalamat.com

ناٽڪ جي محدود دائري ۾ پرڀاوَشالي ۽ دلچسپ تجربا ڪري سگهندو آهي، اهڙي طرح جهڙي نموني هڪ قابل چترڪار تمام ٿورن رنگن مان ادبيت پرڀاءُ پيدا ڪري سگهندو آهي.``

هو ريڊيو ناٽڪ بابت وڌيڪ لکي ٿو ”ريڊيو-ناٽڪ پڙندڙ اسٽيج ناٽڪ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ڏکئو (Sensitive) ۽ سڄاڳ هوندو آهي؛ تنهن ڪري ناٽڪن جي ڪردارن کي ڳالهائڻ وقت لفظن جي اُچارن تي خاص ڌيان ڏيڻو پوندو آهي نہ تہ مائڪرو فون هڪ ننڍي ۾ ننڍي غلطيءَ کي بہ وڏو بڻائي ڇڏيندو، هڪ هلڪو Pause سڄي ناٽڪي پرڀاوَ کي وڃائي ڇڏيندو. جيڪڏهن پاتر جو گفتگو ۽ اُچار ٺيڪ ناهن، جي Pauses ۽ Stresses ٺيڪ مناسب جڳهين تي ڏنل ناهن تہ نہ صرف ظاهر ٿيل ويچار سولائيءَ سان سمجھ ۾ نہ ايندا پر عيبدار چٽر بڻجي پوندا. ريڊيو-ناٽڪ جي مول طاقت آوازن ۾ سمايل آهن، تنهن ڪري پاتر کي آواز جي وصفن (Properties) يعني Pitch، انتر (Interval) ليءِ (Rhythem) ۽ رفتار وغيره جو خاص خيال رکڻو پوندو آهي.``

”.... ريڊيو-ناٽڪ ۾ نہ پردن جو جهنجهٽ آهي ۽ نہ درشين جو. درشيہ جي تبديلي فيڊ-آئوٽ ۽ فيڊ-ان سان ٿيندي آهي يعني هڪ قسم جي سنگت سان -جيڪو ناٽڪ کي جدا جدا حصن ۾ ورهائي ٿو يا ڪٿا جي وچ وارين وڇوٽين جي جاءِ ڏئي ٿو. انهيءَ ڪري ريڊيو -ناٽڪ ۾ ڪمري جي ڍنگ، اُٿڻ-ويهڻ جي ڍنگ، پوشاڪ وغيرهہ جي جاءِ ڏيڻ جي ضرورت نٿي پوي، اُتي صرف هوندو آهي ڪٿا يا پلاٽ جو وستار جيڪو ڪردارن جي گفتگوءَ ذريعي پورو ڪيو ويندو آهي.``

منهنجو بہ رايو آهي تہ سنڌيءَ ۾ ريڊيو-ناٽڪ جو وڪاس خاطر خواه نموني نہ ٿيو آهي. اسان جي سنڌي ساهتيہ ۾ ڪيترائي عمدا ناول ۽ ڪهاڻيون موجود آهن. اُهي يا تہ لئبررين

۾ بند آهن يا ڪلاس - روم جي ڪتابن تائين محدود آهن. اُنهن کي ريڊيو ناٽڪ ۽ ٽي.وي.پلي ۾ تبديل ڪري ڀارت جي هزارين پڙهيل خواه اڻ - پڙهيلن تائين پهچائي سگهجي ٿو.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي ناٽڪن جو هيءُ مجموعو آهي، ’ناٽڪ ئي ناٽڪ‘ ان ۾ جڳديش لڇاڻيءَ جا ٻارهن ناٽڪ آهن، جڳديش لڇاڻيءَ پنهنجن ناٽڪن لاءِ لکي ٿو ”ناٽڪ ئي ناٽڪ`` ۾ منهنجا ناٽڪ ئي ناٽڪ آهن، سڀني قسمن جا ناٽڪ. الڳ الڳ ناٽڪي صورتن جي تخليق ڪرڻ وقت، مون اُنهن جي گهاڙيٽي-اسٽرڪچر جو بہ پورو پورو ڌيان رکيو آهي. ناٽڪن جي موضوعن ۾ توهان کي يڪسانيت نہ ملندي. ان ۾ توهان کي ناٽڪ، ريڊيو ناٽڪ، ٽي.وي. پلي، ڊاڪيومينٽري يعني ناٽڪ جا سڀ قسم ملندا. جيڪي سماجي، مذاقي، تواريخي ۽ رومانوي عناصرن کي ساڻ ڪري هلن ٿا. مون هتي ٻال - ناٽڪ کي بہ ڪين وساريو آهي، جنهن جي سنڌي اَدب ۾ اَڻاٺ آهي.[3]

هي سڀ ناٽڪ پرنٽ ميڊيا / لکت ۾ آهن؛ ان ڪري پڙهي اُنهن کي ماڻي سگهجي ٿو ۽ جي اِهي اسٽيج، ريڊيو ۽ دور درشن تي ڏسبا تہ لطف ٻيڻو ٿي ويندو.

رڪيل مورائي ڪراچيءَ مان نڪرندڙ ’عوامي آواز‘ ۾ لکيو آهي ”ناٽڪن پڙهڻ کان پوءِ اهو اندازو لڳائڻ ڏکيو نہ آهي تہ ڊاڪٽر لڇاڻيءَ جو ناٽڪ تي ڪيترو ضابطو آهي. ٻيءَ طرح ڊاڪٽر صاحب جنهن بہ صنف تي لکيو آهي ان سان انصاف ممڪن حد تائين ڪيو آهي، پلي اُنهن صنفن ۾ ادب جا موضوع بہ الڳ الڳ آهن، جيئن هنن ناٽڪن جا موضوع الڳ الڳ آهن.

3. جڳديش لڇاڻي: ناٽڪ ئي ناٽڪ، اُلهاسنگر. سن 2018ع.
پيش لفظ تان

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪنهن به طرح اسان جي سنڌي ادب جي پؤڻي پوندڙ هن صنف تي لکڻ لاءِ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي مبارڪون لهڻي.``

جڳديش لڇاڻيءَ جي ’ناٽڪ ئي ناٽڪ‘ ۾ ڇهريون ٽي اسڪرپٽس آهن - اُڏيرو سنڌ ۾ ٿيو اوتار، اکر پڙهه الف جو ۽ ڏيهي پرڏيهي ٿيا. ان لاءِ ٽيڪنيڪل لفظ آهي اسڪرين پلي. اسڪرين پلي ۾ ڪهاڻي پردي تي ڪيترن حصن ۾ ڪٽي جوڙي ڏيکاريندي ويندي آهي. اسڪرپٽ جا مکيه ٽي انگ ٿين: ڪهاڻي، اسڪرين پلي ۽ ڊائلاگ. ڪهاڻي ۽ ڊائلاگ ته موجوده ادبي صنفن ۾ به ٿين، پر اسڪرپٽ ۾ ڪئميرا جي ائنگلس جو اضافو ڪري، اسڪرپٽ کي مڪمل روپ ۾ پردي تي پيش ڪرڻ لائق بڻايو وڃي ٿو.

’اُڏيرو لال‘، ’اکر پڙهه اَلف جو‘ ۽’شيخ اياز‘ جي حياتيءَ کي ڪٽي لکيل، جڳديش لڇاڻيءَ جون سٺيون اسڪرپٽس آهن. جڳديش يش لڇاڻيءَ نئين صنف سخن جو بنياد وڌو آهي. جڳديش لڇاڻيءَ جي لکيل ڇهرين اسڪرپٽ ’ڪرانتيڪاري‘جيڪا ڀارت جي سوتنترتا سنگرام متعلق آهي، اسان پڙهي چڪا آهيون. (1986). ’’ناٽڪ ئي ناٽڪ`` ڪتاب ۾ شامل اسڪرپٽس تي نظرثاني ڪرڻ سان پروڙجي ٿو ته جڳديش کي اسڪرپٽس جي اصولن جي پوري پوري پروڙ آهي. هن جي لکڻ جي ڍنگ مان هڪ مخصوص فن جون خصوصيتون چٽيءَ طرح نمايان ٿي بيهن ٿيون. پڙهندي پڙهندي ائين محسوس ڪجي ٿو ته جڻ سڀ ڪجهه اکين اڳيان ڦرندو ڏسي ڀڏي رهيا آهيون. ڀيو هنن ٽنهي اسڪرپٽس جو بنياد کوجنا آهي. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ نه معلوم اسڪرپٽس لاءِ ڪٿان ڪٿان ذخيرو هٿ ڪيو ٿو ڏسجي. اسڪرپٽس جا موضوع هروڀرو نوان ناهن، پر انداز بيان نئون آهي. پراڻي ٻاٽل ۾ گويا نئون سوم رس ڀريو ويو آهي. اسڪرپٽس

sindhsalamat.com

اهڙيون تيز وهڪري واريون آهن، جو هڪ دفعو هٿ ۾ کڻڻ کانپوءِ اصل دل ئي نٿي چوي ته ڪتاب رکي ٻيو ڪو ڪم ڪجي! اسڪرپٽس اهڙي ته جاندار نموني تخليق ڪيل آهن، جو اُهي دل ۽ دماغ تي ڇانئجي ٿيون وڃن ۽ اُنهن جو عمل ذهني پردي تي، سنيما جي پردي جيان ٿيندو رهي ٿو.

ڪتاب جي ڇهرين اسڪرپٽ ’اُڏيرولال سنڌ ۾ ٿيو اوتار‘ آهي، جنهن ۾ اُڏيرولال هندن کي نه صرف مرک بادشاهه جي ظلمن کان بچائي ٿو، پر مرک کي به سنئين دڳ لائي ٿو.

.... جڏهن سڀ دروازا بند ٿي ٿا وڃن ۽ چؤطرف انڌيرو ڇانئجي ٿو وڃي، تڏهن به پرم - پتا پرميشور جو دروازو کليل ٿو رهي. سڀني دروازن تي هارائيندڙ... (آسمان ڏي آڱر کڻي ٿو) هن جي دروازي تي جيتي ٿو. جنهن هرڻاڪشيپ کي ماري پرهلاد جي رکشا ڪئي، ڪنس کي ماري ديوڪي ۽ واسديو جا بند خلاص ڪيا، راوڻ جو انت آڻي وڀيشڻ کي لنڪيش بڻايو، اسان کي به اُن آناديءَ اننت شڪتيءَ تي ڀروسو رکي جيون جي نئيا ان جي حوالي ڪري ڇڏڻي پوندي.....اسان نه ڌرم ڇڏينداسين ۽ نه ديش ئي تياڳينداسين. اسان پنهنجي اشٽ ديوتا جل - پتي ورڻ - ديو جي شرڻ ۾ ويندا سين. ورڻ يعني جل ... جل يعني جيون .... جل يعني شڪتي. شري ڪرشڻ ڀڳوان گيتا ۾ چيو آهي: چوويهن ديوتائن ۾ سروسريشٽ، ندين جو راجا، ورڻ - ديوتا مان آهيان. (ص.47).

مرک جو نه صرف هرديه - پريورتن ٿو ٿئي پر هو پنهنجي فرمان کي به واپس ٿو وٺي.

..... انسانيت کان وڌو ڌرم يا مذهب ڪوئي ٿي نه ٿو سگهي. انسان کي انسان سان نفرت سيکاريندڙ ڌرم، ڌرم ناهي، مذهب، مذهب ناهي. ڌرم ۽ مذهب ته امرت جو پيالو آهي. ديا،

books.sindhsalamat.com

ڪميا، پريم ۽ شانتيءَ جو چشمو آهي. جيڪو اُن کي ڪاسائيءَ جي تلوار ۾ تبديل ڪريتو، اهو شيطان جو پوئلڳ ٿي سگهي ٿو پر ايشور ۽ الله جو بندو هرگز هرگز نه ٿو ٿي سگهي.

.... ساٿين، توهان ته منهنجيون اکيون کولي ڇڏيون. هيلتائين مان اوندهه ۾ ٿاڦوڙا هڻندو رهيو آهيان. بي - عقل انسان جيان پاپ کي پڇ ۽ گناهه کي ثواب سمجهي اُلٽا ڪم ڪندو رهيو آهيان.. (ص. 67-66).

ڪتاب جي ٻي اسڪرپٽ سنڌيءَ جي اعليٰ شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي حياتي ۽ شاعريءَ تي مٿاڇري نظر آهي. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي چوي ٿو، ”شاهه لطيف هڪ عالمي پايي جو شاعر آهي. اسين سنڌي اديب شروع کان شاهه جي ڪلام جا قائل آهيون. شاهه جو ڪلام زمان، مڪان جي پابندين کان پري آهي؛ وقت جي واءُ ٽاءُ کان آجو آهي. ڇو ته هر صورتحال لاءِ شاه جي ڪلام ۾ ڪونه ڪو پيغام آهي ئي آهي. هر سنڌي ليکڪ شاه سائينءَ جي فن ۽ فڪر کي پکيڙڻ لاءِ پنهنجو پنهنجو ڪردار نڀاهيو آهي.“ (4)

جڳديش لڇاڻيءَ به ’آکر پڙهه الف جو...‘ اسڪرپٽ لکي شاهه طرف پنهنجي عقيدتمنديءَ جو اظهار ڪيو آهي.

’ڏيهي پرڏيهي ٿيا‘ شيخ اياز جي حياتيءَ جي هڪ سچي واردات تي ٻڌل، دل ڏاريندڙ اسڪرپٽ آهي:

ڏيهي پرڏيهي ٿيا، پرڏيهي ڏيهي
اڱڻ آيا اوپرا، نڪري ويا نيهي
پراوا پيهي، والاري ويا سنڌڙي

4. ڊاڪٽرجڳديش لڇاڻي: ٿون ڏاتار، آءُ ڏُڪ. ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ. سن 2019ع. ص.7.

sindhsalamat.com

اياز جي ڏاڏي جو پاٽ: (اياز جي ڏاڏي کي) مان ڪوهه تي موٽي ٿو وڃان.

اياز جو ڏاڏو: ڇو، اڃا هاڻي ته آيو آهين؟

ڏاڏي جو پاٽ: هيءَ ڪٺلي منهنجي ڪپڙن تي انهيءَ ڪوهه وٽان چڙهي آهي. اُن جو گهر اُتي ڪوهه جي پرسان آهي. مان ان کي پنهنجي گهر ڇڏڻ ٿو وڃان.

(اياز جو ڏاڏو، مرڪندڙ اکين سان پاٽ ڏانهن نهاري ٿو.)

ڏاڏي جو پاٽ: ڪنهن کي پنهنجي گهر مان بي گهر ڪرڻ جهڙو عظيم گناهه دنيا ۾ ٻيو ڪوبه ڪونهي.

(اياز جو ڪلوز اپ)

اياز : زرينا، اسان جي پيڙهيءَ اِهو وڏو گناهه ڪيو آهي.

(زرينا ۽ اياز هڪ ٻئي ڏانهن نهارين ٿا. ٻئي خاموش.)

اسڪرپٽ جي پڇاڙي دل ڀڃائيندڙ آهي.

’آديسي اُٿي ويا‘رام پنجواڻيءَ جي حياتيءَ تي مختصر ڊاڪيومينٽري آهي. جڳديش لڇاڻيءَ سوترڌار کان چوايو آهي ته پارٽ جي ورهاڱي کان پوءِ جڏهن سنڌين الڳ الڳ ڪئمپن ۾ دربدر ٿيندي، انيڪ ڪشٽ ڪشالا سٺا، تڏهن رام پنجواڻيءَ ان نراشا ۽ نا اُميديءَ جي صورتحال ۾، پنهنجو دائمي ساٿي مٽڪو ساڻ ڪري، شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ رڙن ڪري پنهنجي مٺڙ ڪنٺ ۽ فصيح زبان سان ڪلامن جي پلٽ-پلٽان ڪري سنڌين ۾ اُتساهه اُميد جو ترورو جاڳائي، سنڌيت جي جوت جڳمڳائيندو رهيو. دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي سنڌيت جو پيغام پهچائيندو رهيو. جڳديش لڇاڻيءَ جي هيءَ هڪ عمدي ۽ ٽيڪنيڪلي پرفيڪٽ ڊاڪيومينٽري آهي. ارجن حاسد ان لاءِ لکي ٿو، ”سپونءَ جي هن انڪ ۾ رام پنجواڻيءَ جي زندگي متعلق

books.sindhsalamat.com

ڊاڪيومينٽري جڳديش لکاڻيءَ جي ڊاڪيومينٽري سٺي پيشڪش لڳي.''[5]

’لڳي ويئي آگ‘ريڊيو - ناٽڪ ۾ تکي طنز سمايل آهي. هڪ بادشاهه وٽ انڌو قانون هو ته هر ڪا ڳالهه ڳائي ٻڌائي وڃي. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو جو بادشاهه جو سڄو طبيلو ئي باهه لڳڻ سان خاڪ ٿي ويو. جيستائين سُرَ ۾ اها ڳالهه بادشاهه تائين پهچڇي ٿي پهچي، تيستائين طبيلي جو نالو نشان به نه رهيو. بادشاهه هاڻي پنهنجي پڻ محسوس ڪئي ۽ انڌو قانون واپس ورتو:

بادشاهه: (تيز آواز ۾) ته اڄ کان پوءِ ڪڏهن ڇڏيو اِنهيءَ حڪم
کي. سماچار ڳائي ٻڌائڻ جي ڪائي ضرورت ڪانهي.
سڌي ڳالهه سڌي نموني چوڻي آهي. اِهو منهنجو حڪم
آهي.(ص. 182).

سڄو ناٽڪ بيحد ئي دلچسپ آهي. دلچسپيءَ جو عناصر ٻڌندڙن کي پڇاڙيءَ تائين پنهنجي گرفت ۾ سوگهو رکي ٿو.

’هيءُ رشتا ناتا‘راجستان ساهتيه اڪاديميءَ طرفان ناٽڪ چٽاڀيٽيءَ ۾ انعام حاصل ڪيل رنگمنچي ناٽڪ آهي. جڳديش لکاڻي لکي ٿو، ’’رنگمنچي ناٽڪ ۾ اڀينيه تتون (Elements of acting) جو ليکڪ کي ڌيان رکڻو پوندو آهي. ناٽڪ جي رچنا ڪرڻ وقت ليکڪ گهٽنائن کي اهڙي نموني پيش ڪندو آهي يا ڪردارن جو ڍانچو اهڙي نموني ٺاهيندو آهي. جيئن رنگمنچ (stage) جون ضرورتون پوريون ٿي سگهن. ناٽڪ-نويس جون حدون انهيءَ ڪري محدود هونديون آهن. مطلب ته ناٽڪ جي رچنا ڪرڻ وقت رنگمنچ جي بناوت وغيره جو پورو پورو ڌيان رکڻو پوندو آهي. ريڊيو - ناٽڪ ۾ اسڪرين پلي سان اها ڳالهه لاڳو ڪانهي.'' [6]

ان ڪري ئي ته چوندا آهن ناٽڪ جي رچنا ۾ اُن جو وڪاس ٻاهرين چيزن (External Factors) تي مدار رکي ٿو. مشهور ناٽڪ نويس J.B.Priestley انهيءَ ڪري چيو آهي،’’اهو ناٽڪ ، جنهن کي ڪڏهن به ٿئيٽر، پاتر ۽ درشڪ نصيب نه ٿيا آهن، صحيح معنيٰ ۾ ناٽڪ ئي ڪونهي. ناٽڪ نويس اهو ليکڪ آهي جو ٿئيٽر ۾ ٿيئٽر لاءِ ڪم ڪري ٿو. [7]

اڄ خون جا رشتا به سوارٿ جي اگنيءَ ۾ سواها ٿيندا پيا وڃن. جگديش لکاڻيءَ ناٽڪ ۾ انهن ٽٽندڙ رشتن کي موضوع بڻايو آهي. هيءُ هڪ ڪامياب اسٽيج پلي آهي ۽ ڪيترائي دفعا رنگمنچ تي پيش ٿي، درشڪن جي واهه واهي حاصل ڪري چڪو آهي.

ادب جي ڀرپور شناس سبب، جڳديش لکاڻيءَ جا ناٽڪ تڪنيڪي لحاظ کان به اهميت رکن ٿا. هن اڪيون پوري ناٽڪ ڪين لکيا آهن. پر هو زندگيءَ کي گهرائيءَ سان ماپي هلي ٿو ۽ هو پنهنجن ناٽڪن جا ڪردار به پنهنجي آس پاس جي صورتحال مان چونڊي ٿو. هن جا ناٽڪي ڪردار، سماج جا جيئرا جاڳندا باشندا آهن.

---

5. ارجن حاسد : سپون : آڪٽوبر- نومبر-ڊسمبر .سن 2017ع. ص.3

6. جڳديش لکاڻي: شخص ۽ ڪالاڪار. ويڻا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن 1996ع. ص.75

7. A play that has never found theatre, acrtos, audiences is not really a play at all. A dramatist is a writer , who works in and for the theatre

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

5

ٻال - ساهتيہ

جڳديش لڇاڻي ٻال - ساهتيہ لاءِ چوي ٿو، ”ٻال-ساهتيہ جي پنهنجي اهميت آهي. جيڪڏهن ٻار آئينده جا ابا آهن تہ ڇا هنن جون جسماني، ذهني ۽ روحاني خوتون وڌائڻ بزرگن جو فرض ناهي؟ ٻار جي دل هڪ ڪوري سليٽ مثل آهي. ان تي جهڙا چٽر چٽجندا ويندا، اهڙائي سياءَ ۽ وهنوار جا روپ گهڙجندا ويندا. پنهنجي ديش ۽ قوم جو ڀوشيہ روشن ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ نئين پيڙهيءَ ۾ اهڙا سنسڪار وڌا وڃن، جو هو اڳتي هلي اُهي ديش جا سٺا ناگرڪ بڻجن.

set the child right and the world will come out right.[1] ڪچڙي عمر ۾ سٺن ڪتابن جو اثر دائمي ٿيو پوي. ٻارن جي وڪاس لاءِ جيئن گهر ۽ اسڪول اهم رول ادا ڪن ٿا، تيئن ٻارن ڪي ناهڻ لاءِ ٻال - ساهتيہ بہ هڪ اهميت ڀريو پارٽ ادا ڪري ٿو.“[2]

سنڌي ڀاشا ۾ ٻال - ساهتيہ جي ڪوت آهي، خاص ڪري سٺي ٻال ساهتيہ جي. سٺي ٻال-ساهتيہ سان اسان جو مطلب آهي تہ اهڙو ادب، جيڪو ٻارن جي ڄمار، فهم، تصور، سمجهہ ۽ اُنهن جي دلچسپيءَ مطابق لکيل هجي.

ازانسواءِ جيڪو ادب ٻارن ۾ اُتساه ۽ اُمنگ پيدا ڪري، ٻين کي مدد ڪرڻ جو احساس اُڀاري، اُميد ۽ حوصلي کي وڌائي، نيڪي ۽ سچائيءَ جي ماڳ تي وٺي هلي. ٻال - ساهتيہ ۾ ٻوليءَ جي سادگي ۽ ان سان گڏ عام فهمي هجي، جيئن معصومن جي دل بہ ريجهجي ۽ سندس اچرج جي سرمائي ۾ بہ اضافو اچي.

1. دادا جشن واسواڻيءَ جي وياکيان مان ڪنيل لفظ.
2. جڳديش لڇاڻي: ٻال - ساهتيہ. ص.52

sindhsalamat.com

جڳديش لڇاڻي اڪثر چوندو آهي تہ ٻال - ساهتيہ ٻنيان ٻارن لاءِ پريم مکيہ ڳالهہ آهي. ان لاءِ ماءُ جهڙي ممتاميہ دل کپي. هيري شيوڪاڻي، جڳديش لاءِ لکيو آهي، ”اڄ جڳديش لڇاڻي نہ صرف آزمودگار ۽ جهونو اڌياپڪ آهي، پر ڏاڏو بہ آهي هن کي عملي ۽ علم سان آڪاڻيون ٻڌائڻ جو اهڙو ڏانءُ اچي ويو آهي، جيڪو ٻال-ساهتيہ رچڻ سان هو ٻين انيڪ سنڌي ٻارن ۽ نو نهالن سان ونڊڻ لاءِ ڀرپور نموني اڳيان آيو آهي. ان ڪري هن جي ٻال-ڪهاڻين ۾ اهي سڀ خوبيون گهٽي حد تائين موجود آهن، جيڪي منهنجي ويچار ۾ اڄ جي ٻال - ساهتيہ ۾ هئڻ گهرجن.“[3]

جڳديش لڇاڻيءَ جي پهرين ٻال ڪهاڻي سن 1962ع ۾ ’ڪونج‘ جي سنڌي لوڪ ڪهاڻي پرچي ۾ شايع ٿي هئي، اها سندس لوڪ ڪهاڻي هئي. بقول جڳديش لڇاڻي، ”مان ٻال ادب ۾ لوڪ - ڪهاڻين کي هڪ اهم درجو ڏيندو آهيان. منهنجو اهو شخصي ويچار آهي تہ لوڪ - ساهتيہ جي املهہ خزاني جو ٻال - ساهتيہ ۾ سٺو استعمال ڪري سگهجي ٿو. لوڪ - ڪهاڻيون، لوڪ - چوڻيون ۽ لوڪ - پروليون وغيرهہ ٻارن لاءِ وندر ۽ نصيحت ميسر ڪن ٿيون. لوڪ ساهتيہ ۾ ڪيترا اهڙا عناصر آهن، جن جي صحيح استعمال سان ٻارن ۾ نہ صرف ويرتا، نڊرتا ۽ نئون اُتساهہ پيدا ڪري سگهجي ٿو، پر اُنهن ۾ حياتيءَ ڏانهن نئون نظريو بہ پيدا ڪري سگهجي ٿو.“[4]

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جا ٻارن لاءِ سنڌي، هندي ۽ انگريزيءَ ۾ ڪافي ڪتاب شايع ٿيل آهن؛ جن ۾ ٻارن کي

3. لال هيري جي ڳولها جي مهاڳ تان.
4. جڳديش لڇاڻي: مان ٻال - ڪهاڻيون ڪيئن لکندو آهيان؟ هڪ ريڊيو-وارتا تان ورتل.

books.sindhsalamat.com

وندرائيندڙ ۽ نصيحت-آميز ڪهاڻيون شامل آهن. اِهي ڪهاڻيون اسان کي دادوءَ پرنٽ ميڊيا ۾ اچڻ کان اڳ ٻڌايون آهن. اسان سيني ٻارن دادوءَ جي ڪهاڻين کي ماڻيو آهي.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جو ٻارن لاءِ لکيل پهريون ڪتاب ’جهرڪيءَ لڌو ٽڪو‘ (5) آهي، جيڪو سن 1979ع ۾ انٽرراشٽريہ ٻال - ورش جي موقعي تي شايع ٿيل آهي. ڪتاب جي فهرست تي نظر وراڻڻ سان لڳي ٿو تہ ’جهرڪيءَ لڌو ٽڪو‘ ۾ شامل سڀ لوڪ ڪهاڻيون ئي آهن. سڀ ڪهاڻيون مزيدار ۽ نصيحت آميز آهن. جڳديش لڇاڻيءَ ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکيو آهي، ”ٻال - ڪٿا ليکڪ وهنوارڪ گيان جي ڳوڙهين ڳالهين کي وڻندڙ ڪٿائن ذريعي پيش ڪري ٿو. سکيا ڏيڻ جو اِهو هڪ اُتم ذريعو آهي. اسان جي قديم ساهتيہ ۾ انهيءَ طريقي جو استعمال تمام ڪاميابيءَ سان ٿيل آهي. مهاتما گانڌيءَ پنهنجي آتم - ڪٿا ۾ لکيو آهي - سکيا ڏيندڙ جو مکيہ ڳڻ اهو آهي تہ هو پنهنجي ڳالهہ کي روچڪ ٻڻائي ٻين اڳيان پيش ڪري. انهيءَ عمل ۾ ڪٿائون يا آکاڻيون وڏي مدد ڪن ٿيون“ (6)

چوندا آهن تہ آمريڪا جي راشٽرپتي ابراهيم لنڪن کي دوستن سان ڳالهيون ٻوليون ڪندي اڪثر ننڍا ننڍا ٽوٽڪا ۽ آکاڻيون چوڻ جي عادت هوندي هئي. هڪ دفعي ڪنهن ڪانئس ان جو سبب پڇيو. ابراهيم لنڪن کيس جواب ڏنو، ”ائين ڪرڻ سان هڪ تہ مان اجائي واد ووادڪان بچي ٿو پوان ۽ ٻيو مونکي پنهنجي ڳالهہ سمجهائڻ لاءِ ڪنور لفظن جو استعمال نٿو ڪرڻو پوي، ماڻهو منهنجي سمجهائڻ بنا ئي پنهنجيون غلطيون

5. جڳديش لڇاڻي: جهرڪيءَ لڌو ٽڪو، گلستان (ٻارن جو ماهوار رسالو) احمدآباد. 1979ع.
6. جڳديش لڇاڻي: جهرڪيءَ لڌو ٽڪو، ص. 7

سمجهي ٿا وڃن.“

جڳديش لڇاڻي پنهنجين ڪهاڻين بابت چوي ٿو، ”هي ننڍڙو ڪتاب مون ٻارن لاءِ لکيو آهي. هن ۾ ڪي سنڌي لوڪ - ڪٿائون آهن. ڪي پري ڪٿائون آهن ۽ وري ڪن پراچين لوڪ - ڪٿائن کي مون نئين سر پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مون پنهنجي پاران ڪهاڻين کي بيحد سرل، سرس ۽ دلچسپ ٻڻائڻ جي پوري ڪوشش ڪئي آهي.“ (7)

پروفيسر جهانگياڻيءَ ’جهرڪيءَ لڌو ٽڪو‘ ڪتاب لاءِ انڊين لٽريچر ۾ لکيو هو.

“The cover page of jhirki -a- Ladho Tako(The Sparrow found two pice) byJagdish Lachhani is sure to lure any child to peep into this book which contains eight stories from Sindhi folk tales, Fairy tales and some old stories retold in author's own style. Each story is well illustrated with relavant pictures.”(8)

’ٽي لوليون‘ هن مجموعي جي پهرين ڪهاڻي آهي. سست مڙس، زال جي زور ڀرڻ تي، زال کان ٽي لوليون پچارائي ڪمائڻ لاءِ نڪري ٿو. رستي ۾ هن کي بک ٿي لڳي. سامهون کوهہ ڏسي، ان جي ڀني تي اچي ويهي ٿو. هڙ کولي ٽي لوليون ڪڍي ٿو. کوهہ ۾ نهاريندي پاڻ سان ڳالهائي ٿو: ”ننڍي کان، وڏي کان، وچولي کان.“ کوهہ ۾ رهنديون هيون ٽي پريون، اُنهن سمجهيو تہ هي اسان کي کائڻ ٿو چاهي. پاڻ بچائڻ لاءِ هو ان شخص کي جادوئي ٿالهہ، جادوئي ٻڪري ۽ آخر ۾ ڏنڊو ٿيون ڏين. ان ڏنڊي جي مدد سان هو بي ايمان پڊيءَ کان، جنهن سندس جادوئي ٿالهہ ۽ ٻڪري چورائي هئي. واپس حاصل ڪري ٿو. ڪهاڻي بيحد ئي دلچسپ آهي.

7. جڳديش لڇاڻي: جهرڪيءَ لڌو ٽڪو، ص. 7
8. Prof .S.M.Jhangiani : IndianLitrature (Sahitya Akademi) 1980

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

"ڪڪڙ ۽ ڪينئون" مغروري ۽ اڪڙ ڪان پاڻ بچائڻ جي صلاح ٿي ڏئي.

"هڪڙو هو ڏاهري" وندرائيندڙ لوڪ ڪهاڻي آهي.

"چالاڪ ڇوڪر" ۾ هڪ ڇوڪر چترائي سان ڏائڻ ڪان پاڻ بچائي، ڪيئن چڱي ڇوڪي سکيت تو ڏئي.

"ننيچو" ۾ ٻليءَ جي هڪ اٻهنگ پونگڙي کي سيکاريو ويو آهي ته ماءُ جو چيو نه مڃڻ ڪري، ٻچن کي تڪليف ڏسڻي پوي ٿي.

هن مجموعي جون ٻيون ڪهاڻيون آهن: جهڳڙو، چورمو ۽ مناڻي ۽ جهرڪيءَ لڏو ٽڪو. ٽيئي ڪهاڻيون دلچسپ ۽ ٻارن جي ڏانءَ جون آهن.

جڳديش لڇاڻيءَ ٻال - ڪهاڻين جو ٻيو مجموعو "ڪني آندي ڪنوار" آهي.[9]

هن مجموعي ۾ به جڳديش لڇاڻيءَ جون باتصوير لوڪ - ڪهاڻيون شامل آهن. هن مجموعي جون به ڪهاڻيون "سونل" ۽ "ڪني آندي ڪنوار" پرنٽ فارم مان اڳ "ريڊيو-ناٽڪ" ۾ تبديل ٿي، آڪاشواڻي، ممبئيءَ تان نشر ٿي هزارين ٻارن تائين پهچي چڪيون آهن. هي هڪ دفعو نه پر گهڻا ئي دفعا رِپيٽ ٿيون آهن.

سونل سونن وارن واري هڪ ڇوڪري آهي. هڪ دفعي ماءُ کي ٻڌائڻ بنا رات جي وقت ساهيڙين سان راند ڪرڻ هلي وڃي ٿي. رات جو گهر واپس موٽڻ وقت، سونل کي چور پڪڙائي ٿا وڃن. سونل جي وڏي ڀيڻ چالاڪيءَ سان ڪيئن چورن جي چنبي مان آزاد ٿي ڪري . هيءَ هڪ دلچسپ ڪهاڻي آهي، جنهن

9. جڳديش لڇاڻي : ڪني آندي ڪنوار. ويٽا پبليڪيشن، الهاسنگر. سن 1983ع

sindhsalamat.com

مان نصيحت ٿي ملي ته ٻارن کي ماءُ پيءُ جي اجازت بنا، گهر ڪان ٻاهر نه نڪرڻ کپي، خاص ڪري ننڍين ڇوڪرين کي رات جي وقت! "ڪني آندي ڪنوار" ۾ ڏيکاريل آهي ته هڪ راجا اولاد نه هئڻ ڪري ڏاڍو دکي هو. هڪ يوگيءَ جي ڪرپا سان ڪيئن ستن راڻين مان ڇهن کي راجڪمار ۽ ستينءَ کي ڪنو ڄائو. راجڪمارن وانگر هو به پليو ۽ هڪ ڏينهن ڳهٽن سوڌي ڪنوار وٺي آيو. حسد وچان ڇهن راڻين ڪيئن زمين تي ڦٽو ڪيو ته ڪُنو، هڪ سهڻو راجڪمار ٿي پيو.

جڳديش لڇاڻيءَ کي مزيدار نموني ڪهاڻيون پيش ڪرڻ جو ڏانءُ آهي ۽ سندس ٻولي سرل، سپڪ ۽ محاوريدار آهي. ان ڪان پوءِ سندس شايع ٿيا. "ٻال - ڪهاڻيون" (1985)، "سنڌي لوڪ - ڪهاڻيون" (1986) "هڪڙو هو ڏاهري" (1989)."ٻال ڪهاڻيون" ۾ شامل "جهڳڙي جو ننيچو"، "سياڻو وزير" ۽ "آزادي" ٻارن لاءِ بيحد وندرائيندڙ ۽ نصيحت- آميز ڪهاڻيون آهن. "سياڻو وزير جو ريڊيو-روپانتر آڪاشواڻيءَ تان آيل آهي. سنڌي لوڪ - ڪهاڻين ۾ ليکڪ جون اڳ هِتي - هُتي شايع ٿيل لوڪ - ڪهاڻيون آهن. "هڪڙو هو ڏاهريءَ" جون "نانگ ڇو کِليو"، "شرارتي پونگڙو" "چورمو ۽ مناڻي" پرسڌ ڪهاڻيون آهن. هوندراج بلواڻي جڳديش جي لڇاڻيءَ جي گڏ ڪيل لوڪ - ڪهاڻين بابت لکيو آهي، "سنڌيءَ ۾ تمام گهڻيون لوڪ - ڪٿائون موجود آهن؛ انهن کي گڏ ڪري ڇاپي هيٺ آڻڻ جون جيتريون ڪوششون ٿيڻ گهرجن، اوتريون نه ٿيون آهن. انهن لوڪ ڪٿائن جي ڀنڊار ۾ ڪيتريون ڪهاڻيون ٻارن جي ڏانوَ جون به آهن. ان طرف ليکڪن جو گهٽ ڌيان ويو آهي. جن ٿورڙن ليکڪن جو ٻال - ڪٿائن ڏانهن ڌيان ويو آهي؛ تن ۾ جڳديش لڇاڻيءَ جو نالو قابل ذڪر آهي. هن ٻال - ڪٿائن کي ڪٺو ڪري، انهن ۾ پنهنجي طرفان به وقت ۽

books.sindhsalamat.com

واتاورڻ کي ڌيان ۾ رکي، جوڳيون تبديليون آنديون آهن، ان ڪري اُهي تمام جهونيون هونديون به جهونيون نٿيون لڳن. ٻارن کي اُنهن مان وندر ملي ٿي. ان طرح ڏسبو ته شري ڄڳديش لڇاڻيءَ هڪ طرف لوڪ ادب جي ۽ ٻي طرف ٻال ساهتيه جي شيوا ڪري رهيو آهي. هڪ ئي وقت ٻنهي کيترن ۾ ڏنل هن جو يوڳدان ساراه جوڳو آهي.“[10]

ڊاڪٽر ڄڳديش لڇاڻي لوڪ ڪهاڻين لاءِ چوي ٿو:

“A folk tale can never grow old or lose its charm. Why it is called a folk tale ? Because it belongs to all the people and transcend the barrier of space and time . For a long time, these folk tales were not Written down ,but they were told to people young or old, who crowded round the story tellers or these Fasinating stories were originally told orally and many of us heard them at our grandmother's knees .It is important for children of today to be familiar with folk tales, not onlybecause they are because they are a part of four rich heritage ,but also they can find much to identity within them.Human nature remains the same basically throughout the ages.Folk tales are perhaps medium to convey the spirit of life, and art of living, because they distilled essence of four folk wisdom.”[11]

ڄڳديش لڇاڻيءَ ان بعد ”گيان گنگا“[12] ۾ هڪ نئون پريوگ ڪيو آهي. هن پراڻڪ ساهتيه جي درشٽانتن، ويچارن کي سرل ٻڌائي، ڪٿائن جي روپ ۾ ٻارن اڳيان پيش ڪيو آهي. هن ڪتاب ون ٻال ڪٿائون قديم پراڻڪ ساهتيه مان ڪنيل آهن. ڄڳديش لڇاڻي، ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکي ٿو، ”ڀارت جي پراچين پراڻڪ ساهتيه ڀانت ڀانت جي اڪٿ ڪٿائن سان ڀرپور آهي. اسان جي رشين - منين، ساڌو - سنتن، ڪوين - ليکڪن

10 هوندراج بلواڻي: سنڌي ٻال ساهتيه، احمدآباد. 2005 ع.ص.136-137

11. Dr. Jagdish Lachhani : Folk tales of Sindh. Veena Publication, Ulhasnagar .294 - P .last.

12 ڄڳديش لڇاڻي: گيان گنگا، ويڻا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن. 1990 ع.

sindhsalamat.com

انهيءَ پراچين خزاني جو ڀرپور استعمال ڪيو آهي. سنسار جي سڀ کان پراچين گرنٿ رگويد ۾ به يم-يمي، پروروا - اُروشي وغيره جون ڪٿائون موجود آهن. براهمڻ - درشن، اُپنشد، سوتر ۽ پراڻ وغيره ڌارمڪ گرنٿن ۾، ڪٿائن - وارتائن ذريعي، پنهنجي ڳالهه سمجهائڻ جي قابل ڪوشش ڪئي ويئي آهي. رامايڻ ۽ مهاڀارت ته خود مهاڪٿائون آهن. جين ڌرم ۾ ڪٿائن جو اڻکٽ ڀنڊار آهي. ٻوڌي ساهت ۾ وري جاتڪ مشهور آهن. ٻين ملڪن جو پراڻڪ ساهتيه به صرف ڪٿائن - وارتائن جو ئي سنگرهه آهي. سنسڪرت جو پنچتنتر ۽ هتوپديش وغيرهه به ڪٿائن - وارتائن جا ئي مجموعا آهن. سپاويڪ طور ٻارن جي ڪهاڻي سنٻنڌي ٻڪ مٽائڻ لاءِ ساهتيڪارن اِنهن پراچين ڪٿائن - وارتائن جو خوب سهارو ورتو آهي. اهي ڪٿائون هڪ پرديش مان ڦٽي، سڄي سنسار جي ٻارن جو قيمتي خزانو بڻجي پيون آهن. انسان جي دک-سک، واجب-غيرواجب، انصاف-بي انصافي، پيار-نفرت جي مکيه مانيتائن کي سمان روپ ۾، سڄي سنسار ۾ ڦهلائيندي صحيح روپ ۾ وشوَ - مانوَ جو نرماڻ ڪرڻ لاءِ ڳجهي نموني ڪم ڪري رهيون آهن. اهي پراڻيون هونديون به نت نيون آهن. حقيقت ۾ ڏسجي ته اڄ جي ساهتيڪ ڪهاڻين جو بنياد به اهي ڪٿائون - وارتائون ئي آهن.“

ڄڳديش لڇاڻيءَ جو ’گيان-گنگا‘ اڳين ڪتابن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ نواڻ کڻي آيو آهي. هن ۾ پراڻڪ ڪهاڻين کي نرالي ۽ دلچسپ انداز ۾ پيش ڪري، ٻال - ساهتيه ۾ فخر جوڳو اضافو آندو آهي. هن ڪتاب جون کي ڪهاڻيون ته علامتي انداز ۾ لکيل آهن ۽ موجوده صورتحال سان بلڪل ٺهڪي اچن ٿيون؛ جيئن ته ’شراڌ‘ ، ’آزادي‘ ۽ ’گروءَ جو اُپديش.‘

ڄڳديش لڇاڻيءَ وگيان کي به ڪين وساريو آهي. ٻارن ۾

books.sindhsalamat.com

وگيانڪ سوجهہ ٻوجهہ پيدا ڪرڻ لاءِ، هن ’’وگيان جون آکاڻيون‘‘[13] نالي ڪتاب لکي، ميدانِ ادب تي آندو آهي. سونجهہ سونجهہ ڪرڻ ۽ نين ڳالهين ۽ پدارٿن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ، ٻارن جو قدرتي سڀاءُ ٿيندو آهي ۽ هنن جي دلچسپي جي اردگرد جي ماحول يعني ٽي.وي.، ٽيليفون، هوائي جهاز، ڪامپيوٽر، وائر ليس، روبٽ وغيرهہ ۾ ٿي آهي. هو اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ ٿو گهري. پر سڌي سمجهاڻي يا ڪي بہ سرل جواب هن جي ننڍڙي دماغ ۾ گهڙي نہ سگهندا. ان ڪري هن يگ ۾ وگيانڪ ٻال ڪهاڻين جنم ورتو آهي، جي ساري سنسار جي ٻارن ۾ لوڪ پريتا حاصل ڪري رهيون آهن. ’وگيان جون آکاڻيون‘ ڪتاب ۾ وگيان سان وابستہ هيٺيون ڪهاڻيون شامل آهن: لوليءَ جو جادو، سون جا بسڪيٽ، قصو روبٽ ڪماريءَ جو، ڪامپيوٽر جي ڪرامت، ائٽمڪ ڌماڪو، ڪامپيوٽر جي ٻوشيہ-واڻي، بلئڪ باڪس ۽ مهاپرليہ. جڳديش لڇاڻيءَ جو هيءَ ٻارن لاءِ لکيل ڪتاب هندي[14] ۽ انگريزيءَ[15] ۾ بہ شايع ٿيل آهي.

هري دلگير ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکيو آهي، ’’اڳي ٻال-ڪهاڻين جي شروعات ٿيندي هئي ’هڪڙو هو راجا‘ سان، پر اڄوڪي زماني ۾ نہ رهيا آهن راجائون ۽ راڻيون ۽ نہ وري وڏڙن ٻارن کي اهڙين ڪهاڻين مان ڪا خاص مزو اچي ٿو. اڄ جي يگ ۾ راجائن، راڻين ۽ جادوءَ جي ڪهاڻين ۾ ننڍن ٻارن جي دلچسپي روز بہ روز گهٽجندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ٻال ڪهاڻين ۾ اڪثر جانور، وڻ، ٻوٽا، گل ڦل، ميوا، سج، چنڊ تارا پاڻ ۾ ۽

13 جڳديش لڇاڻي: وگيان جون آکاڻيون. ويڻا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن 1995ع

14. डॉ. जगदीश लछाणी : विज्ञान की कहानियाँ। वीणा पब्लिकेशन, उल्हासनगर 1. सन् 2008 ई.

15. Dr. Jagdish Lachhani: Science Fiction Stories. Veena Publication, Ulhasnagar 1. 2009

sindhsalamat.com

ٻارن سان بہ ڳالهہ ٻولهہ ڪندا آهن. اهي ڳالهيون اڄ بہ ٽن چئن سالن جي ٻارن کي دلچسپ لڳن ٿيون، پر جيئن تہ ٻار وڏڙو ٿئي ٿو تہ سندس من چمتڪاري آکاڻين، ديون ۽ پرين جي قصن ۾ گهٽ ٿو لڳي.... هاڻي تہ وگيان جي ترقي تيزيءَ سان ٿي رهي آهي. جيتري ترقي گذريل ڏهن سالن ۾ ٿي آهي، اوتري ان کان اڳئين زماني جي سؤ يا ٻن سؤ سالن ۾ بہ ڪانہ ٿي هوندي. ان ڪري وگيانڪ ڪهاڻين کي بہ ترقيءَ جي تيز رفتار سان قدم سان قدم ملائي هلڻو پوي ٿو.

پروفيسر جڳديش لڇاڻيءَ ٻارن لاءِ وگيانڪ ڪهاڻيون لکي هنن سان وڏو وڙ ڪيو آهي ۽ وقت جي هڪ اهم تقاضا پوري ڪئي آهي. هي ڪهاڻيون ٻارن جي وندر لاءِ ٿي آهن، جن مان سندن ڄاڻ ۽ سمجهہ ۾ بہ اضافو ٿي سگهي ٿو. هنن ڪهاڻين جو بنياد سائنس ۽ ان جي ايجادن تي ٿي آهي. پر هتي ٻارن لاءِ خاص ٻوليءَ ۽ شيليءَ جو بہ خاص ڌيان رکڻو پوي ٿو ۽ اهڙو مناسب ماحول حلقڻو پوي ٿو جو ٻار جو دماغ آسانيءَ سان جهٽي سگهي . جڳديش ٻارن جي انهن مڙني ضرورتن تي پورو ڌيان ڏنو آهي. سندس ڪهاڻيون سرل ٻوليءَ ۽ وڻندڙ شيليءَ سان ٻارن کي ائٽمڪ ڌماڪي، ڪامپيوٽرن، هوائي جهازن، وايرليس ۽ روبٽ جي سنسار ۾ وٺي وڃن ٿيون. سنڌيءَ ۾ اڳي بہ ڪجهہ ڪهاڻيون لکيون ويون آهن، جن ۾ جيوت گوگيا جو ’مشين جو ماڻهو‘ گوورڌن ڀارتيءَ جو ’روسي رڇ‘ ۽ خود جڳديش جون ڪي ڪهاڻيون اچي وڃن ٿيون. پر مان سمجهان ٿو تہ سنڌيءَ ۾ فقط وگيانڪ ٻال ڪهاڻين جو هي پهريون اهم مجموعو آهي، جو ٻين ٻال-ڪهاڻين جي ليکڪن جهڙوڪ هوندراج بلواڻيءَ، ڪمل پياسيءَ، واسديو سنڌو ڀارتيءَ وغيره کي بہ اُتساهہ ڏيندو، اهڙي

books.sindhsalamat.com

اُميد رکان ٿو.'' [16]

جڳديش لڇاڻيءَ جو ''ڪوئن جي بستي'' [17] ٻه هڪ وڏنڊڙ ڪتاب آهي. ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي لکي ٿو، '' هيءُ ننڍڙو وڏنڊڙ ڪتاب 'ڪوئن جي بستي' تمام ننڍي عمر جي ٻارڙن لاءِ آهي. هن ڪتاب ۾ ٻه وڳيان جي پسمنظر ۾ ٻارڙن جي ڪوئن سان ملاقات ڪرائي آهي. هن ڪتاب جا مکيه پاتر ڪوئا ئي آهن، جن جي آزار کان بچڻ لاءِ طرح طرح جا وسيلا هلايا وڃن ٿا. آخر ڪوئن جو انت اچي ٿو. سڄي آکاڻي دلچسپ آهي، چترن سان ڀريل آهي. ننڍن ٻارن کي آکاڻي پڙهڻ ۾ مزو ايندو.'' [18]

هيءُ ڪتاب هندي [19] ۽ انگريزيءَ [20] ۾ ٻه اچي چڪو آهي.

..... پر هڪ ڏينهن هڪ چمتڪار ٿي گذريو. اوچتو زلزلو آيو. زلزلي سبب پهاڙن ۾ جتي جوالامکي هئا، سي ڦاٽڻ لڳا. جوالامکيءَ مان گرم گرم لاوا ڪوئن جي بستيءَ ۾ ڪاهي پيو. ڏسندي ڏسندي سڄي بستي جوالامکيءَ جي لاوا سان ڀرجي ويئي هاڻي ڪوئا ڪيڏانهن وڃن؟

ڪوئن جي بچڻ جي ڪابه واه ڪانه هئي. گرم گرم لاوا ۾ ڪوئن جي سڄي بستي ختم ٿي ويئي. سڄي دنيا هينئر سامت جو ساه کنيو.

انسان ذات سمجهي ويئي ته جتي انسان جو وس نٿو هلي، اُتي قدرت پنهنجو ڪرشمو ڪري ڏيکاري ٿي. (ص. پڇاڙي)

16 هري دلگير: ڪتاب جي مهاڳ تان ورتل.

17. جڳديش لڇاڻي: ڪوئن جي بستي. ويڻا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. 1996ع

18 هوندراج بلواڻي: جگديش لڇاڻي ۽ هيءَ رچنا. مهاڳ تان.

19. डॉ. जगदीश लछाणी : चूहों की बस्ती। वीणा पब्लिकेशन, उल्हासनगर 1. सन् 2003 ई.

20. Dr. Jagdish Lachhani: A colony of Mice. Veena Publication, Ulhasnagar. 2003

sindhsalamat.com

''روشن راهه'' [21] جڳديش لڇاڻيءَ جو مرڪزي ساهتيه اڪاديمي طرفان ايوارڊ يافته ڪتاب آهي. مرڪزي ساهتيه اڪاديمي گذريل ڪجهه سالن کان ٻال - ادب جي سگهارن ساهتيڪارن کي، ڀارت جي چوويهن ڀاشائن ۾ انعام ڏيڻ شروع ڪيا آهن. هر هڪ ڀاشا ۾ هڪ هڪ ساهتيڪار کي بهترين ٻال ادب جي تخليق لاءِ نئشنل انعام عطا ڪيو ويجي ٿو. سن 2012ع ۾ اهو انعام ادب خواه تعليم جي ماناٿي شخصيت ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ کي عطا ڪيو ويو هو. 'روشن راهه' ٻال-ڪهاڻين جو مجموعو آهي. هن ۾ جڳديش جون ست قسمين قسمين ٻال-ڪهاڻيون شامل آهن. ڪهاڻين ۾ ٻارن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندڙ دلچسپ ڪردار آهن، جيئن ته پريون، جن-ڀوت، راجا-راڻيون ۽ ڪامپيوٽر وغيره. هي ڪهاڻيون فنتاسيءَ سان ڀرپور آهن ۽ اُنهن جي تخليق تمام حساس دل سان ڪيل آهي، جيئن اُهي ٻارن لاءِ وندر سان گڏ نصيحت به ميسر ڪن. جگديش لڇاڻيءَ ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکيو آهي، ''ٻال ادب جو ساهتيڪار وهنوارڪ گيان جي ڳوڙهين ڳالهين کي وڏنڊڙ آکاڻين ذريعي ٻارن اڳيان پيش ڪري ٿو. هنن ڪهاڻين ۾ وندر ۽ وروندہ آهي، پر ويچارن جو بوجهه ڪونهي. گم-شم سکيا آهي پر ٻاهران مستيءَ ۽ مزي جو عالم آهي. نصيحت ڏيڻ جو اِهو هڪ عمدو وسيلو آهي. اسان جي قديم ساهتيه ۾ به انهيءَ طريقي جو تمام ڪاميابيءَ سان استعمال ٿيل آهي. معصوم وهيءَ ۾ ٻارن جي ڪچڙين دلين تي جيڪڏهن سٺا سنسڪار وڌا ويندا ته پوءِ هو اڳتي هلي نيڪ انسان بڻبا. اُنهيءَ ڪري ٻارن اڳيان، اهڙو ساهتيه اچڻ کپي، جيڪو سندن 'راهه روشن' ڪري.

هڪ ٻال-ساهتيڪار ڪارائتين ڳالهين کي دلچسپ ۽

21 جگديش لڇاڻي: روشن راهه. ويڻا پبليڪيشن اُلهاسنگر. سن 2010ع

books.sindhsalamat.com

وڌندڙ آکاڻين جي روپ ۾ ٻارن اڳيان پيش ڪري ٿو. اسان جا قديم ودوان به ڪوڙي دوا کي ماکيءَ سان ملائي ٻارن کي ڏيڻ جي ڪلا ۾ ماهر هئا. ٻال-ساهتيه جي رچنا ڪرڻ وقت اڄ ساهتيڪار کي سائنس جي واڌاري جو به ڌيان رکڻو آهي. وگيانڪ ايجادن ۽ سائنس جي ترقيءَ کي ٻال-ساهتيه جي دائري ۾ آڻڻ سان نه صرف نئين ٻال - ساهتيه جي رچنا ٿيندي پر ٻارن جي وگيانڪ ڄاڻ جو دائرو به وسيع ٿيندو ۽ ٻارن جي ڪلپنا شڪتي به اُجاگر ٿيندي.'' (22)

جڳديش لڇاڻيءَ جي ڪهاڻين جا ٽيا مجموعا آهن:
آکاڻيون (2011) سونو وار (2012) ۽ ائٽمڪ ڌماڪو (2014) ''آکاڻيون'' ڪتاب ۾ ٻارهن ڪهاڻيون آهن. جڳديش لکي ٿو، '' ڪتاب ۾ سڀني قسمن جون ٻال ڪهاڻيون آهن. منهنجي هن ڪتاب ۾ لوڪ ڪهاڻيون به آهن (چالاڪ چوڪر، لقمان حڪيم)، هن مزيدار ۽ وندراڻيندڙ آکاڻين جو لطف اسان ننڍپڻ ۾ ڏاڏي - نانيءَ جي گوڏن پر ويهي ماڻيو آهي. مون آکاڻيون لکڻ وقت پراڻڪ ساهتيه (شراڌ، انوکودان، سبق) جو به استعمال ڪيو آهي. پراڻڪ ساهتيه جي ڪردارن سان وابسته ٻالهين تي دلچسپ ۽ نصيحت آميز آکاڻيون ٺاهي پيش ڪيو آهي. مون اليڪٽرانڪ ميڊيا کي به ڪين وساريو آهي. (سونا بسيڪٽ) . مون آکاڻين ۾ انساني طبعيت جو نظارو اهڙي نوع ۾ پيش ڪيو آهي، جيئن ان مان وڏڙن کي فسلفانه خوراڪ حاصل ٿئي ۽ ٻارن کي فطرتي لطف، تفريح ۽ سکيا.'' (23)

'ائٽمڪ ڌماڪو' ۽ 'سونو وار' ۾ به رنگ برنگي ۽ مزيدار

22 جڳديش لڇاڻي :روشن راهه 'ليڪ وٿاڻ' تان ڪنيل.

23 جڳديش لڇاڻي:آکاڻيون. ويٽا پبليڪيشن، اُلهاسنگر.سن 2011ع. مهاڳ تان

sindhsalamat.com

ڪهاڻيون شامل آهن. هنن ۾ جنن - ڀوتن، ناڳ - ٻالڻ، ديو- پرين، راجا - راڻين، جانورن ۽ ٻالهاڻيندڙ پکين جون بيحد وڻندڙ آکاڻيون آهن.

هوندراج بلواڻيءَ ''سونو وار'' ۾ جڳديش لڇاڻيءَ لاءِ لکيو آهي، ''ٻارن لاءِ لکڻ هڪ ثواب جو ڪم آهي. ٻارن جي سموري ڀوشيه جو آڌار ٻال ساهتيه آهي. جنهن ٻال ساهتيه پڙهيو هوندو، سو پڪ سمجهو ته سنسڪاري هوندو. ٻال-ساهتيه جي اهڙي اهميت هوندي به اسانجن اديبن ۽ آلوچڪن ان طرف سدائين اک ٻوٽ پئي ڪئي آهي. اهڙي ماحول ۾ به ڪي ليکڪ ٻارن جي لاءِ لکندا پيا اچن. ڊا. جڳديش لڇاڻي به اُنهن مان هڪ آهي. هن ٻارن لاءِ گهڻو ڪري آکاڻيون لکيون آهن. آکاڻيون ننڍيون به آهن ته وڏيون به ؛ جن کي ناول به چئي سگهجي ٿو. هن جي آکاڻين جي پيشڪش ۽ شئلي وڻندڙ هوندي آهي. ان ڪري اهڙيون آکاڻيون ٻار ور ور ڪري پڙهڻ چاهيندا آهن.''

جڳديش لڇاڻيءَ ٻال-ڪهاڻين سان گڏ ٻال-ناول به لکيا آهن، جيڪي ٻارن خوب پسند ڪيا آهن. سنڌيءَ جي ٻال-ساهتيه ۾ ناول رچيندڙ تمام ٿورا نالا آهن، ان ٿورن نالن ۾ جڳديش لڇاڻي هڪ اهم نالو آهي. هن ٻال ساهتيه کي ٽي وڻندڙ ۽ دلچسپ ناول ڏنا آهن:

1. روپ -نگر جي راجڪماري
2. گلن ڦلن جي راڻي
3. لال هيري جي ڳولها

جڳديش لڇاڻيءَ جو ناول ''روپ-نگر جي راجڪماري'' (24) هڪ سنڌي لوڪ ڪهاڻيءَ تي آڌارت آهي. ڪهاڻيءَ ۾

24. جڳديش لڇاڻي :روپ-نگر جي راجڪماري. ويٽا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن 1982ع.

books.sindhsalamat.com

ڊيڪاريل آهي تہ روپ-نگر جي راڄڪماريءَ کي هڪ راڪاس ڀڄائي وڃي ٿو. راحب نالي هڪ شخص پنهنجي ياءُ سان گڏ راڄڪماريءَ کي راڪاس جي چنبي مان آزاد ڪرائڻ لاءِ وڃي ٿو. اهو ڄاڻيندي بہ تہ اُتي خطرا ئي خطرا آهن. هنن کي واٽ تي ڪيترين ئي دقتون درپيش اچن ٿيون. پر راحب اُنهن مشڪلاتن سان منهن مقابل ٿي، راڄڪماريءَ کي راڪاس جي چنبي مان بچائي ٿو. راحب، راڄڪماريءَ کي آزاد ڪرائي، ڪوہ مان ٻاهر موڪلي ٿو. راحب جي ياءُ صاحب جي من ۾ دغا ٿي پيدا ٿئي. هو پنهنجي ياءُ راحب کي ڪوہ مان ٻاهر ڪيڍڻ بنا، راڄڪماريءَ کي ڪٽي ٿو وڃي.

ناول جو نائڪ، ڪوہ جي پاتال ۾ پهچي ٿو. اُتي هڪ گرڙ پکيءَ جي ٻارن کي اجگر کان بچائي ٿو. گرڙ پکي موٽ ۾ راحب کي پاتال مان ٻاهر ڪيڍي روپ-نگريءَ جي راڄڪماريءَ وٽ وٺي وڃي ٿو. آخر ۾ هن جي شادي روپ-نگر جي راڄڪماريءَ سان ٿئي ٿي. هو پنهنجي ياءُ کي معاف ڪري، ڪيس جيل مان آزاد ٿو ڪرائي. ناول جي ڪهاڻي بيحد ئي وڻندڙ آهي. اِن ۾ اينري ڪشش آهي جو هڪ دفعو هٿ ۾ کڻڻ سان، ان کي پورو ڪرڻ بنا چئن نہ ملندو. پروفيسر پوپٽي هيرانندڻيءَ ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکيو آهي، ”جڳديش لڇاڻي انهن سنڌي ليکڪن مان آهي، جي وڏن ۽ وڏڙن، ننڍن ۽ ننڍڙن لاءِ لکي سگهندا آهن. ’ٻار مڇ جو وار‘ ڇيو ويو آهي. ’جنهن کي جيئن ورائجي، تيئن وري‘ ان لاءِ ضروري آهي تہ ٻار کي اهڙو ڪجهہ ٻڌائجي جو هن جي من ۾ ٻج روپ ۾ سمايل ڳڻ وڌي وڻ ٿين. ”روپ-نگر جي راڄڪماري“ ناول ۾ ٻارن آڳيان بهادريءَ جا مثال رکيل آهن. اڄ جي زماني ۾ ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين لاءِ اهو ڳڻ تمام ضروري آهي. جڳديش ٻاراڻي ٻوليءَ ۾ ٻاراڻي ڪلپنا کان ڪم ورتو آهي

۽ وڏن اکرن ۾ ناول جي ڪهاڻي ڇپائي ٻارن تي وڏو وڙ ڪيو آهي. اهي ٽيئي چيزون ٻارن جي ساهت لاءِ ضروري آهن. ان خيال کان هيءَ رچنا ٻال-ساهت ۾ سٺو اضافو آهي.“

جڳديش لڇاڻيءَ جو ”گلن ڦلن جي راڻي“[25] بہ سنڌس اڳين ناول جيان هڪ سنڌي لوڪ ڪهاڻيءَ جي آڌار تي رچيل ناول آهي، پر هن ڪهاڻيءَ کي پڇاڙيءَ ۾ جيڪا Twist ڏني آهي، سا welcome ڀِوست آهي. هن راڄا کان پڇتاءُ ڪرايو آهي، جيڪو راڄ ۾ ڏيئرن جي جمندي ٿي، اُنهن کي سمنڊ ۾ لوڙاهي ڇڏيندو هو. راڄا جي اکين ۾ آنسون هئا. هن اڳيان وڌي پنهنجي ڌيءَ کي ڳلي لڳايو. ٻوڙها ٻاريندي هو گلن ڦلن جي راڻيءَ کي چوڻ لڳو ”ڌيءَ مان بيحد شرمسار آهيان. تو منهنجيون اکيون کولي ڇڏيون. مون غلط ڌارڻا ۽ مورکتا سبب نہ معلوم ڪيترين ڪنياڻن جي ٻلي چاڙهي آهي. ايشور مون کي ان گناهہ لاءِ ڪڏهن معاف نہ ڪندو.“ (ص. 37-36)

ناول جي ڪهاڻي تمام رڻائتي ۽ وڻندڙ نموني اڳيان وڌندي رهي ٿي. ناول جون واردائون ڪٿا کي اڳتي وڌائين ٿيون. ٻولي بہ ليڪ سليس ۽ وڻندڙ استعمال ڪئي آهي. وندر ۽ سکيا ٻئي ساڻ ساڻ هلن ٿيون. ديال آشا، هن ڪتاب لاءِ لکيو آهي، ”پروفيسر جڳديش لڇاڻيءَ جي ٻال ساهت جي جنهن وصف مونکي گهڻي ۾ گهڻو متاثر ڪيو آهي، سا آهي سنڌس ٻال ساهت ۾ لوڪ ادب جو استعمال. هن سنڌي لوڪ ڪهاڻين جو ڏاڍي ڪاميابيءَ سان، ساهت ۾ پريوگ ڪيو آهي. لوڪ ساهت تي سداڻين اسان کي فخر پئي رهيو آهي ڇو تہ هن ادب سداڻين مانوَ -پريم، مانوَ-ويدنائن ڌانهن سهانڀوتيءَ جو رخ اپنايو آهي.

25 جڳديش لڇاڻي: گلن ڦلن جي راڻي. ويڻا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن 1982ع.

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هن ساهت سدائين سچ ۽ انصاف جي رکشا پٽي ڪئي آهي.
جگديش لڇاڻيءَ جو هيءُ ٻال-اُپنياس ’گلن ڦلن جي راڻي‘ منڍ کان آخر تائين بلڪل دلچسپ ۽ اُتسڪتا سان ڀريل آهي. جگديش ٻولي بہ سرل ، سرس ۽ وڻندڙ ڪم آندي آهي. ناول ۾ ڪم آندل چترَ آکاڻيءَ جي گهٽنائن تي ڪافي روشني وجهن ٿا.‘[26]

جڳديش لڇاڻيءَ جو هيءُ ناول هندي[27] ۽ انگريزيءَ [28] ٻنهي ڀاشائن ۾ شايع ٿيل آهي.

”لال هيري جي ڳولها“[29] جڳديش لڇاڻيءَ جو ٽيون ٻال ناول آهي. اڄ جي يگ ۾ ٻارن کي وگيان ۽ ٽيڪنالاجيءَ واريون آکاڻيون کپن. جڳديش ’لال هيري جي ڳولها‘ لکي، ٻارن کي جديد زماني جي نئين چاڙ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ناول جي شروعات جينوٽيڪ لوڪ ڪهاڻيءَ جي طرز تي ٿئي ٿي پر ناول نويس تمام چترائيءَ سان ان ۾ وگيانڪ اُپڪرڻن کي آڻي، ٻارن جي ٻوجهہ ۾ اضافو آندو آهي. پروفيسر هيرو شيوڪاڻي، ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکي ٿو، ”ڪهاڻي البت پراڻي وارتا، راجڪمار ۽ راجڪماريءَ جي ڍنگ جي آهي پر ان ۾ جنهن قسم جي بهادري ائڊوينچر، همت کي سمائيندي ڪلوز سرڪٽ ٽي.وي، ڪامپيوٽر ۽ رابوٽ جهڙن نون وگيانڪ ساڌنن کي سمائي وڻندڙ ڪلپنا شڪتيءَ جو پريچئہ ڏنو اٿس، تہ اهي خوبيون سنڌيءَ ۾ ٻال اهتيہ جي وڪاس جو ڏس ڏين ٿيون.“

جڳديش لڇاڻي لکي ٿو، ”منهنجون ٻال ڪهاڻيون پرنٽ ميڊيا کان اڳ زباني روپ ۾ منهنجي واتان انيڪ موقعن تي

26. پروفيسر ديال آشا: گلن ڦلن جي راڻي جي ڪور جي پٺئين پيج تان ڪنيل.
27. डॉ. जगदीश लछाणी : नानी की कहानियाँ। वीणा पब्लिकेशन, उल्हासनगर 1. सन् 2005 ई.
28. Dr. Jagdish Lachhani: The queen of flowers on line: Matrubharti
29 جڳديش لڇاڻي: لال هيري جي ڳولها، ويڻا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن 1992ع

sindhsalamat.com

اظهار پائيندڙيون رهيون آهن. ٻارن کي ڪهاڻيون پريہ آهن. اڳي ماءُ-پيءُ، ڏاڏو-ڏاڏي ۽ ناني بہ رات جي وقت ٻارن کي آکاڻيون ٻڌائيندا هئا، پر هينئر اُنهن کي وقت ڪونهي. ٻارن کي ڪتابن ۽ رسالن مان آکاڻيون وغيره ڳولهي پڙهڻيون پون ٿيون يا ريڊيو - ٽيليويزن کي ڏاڏي - نانيءَ جي جڳهہ ڏيڻي پوي ٿي. پر مان اهڙين حالتن هيٺ بہ آکاڻين ٻڌائڻ جو فرض پاليندو اچان ٿو. پهريون پنهنجن ٻارن کي ٻڌائيندو هوس ۽ هينئر پوٽن-پوٽين کي آکاڻيون ٻڌائڻيون پونديون آهن. ڪلاس ۾ ٻارن کي پاڙهيندي مثالن جي روپ ۾ بہ پيش ڪيون آهن. پرنٽ ميڊيا ۾ يعني ڪتابي صورت ۾ تہ اهي انيڪ سالن کان پوءِ ٿي آيون آهن.

مون ڏائڻين ۽ راڪاسن کي ڪٽي بہ ڪجهہ ڪهاڻيون لکيون آهن؛ انهيءَ مراد سان تہ جيئن ٻارن ۾ بهادري، نڊرتا ۽ چترتا جون ڀاونائون پيدا ٿين. اسان جي پراڻڪ ساهتيہ ۾ بہ اهي ڳالهيون ملن ٿيون. پراڻڪ ساهتيہ جا نائڪ انيڪ لوڪڪ ۽ الوڪڪ مصيبتن جي وچ مان لنگهن ٿا. باندر، راڪاس، دئيت، جن، ڀوت، ڏائڻين ۽ نہ معلوم ٻين ڪيترن سان اُنهن کي مقابلو ڪرڻو پوي ٿو. پر هو پنهنجي همت، نڊرتا، بهادري ۽ چترائيءَ سان انهن مشڪلاتن تي سوڀ حاصل ڪن ٿا. اهڙو ادب ٻارن ۾ جانبازيءَ جي ڪارنامن لاءِ اُتساهہ پيدا ڪري ٿو.

اهڙين ٻال -ڪٿائن ۽ لوڪ - ڪهاڻين ۾ هڪ خوبي هر حالت ۾ هوندي آهي، اُها خوبي اِها هوندي آهي تہ ڪهاڻيءَ جي رٿا چاهي ڪهڙين بہ ناممڪن ڳالهين مان جڙهيل هجي پر هر حالت ۾ نيڪيءَ جي بديءَ مٿان جيت ڏيکاريل هوندي آهي. ڪهاڻيءَ جي انت ۾ برو ڪردار يا تہ ختم ٿي ويندو آهي يا هن ۾ زبردست ڦيرو اچي ويندو آهي. هن قسم جي لوڪ ڪٿائن

books.sindhsalamat.com

۽ ٻال ڪهاڻين مان اهو فائدو ٿو ٿئي تہ ٻارن جي ڪچڙين دلين تي صحيح قسم جا اثر پون ٿا. اخلاق ۽ سچائيءَ جا بنيادي اصول سندن سياءَ جا هڪ قسم جو حصو ٿي پون ٿا.

صحيح معنيٰ ۾ انسان ٿيڻ لاءِ ڪن بنيادي گڻن جو هئڻ لازمي آهي. بنيادي گڻن کي جيڪڏهن ٻُڌپ ۾ آڻبو تہ ڪو ڪاٿو ئي ڪونهي. ان هوندي بہ ڪي گڻ لازمي آهن يا ڪٿي چئجي تہ ٻين گڻن جو بنياد آهن. اهي گڻ آهن:

(i) انياءَ جي خلاف ودروه جي ڀاونا

(ii) سچائيءَ سان محبت

(iii) همت ۽ مردانگي

(iv) قربانيءَ جو معدو

مون پنهنجين لوڪ ڪٿائن ۽ ٻال ڪهاڻين ۾ انهن گڻن تي زور ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر اهڙي دلچسپ ۽ روچڪ نموني جيئن ٻارن کي بوجهہ نہ لڳن.

’ٽي لوليون‘ ۾ پريون بہ آهن، جادوءَ جو ڏنڊو بہ آهي. ’چالاڪ ڇوڪر‘ ۾ ڏائڻ آهي. ’سونو وار‘ هڪ جادوئي ڪٿا آهي. ان ۾ دئيت بہ آهن تہ طوطو بہ آهي، جنهن ۾ بدڪار ڪردار جو ساهہ لڪل آهي. ’سياڻو وزير‘ ۾ وزير جي عقل جو بيان آهي. ’روپ-نگر جي راجڪماريءَ‘ ۾ راجڪماري آهي تہ ان کي کڻي ويندڙ راڪاس جي ڀينڪرتاپڻ آهي. پر نائڪ بهادريءَ ۽ همت سان راجڪماريءَ کي راڪاس جي چنبي مان آزاد ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿو وڃي. اُهو ڏيکاري ٿو تہ جيڪڏهن همت جو سندرو ٻڌي تہ مشڪل ڪم بہ آسان ٿيو پوي. برائيءَ جو نتيجو نيٺ برائي آهي. سچائي ۽ برائيءَ جي جنگ آد ڪان وٺي هلندي ٿي اچي ۽ انت تائين هلندي رهندي. اهوئي وير بهادر ليکيو ويندو، جيڪو برائيءَ سان ٽڪر کائيندو.“

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

6
مونوگراف
(ساهتيہ اڪادميءَ طرفان شايع ٿيل)

ساهتيہ اڪادمي، دهلي ’ڀارتي ساهتيہ جا اڏيندڙ‘ جي رٿا تحت ادبي ماهرن کان گذاري ويل برک اديبن جي سوانح عمري ۽ ساهتيڪ يوگدان تي ڪتاب لکرائيندي آهي، جن ۾ وابستہ اديب جي مختصر سوانح حيات ۽ ادبي خدمات جو احوال رهندو آهي. ساهتيڪار تي لکيل اهڙن مونوگرافن جي پنهنجي اديب اهميت آهي. ڪنهن بہ ادبي تي لکيل مونوگراف، نہ صرف اديب جي آس پاس واري صورتحال کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿو، بلڪ ان جي رچنا سنسار کي بہ ماڻڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو. ان ڪري ئي مونتين هڪ هنڌ لکيو آهي، ”مان اُنهن ليکڪن جي رچنائن کي ڏاڍي چاه سان پڙهندو آهيان، جيڪي جيونيون لکندا آهن؛ ڇو تہ انسان - جنهن کي سڃاڻڻ جي مان سدائين ڪوشش ڪندو رهان ٿو، سو ساهتيہ جي ٻين روپن کان وڌيڪ، هن ساهتيہ روپ ۾ ئي وڌيڪ گهرائيءَ سان اظهار پائيندو آهي.“

مونوگراف جو مقصد، ڀارتي ساهتيہ اڏيندڙن کي عالمي ادبي دنيا اڳيان آڻڻ جو آهي، جنهن ادب تي پنهنجي پيرن جا نشان، ڪنهن نہ ڪنهن نموني ڇڏيا هوندا آهن. اديب، مونوگراف ۾ چونڊيل ساهتيڪار جي ڪهاڻي ٻڌائي ٿو، ادبي خدمات کان اندر لاٿين ڪري ٿو پر ان ۾ خيالي واقعن ۽ وارداتن لاءِ جڳهہ ڪانهي.

مونوگراف ليکڪ کي پنهنجي طرفان ڪجهہ بہ مڙهڻو ناهي. هن کي صرف موجوده حقيقت جي آڌار تي، ان اديب جي شخصيت کي رچنا ۾ اوتڻو آهي. هن کي غير ضروري

ڳالهين کان ڪناراڪشي ڪرڻي آهي پر ڪيس اهو بہ ڏسڻو آهي تہ ضروري حقيقتون هن جي قلم کان ڇڏائجي نہ وڃن. مونوگراف ليکڪ کي ترتيب جو بہ خيال رکڻو آهي. بي ترتيب جيون گهٽنائن جي احوال سان هڪ سٺو مونوگراف تخليق ڪري نہ سگهبو. مونوگراف ليکڪ کي پنهنجي انفراديت بہ برقرار رکڻي آهي يعني هن کي ڪنيل اديب جو انڌ شرڌالو بڻجڻو ناهي، پر حقيقت - شناس بڻجي، پاڻکن جي اڳيان اچڻو آهي.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ تخليق جي معيار کي قائم رکندي جنهن رفتار سان سنڌي ساهتيہ جي جهوليءَ ۾ ڪارائتن ڪتابن جو اضافو ڪري رهيو آهي، سو سنڌس ئي خاصو آهي. هن اديبن جي فن فڪر کي ساڃ ڪري، جيڪي مونوگراف لکيا آهن، سي ڪافي معلوماتي ۽ معياري آهن. ساهتيہ اڪاديميءَ جي سڏ تي، جڳديش لڇاڻيءَ هيٺيان مونوگراف هنديءَ ۾ لکيا آهن، جيڪي ساهتيہ اڪادمي دهليءَ طرفان شايع ٿيل آهن:

1. موهن ڪلپنا
2. لعل پشپ
3. گنو سامتاڻي
4. شيام جئسنگهاڻي
5. رام پنجواڻي

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ بيحد محنت، لگن ۽ چاهہ سان متين اديبن جون نهايت ئي دلچسپ ۽ ڪلاتمڪ تصويرون ڪئنواس تي اُتاريون آهن. هن اُنهن جي ساهتيڪ يوگدان جو بہ ڪافي حد تائين سنتوشجنڪ موليانڪن پيش ڪيو آهي. ڊاڪٽر جڳد لڇاڻي سنڌي ادب جو هڪ سنجيده ۽ اڀياسي اديب آهي؛ تنهن ڪري هن جا تخليق ڪيل مونوگراف سنڌي ادبي پارکن وٽ مقبول ٿيا آهن.

sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

ڀارت جي ورهاڱي کان پوءِ ، هر هندو سنڌيءَ لاءِ اٿي، لٽي ۽ اجهي لاءِ ڪشمڪش جو دور رهيو. آهستہ آهستہ سنڌي ٺانئيڪا ٿيندا ويا. حياتيءَ ۾ روزگار ۽ اِجهي جا مسئلا گهڻي قدر حل ٿي ويا. نئين زمين تي دنيوي حاصلاتن کان پوءِ، سنڌي اديبن ڀارت جي ٻين زبانن خواه وديشي ڀاشائن جي ادبي تبديلين ۾ چاهہ وٺڻ شروع ڪيو. ترقي پسند ساهتيہ جيڪو سنڌي هندو ليکڪن سبب ڀارت ۾ وارد ٿيو هو، سو ڏيري ڏيري پوڙو پوڻ لڳو. ويهين صديءَ جي ڇهين ڏهاڪي ڌاري سنڌي ادب ۾ هڪ نئون موڙ اچڻ لڳو. هنديءَ ۽ ٻين ڀارتي قومي ٻولين ۾ بہ ترقي پسند ادب خلاف زوردار ردِ-عمل جو آغاز ٿي چڪو هو. سنڌيءَ جي سجاڳ ۽ شعوري قلمڪارن ان تي گهرائيءَ سان سوچ ويچار ڪرڻ شروع ڪيو. نيتجي طور سنڌيءَ ۾ رومانوي ڌارا جو آغاز ٿيو. هينئر اديبن جو ڌيان فرد ۾ وڃي ڪُتو يعني هو فرد کي وڌيڪ اُڀاري، سماج جو چِٽُ چٽڻ لڳا. انفراديت، رومانوي رجحان جو هڪ اهم ۽ بنيادي نڪتو بڻجي آيو. ترقي پسند ڌارا ۾ مالهي، ڪيرت ۽ اُتم جي ٽہ-مورتي هئي تہ ان جي ردِ-عمل رومانوي ڌارا ۾ هڪ ٻي ٽہ-مورتي موهن، لعل ۽ ڳني جي سامهون آئي. هن ٽِہ- مورتيءَ ساهتيہ جي صورت ئي تبديل ڪري ڇڏي. هن دور جو ادب ’ٻاهر‘ کان ’اندر‘ هليو ويو. فرد کي وڌيڪ توجه ملڻ سبب، افسانوي ادب سوڪيم ۽ منووگيانڪ ٿي ويو. استري-پرش جي تعلقاتن جا انيڪ اڻ-ڇهيل پهلو اُجاڳر ٿيڻ لڳا. نين تشبيهن ۽ استعارن کان ڪم ورتو ويو، اظهار جا نوان نوان تجربا وجود ۾ اچڻ لڳا. انهيءَ رومانوي ڌارا ۾-جيڪا نوجوان پيڙهي آئي؛ جنهن ۾ موهن ڪلپنا، لعل پشپ ۽ ڳنو سامتاڻي مکيہ هئا، تنهن جو وڌيڪ يوگدان رهيو. هيءَ نوجوان پيڙهي بيحد سجاڳي ۽ گنڀيرتا سان ادب ۾ نمودار ٿي. موهن، لعل ۽ ڳنو، اها ٽِہ -

sindhsalamat.com

مورتي اڳتي هلي Three angry men of Sindhi Literature جي نالي سان مشهور ٿي.

سنڌي ادب جي تاريخ ۾ رومانوي ادب ڪو نئون نہ آهي ڪافي آڳاٽو آهي. روايت جي مفهوم ۾ رومانيت حسن و جمال، سونهن سان پيار ۽ عشقيہ موضوعن کي سڏيو ويو آهي، پر رومانيت جو مفهوم فقط پيار محبت نہ آهي، پيار، محبت ۽ جماليات (Aestheticism) تہ رومانوي رجحان جو هڪ رخ يا جز آهي.

موهن ڪلپنا (1992- 1930) انهن سڀني ۾ اڳرو رهيو. هن پنهنجي ادبي زندگيءَ جي شروعات 1948ع ۾ هڪ ڪهاڻيءَ سان ڪئي. هن ئي پهرين سنڌي ڪهاڻيءَ کي سطحي حقيقت نگاريءَ کان نجات ڏياري، فرد جي اندروني شخص جي مانسڪ ۽ ذهني عڪاسيءَ جو واهڻ بڻايو. هن جي ڪهاڻين مان سندس ڪوي - روپ جي بہ جهلڪ ملي ٿي. هن جي ڪهاڻين جي گفتگو بيحد ئي دلچسپ آهي. سن 1984ع ۾ موهن ڪلپنا کي ’اُها شام‘ ڪهاڻين جي مجموعي تي ساهتيہ اڪادمي انعام حاصل ٿيل آهي. جڳديش لڇاڻي مرڪزي ساهتيہ اڪادميءَ لاءِ جيڪو پهريون مونوگراف لکيو، سو آهي ”موهن ڪلپنا.“[1] جڳديش لڇاڻيءَ جو موهن ڪلپنا تي لکيل مونوگراف ادبي حلقن ۾ ايترو مقبول ٿيو؛ جو ساهتيہ اڪادميءَ کي ان جو سنڌيءَ ۾ انواد ڪرائي، شايع ڪرڻو پيو.[2]

جڳديش لڇاڻيءَ جي لکيل مونوگراف تي مان نہ ڳالهائي سنڌيءَ جي برک اديب لکمي کلاڻيءَ جي تاثرات پيش ڪرڻ بهتر ٿي سمجهان. هن سنڌي ٽائيمس جي 4 اپريل 2011ع واري انڪ ۾ لکيو آهي:

---

1. डॉ. जगदीश लछाणी : मोहन कल्पना। साहित्य अकादेमी, न्यू दिल्ली,। सन् 2007 ई

2. جڳديش لڇاڻي: موهن ڪلپنا. سنڌيڪار: ڀڳوان اٽلاڻي 2010ع

books.sindhsalamat.com

ساهتيه اڪادميءَ طرفان ’ڀارتي ساهت جا اڏيندڙ‘ سلسلي هيٺ جڳديش لڇاڻيءَ موهن ڪلپنا جي شخصيت ۽ فن تي هيءُ ڪتاب هنديءَ ۾ لکيو آهي. سنڌي ادب ۾ موهن پنهنجي لاءِ هڪ خاص مقام حاصل ڪري ورتو، جيڪو سندس ڀين همعصر اديبن لاءِ رشڪ جو باعث بڻيو. اُن جو سربستو احوال جڳديش هن ڪتاب ۾ قلمبند ڪيو آهي.

موهن جي حياتيءَ بابت هو اسان کي ٻڌائي ٿو ته موهن ڪلپنا جو جنم 22 نومبر 1930ع ۾ سنڌ جي ڪوٽڙي شهر، ضلع دادوءَ ۾ ٿيو. هن جو پتا بولچند منگهارام لالا ريلوي ۾ ڪلارڪ هو. هن جي بدلي ڪراچيءَ کان سکر ته ڪڏهن لاهور ۽ ڪالڪا تائين ٿيندي رهي. ان سبب موهن جي پڙهائيءَ ۾ رخنو پوندو رهيو. ورهاڱي کان اڳ وارا سال سندس ڪٽنب ۾ ڪراچيءَ رهيو. هن جي ماءُ ٿمي ٻائي ڪانوينٽ اسڪول ۾ پڙهي هئي. هوءَ ڪيس راماڻ، مهاڀارت، ڀاڳوت، الف ليلا، حاتم طائي، علي بابا جون ڪهاڻيون ٻڌائيندي هئي. هن کي ننڍپڻ کان ئي پڙهڻ جوشوق جاڳيو. ڪراچيءَ ۾ سندس گهر جي سامهون وڏو ميدان هو. اُتي دوستن سان گڏ رانديون ڪرڻ ويندو هو. اُن ميدان ۾ ئي راشٽريه سويم سنگهه جي شاکا لڳندي هئي. موهن ٻارهن سالن جي عمر ۾ 1942ع کان آر.ايس.ايس ۾ ڀرتي ٿيو ۽ 1951ع تائين انهيءَ جماعت ۾ رهيو. (پنهنجي آتم ڪٿا ۾ موهن لکيو آهي، پوءِ به مان مسلمانن سان نفرت نه ڪري سگهيس، بلڪ مون هندن کان وڌيڪ مسلمانن سان محبت ڪئي جو سنڌ ڌرتيءَ مسلمانن ۾ ڏاڍا سٺا فنڪار، مفڪر، درويش پيدا ڪيا آهن.)

1948ع ۾ موهن جي ڪٽنب کي به سنڌ ڇڏڻي پيئي. مهاجرن سان سنڌ وارن جي وهڻ بعد اُتي جهيڙا جهٽا شروع ٿيا ۽ سنڌي هندن جو اُتي رهڻ ناممڪن بڻجي ويو. هو لڏي اچي

sindhsalamat.com

ڪلياڻ ڪئمپ ۾ رهيا. 1952ع ۾ موهن مئٽرڪ پاس ڪئي. هو نوڪريءَ جي ڳولها ۾ ڀٽڪڻ لڳو. پنهنجي آتم ڪٿا ’بک، عشق، ادب‘ ۾ هو لکي ٿو ’مان پورا پنج ورهيه بيروزگار رهيس. ڪجهه ڏينهن ويسٽ اينڊ هوٽل ۾ ويٽر ٿيس. بس ۾ چيڪر جو به ڪم ڪيم. ڪپڙي جي مل ۾ به ٽي مهنا نوڪري ڪيم.‘

دائمي ڀٽڪاءُ موهن جي شخصيت جو انگ رهيو آهي. هو ڪٿي به ٽڪاءُ پائي نه سگهيو. آتم ڪٿا ۾ لکي ٿو، ’مون چاليهن سالن ۾ ٽيتاليهه نوڪريون ڪيون آهن ۽ ڇڏيون آهن.‘ سندس اهو رولاڪ پڻو سندس ڪهاڻين ۽ ناولن جي ڪردارن ۾ اُڀري ٿو بيهي.

آر.ايس.ايس. مٿان بندش هٽائڻ لاءِ جيڪو آندولن هليو، اُن ۾ موهن به گرفتار ٿيو. ڪيس ٽي مهنا جيل جي سزا ملي. ويساپور جيل ۾ هن جي نارائڻ ڀارتيءَ سان ملاقات ٿي. جيل مان ڇٽي اچڻ بعد اسڪول ۾ سندس وڏو سواگت ٿيو. اُن جيمس سائيڊنگ اسڪول ۾ گنو سامتاڻي، راجن چاولا ۽ نارائڻ ڀارتي به هن سان گڏ پڙهندا هئا.

هن جي گهر جي آرٿڪ حالت ڏينهن پوءِ بدتر ٿيندي ويئي. هن جي ماءُ پنهنجا ڳهڻا وڪڻي ڪنهن طرح گهر جي خرچ جو پورائو ڪندي هئي. موهن جي زندگيءَ ۾ ڪيئي پريمڪائون آيون. هن پنهنجي ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ پنهنجي غربت ۽ بيروزگاريءَ سبب انهن ناڪام عشقن جو شدت سان اظهار ڪيو آهي.

15 آگسٽ 1955ع تي گوئا آزاد ڪرائڻ لاءِ ڏهه هزار ستياگرهي، گوئا جي حد ۾ داخل ٿيا. موهن ڪلپنا به انهن مان هڪ هو. ڪين پورچوگيز فوجن جي گولين جو مقابلو ڪرڻو پيو. گوئاني ستياگرهه جي هن انڀو کي موهن ڪلپنا پنهنجي رپورتاج ’اڃا رات باقي آ‘

books.sindhsalamat.com

۾ درج ڪيو آهي. اُن جي شايع ٿيڻ سان موهن جو نالو سنڌي ادب ۾ چمڪڻ لڳو. اُن کان اڳ ئي سندس ڪهاڻيون 'نرگس' ۽ ٻين مخزنن ۾ شايع ٿيڻ لڳيون هيون.

موهن ڪلپنا ترقي پسند اديبن سان ڪيئي جنگيون جوٽيون. ورهاڱي بعد 1960ع تائين سنڌي ادب ۾ اها ترقي پسند ڌارا زور هئي، جنهن جا اڳوان اُتم، ڪيرت، مالهي هئا. اُنهن جي خلاف موهن، گني ۽ لعل جي نئين ليکڪ پيڙهيءَ ودروهه ڪيو. 1963ع ۾ شايع ٿيل 'نظرياتي ڪشمڪش' موهن ڪلپنا جو سندن خلاف هلايل ان مهم جو دستاويز آهي. 20مارچ 1966ع تي موهن جو ڪمل سان وواهه ٿيو. 12 جولاءِ 1968ع تي سندس نياڻي گيتا جو جنم ٿيو. اُن وقت موهن اُلهاسنگر جي آر.ڪي. تلريجا ڪاليج ۾ ملازم هو. گهر هلائڻ جي سموري جوابداري ڪمل سنڀالي ورتي ۽ موهن کي پنهنجي لکڻ پڙهڻ جي ڪرت لاءِ پوريءَ طرح فارغ ڪري ڇڏيو. اُلهاسنگر مان هن هڪ اخبار 'سوجهرو' شايع ڪئي. ڪاليج مان نوڪريءَ تان استعفا ڏيڻ بعد هن بمبئيءَ مان گهوڙن جي ريس سان واسطو رکندڙ هڪ انگريزي اخبار جي سمپادڪي ڪئي. 1975ع ۾ اهو ڪم به ڪانئس ڇڏائجي ويو.

هڪ ڀيرو وري سندس بي روزگاريءَ جو دؤر چالو ٿيو. هن پنهنجي هڪ ڪهاڻي 'ڦاسي گهاٽ' ۾ لکيو، 'منهنجي هر پيشي، هر پيار، بي روزگاريءَ، جيون جي ڪاميابين، گراوٽن، مجبورين، مونکي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪهاڻي تحفي طور ضرور ڏني آهي. سنڌي ادب ۾ گهڻي کان گهڻيون ڪهاڻيون اٽڪل 250موهن لکيون آهن. سنڌ جي سڀ کان وڌيڪ مقبول ڪهاڻي-ڪار امر جليل کي به چوڻو پيو ته 'سنڌي ڪهاڻيءَ جو ٻيو نالو موهن ڪلپنا آهي (اُن زماني ۾ هند ۾ شاعريءَ ۾ نارائڻ شيام ۽ ڪهاڻيءَ ۾ موهن ڪلپنا سرمور هئا ته سنڌ ۾ شيخ اياز ۽ امر جليل) موهن ڪلپنا جي ڀڄاڙيءَ واري نوڪري اُلهاسنگر جي مشهور نيتا پپو ڪالاڻيءَ جي هيٺان ڪئي. 1976ع ۾ سندس ماءُ جو ديهانت ٿيو. بلڪل اُن طرح جهڙو هن پنهنجي ناول 'جلاوطني' ۾ ڏيکاريو آهي.

موهن ڪلپنا جي آخرين اِڇا ته مؤت کان اڳ پنهنجو وطن سنڌ ڏسي اچان، پوري نه ٿي. هو 'منهنجا هم وطني' ۾ لکي ٿو 'مان چاهيان ته استنبول وڃي سگهان ٿو، روم، پيرس، لنڊن، يونان يا اٿينس به وڃي سگهان ٿو، ليڪن پنهنجي ماتر ڀومي سنڌ وڃي نٿو سگهان، ڇو؟

موهن پنهنجي سڄي عمر سنڌي ٻولي، ساهتيه ۽ سنسڪرتيءَ جي پرچار لاءِ ارپڻ ڪري ڇڏي هئي. آهڙي ڀهوڳڪي، اعليٰ درجي جي عظيم ساهتڪار جو موت 19 جون 1992ع تي اُلهاسنگر ۾ دل جو دؤرو پوڻ سبب ٿيو. هند جي مشهور ڪهاڻيڪار ايشور چندر ڪيس شرڌانجلي ڏيندي چيو هو ته 'هن جي موت سان سنڌي ڪهاڻيءَ جو موت ٿيو آهي.'

هن ڪتاب جي ٻئين حصي ۾ جڳديش لڇاڻي، موهن ڪلپنا جي ساهتڪ دين جي وچور ڏيڻ سان گڏ اُن جي عالماڻي ڇنڊ ڇاڻ به ڪئي آهي. هو صاحب اسان کي ٻڌائي ٿو ته 1948ع ۾ موهن جي پهرين ڪهاڻي 'آتم هتيا' شايع ٿي هئي. ان بعد سندس ساهتيه سرجن جي رفتار زور پڪڙيو ۽ هن لڳ ڀڳ ساهتيه جي سڀني صنفن تي ڪلڪراني ڪئي. ناول، ناٽڪ، مضمون، ليک، رپورتاج، آتم ڪٿا ۽ آزاد نظم. پر سنڌي ساهتيه ۾ هن جو مقام ڪهاڻيڪار طور مڃائون آهي. موهن ڪلپنا جي ڪهاڻين جا سنگره آهن موهي نرموهي(1961)، چاندني ۽ زهر (1964) ، فرشتن جي دنيا (1966)، اُها شام (1981) ، آئين ڪٿا (1989) ۽

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

دردَ جي تلاش (1995) موهن ڪلپنا کي ’اُها شام‘ تي 1984ع ۾ ساهتيه اڪادمي انعام حاصل ٿيو. مهاراشٽرا سرڪار طرفان به 1990ع ۾ ڪيس گَوَرو پرسڪار عطا ٿيو.

موهن ڪلپنا جون سريشٽ ڪهاڻيون آهن ’پٿر جو دشمن‘، (جيڪا هنديءَ ۾ ٽي.وي تي پرسارت ٿي آهي.) ’شريف ماڻهوءَ گاڏيءَ ۾‘، ’فيصلو‘، ’چاندني ۽ زهر‘ ۽ ’خوابن ۽ سراپن وچ ۾‘.

موهن ڪلپنا جا لکيل ناول آهن: (1) آوارا - (1953)، (2) لڳن- (1954)، (3) عؤرت (1956)، (4) زندگي - (1957)، (5) پٿر جو جگر - ميڻ جي دل (1958) ، (6) وشواس - (1959)، (7) رُڃ ۽ پاڇا- (1966)، (8) پيار جي پڇاڙي- (1969)، (9) جلاوطني - (1974)، (10) ماڻ - (1979)، (11) سمنڊ ۽ ڪانءُ - (1981) . سنڌس پويان ٽي ناول، آتم ڪٿائي نوع ۾ لکيل ڀارت پاڪستان جي ورهاڱي جي پس منظر جي اها ٽرائلاجي سنڌس سوچ فڪر ۽ اندر جي اُڌمن جي بخوبي اظهار ٿي ڪري.

موهن ڪلپنا جي ڪهاڻين جا ڪيترائي مجموعا ۽ ناول سنڌ ۾ ٻيهر شايع ٿيا آهن. هن جا لکيل ٻه ٻيا به ناول ’ڪنگال آتمائون‘ ۽ ’تون منهن جي سندرتا جو آرنيپ آهين‘ (1975) ، هند ۾ نه پر سنڌ ۾ ڇپيا آهن.

موهن ڪلپنا 1958ع ۾ ٻارن لاءِ سنڌيءَ ۾ پهريون ناول ’سرڳ جي گولها‘ به لکيو ۽ پنهنجن ٽن دوستن جون جيونيون به قلمبند ڪيون. سگهن آهوجا جي ’فنڪار ۽ فيلسوف‘ (1973)، پرڀو وديارٿيءَ جي ’آفتاب انقلاب‘ (1975) ۽ انسان دوست سلامت (پرسواڻي) (1988)

1983ع ۾ موهن ڪلپنا جي آزاد نظمن جو سنگرهه ’جهاز جي ڊيڪ تي‘شايع ٿيو، جنهن کي آرميڪ چٽاپيٽيءَ ۾ پهريون

انعام مليو . سنڌس هنن ڪوتائن ۾ ورهاڱي جو درد، انساني زندگيءَ جي مجبورين ۽ اُن جي بخشيل لعنتن ۽ ذلتن جي عڪاسي آهي. موهن ڪلپنا کي ٿورا ايڪانڪي ناٽڪ به لکيا پر اُنهن جو ڪو سنگرهه شايع نه ٿيو. ’شڪنتلا‘، ’پريم، شادي، سپنا‘ ۽ ’آڏي روشني‘ مخزنين ۾ ڇپيل نظر اَچن ٿا.

هن جي آتم ڪٿا ’ٻڪ، عشق ۽ ادب‘ جي عنوان سان سنڌ ۾ 1984ع ۾ ڇپجي ظاهر ٿي هئي. هن کي وٺي اُن وقت ادبي حلقن ۾ ڪافي چؤبول پيدا ٿيو هو. ڪن نقادن اُن تي ختده زني ڪندي اُن کي ’جيوني‘ ڪان وڌيڪ هڪ دلچسپ ناول سڏيو هو.

جڳديش لڇاڻي موهن بابت جنهن نتيجي تي پهتو آهي ان سان مان شامل راءِ آهيان ته ’موهن ڪلپنا ساهتڪار کي موهن ڪلپنا جي شخص ڪان الڳ نٿو ڪري سگهجي. سنڌس ڪيترين ٽي رچنائن ۾ موهن ڪلپنا، ۽ موهن ڪلپنا جي شخص ۾ سنڌس ڪيترين ٽي رچنائون سمايون پيون آهن.‘ منهنجي رايي موجب موهن جي ڪلاڪار جي اها وڏي ۾ وڏي خوبي به آهي ته خامي به.

ڪونج ٻاران موهن ڪلپنا پنهنجو ’سليف پورٽريٽ‘ انڪ (نومبر - ڊسمبر 1970) ايڊٽ ڪيو هو، جنهن ۾ پنهنجي ليک ’منهنجو نظريو منهنجي اوقات‘ ۾ چوي ٿو:

”مون کي ڪارل مارڪس گهٽو سمجهايو آهي پر گانڌيءَ جي ’هي رام‘ مون کي وڌيڪ Enlighten ڪندي آهي. ... روي بابوءَ جيان مُڪت ۽ پويتر نه آهيان.. مان ڪردار جو هٽ جهلي، ڪڏهن متي چڪيان ٿو ڪڏهن زور ڏيئي هيٺ ڪرايان ٿو. مگر ٻنهي حالتن ۾ انهن ان هٽ ملائي هلان ٿو.“ ساڳي ليک ۾ هو چوي ٿو، ”مان دنيا جي انهن خانه بدوش فنڪارن مان آهيان جن کي ٿورن بدليل معنائن سان فرانس ۾ بوهيمين، انگلنڊ ۾ اٽنگري ينگ مين يا آميريڪا ۾ بيٽڪ سڏيو ويو آهي جو جو

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

منهنجو فن پيرن کان سر تائين اُگهاڙو رهندو آهي ۽ اُن جي مک تي تهذيب جو نقاب نه هوندو آهي.... ان ڪري منهنجو فن به وحشي آهي ته ساتوڪ به آهي.''

اسان کي لڳي ٿو ته پنهنجي آتم ڪٿا ۾، پنهنجي سماڌيءَ مٿان پٿر اُڪرائڻ لاءِ موهن لفظن جي هيءَ تختي چڏي ويو آهي. ''مان جلاوطنيءَ جي پيڙا سهندي سهندي مري ويندس ۽ پوءِ ماڻهو چوندا، هڪ هئي سنڌ ۽ هڪ هو موهن ڪلپنا، جن هڪ ٻئي سان محبت ڪئي، ليڪن اُهي پاڻ ۾ ملي نه سگهيا.''

جڳديش لڇاڻي 'موهن ڪلپنا' جو شئي سڳي واري باريڪ بينيءَ سان چٽر چٽڻ لاءِ واقعي داد جو مستحق آهي.

ان ئـ مورتيءَ ۾ لعل پشپ سڀ کان وواديءَ ۽ تڪراري شخصيت رهيو. باوجود ان جي، هو هند-سنڌ جي هڪ سگهاري تخليقڪار جي روپ ۾ اُڀري اسان جي سامهون آيو آهي. انساني رشتن ناتن ۾ ڪجهه ته مٿان ئي نظر ايندو آهي، پر ان کان گهڻو ڪجهه وڌيڪ، من جي اندرين تهن ۾ لڪل لعل هوندو آهي. لعل اُنهن تهن ۾ گهسي ساهتيه - سرجن ڪري ٿو. جڳديش لڇاڻيءَ جو هيو مونوگراف لعل پشپ (1935 - 2009) [3] تي رچيل آهي.

هِتي مان هيري شيوڪاڻيءَ جي موليانڪن کي ڪوٽ ڪري اڳيان وڌنديس؛ جيڪو ''هندواسيءَ'' جي 30 آڪٽوبر، آرتوار 2011ع انڪ ۾ ڏنل آهي:

''لعل پشپ'' تي مختصر ليڪن اهم مونوگراف تازه ترين 2011 ۾ هندي ڀاشا ۾ پرڪاشت ڪيو ويو آهي ۽ اُن جو ليکڪ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي آهي.

هڪ مختصر جائزو اِها به ان سلسلي ۾ ڏيڻ ضروري ٿو

3. डॉ. जगदीश लछाणी : लाल पुष्प। साहित्य अकादेमी, न्यू दिल्ली,। सन् 2011.ई

sindhsalamat.com

سمجهان ته هن وقت 'ساهتيه اَڪادميءَ' جي سنڌي صلاحڪار بورڊ جو ڪنوينر برک شاعر واسديو موهي، جڏهن کان مقرر ٿي آيو آهي ته پنهنجي آيامڪاريءَ ۾ ، هن کان اڳ اِئين ۽ ايترو ڪم ڪڏهين به ڪنهن به ڪنوينر جي آيامڪاريءَ ۾ ڪونه ٿيو آهي. ساهتيه اَڪادميءَ جي سرگرمين ۾ غضب جي تيزي، معيار ۽ سوجهه ٻوجهه اچي ويئي آهي.

بجا طور اِنهيءَ سلسلي ۾ ٻن ٽن سالن ۾ ئي خود جڳديش لڇاڻي هن کان سواءِ اڳه موهن ڪلپنا ۽ شيام جئسنگهاڻيءَ تي هنديءَ ۾ مونوگراف لکڻ جو جس ماڻي سگهيو آهي.

لعل پشپ، ورهاڱي بعد سنڌي ساهتيه جي اهم تر ڪهاڻي-ڪار، سمالوچڪ ۽ مفڪر طور مشهور آهي. ٻه سال اڳ لڳ ڀڳ ٽني صديءَ جي زندگي گهاري، هوُ گذاري ويو. جيئن ته هوُ پنهنجي زندگيءَ جو بهترين عرصو اُلهاسنگر ۾ رهي جوان ٿيو آهي. منجهن لکڻ جي ڏات انوکي ۽ اوچي هئي. سنڌي ڪهاڻي، ناول، تنقيد، جيوني، بهتر انواد ڏيڻ، توڙي آتم ڪٿا ۾ هُن پنجتيهه کن ڪتاب ڏيئي سمرڌ ڪيو.

۽ چاڪاڻ ته جڳديش لڇاڻيءَ کي خود شروعات کان ئي اُلهاسنگر ۾ رهندي لعل پشپ جي جيون، ساهتيڪ پرورتين ، هُن سان ٻيٺڪن ۾ ويهڻ جو وجهه مليو، ان ڪري مان چوڻ چاهيندس ته هن مونوگراف ۾ هوُ لعل پشپ جي جيون، شخص، هُن جي ساهتيڪ فڪر ۽ فهم بابت گهري معبتر جاڻ ۽ تفصيل ڏيڻ ۾ ڪامياب ويو آهي.

هِن ڪتاب ۾ گهربل رٿا موجب ڪُل آٺن بابن کان وٺي ڪتاب جي ببليوگرافي ۽ مددي ڪتابن جي فهرست سان مونوگراف جي مفهوُم سان لڇاڻيءَ پوريءَ طرح اِنصاف ڪيو آهي، بلڪ هُن جي گهٽڪندي ساهتيڪ يوگدان جو ڪافي حد

books.sindhsalamat.com

تائين سنتوشجنڪ موليانڪن ڪيو آهي. لعل پشپ پنهنجي جيون، ساهتيڪ پرورتين، پڙهڻ، لکڻ، بحث مباحثن ۾ هڪ اهم ۽ ووادي شخصيت رهيو تنهن ڪري هن جي رچنا سنسار تي ٻين ٻہ ڪيترن لکيو آهي، جائزو ورتو ويو آهي. پنهنجا پنهنجا تاثرات ۽ مؤليانڪن پيش ڪيا آهن، انڪري جڳديش لڇاڻيءَ توڙي ڪو نئون انڪشاف ڪونہ ڪيو آهي، مگر ٻن جُلدن جي وچ ۾ هن مونوگراف ۾ هؤ تمام پڪي پختي ۽ ساهتيڪ هندي ٻاشا ۾ ٻين ٻاشائن جي ساهتيہ چاهڪن لاءِ، اسانجي هن اهم ساهتيڪار جي نسبتي طور هڪ سمپورڻ تصوير، سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ ۾ هُن جي درجي پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. جنهن لاءِ مان جڳديش لڇاڻيءَ کي مبارڪون ڏيان ۽ چاهيندس تہ جيڪڏهن ۽ جڏهن هي مونوگراف، ٻاڻ يا ٻيو ڪو وري خود سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري، تيستائين هندي ٻاشا ۾ ٻہ سنڌي ساهتيہ سان جڙيل، جانبدار ليکڪ ۽ ٻانڪ، ساهتيہ اڪادميءَ کان ڪاپي خريد ڪري ادب پڙهن، ٻين کي ٻہ ٻاڙهين ۽ فرض شناس ٿين.

جڳديش لڇاڻيءَ جو ساهتيہ اڪادميءَ طرفان شايع ٿيل ٻيون مونوگراف ’گنو سامتاڻي‘ (1937 - 1997) [4] آهي. جڳديش لڇاڻي گني سامتاڻيءَ بابت لکيو آهي، ’’گنو سامتاڻي، رومانوي دور جو ٻيون اهو اديب آهي، جيڪو جديد سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ اهم ۽ بنيادي ڪهاڻي-نويسن واري حيثيت مڃارائي چڪو آهي. موهن ۽ لعل پشپ جي مشابهت ۾ گني جو ادبي ذخيرو گهٽ آهي پر هو سنڌي ادب ۾ ڪهاڻي - نويس طور، هن ننڍي کنڊ جي هڪ اهم دستخط ٻڻجي اُڀريو.‘‘ [5]

گنو ڪلاسيڪي ۽ رومانوي ليکڪ آهي. گني جي ڪهاڻين

4. डॉ. जगदीश लछाणी : गुनो समताणी। साहित्य अकादेमी, न्यू दिल्ली,। सन् 2014.ई

5. دل جي دنيا. ص. 117.

sindhsalamat.com

۾ چونڊيل وشين جو دائرو ڪافي محدود آهي. پر جنهن وشيہ تي هو قلم هلائي ٿو، ان کي پنهنجي خوبصورت فني نڪتن، سهڻي ورنن شئلي، مڌر، ڪومل ۽ من-موهڻي ٻاشا ۽ پنهنجي اظهار جي غضب جي شڪتيءَ سان اُڀاري ٿو ڇڏي. هن جي سيني پريم ڪهاڻين ۾ اسٽائيل جو جادو ۽ پُر اثر گفتگو آهي. هن جي رچنائن تي بنگلا جو اثر نمايان ٿي بيٺو آهي. سن 1972ع ۾ هن کي ’اپراجتا‘ ڪهاڻي سنگرهہ تي اڪاديمي ايوارڊ مليل آهي.

چوٿون مونوگراف جيڪو ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جو لکيل آهي، سو آهي ’’شيام جئسنگهاڻي‘‘(1937-2009) [6] شيام جئسنگهاڻي پنهنجي پختي ڪلا - شلپ يعني روچڪ رتا، نئين ڪلاتمڪ پرڀاوشالي عبارت ۽ ماحول جي ڪامياب عڪاسيءَ سبب نئين پيڙهيءَ جي ڪهاڻي-نويسن ۾ نالو ڪڍيو. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ زندگيءَ جي الڳاوَ ۽ نررٿڪتا کي وڌيڪ چٽائيءَ سان پيش ڪيو آهي. ڀارت جي سنڌي شاعريءَ ۾ جيئن نئين ڪوتا جو باني هريش واسواڻيءَ مڃيو وڃي ٿو، تيئن سنڌي ڪهاڻيءَ جو سهرو شيام جي سِرَ تي آهي. اِهي سڀ ڳالهيون ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي لکيل مونوگراف شيام جئسنگهاڻيءَ ۾ ملن ٿيون. هن کي ساهتيہ اڪيڊمي ايوارڊ سن 1998ع ۾ ناٽڪن جي مجموعي ’زلزلو‘ تي حاصل آهي.

جڳديش لڇاڻيءَ جي شيام جئسنگهاڻيءَ تي لکيل مونوگراف تي، گوپال ٺڪر هندواسيءَ ۾ لکيل پنهنجي هڪ ليک ۾ [7] جيڪو ٽن قسطن ۾ آهي، جيڪا نظر ورائي آهي، سا ڪوٽ ڪرڻ لائق آهي. هيءَ وضاحت نہ صرف جڳديش کي هڪ

6. डॉ. जगदीश लछाणी : श्याम जयसिंघाणी। साहित्य अकादेमी, न्यू दिल्ली,। सन् 2011.ई

7. گوپال ٺڪر: هندواسي 18, 25 سيپٽمبر ۽ 2 آڪٽوبر 2011ع

books.sindhsalamat.com

عالم ثابت ٿي ڪري پر پڙهندڙن کي بہ شيام جئسنگهاڻيءَ جي رچنائن معرفت آس پاس جي سچاين کان واقف ڪري ٿي:

شيام جئسنگهاڻيءَ تي مونوگراف يا سندس سمپورڻ تخليق ڪيل سنڌي اَدب جو جائزو ڊاڪٽر جگديش لڇاڻيءَ هنديءَ ۾ ڪيو آهي. ساهت جي ڏس ۾ ڪيل سهڻي ڪوشش مرڪزي ساهت اَڪادمي دهليءَ جي آگره سان ٿي آهي. جنهن لاءِ آسان کي سندن ڪيل شيوائن لاءِ ٿورائتو رهڻ گهرجي. هن کان اڳ بہ جگديش لڇاڻيءَ بہ ٻيا ڇُلد اهڙا ويجهڙ ۾ مُهيا ڪيا آهن جي آهن: موهن ڪلپنا ۽ لعل پشپ جي ساهت جو نچوڙ. مان هن اداري پاران جگديش لڇاڻي صاحب جو ٿورائتو آهيان. هوُ اُلهاسنگر ۾ ڊگري ڪاليج ۾ گهڻي وقت کان سنڌي ۽ هندي جو ليڪچرار ۽ پرنسيپال رهيو آهي. شيام جئسنگهاڻيءَ جي اَدب جو ورتل جائزو پڙهي مونکي اِنتهائي سُڪوُن مليو. جڏهن ٻين ٻولين جا پاٺڪ هيءُ ڇُلد اَڪہ مان ڪيندا تہ ڪين سنڌي ساهت جي مقام جي ڄاڻ ملندي ۽ ڪين مبادا اها ڄاڻ ملندي تہ سنڌي ساهتيہ ٻين ڀارتي ٻولين جي ڪيترو قريب آهي. جڳديش لڇاڻي ڄاڻائي ٿو تہ شيام مڪاني سطح تي عالمي اَدب جي مُلهن جو پارکو هئو، جنهن ڪري سندس تحريرن تي اَهڙي چِٽن جي ڇاپ ڇڏيل آهي.

شيام جئسنگهاڻي سنڌ ۾ ڄائو، جنهن جي اَدب جا شائق سنڌ ۾ پڻ آهن. پنهنجي مطالعي موافق اِئين چوڻ ۾ سنڪوچ نٿو ٿئي تہ شيام هِند ۾ ۽ سنڌ ۾ نئين ڪهاڻي، ڪهاڻيءَ جي معاشري تي مٿائين ڄاءِ واڌاري ٿو. اوائلي حياتي شيام اُلهاسنگر ۾ غريبيءَ ۾ گذاري. ٻئرڪ واري گهر ٻاهران لڳل لئمپ پوسٽ جي روشنيءَ ۾ اسڪولي پڙهائي ڪيائين. آرٽ شاسٽر ۾ ڊگري حاصل ڪيائين. فوٽوگرافيءَ ۾ ۽ پوني جي ٽيليويزن اِنسٽيٽيوٽ

sindhsalamat.com

مان اسڪرپٽ رائيٽنگ ۽ appreciation جا سرٽيفڪيٽ پڻ حاصل ڪيائين. سندس پهريون مربي اَديب دوست موهن ڪلپنا ٿيو. سن 1960ع ۾ ناريءَ جومُلهہ شرت چندر جو ناول ترجمو ڪيائين. ڪونج ۾ پهرين ڪهاڻي ’ننگو آسمان‘ سان سندس سنڌي اَدب ۾ سُڃاڻپ ٿي. اُن کان پوءِ ’ڪچا ڌاڳا‘ (سن 1966ع) ناول سنڌي ساهت کي ڏنو.

جڳديش لڇاڻي شيام جي ٻيت ٻين ٻولين جي ساهتڪارن سان ڪري سندس مرتبي کي مٿي ڪيو آهي. وواهت جيون جو ذائقو سن 1968ع ۾ ماڻيائين؛ پر بدنصيبا اُن جي عمر وڏي نہ هئي. هري موٽواڻي ’هوجمالو‘ سنڌي فلم ڪيڻ دؤران فوٽوگرافيءَ ۽ ڊائريڪشن جو ڪم ڪيس سؤنپيو هئو.

شيام جي بدلجندڙ من استٿين واريون ڪهاڻيون:

جڳديش لڇاڻي ڪهاڻي صنف جي وضاحت ۾ ٻڌائي ٿو تہ نئين ڪهاڻي رومانوي دؤر کان بعد جي ڪهاڻي آهي. وگيانڪ ڪهاڻين جي قصا گوئي ۽ روايت کي ڇڏي بدلجندڙ سماجڪ مُلهن جي سُڃاڻپ اڄ جي ڪهاڻيءَ ۾ ملي ٿي. سن 1965ع جي آسپاس جڏهن مڪاني ٻولين ۾ نئين ڪهاڻي شروع ٿي تڏهن پشچم جي ڪهاڻي ڪيترن دؤرن مان گذري چڪي هئي. اُن وقت سنڌي اَدب ۾ پڻ هڪ اَهڙي پيڙهي آئي. بداءُ جيون جو نيم آهي. نئين ڪهاڻي خاص طرح پنهنجي من جي چيتنا جي ڪهاڻي آهي. (ماڻهوءَ جي سمويدنا آهي). جڳديش لڇاڻي ڇهن ڪهاڻي سنگرهہ جي لسٽ ڏئي ٿو، جي شيام سنڌي اَدب لاءِ تخليق ڪيا: (1) ننگو آسمان (2) ٺونگو (3) ميلن جو سفر (4) هڪ ٻيو ڏينهن (5) زنده مڇي (6) شيام جئسنگهاڻيءَ جون چونڊ ڪهاڻيون. جڳديش لڇاڻيءَ جو ڇيد: ننگو آسمان - ماڻهوءَ جي نڪرايل وهنوار جڻ اِنسانيت کي ننگو ڪري ڇڏيو آهي. سنڌي

books.sindhsalamat.com

ڪهاڻيءَ کي هڪ دشا ملي.

غوراب: پناهه شير خان جهاز جو پرتيڪ آهي. ڪاشي نالي ٻيو ڪردار ڪمزور نوڪا (ٻيڙي) برابر، جو شڪتيشالي غوراب سان ٽڪرائجي پرزا پرزا ٿي ٿو پوي. هيءَ هڪ سمبالڪ ورشن آهي، هِن ۾ شيام جو هڪ درشٽيڪوڻ ملي ٿو.

ڦونگو: سندس ٻيو ڪهاڻي مجموعو آهي. اُن ۾ هڪ ڪهاڻي اُلوءُ - جنهن ادبي حلقن ۾ چؤٻولو مچايو هئو. مهانگر جي رفتار سان هلندڙ جيون هڪ ڪلارڪ جي پيڙاميه گاٿا آهي. لوڪل گاڏيءَ جو روز جو سفر هڪ سزا آهي. آفيس ۾ ليٽ پهچڻ تي ڪيس ميمو ملي ٿو. پيڙا پوئي ٿو. ڪردار پنهنجي پٽ کي 'اُلوءَ جا پٽ' چئي پاڻ کي ۽ پنهنجي نسل کي پٽيو آهي. ساهه ڪٽندي پڇتاءُ سندس سيني ۾ اُڀري ٿو اَچي.

لڇاڻي صاحب وڌيڪ واضح ڪندي چواڻو: ڪهاڻيون سِڌو سنبنڌ رکن ٿيون سوچ سان. ڪهاڻيون منورنجن لاءِ نه آهن. حقيقت پرست چيتنا ۽ ڀاوَ ٻوڌ جون ڪهاڻيون آهن.

ڪوٺي جو موت: اَڄ وجود جي هئڻ جو سنڪٽ-سوال هر طرف ته سنسڪاري ماڻهوءَ جو موت ٻئي طرف حالات سان ماڻهو سمجهوتو نه ڪرڻ ڪري، محفوظ نه هئڻ جي ڊپ جي‌سزا سان ٿو جيئي. هيءَ ڪهاڻي (1968) ۾ ڪيترن ڪونه سمجهي؛ جنهن شيام کي ناراض ڪري ڇڏيو هئو. لکڻ بند ڪرڻ چاهيو پر پرم آبيچنداڻي اُن ڪهاڻيءَ کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو؛ جنهن شيام کي سَرهو ڪيو. من اِستٿين تي آڌارت Absurd ڪهاڻي آهي. ڪهاڻيءَ جو ڪردار چوي ٿو اِسڪرپٽ لکڻ... محض آجيوڪا جو سهارو آهي... روٽي ۽ جياپو يٿارٿ آهي... ڪوٺو مهانگر ۾ ٻوڙي پيو.... اسڪرپٽ جي بنڊل کان ٽپي طاق تي وڃي ويٺو. اُتان ڊريسنگ ٽيبل ڏانهن؛ جتان، ڇپيائي مون ڊريسنگ ٽيبل کي ديوار سان

دٻائي ڪوٺي کي ماري ڇڏيو. ڪيس ۾ تاتين پهچڻ نه ڏنو. بنا رت وهائيندي هوءُ دٻجي مري ويو... هي ڊائيڊ لائيڪ اي رئٽ.

جڳديش لڇاڻيءَ جوڙ ڪٽ ڪندي فتوى ٿو ڏئي ته مهانگر جي ماڻهوءَ جي اِها ئي دشا آهي. حالت سان سمجهوتو نه ڪرڻ جي ٽرئجڊيءَ ۾ جيئي ٿو. ڪٿا ۾ ڪردار سريش کي ڪوٺي جي پرتيڪ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. چنتن پرڌان ڪهاڻي آهي.

رت جو سواد: حال ۾ بدلجندڙ مُلهن (وگيان ۽ ٽيڪنالاجي) جو اثر ٻُڌي-جيويءَ تي ٿئي ٿو. آندرين توڙي ٻاهرئين سنڪٽ جو اثر نظر ٿو اچي. اَڄ جو ليکڪ ايمانداريءَ سان اُن سنگهرش جي ترجماني ڪري رهيو آهي. ڪٿا جو ڪردار جيڪب ڪامپيوٽر جي زير نٿو رهڻ چاهي.

ميلن جو سفر: (مانو سنساڌن وڪاس منتراليه- ڀارت سرڪار سن 1968ع طرفان حاصل اِنعام) - هن مجموعي جي ڪهاڻي ''اندر گانڊڙ آلوڙا''- ڪجهه ڪجهه 'ڦونگو' جيان هڪ ڪلارڪ جي پيڙاميه ڪٿا آهي. وي.ٽي. اِسٽيشن کان اُلهاسنگر ٽرين جي ڪشمڪشي جيون چترت ٿيل آهي. ٽيڪنيڪل خرابيءَ ڪري گاڏيءَ جو هلڻ بند آهي. لاچاري ۽ بوريت تحت آهي. جڻ شهر ٿو ٻالهائي. هوءُ ٻئي ڏينهن گهر ۾ ٿو پهچي (سفر محض ڏيڍ ڪلاڪ جو) ٻئي ڏينهن ڇُٽي ڪرڻ ٿو چاهي پر صبح جو سندس پتني ڪيس ڪم تي موڪلي ٿي ڇڏي. لڇاڻي صاحب جو چواڻو: زندگيءَ جي هِن لاچاري، مجبوري ۽ ڪمزوريءَ جي قيد کي محض موت ئي مڪتي ڏياري سگهي ٿو.

جهول ڪڙا: شيام جي سريشٽ ڪهاڻين مان هڪ آهي. لڇاڻيءَ جو چيد: اَڄ جو ڪهاڻيڪار پريويش ۽ وقت کي سُڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. 'اُلوءُ' ڪهاڻيءَ جو پاڇو هِتي به نظر اچي ٿو. برسات کي علامت بڻايو آهي. بدلجندڙ رشتن جي عڪس کي

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سھڻي شلپ سان ڪھاڻيءَ کي اوچايون بخشيون آھن. ڪٿا ۾ ڪردار منجھوُ ٽيليفون آپريٽر آھي. پاڻ کي آميريڪا ٿي موڪلي. ماڻ سان گڏ آھي. گھر جو پورو خرچ سندس مٿان آھي. پريمي کيس دوکي جي اُس ۾ ٿو ويھاري. کيس ڪُتي سان پيٽي ٿي ۽ رِشتن مان بدبوءِ جو اَحساس ٿي ڪري. يٿارٿ ڳالھائي ٿو. سنڌيءَ جي نہ وسارڻ جھڙي ڪھاڻي آھي.

آَٿن آدر ڊي: شيام جو چوٿون ڪھاڻي ڳٽڪو آھي. ٽائيٽل ڪھاڻي ’ننگو آسمان‘ جيان شيام جئسنگھاڻيءَ ڪھاڻيءَ کي ھڪ الڳ مقام بخشيو آھي. لڇاڻي ھِن طرح ٿو وضاحت ڪري: ھِن ڪٿا ۾ انگريزي اکرن جي اِستعمال جي شڪايت پاڻکن ڪئي. پر مان سمجھان ٿو تہ نئين ساھتيہ سنويدنا يا آڌونڪتا آڏو انگريزي لفظ جو اچڻ سڀاويڪ آھي. ڪھاڻيءَ اندر ويٺل ھڪ ”شومئن“ شخص کيس مجبور ٿو ڪري. ھن ڪھاڻيءَ شيام جي شخصي وجود کي اظھار ڏنو آھي. سُنيل ڪردار گھر کان آفيس ۽ آفيس کان گھر ۽ اُن وچ ۾ ڪڏھن ملندڙ فارغيءَ ۾ شھر ۾ ھلندڙ فلم فيسٽيول کي ماڻڻ ... صبح جو ماڊرن مشيني پرزي جي رفتار ۾ ھلندڙ زندگي چوي: ھِن سوٽر کي سلام - ھن مادر کي اَدب . سُنيل جو آڪروش. آفيسر سان جھڳڙي کان پوءِ سمپورڻ ڊسٽربڊ. ھيومن بِھيوئر جي ڪانہ ڪا نارمل ليڪ ھوندي آ، خالي سھين.... من اِستٿي جي پريڀاشا - شيام جي ترجماني لاءِ جيتري ساراه ڪجي ٿوري آھي.

اَڍائي گھر: ھِن ڪھاڻيءَ جو عنوان ڳالھائي ٿو تہ مِڪي ميرچنداڻي سنڌي بزنيس مئن جي جيون اَڍائي گھرن ۾ ورھايل آھي ۽ چؤڪنبو ڦاٿل آھي. پوني ۾ سندس ماڻ ھاسپيٽل ۾ آھي. وڃي کيس ڏسڻ لاءِ وقت نہ آھي، نہ چاھہ. ھوُ نوَن مُلھن جو سھارو ٿو وٺي. ھانگ ڪانگ جي ھوٽل ۾ ويٺو عيش ڪري. سندس

معشوقا کيس فرض اَدائي ياد ڏياري ٿي. It is matter of survival ميٽا ڊارلنگ چل ڪوٺ. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي ڪھاڻيءَ جي تھن اَندر جھاتي پائي ٿو. ڪھاڻيءَ جي عبارت، ٽڪنيڪ، شيلي ۽ وشيہ ڪلاتمڪ آھي. اَڄ اَسانجا گھڻا مٿئين طبقي جا بزنيس مئن اَھڙي زندگيءَ جي مُلھن ۾ جيئي رھيا آھن. اَھڙن لمحن جي ڇھاءَ کان واقف آھيان.

پبلڪ بس: جڳديش لڇاڻيءَ جي عقابي اَک ۾ ھِن ڪھاڻيءَ جو اجھو ھي سوجھرو باکون ڪيڍي رھيو آھي. سھڄتا سان لکيل . ريسٽ ھائوس جو وڏو بيان ملي ٿو. پبلڪ بس اَڄ جي جيون جي علامت بڻجي آيل آھي. ھلندڙ بس مان ھيٺ لھڻو نہ آھي. اَڄ جو فرد جيئندي بہ مري رھيو آھي. پنھنجي نِجي اَنيوَن ۽ مانسڪ پيڙا کي اِظھاري ٿو. نوان ميٽافر مِلن ٿا.

زنده مڇي: ھِن انتخاب جي وموچن دؤران ھڪ مزيدار گھٽنا: روايت موجب سيني ۾ ڪاپي ورھائجي ويئي. مون پر واري خالي ڪُرسيءَ تي رکي . اُٿڻ مھل ڏٺم تہ ڪاپي گُم ھئي. خوشي ٿيم تہ سنڌي اَدب جي اَڄا ڊماڻ آھي. جُلد جي مُھڙ ۾ شيام لکي ٿو: ڪھاڻي منھنجي آسپاس رھي آھي. ڪھاڻيءَ جي شروعات ۽ اَنت ڪيئن ڪريان نٿو ڄاڻان.

رات: ٻين ڪھاڻين جيان ھن ۾ پڻ ڪلا پکش پُرزور آھي. ھن ڪھاڻيءَ جو مکيہ پاتر، سنڌي ناول نويس آھي. ھِن ۾ اَپر ڪلاس ورتين جو خوبصورت ذڪر آھي. در اصل شيام جي نجي شخصيت ٻين ڪھاڻين کان ھن ۾ پُر اثر اولڙو پاٺڪ جي ذھن تي ڇڏي ٿي. اَديب ھِن ڪھاڻيءَ جو وستار ۽ گفتگو کي شديد ماڻي ٿو. ھڪ ھڪ فڪر ۾ جديد طنز اُڀري اَچي ٿي. اَپر ڪلاس جي ورتين جو ڪنڊن آھي. جنھن تي شيام چوٽ ٿو ڪري. ٻوليءَ جي لحاظ کان تمثيلي سوتر اُجاگر ٿين ٿا. ڪھاڻيءَ ۾ لنڊن کان ايندڙ

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مُڪيش نالي دوست سان گڏجي جو طئہ ٿيڻ، هڪ فاءِ اِسٽار هوٽل ۾ سنڌي جلسي نمان پارٽيءَ ۾، نئين سيپتا جي نمائندگي ملي ٿي.

زندهہ مچي: هڪ پريم ڪٿا آهي. اِنتهائي علحدي، آساڌارڻ مُلهہ ڪٽي آيل آهي. ڪوئي جسمي سنبنڌ ڪونهي. ڪشور وواهت آهي. منوهر، ڪشور جو دوست آهي. منوهر جي ڪشور لاءِ ڌارڻا آهي تہ ڪي ماڻهو آڪيلپٽي جو سراپ ڪٽي پيدا ٿين ٿا ۽ اُن طرح ئي دفن ٿين ٿا.. مالتيءَ جي گذر ڪرڻ تي هوُ ٻئي دوست ناسڪ وڃي سندس ڪرياڪرم ڪن ٿا. وستار ڪٿا جو سرير آهي. جنهن ۾ شيام جي ڇاپ ڇڏيل آهي. لڇاڻيءَ ڪهاڻيءَ جي مکيہ ڏور ڪي کولي ڪهاڻيءَ ۾ مرتڪ نائڪا کي جيئرو هئڻ ڇيو آهي. ڇاڪاڻ تہ نائڪ جي نظر ۾ ’هوءَ‘ اوجهل ٿيڻ جي شيءِ نہ آهي. (پاڻيءَ ۾ هانيون پرواه ڪندي) جو پاڻيءَ وهڪري ۾ سندس شرير کي شيئر ڪيو آهي. منهنجي آنترمن ۾ هڪ مشعال چمڪي اُٿي هئي. هوءَ محض مون لاءِ جيئي ڏکن کي سهندي رهي هئي.

ناول: شيام جئسنگهاڻيءَ سنڌي آدب کي محض ٻہ ناول ’ڪچا ڌاڳا‘ ۽ ’ڪاهيءَ جي چوٓطرف‘ ڏنا. ٻئي ناول سنڌي آدب ۾ دائما لئنڊمارڪ ٿي رهندا. ناول جي تڪنيڪ تحت جڳديش لڇاڻي هن طرح مخاطب ٿو ٿئي. ناول ۾ لڇڪتا آهي، اِن تي ڪنهن جو ٻنڌڻ نہ آهي. ناول ڪڏهن ڪهڙو بہ روپ ڌارڻ ڪري سگهي ٿو. نوَن نوَن تجربن ۾ سندس مهارت ملي ٿي. اوائلي ناول جو آغاز رچرڊسن جي ’پاميلا‘ سان ٿيو. (سن1742)ناول يورپ ۾ ٽي صديون پار ڪيون آهن. پر سنڌي آدب ۾ ناول جي عمر وڏي نہ آهي. ناول آڄ بہ دقيانوسي دائرن ۾ گشت ڪري رهيو آهي. سواءِ آڱرين تي ڳڻڻ جيترن ناولن کي ڇڏي. سن 1960ع جي آسپاس هڪ هلچل پيدا ٿي هئي. نئين ڪويتا، ڪهاڻي ۽ ناول

sindhsalamat.com

هڪ آنوکي ملهہ سان سامهون آيو، جنهن ۾ آنيوتي ۽ شئليءَ کي آڌار بڻايو ويو هئو. جنهن جو آثر شيام جي ناولن ۾ ڏسي سگهجي ٿو. سارتر لاءِ چيو ويو آهي، آٺو ڏڳہ جي تواريخي حالتن ۾ ۽ زندگيءَ جي مُلهن ۾ وڏو فرق آيل آهي. جڏهن آدب ۾ ڀاوَ - ٻوڌ جي ڳالهہ ٿا ڪريون، هر لمحي بدلجندڙ فرد ۽ سماج جي چيتنا کي ٿا ورجايون. نئين ڪهاڻيءَ جيان ناول ۾ پڻ سماجڪ ڀاونا، سيڪس جي آزادي، ڪتنبي نراشا، بوريت ۽ حفاظت جي سنڪٽ سان آوشواس جي مفهوم، جنهن ۾ ناول نويس جئسنگهاڻيءَ جي ’ڪچا ڌاڳا‘ ۽ ’ڪاهيءَ جي چوٓطرف‘جي ڳٽپ آچي ٿي. دقيانوسي مُلهن کي تلانجلي ڏئي اُڀري آيل آهن. اِستول ڪٿا بجاءِ پاتر سوڪيم ڀاوَ ۾ اُڀاريل آهن. نئين عبارت، ڊائري ۽ خطن آڌارت آهي. لڇاڻي صاحب وڌيڪ هيئن ٿو وچوڙ ڏئي تہ ناول جي ٻولي شاعراڻي آهي. آدب ۾ ناول نويسي ۾ هڪ آهڙو بہ حلقو آهي، جن ڪٿا جي هئڻ کي وزن نہ ڏنو آهي. جيئن جيمس جائس وغيرهہ. ٿوري ڪٿا: وواهت پريمي آهن سنگيت ۽ ڪويتا جا شائق ٻئي - جيوي آهن. پتني مُستقبل ۾ جيئي ٿي. پاڻ اُن جو مثال اِنڪري آهي جو نواڻ جو قائل آهي. پتيءَ جي ماءُ پراڻن خيالن جي آهي. پتي ماءُ کي ڇڏڻ لاءِ راضي نہ آهي. پتنيءَ کي ٻار کپي. پر ستتين جو آحساس کين ڪمزور بڻائي ٿو. پتني ڄاڻي ٿي تہ آگر ڌيءَ ڄائي تہ (مون جيان) ڪهڙو سک پائيندي.

ٻيو ناول ’ڪاهيءَ جي چوٓطرف‘ : سن 1976ع شيام جي لکيل ٻن ڪهاڻين ’چڙهندڙ لهندڙ ڏاڪا‘ ۽ ’وچوٽين ۾ ڇالنگہ‘ آڌارت آهي. اِستوري لائين هلڪي ڇڪيل آهي. درآصل گهٽنا پرڌان ناول آهي. آڄ ناول ۾ پاتر حالتن سان جُڙيل رشتن جا آرٿ تلاشين ٿا. ناول جو ڪردار آتمچنتڪ، ڀاوناتمڪ ۽ مانسڪ سطح

books.sindhsalamat.com

تي آڪيليپٽي جي پيڙا پوئي ٿو. جڳديش لڇاڻي پڌائي ٿو تہ شيام کي ساڌارڻ پاٺڪ (مدو) نہ سمجهي سگهندو. اڄ رشتن جي معنيٰ گهٽجي رهي آهي. شيام ناول ۾ رشتن جي ٽڌاڻ کي مُدو بڻايو آهي. ناٿڪ مدن کي هر چيز کان چِڙ آهي. ڏاڏي جي سرڳ واس ٿيڻ جو پُٽڻي نہ چاهيندي بہ هڪ فارملٽي پوري ڪرڻ لاءِ پوني ۾ وڃي ٿو. پيءُ کي اڇي رومال سان ڍڪيل ڏسي، مؤت کان پوءِ واري رسم ۽ ڪرياڪرم ڪيس ناٿڪ ٿا لڳن. پنهنجي 'هٺڻ' کي ماءُ - پيءُ جي پُٽ ٿو ڪوئي. جڳديش لڇاڻي ڇيد جي آخر ۾ پڌائي ٿو تہ هن ناول ۾ سلسليوار ڪجهہ بہ نہ آهي. حالتن جي اوگهڙ پاٺڪ جي چيتنا کي جهنجهوڙي ٿي. پهرين ناول - داستان سان گڏ هلندو هئو. پر اڄ نئين چيتنا پاوَ سان هلڻ ٿو چاهي. ساڌارڻ پاٺڪ لاءِ نہ آهي، سنڌي اَدب ۾ نواڻ لحاظ ڪامياب ناول آهي. مان جيڪر هن ناول کي لعل پشپ جي ناول 'هن جي آتم جو مؤت' سان ساڳئي طاق تي رکان.

نئين پاوَ - بوڌ پريل ڪويتا:

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي ڪويتا لاءِ ريڊيميڊ فارمولا کان ڪنارڪشي ڪندي پنهنجي بوڌ ۽ قوت آڌارت شديد اَپياسوءَ جيان آسان سان مخاطب ٿئي ٿو. وسترت آرٿن ۾ ڪويتا سدائين نواڻ جا مُلهہ ڪٽي اَچي ٿي. عام طرح هر ڪال پنهنجي ڪويتا کي نئين سُڏائي ٿو. وقت گذرندي نواڻ جو اَثر وڃائجي وڃي ٿو. اِنڪري اڄ جو ڪوي 'نئين ڪويتا' نہ لکي. محض 'ڪويتا' لکي ٿو. گذريل صديءَ جي 80 واري ڏهاڪي ۾ 'نئين' لفظ هٽي ويو. شيام جئسنگهاڻي پنهنجي چنتن سان ڪويتا کي نيون اوچايون ڏنيون ۽ هڪ مقام حاصل ڪيو. هِن آسان کي 3 ڪويتا سنگرهہ ڏنا جي آهن: (1) وڇوٽيون (2) گوئاني منظر ۽ (3) ممبئي منهنجي.

وڇوٽيون: هن سنگرهہ لاءِ سن 1981ع ۾ تعليم منتراليہ پارت سرڪار شيام کي اِنعام سان نوازيو هئو. هن انتخاب جون سڀ ڪويتائون نيون آهن. هِن جُلد ۾ نراسائي، لاچاري، خسيسپڻو، مخالفت، تناوَ، دٻاوَ، ٻوڏگي، فريب، ورهاڱي جي هاڃيءَ جو درد، منظر در منظر، زندگيءَ مؤت جي معنيٰ جي تلاش ۾ سرگرادني ، ڪويتا جي آنجمن تي نظرثاني ڪندي وڏيڪ جڳديش لڇاڻي پڌائي ٿو تہ ڪويتائون گنڀير ميزان ۾ آهن. مهانگر جي لعنت جون سڀئي حاصلاتون آهن. سرسبز ميدانن کي شهرن ڪاٽي ڇڏيو آهي.

شيام جو هڪ چنتن: مان اِتهاس جو هڪ ڇڇريل پنو آهيان. هي پوري سنڌي جاتيءَ جو مثال بڻجي اُپريل آهي. سياست سنڌي جاتيءَ سان بي اِنصافي ڪئي. ڪويتا جا ڪجهہ حصا: ڏينهن جي ڪرت بعد ٽرين ۾ ٻوڙي گهر پهچان ٿو / دريءَ وٽ بيهي /آڪسيجن ڳولهيان ٿو / ٻاهريون سمورو آڪاس / ڪارخاني جي دونهين سان پريل آهي / آڪسيجن ڪٿي آهي؟

شيام جي ڪويتا ۾ حفاظت چنتا جو وشيہ آهي. 'ويتنامي جنگ' ۾ سندس فرياد هڪ علامت طور آيل آهي. ٻڪريءَ جي ماءُ ڏڪندي/ رنيندي رهي رات پر/ خون جو جام پي پي / مدمست رهيو ڪاسائي/ اُپرڻ کان اڳہ / خوب غوطا کاڌا سِج /ڇي - بس ڪا ملي آ زمين جو اُجالو...

گوئاني منظر - پتڪاءُ شيام جي فطرت جو هڪ اَنگ هئو. گوئا ۾ هڪ پيرو نہ اَنيڪ دفعا ويو هئو. موٽي اَچڻ کان پوءِ فون تي اَحوالي ٿيندي ڪويتا نمان سندس گفتگو خوب ويجهڙايون پيدا ڪندي هئي. جڳديش لڇاڻي چواٽو:شيام جي ڪويتائن ۾ Goan Landscape جي منظرڪشي آسانجي هر آندرئين تهہ کي ڇُهي ٿي. شبد تصويرن جيان ٻالهائين ٿا. خالي پنگار بنگلو /

sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

آندر شڪل وڻ ٻوٽا /پلستر لٿل پنيون/ ڀڳل ٽٽل شيشن واريون دريون.... هِن جلد جي هڪ هڪ ڪويتا سوچڻ لاءِ مجبور ٿي ڪري. ڪيس پاشا ۾ تهذيب وڃائڻ جو ذڪر آهي. پاڻيءَ ۾ مئل مڇيءَ کي ڏسي هڪ صدا ٿي اُڀري : هڪ لاش / پاڻي ۾ ترندي/ تڇا ڏيندي/ پڪ اُها سنڌي تهذيب آهي. ها /جيئن جننن جي حوالي / اُها سنڌي تهذيب ٿي آهي. هِن چئنن ڪويتا هر سنڌي اَدب کان سيسرات اُڀاريا هئا. سندس تخليقي زبان ۾ ڪويءَ جي ذهن کي پڙهي سگهجي ٿو. جڳديش لڇاڻي تشبيهه ٿو ڪري ته شيام سنڌي ڀاشا جي شڌ آکرن جي استعمالي کان ڪنارڪشي ڪري انگريزي شبدن جو اِستعمال ٿو ڪري، جنهن کان ڪنراٽڻ ڪپي ڪويتا ۾.

ممبئي منهنجي: ڪويتا سنگرهه 'هيڪو' جاپاني صنف ۾ آهي. شيام جئسنگهاڻي داد جو مستحق آهي. بنا وزن وَ ڇند هوندي به اُن جو ڳهاڙيتو اِنتهائي جمالي هٺڻ ڪري بار بار من کي ڇُهي ٿو. شيام جي شبدن ۾: هِن ٽن سِٽن جي بندش ۾ هڪ ننڍي ڪئپسول ۾ هڪ مُدي کي ڀُر اَثر ۾ درشائڻ جي ڪوشش آهي. ناراڻ 'شيام' اُن کي تصويرون ڪوٺيو، سنڌ جي شاعر اِمداد حسيني اُن کي 'ٽيڙو' ڪوٺيو. جڳديش وڌيڪ وضاحت ۾ چئي ٿو ته 'هيڪو' هڪ عڪس آهي، ڀاونائن سان ڀرپور. هِن ۾ 15-17-15 ماترائون ٿين. پهرين ۽ آخرين سٽ ۾ لفظ هم قافيه ٿين. شيام پنجاه سال ممبئيءَ ۾ رهندي اُن کي ذهن ۾ اُتاريو آهي. وٽن جي ڇاپا، گرم ڦُٽ - پاٿ سمندر سُنسان ڪنارا، سوريه اَس، لوڪل ٽرين جي ڀوساٽ، عڪس ، اَحساس ، ٽٽندڙ رشتا، لمحن جو جزاءُ Perambulate وياپڪ ڪندي لکيا آهن:ڪراس ميدان، نئهڻ اُس ۾ ڪرڪيٽ جي پرئڪٽس، هر نئون بال جڻ تازو جاول ٻار. هن مجموعي جي ڇپيد لاءِ مون لنبي راهه جي اِڇا

sindhsalamat.com

ڪئي هئي. مون خوب ماڻيو آهي. اِشاعت کان پوءِ مون جڳديش لڇاڻي ۽ لڇمڻ ڪومل کي تبصري ڪرڻ جو عرض ڪيو هئو.

رنگ منچ ۽ ريڊيوناٽڪ جو تخليقڪار:

جڳديش لڇاڻي هڪ مفڪر جيان ناٽڪ جي ٽيڪنيڪ ۽ نقطي سان آسان وٽ سنيهه سان اَچي ٿو. سچي ڪلاڪار جو روح هميشهه وياپڪ ۽ بيچئن رهي ٿو. جيون کي سمجهڻ جي تلاش اُن جي ڪڏهن به ختم نٿي ٿئي. شيام جئسنگهاڻي آهڙو ئي خاص ڪٿا شلپي هئو. سندس روح ڪڏهن چئن نه پاتو. بطور سندس 'مان' سان هڪ 'ٻيو مان' جستجو جي سنگهرش ۾ رهيو. ناٽڪ سنگرهه 'زلزلو' لاءِ ڪيس مرڪزي ساهت اَڪادميءَ اِنعام ڏنو. ناٽڪ جي ٽِٽپ Performing Art ۾ آهي. جُلد ۾ ناٽڪ ، لکيل ناٽڪ ٿو چوائي ۽ اُهو جڏهن رنگمنچ تي ٿو پهچي تڏهن ناٽڪ ٿو چوائي. اِنڪري انگريزيءَ ۾ ناٽڪ کي Playچوَن.

پريم پرڪاش هِن سنگرهه جا سڀ ناٽڪ رنگمنچي ڪري مڃي ٿو. اُن کي شيام سان ڇٽيالاٽي چئي سگهجي ٿو. شيام روايتي ناٽڪ کان هٽي تخليق ڪئي آهي. سندس ناٽڪ وسنوُ ۽ شلپ ٻئي آهن. ڏنو وڃي ته اَدب ۾ هڪ ڪينئر ۾ هن پاڻ موڪيو آهي. داڳو داڳو ٿيل سنڌيءَ ۾ اَڃا ٿاٿين Play conscious ناهي.

اونده جي گولها: ناٽڪ ۾ ٽي ڪردار آهن. ٽيئي ٻُڌي - جيوَ آهن. شڪتيوان ۽ اَپماني آهن.سماج تي ڪين غصو آهي. دراَصل سماج جي بنيادي مُلهن ڏانهن اِشارو آهي... منچ تي هڪ بينچ رکيل آهي. پر ۾ لئمپ پوسٽ مان ڦهلجندڙ روشني گول جي آڪار ۾ آهي. هوُ ٽيئي سماج تي وَسن ٿا. ناٽڪ ۾ ڪابه ڪٿا نه آهي. محض پاترن جي گفتگو آهي. اِستئيون نه آهن. پاترن جي سوچ جو سلسلو آهي. ناٽڪ جي پڇاڙيءَ ۾ مکيه ڪردار گوتم پوميڪا نڀائيندي. ممڪن هجي ته فقيرن جو ڪو دل (اَدارو)

books.sindhsalamat.com

راجيبيشيڪ رهرسل ڪندو هجي؛ اِتهاس آهي دهرائجي سگهجي ٿو.

ٻيٽ اَڪيلا: سنگرهه جو ٻيون ناٽڪ آهي. هِن ۾ پڻ ٻاوَ ٻوڏ آهي. شهري جيون جي مُلهن کي صحيح اَرٿن ۾ اُجاگر ڪيو اَٿائين. روايت کان هٽي ناٽڪ جي تحرير ڪئي اَٿائين. هِن ناٽڪ ۾ شيام ڪٿا جو گهنڀ بُلند ڪري ٿو جنهن ۾ ڪويتا جا سُر ٻڌڻ لاءِ ملن ٿا. جگديش لڇاڻي تفصيلن جي دائرن ۾ گشت ڪندي ٻڌائي ٿو تہ شهر جي زندگي اَسانجي سُڪون تنر ٻِنر ڪري ڇڏي آهي. شور غل کان نجات پائڻ لاءِ ايڪانت جي چاهت رهي ٿي. جو پيڙ ۾ اَسين هڪ ٻئي کان بيخبر آهيون. ناٽڪ جي پاترن جا نالا 'A' ۽ 'B' رکيل آهن. 'A' چي: جڏهن ايڪانت ۾ ڳالهايان ٿو تہ لفظن جي گونج مونکي وياڪل ٿي ڪري. 'B' چوي: جڏهن ڳالهائڻ جي اِڇا ٿو ڪريان تہ 'A' ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهي. ٻئي اَسهاءِ حالتن مان ٿا گذرن.

زلزلو: ٽيون هي ناٽڪ شيام جئسنگهاڻيءَ جو لوڪپريہ ۽ مقبول ناٽڪ آهي. هن ناٽڪ جي اُپٽار ڪندي لڇاڻي صاحب پنهنجو نظريو ظاهر ٿو ڪري، جنهن ۾ ڪجهہ تضاد آهي. جو سندس درشٽيڪوڻ آهي. هِن ۾ فن جي لحاظ کان شيام چرم سيما نہ ڏيئي سگهيو آهي. ناٽڪ ۾ گهڻا پاتر هئڻ ڪري ڪٽيل ڪٽيل ٿا رهن. اِنتظاري ۽ سنگهرش ناٽڪ جا اَهم تتوَ آهن. هن ريڊيو ناٽڪ ۾ هڪ ڪرمچند نالي رٽايرڊ گهر جو وڏو زبون حالت واري گهر ۾ رهي ٿو. مڪان جي ڇت ڪن ڪمزور ٿنڀن جي سهاري بيٺل آهي. پاڻ راڪنگ چيئر تي وِيڙو وِيڙو زندگيءَ جي آرپار سپنا ڏسي، موت جو آپاس پيو ڪري. پر سندس پٽني دوراندِيشيءَ جو لغام پڪڙي پيئي کيس تسليِ ڏئي - جو ٿيڻو آهي سو اَوس ٿيندو. اِن طرح نوَن ۽ جهونن مُلهن جو لڏڪڻو ڏيکاريل آهي.

sindhsalamat.com

ٻيا ناٽڪ شنڪ، پپر جا ڏاڍا ۽ اَڱڻيل آسمان آهن. 'شنڪ' ۾ اسٽوري لائين هڪ سنهي ليڪ جيان آهي. منووگيان جي سوکيم تتوَن کي آڌار بڻائي حالتن جو چترڻ ٿيل آهي. ساڌارڻ ڏراتل سان شروع ٿي سماج جي ڪمزوريءَ ڏانهن اِشارو ٿيل آهي. شيام چوي ٿو: رٽايرڊ جي مُهر لڳندي ماڻهو نڪمو بڻجي ٿو وڃي. 'پپر جا ڏاڍا' سن 1963ع جي اينٽري آهي. عبارت فنائتي ۽ پُراَثر هوندي بہ ٻڌندڙن جي سِرَ مٿان لنگهي ٿو وڃي. ڪٿنبي من اِستٿيون ظاهر ٿين ٿيون. وڏي پاءُ جي لاچاري ۽ پيڙا جو اِظهار ملي ٿو. لڇاڻي جو شديد رمارڪ : شيام جي ادبي سفر ۾ خوب موڙ ۽ اوچايون آهن. سندس طئہ ڪيل راهون واقع ڏِگهيون ۽ ڇهندڙ هوندي بہ ناٽڪ سفر مختصر آهي. هوُ بنيادي طور ڪهاڻي نويس آهي جني سندس آتما جو نواس آهي.....

ترجمن ۾ خاص تحريرن جو پُنر جنم:

ترجمن جي وهڪ کي سهيڙيندي جڳديش لڇاڻي مختصر ۾ وچوُر ڏيندي ٻڌائي ٿو تہ ترجما ٻئي ساهت جو آئينو آهن. ٻولين جو هڪ ٻئي سان تعارف ٿئي ٿو. شرت چندر، رويندر ناٿ ٽئگور، گيٽي، چيخون، ڪامون وغيرهہ ساهتڪارن جو ڀارتيہ ساهتڪارن تي وڏو اَثر رهيو آهي. شيام جئسنگهاڻيءَ پڻ ترجمن جي غوراب ۾ سفر ڪندي ساهت کي مرهٽي ڀاشا جو ناول 'چاني' (سي.ٽي. گانوَلڪر) ڏنو. شام جو چوڻ تہ هِن ناول جي ناٽڪا 'چاني' مٿس زور ڀريو. اَنواد سنڌيءَ ۾ ڪرڻ لاءِ. چاني ۾ ڪونڪن پرديش ۾ ڦهليل ٽين-ايج ڇوڪريءَ جي ڪٿا آهي. هن ۾ مرهٽي لوڪ گيت خاص جڳهہ والارين ٿا. هن ترجمي جي لاءِ شيام جئسنگهاڻيءَ کي ساهت اَڪاڊميءَ اِنعام عطا ڪيو هئو.

خاص آنڪن ۾ مکيہ ڀوُمڪائون:

شيام جئسنگهاڻي پنهنجي نجي سهڪار سان ڪيترين

books.sindhsalamat.com

مخزن ۾ جُلدن ۾ پنهنجي تخليقي قوت سان اُنهن جي معيار کي مٿي کرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ ’رچنا‘ جا ٻه خاص شمارا جڳت آڏواڻي ۽ آسانند مامتورا جا سمپادن ڪيل ملن ٿا. ’ساهتڪار‘ ۽ ’ڪونج‘ جي ڪيترن اَنڪن جو سمپادن ڪيو. جنهن ۾ ڪونج جا چار اَنڪ هي آهن: ڪنڌهر، نوان اُفق، اُفق جي دوُري ۽ محاذ تي. ڪنڌهر جُلد جي ڀومڪا ۾ نئين ڪهاڻيءَ کي سمجهڻ جي مدد ملي ٿي. ’نوان اُفق‘ ۾ اُن وقت جي ڪن اديبن جون رچنائون آهن. مکيہ طور شيام جو ’سنڌي ڪهاڻي‘ گذريل ڏهاڪي ۾ ۽ نيون داخلائون. چاليهن صفحن ۾ مقالو آهي، جنهن ۾ خاص ڪهاڻي نويس جو اُليکن آهي. شيام نئين ڪهاڻيءَ جي ٽپٽيءَ ۾ ٻڌائي ٿو تہ اَڄ جو ڪهاڻي نويس، ڪهاڻيءَ جي پهچ جو هڪ هي پهلو بہ آهي تہ هوُ جيئڻ جي پريوگہ ۾ انڌڪاري ڳلين ڪان گذرندي پنهنجي نجي اَنڀوَن سان، زندگيءَ جي رهسين کي جاڻي، ڀرم کي ٽوڙيندي، اَرٿ چيتنا جي تهن سان واقف ٿيندي ڪڏهن جيئڻ جي ڪوراڻ، ڪڏهن تيورتا تہ ڪڏهن نراشا کي ڪهاڻين جو حصو بڻائي ٿو ۽ اُن غريما ۾ سينسيبلٽي جي حصيداري رهي ٿي. ’اُفق جي دوُري‘ ۾ ڪهاڻي اَدب ۾ هي هڪ نئون پريوگہ طور آيل آهي. هن ۾ اَلڳ اَلڳ ليکڪن جون ڪهاڻيون شامل آهن ۽ هر هڪ ڪهاڻي نويس ٻئي ڪهاڻي نويس جي ڪهاڻيءَ تي تبصرو ڪيو آهي. ’محاذ تي‘- نئين سنڌي ڪويتا جو معياري گلدستو آهي. شيام جئسنگهاڻي سنڌي ڪويتا اَرٿ - نرارٿ جي ’بلائينڊ ٽيسٽ‘ عنوان سان ڀومڪا پيش ڪئي آهي جا نهايت ڪارائتي آهي. مختصر هوندي بہ نئين ڪويتا جي وشيہ ڪيترن ئي سوالن جا جواب مُهيا ڪرائي ٿي. مڪاني ۽ عالمي سطح جي نئين ڪهاڻيءَ تي بہ نظريو ملي ٿو.

sindhsalamat.com

جڳديش لڇاڻي هن جُلد ۾ ڏنل ڇيد، شيام جئسنگهاڻيءَ جي پوري سنڌي اَدب جو جائزو شديد مطالعو ڪري پيش ڪيو آهي جو هن ڪان اڳہ نہ ٿيو آهي. هن سلسليواري جائزي جو مون پڻ سلسليوار ڇيد ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اِنڪري ذرا طويل ٿي ويو آهي.

جڳديش لڇاڻيءَ جو رام پنجواڻيءَ (1911-1987)[8] تي لکيل مونوگراف ساهتيہ اڪادمي پاران شايع ٿيل آهي. جڳديش ڪتاب ۾ لکيو آهي، ’’پرماتما ڪن شخصن کي ڪي خاص ڪم سرانجام ڪرڻ لاءِ هن جهان ۾ موڪليندو آهي. ان ڪري چوندا آهن،’ڪري مٿان، پر ڪنهنجي هٿان.‘ رام پنجواڻي اهڙن انسانن مان هڪ هو. پرماتما کيس هڪ نہ پر گهڻا ڪارج سر انجام ڪرڻ لاءِ هن سنسار ۾ موڪليو هو. رام ۾ جيڪا عجيب ۽ اسيم ڪاريہ شڪتي هئي، ان جو سبب اهو ئي هو. رام پنجواڻي سنڌي جاتيءَ جي هڪ يگاني هستي آهي. رام پنجواڻيءَ جي شخصيت جا انيڪ پهلو آهن. اُنهن مڙني وصفن جو هڪ هنڌ وجود ۾ اچڻ قدرت جو هڪ انوکو عمل هو ۽ دنيا جو اهو معجزو ۽ ڪرشمو رام پنجواڻيءَ معرفت ئي حقيقي صورت ۾ نمودار ٿيو.‘‘

’’اهڙي لاثاني شخصيت جي واقفيت غير سنڌين سان ڪرائي، جڳديش لڇاڻيءَ سچ پچ ساراه جوڳو ڪم ڪيو آهي. سنڌي اڪادمي، دهليءَ بہ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ کان سنڌي ساهتيہ جا سارٿيءَ جي يوجنا هيٺ موتيلال جوتواڻي (1936-2008)[9] جي شخصيت ۽ فڪري سفر تي مونوگراف لکايو آهي، جيڪو سنڌي اڪادمي، دهليءَ سن 2018ع ۾ شايع ڪيو آهي. هيري

8. डॉ. जगदीश लछाणी : राम पंजवाणी। साहित्य अकादेमी, न्यू दिल्ली,। सन् 2017 ई

9. डॉ. जगदीश लछाणी : मोतीलाल जोतवाणी। साहित्य अकादेमी, दिल्ली,। सन् 2018 ई

books.sindhsalamat.com

نڪر ان ڪتاب لاءِ لکيو آهي:

I have attentively gone through the monograph entitled Motilal Jotwani written by Dr. Jagdish Lachhani. In my view it is a perfectly written monograph and deserve an applaud, due to following responses: The writer seems to have worked assiduously to collect the bigraphical material about the various phases of Motilal Jotwani's life and utilized it appropriately to produce a lively and athentic portrait of Late Dr. Jotwani. It is also noted that the author Dr. Lachhani seems to have made the deep study about Dr. Jotwani's contrbution to Sindhi, Hindi and English Literature... his stories, novels, poetry and his writings on classic sindhi poet Shah Latif, Shah Karim etc and has portyed his literary labour of love appropriately. In brief, I may say that Dr. Lachhani has made a remarkable work, and intrinsic merit of this monograph and it is a singular contribution to monographic literature in Sindhi.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي سن 2016ع ۾ ايم.ڪمل[10] (1925-2010) تي بہ مونوگراف لکيو آهي، جيڪو ويٽا پبليڪيشن طرفان شايع ٿيل آهي. اياز گل ڪتاب لاءِ لکيو آهي، ”ايم.ڪمل جي فن، فڪر ۽ ساروڻين تي ٻڌل، ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جو هيءُ ڪتاب جڻ تہ پيار جي هڪ نظر آهي، جيڪا ڪمل کي ٻاڪرن ۾ ڀري، سندس محبت ۽ محنت جا پير چهي موٽي ٿي.

ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي بہ سنڌي ادب جو معتبر نالو آهي. تحقيق ۽ تنقيد جي ميدان ۾ هن پاڻ ملهايو آهي. ادب جي مختلف موضوعن تي لکيل ۽ سهڙيل ڪيترائي ڪتاب سندس ڪريڊٽ تي آهن، جن کيس هند ۽ سنڌ ۾ وڏو مانُ ۽ مڃتا ڏياري آهي.[11] ايم. ڪمل مونوگراف جو مهاڳ هيري شيوڪاڻيءَ جو لکيل آهي. هو مهاڳ ۾ لکي ٿو: ”منهنجي يار ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ هن ڪتاب ۾ ايم.ڪمل جي جيون ۽ ادبي فن ۽ هُن جي شخصيت تي ڪيترن پهلوئن کان نئين روشني وڌي آهي. خاص ڪري هن جي جيون ۽ ڪٽنب پريوار بابت ڪيترا تفصيل، جيڪي اڳي ڪٿي بہ ڪونہ آيا، اُهي هُن صحيح پس منظر ۾ پيش ڪيا آهن. خود لڇاڻيءَ تي ايم.ڪمل جي حياتيءَ ۾ هن جي غزل گوئيءَ تي خالصو وڏو تنقيدي ڪتاب شايع ڪيو آهي. مون اڳ ۾ بہ چيو آهي تہ ايم.ڪمل جي بي مثل ساهتيڪ ۽ شاعراڻي فن تي هن کان اڳ ۾ بہ اسانجي ادبي رسالن ۽ ڪتابن ۾ گهڻ ڪجهہ لکيو ويو آهي. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي واقع ايم.ڪمل جو وڏو مداح، شارح ۽ کوجنيڪ آهي. شروع کان هو بہ ايم.ڪمل جي تمام ويجهو ۽ ڪٽنبي جيون سان جڙيل رهيو آهي، انڪري بہ هن اپياس جي ’آٿينٽيسٽي‘ معتبر اهم آهي. خاص طور ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي هن تنقيدي ڪتاب ۾ ڪُل 12 بابن ۾ ايم.ڪمل جي شخصي جيون کان وٺي هن جي گوناگون ساهتيڪ دين تي ڪافي مثالن ۽ تفصيلن سان، ليڪن ادبي ۽ بي رياءُ تبصرو ڪيو آهي، جيئن مٿي بہ اِشارو ڪيو اٿم تہ غزل کان علاوه ايم.ڪمل جي نئين ڪويتا تي ڊاڪٽر لڇاڻيءَ جو جائزو ڪافي اصلوڪو ۽ نئون آهي. اِن کان سواءِ هُن جي عيوضي ڪتابن تي تنقيدون (مثلا ’باه جا وارث‘ ساهتيہ اڪادمي اوارڊ حاصل ڪندڙ غزلن جو مجموعو) ۽ ريڊيو انٽرويو ڏيان چڪائين ٿا. ايم. ڪمل تي هيلتائين ڪيل ڪيترن ادبي جائزن ۽ تبصرن ۾ هيءُ ڪتاب وڏيڪ مفصل ۽ اهم اضافو آهي.“

---

10. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي: ايم.ڪمل. ويٽا پبليڪيشن، اُلهاسنگر، سن 2016ع

11. ڪتاب جي ڪور جي پڇاڙيءَ واري صفحي تان کنيل.

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

7

فن، فڪر ۽ جيون تي لکيل ڪتاب

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ حال حيات اديبن تي بہ قلم هلايو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ سندس ٽي ڪتاب آهن: واسديو موهي (2016)، پريم پرڪاش (2018) ۽ هيرو ٺڪر (2019). جڳديش لڇاڻيءَ ڪيرون لهڻيون جو هن جيئرن جي قدرشناسيءَ ۾، سندن جيئري ئي، اڻيتڪ جيونيون لکي اُنهن جي ادبي يوگدان کي پيش ڪيو آهي. جڳديش لڇاڻي حال حيات اديبن تي لکڻ جي شروعات سن 2007ع ۾ ’ايم.ڪمل جي شاعريءَ‘ سان ڪئي هئي؛ جنهن جي رونمائي ايم.ڪمل جي حاضريءَ ۾، يوٿ سرڪل، اُلهاسنگر ۾ 28 آڪٽوبر 2007ع تي شيام جئسنگهاڻيءَ جي هٿان ٿي هئي. ڪتاب جي رونمائي ڪندي، شيام جئسنگهاڻيءَ چيو هو، ’’اڄ هن مبارڪ محفل ۾ پروفيسر هيرو شيوڪاڻي ۽ ڊاڪٽر لڇاڻيءَ جهڙا قابل اُستاد ويٺا آهن، جن مون کي ٻيو سڀ ڪجهہ تہ سيکاريو، پر ڳالهائڻ نہ سيکاريو، ان ڪري اڄ ڪمل صاحب تي لکيل هن بي مثل ڪتاب جو مهورت مون کان ٿو ڪرايو وڃي. حضرت ڪمل صاحب اڄ هند ۽ سنڌ جو ممتاز ۽ اول نمبر شاعر آهي. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ جنهن طرح جدت اُڀري ۽ اوج تي آئي، ڪمل صاحب شاعريءَ ۾ ان طرح ئي جدت سان جڙيل سينسبلٽيءَ کي ڪمالي بلنديءَ تي چڪو ويو آهي. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جڏهن مونکي هن ڪتاب جي آف پرنٽ نظر مان ڪڍڻ لاءِ موڪلي، تڏهن مون کيس پڙهي چيو تہ ’مان پٽ تي ڊانس نٿو ڪري سگهان پر پنهنجي صحت جي مدنظر بستري تي نچي سگهان ٿو.‘ (1)

ان کان پوءِ حال حيات اديبن تي قلم هلائڻ جي سلسلي

1. ڪونج: جنوري - فيبروري :2008ع. ص. 51

sindhsalamat.com

۾ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جو جيڪو ڪتاب شايع ٿيل آهي، سو آهي ’واسديو موهي‘(2) هن ڪتاب جو مهورت، واسديو موهيءَ جي حاضريءَ ۾، واسديو موهيءَ تي ٿيل سيمينار ۾ 9 اپريل 2017ع تي چاندي ٻائي ڪاليج ۾ موهن گيهاڻيءَ جي هٿان ڪيو ويو هو. هن ڪتاب لاءِ جڳديش لڇاڻيءَ ڪتاب جي مهڙ ۾ لکيو آهي، ’’جديد شاعرن مان نارائڻ شيام، ارجن حاسد، ايم. ڪمل کان پوءِ واسديو موهيءَ جي ڪلام مونکي متاثر ڪيو آهي. جينوئيڪ ٻيا بہ غزلگو شاعر آهن، جيڪي سٺو غزل لکن پيا. موهيءَ پنهنجي سوچ ۽ احساس، تخليقي زبان، اندازِ بيان ۽ معنادار رديفن سبب غزل ۾ پنهنجي هڪ مخصوص حيثيت بڻائي ورتي آهي. مان موهيءَ جي غزل سان پيار ڪرڻ لڳو آهيان. هيءُ ڪتاب واسديو موهيءَ جي شخصيت، فن فڪر ۽ ادبي خدمتن بابت آهي.‘‘

ڪتاب جي هند سنڌ ۾ ڪافي آجيان ٿي. هند جي بزرگ اديب ارجن چاولا ’’واسديو موهي‘‘ ڪتاب لاءِ لکيو، ’’سنڌيءَ جي مايہ ناز شاعر، ليکڪ ۽ ڪهاڻي -ڪار واسديو موهيءَ جي فن ۽ شخصيت تي جنهن سنجيدگيءَ سان ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ قلم ترازي ڪئي آهي تنهن موهيءَ جي فني صلاحيتن ۽ شخصي قوتن، ذهني ڪيفيتن ۽ ذاتي زندگيءَ جي ناخوشگوار زيادتن سان روبرو ٿيندي پنهنجي حوصلي ۽ سهنشيلتا کي بہ واٽکو ڪيو آهي. شاعر واسديو موهيءَ جي فن ۽ فني صلاحيتن جي اوک ڊوک ڪرڻ خاطر ڪيل اپياس لاءِ جڳديش لڇاڻيءَ کي ساراهڻ کان رهي نٿو سگهجي. ڪنهن ادبي شخصيت جي فن، فني معيار جي ڪٽ ڪندي معتبر ادبي جائزو پيش ڪرڻ ڪجهہ ڏکيرو ڪم آهي. انهيءَ لاءِ گهري ادبي سوجهہ ٻوجهہ ۽ باريڪ

2. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي: واسديو موهي. ويٽا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. 2017ع

books.sindhsalamat.com

نظر جي ضرورت ٿئي ٿي. ڊاڪٽر لڇاڻيءَ انهيءَ ذميواريءَ سان نهايت خوش اسلوبيءَ سان نباهه ڪيو آهي.''[3]

سنڌ ۾ واسديو موهي ڪتاب پڙهي، 'سوجهرو' جي ايڊيٽر تاج بلوچ ان تي تبصرو ڪيو، ''عالمي سطح تي ڪيتريون ئي علمي ۽ ادبي روايتون جڙنديون ۽ ختم ٿينديون رهيون آهن. ڪيترائي بحث سامهون آيا آهن، ڪي نبريا تہ ڪي اڻ - نبريل پيا آهن. ڪيترائي اسڪول آف ٿاٽ پڌرا ٿيا. ڪي قبول پيا، ڪي رد ٿي ويا پر انهن ادبي روايتن، بحثن ۽ اسڪول آف ٿاٽس ۾ الڳ الڳ وشين تي زور ڏنو ويو. ساڳيون ادبي روايتون هند توڙي سنڌ ۾ بہ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ سامهون اينديون رهيون آهن. خاص طور تحقيق ۽ شعري غنائيت جي حوالي سان بہ روايتون مشهور آهن. جن جي ڊيپٿ ۾ وڃڻ کان سواءِ ئي، ان نڪتي تي پهچجي ٿو تہ تحقيق جي حوالي سان جنهن روايت جو بنياد ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ وڌو هو. ان تي اڄ سنڌ توڙي هند ۾ ڪيترائي محقق ڪم ڪري رهيا آهن. علمي حوالي سان ان تحقيقي روايت جو بنياد عملي ۽ سائنسي بنيادن تي آهي. ساڳي طرح شعري غنائيت جي ڏس ۾ نارائڻ شيام هڪ عظيم شعري غنايت جو مهندار ٿي سامهون آيو ۽ جنهن تي پڻ سنڌ توڙي هند ۾ ڪيترائي نوجوان توڙي سينئر شاعر طبع آزمائي ڪري رهيا آهن. توڙي جو ڪجهہ سينئر شاعر پاڻ کي هٽ وٺي شيخ اياز جي مڪتب سان جوڙين ٿا، پر سنجيدگيءَ سان ڇيد ڪرڻ کان پوءِ معلوم ٿيندو تہ هو نارائڻ شيام جي متعارف ڪرايل گهاڙيٽي ۽ غنائيت کان ٻاهر ناهن ۽ جنهن تي ورِي ڀٽائيءَ جي ڇانوَ آهي.

تازو جڳديش لڇاڻيءَ جو ڪتاب 'واسديو موهي، فن ۽

3. آرجن چاولا: هندواسي. آرتوار 8 آڪٽوبر 2017ع. ص. 14

sindhsalamat.com

شخصيت' آيو آهي. ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ برملا چئي سگهجي ٿو تہ موهي نارائڻ شيام جي شعري روايت جو رکوالو آهي تہ جڳديش لڇاڻي ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي ڏنل ۽ ڏسيل تحقيقي اسڪول آف ٿاٽ جو حصو آهي.

''واسديو موهي، فن ۽ شخصيت'' هڪ همعصر جو ٻي همعصر کي ٽريبيوٽ آهي، جيڪو علمي، ادبي ۽ تنقيدي بنيادن تي آهي. هن ڪتاب ۾ جڳديش پنهنجي ئي همعصر موهيءَ جي لائيف اسڪيچ کان وٺندي ادبي ميڙي چونڊيءَ تي سائنسي تحقيقي بنيادن تي راءِ قائم ڪئي آهي. هن واسديو موهيءَ جي انٽرويوءَ جنم ڪنڊلي سميت ڪل 13 بابن يا مقالن ۾ سندس ڪم، تحقيق ۽ شاعري ۽ تنقيدي تحريرن، جن ۾ مهاڳ بہ شامل آهن جو جائزو ورتو آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ موهيءَ جي شاعريءَ ۾ هڪ موهہ آهي، جيڪو پڙهندڙن کي فيسينيٽ ڪري ٿو:

آڏيون ڦڏيون لڪيرون پڙهي مان ٿي وڃي
ڪارين اکين جي ڇانوَ ڏسي مان ٿي وڃي
هو برف جو نهيل آ پگهر جي ڦڙو ڦڙو
پڻ پڻ ڪري بہ لفظ چئي مان ٿي وڃي.

موهيءَ جي شاعريءَ ۾ ڪمال جا عڪس آهن، جن کي لڇاڻيءَ جهٽيو آهي:

ڳوٺ کان دور ڪڙي سمنڊ مٿان
چنڊ ويڳاڻو لڳي، سمنڊ مٿان
ٻار ڏهڪن ۾ اچي چڱڪي جيئن
مينهن اهڙو ٿو وسي، سمنڊ مٿان
ساهہ ۾ چير پوي، لڱ لرزن
جئن ٿي ٻيڙو ڪو لنگهي، سمنڊ مٿان.

books.sindhsalamat.com

هن ڪتاب جو سٽاءُ ۽ ترتيب ڏسڻ کان پوءِ هڪ راءِ منهنجي ذهن ۾ جڙي ٿي تہ هر سينئر شاعر توڙي اديب جي زندگيءَ ۾ ٿي سندس ڪم ۽ ادبي پورهئي تي اهڙو دستاويز اچڻ گهرجي. جڳديش جو هيءُ پورهيو يقينن صاب پيو آهي ۽ علمي توڙي ادبي حلقن ۾ سندس هيءُ ڪتاب ضرور پنهنجي اهميت مڃائيندو.''[4]

واسديو موهيءَ بعد جڳديش لڇاڻيءَ جو پريم پرڪاش جي شخصيت ۽ فڪري سفر تي پريم پرڪاش[5] جي عنوان سان ڪتاب شايع ٿيو آهي. جڳديش لڇاڻي لکي ٿو، 'پريم پرڪاش ڀارت جي ورهاڱي کان پوءِ پيدا ٿيل نئين پيڙهيءَ جو هڪ گهڻ پاسائون فنڪار آهي. هو سنڌي ادب ۾ هڪ اهڙو واحد ساهتيڪار آهي، جو هڪ ئي وقت شاعر، ڪهاڻي - نويس، ناٽڪ-نويس، هدايتڪار، ترجمان، نقاد ۽ ريسرچ اسڪالر آهي. پريم پرڪاش ادب جي ٻن ٻن صنفن تي ڪافي ڪتاب تخليق ڪري، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي اڻ - وسرندڙ خدمت ڪئي آهي.هيءُ ڪتاب پريم پرڪاش جي سوانح حيات، فڪري سفر ۽ ادبي يوگدان تي مشتمل آهي.''

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي جيئن تہ هڪ اسڪالر سان گڏ هڪ اعليٰ تعليمدان بہ آهي، ان ڪري هن پنهنجي تخليق ۾ تنقيدي ۽ اڪيڊيمڪ ٻنهي ميٿڊس جو تمام سهڻو استعمال ڪيو آهي. جڳديش لڇاڻيءَ هن ڪتاب جي الڳ الڳ بابن ۾ ڪيترين ئي اڻ ڇهيل باريڪيون نروار ڪيون آهن. اهوئي ڪارڻ آهي جو جڳديش لڇاڻيءَجي هن ڪتاب هند ۽ سنڌ جي ٻنهي ادبي حلقن ۾ مقبوليت ماڻي آهي. ڀارت ۾ اروڻ ٻاٻاڻيءَ ڪتاب تي Book Review - Prem Prakash ۾ لکي ٿو،

4. تاج بلوچ: هفتيوار - ڪاوش دنيا. ڪراچي.
5. جڳديش لڇاڻي: پريم پرڪاش. وِڌا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن 2018ع

sindhsalamat.com

"I'm a Compromise ... proof is ... That I'a alive." --- Prem Prakash. "For a long time I couldn't speak to anyone. My nature is to keep silent. Biterness, anger and depression have always been with me, but I could never rebel. To undergo pain has become my habit. I'm difficult even with myself."

Biography of Dr. Prem Prakash penned by Dr. Jagdish Lachhani is a remarkable document of the turbulent journey of great writer through tremendous suffering borne with grace and dignity. From a frightened, terrorized and undernourished child to growing up and becoming an acclaimed writer, poet and dramatist feels like a journey from the depths of insecurity and inferiority to the heights of positivity and creativity. It is impossible to conceive of a story that ends so far from where it begins that the beginning and end don't appear to be from one single piece of life story.

The life of Prem Prakash seems to be moving in two distinct elements, constantly intermingling and crisscrossing. One, his nearly suicidal personal history, and two, his authentic, creative history, constantly in dialogue, constantly responding to each other. He encounters pain of his personal life with the painkiller of his creative pen. "social and Psychological conditions of my life have made me Prem Prakash."

His first story was out in 1965 at age twenty. the atmosphere had been ripening for the modern times and modern literature. In Sindhi literary scene there were new directions opening constantly. For the first time the realities of the city life with lost souls, lost in crowds, loneliness, depression and tension all around had begun to appear in the new wave of literature.

It had travelled from the West, particularly French and German Existentialist and Absurdist trends in that post World War Era. Man's life came to be seen as purposeless, religious meanings were crumbling. Sigmund Freud's Psychoanalysis and Jean Paul Satre's Existentialism, with a host of other lively experiments in creative arts made life richer on one hand and totally confused on the other. Man had lost God, meaning and purpose in one single stroke.

Coming to this amazing life story of Prem Prakash, one is filled with admiration for this simple yet passionately intense gentleman whose content is extraordinarily in such an ordinary form. His experiments in the theatre world, which, by his own admission , is his first love.

" I want a small, small theatre hall.
Above my small, small house.
So that it is theatre-home, home - theatre."
What a sweet and moving thought.

books.sindhsalamat.com

Prem Prakash is not only a big achiever in the Sindhi theatre field but his associations are spread far and wide with Marathi, Hindi, Bangla, Gujarati and Kutchi theatre world too. He has been working and coming into close contact with great theatre personalities like Badal Sarcar, Sri Ram Lagoo and others. In the sindhi theatre field he is seen as a master and instrumental in bringing contemporary theatre to Sindhi audiences, by writing, adapting, translating and generally evolving a new idiom on Sindhi stage. His Ph.D on Sindhi theatre is renowned and he has been a founder of Sindhi Drama Workshop, the only organization of its kind in India since the fifty years.

Shortly story writing as well as poetry has also been close to his heart. His poetry collection "Bhagat" is reputed to be an exemplary work in Sindhi Literature and won him the Sahitya Academy award in 2001.

Dr. Prem Prakash has a phenomenal literary achievement but he keeps a totally low profile and a simple way of life. That is where you get the fragrance of a truly learned man. For him his creativity is all about, "Search , about sharing of hearts, about, laughing and enjoying together and about crying and shedding tears together."

This is the basic natural way of a truly spiritual man who, although lives from the depths of sorrow and pain, yet appears to others as good hearted, peaceful, happy, contented. "I like to keep my pain to myself, and see that it doesn't travel to others." This is wisdom. This is Enlightenment!

The work of a biographer is an uphill task and at tightrope walk. He has to contain an immense sky within his two tiny palms, without ignoring its essence and yet doing justice to the sky. Dr. Jagdish lachhani who is an experienced and accomplished biographer and critic in the Sindhi Literary field and has recently won the Sahitya Academy Award for his life time contribution to Sindhi Literature in 2017 has truly succeeded in this project of balancing the two elements of Dr. Prem Prakash's journey. Dr. Lachhani has systematically described and painted biography making it very lucid and enjoyable. He has a way with words and expressions which come easily to him because of his long sojourn in Sindhi literary field. He has written many biographies, including that of great M. Kamal. Mohan Kalpana and has deeply studied Shah Abdul Latif. Apart from Sindhi he has also written in Hindi and English, totalling about fifty books to his credit. This work stands out as a shining example of his keen observation, sense of analysis and critical abilities." [6]

6. Book review - Prem Prakash. Sipoon quarterly. Special issue on Dr. Jagdish Lachhani. Dec. 2018. P. 59-60

sindhsalamat.com

رکيل مورائيءَ ’’پريم پرڪاش- شخصيت ۽ فڪري سفر‘‘ لاءِ ڪراچيءَ مان نڪرندڙ عوامي آواز ، ۾ لکيو: ’’سنڌي ادبي جڳت ۾ ڊاڪٽر لڇاڻيءَ جو نالو هڪ عالم/اسڪالر طور نهايت احترام سان ورتو ويندو آهي. هن ادب جي الڳ الڳ صنفن تي ڪيترو ئي لکيو آهي ۽ جنهن جو ذڪر ڪيترائي ڀيرا منهنجي لکڻ ۾ اچي چڪو آهي.

ويجهي عرصي ۾ ڊاڪٽر لڇاڻيءَ ڪجهه جيونيون/بايوگرافيز/ سوانح عمريون لکيون آهن؛ جن هند توڙي سنڌ ۾ جوڳي مڃتا ماڻي ورتي آهي. ان ئي سلسلي ۾ سندس تازو ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي نهايت تخليقي ليکڪ ڊاڪٽر پريم پرڪاش جي شخصيت ۽ سندس تخليقي توڙي ترتيبي ڪم بابت آيو آهي، جنهن جو نالو آهي ’پريم پرڪاش- شخصيت ۽ فڪري سفر‘ . ڀڪ هن اهم ڪم جو سبب ٻيو ڪوئي بہ ٿي سگهي ٿو. پر هڪ سبب انهن شخصن توڙي ليکڪن سان دلي ۽ ذهني لڳاءُ پڻ هوندو ۽ هن ڪتاب مان ڊاڪٽر لڇاڻي صاحب جو لڳاءُ پريم پرڪاش بابت ظاهر ٿي بيٺو آهي.

ٻيءَ طرح پريم پرڪاش سنڌي ٻوليءَ جي انهن لکندڙن مان آهي جن تخليقي طور هڪ صنف کان وڌيڪ صنفن ۾ سنڌي ادب کي شاهوڪار ڪيو آهي. پريم پرڪاش هڪ ئي وقت ڪهاڻيون بہ لکيون آهن تہ ڪوتائون بہ سرجيون آهن. هو نقاد بہ آهي تہ ناٽڪ نويس بہ، ساڳئي وقت مرتب بہ آهي تہ مترجم پڻ ! گڏوگڏ هڪ عاليشان منتظم جون خوبيون جيتريون پريم پرڪاش ۾ آهن، ٿورن شخصن وٽ هونديون آهن.

هو ناٽڪ جي حوالي سان تہ گهڻو ڪجهہ آهي. ’سنڌي ناٽڪ جي اوسر‘ تي مقالو لکي، هن ڊاڪٽريٽ جي سند حاصل ڪئي آهي. هن مقالي ۾ ناٽڪ جا هڪ سؤ سال محفوظ آهي،

books.sindhsalamat.com

بلڪل ايئن جيئن لڇاڻيءَ جي ڪتاب ۾ سندس زندگي محفوظ آهي. جنهن ۾ سندس سمورو فڪري ۽ ادبي توڙي ناٽڪي سفر تفصيل سان ڄاڻايل آهي.

سنڌ جي علمي، ادبي ۽ تاريخي شهر حيدرآباد جي هيراباد، محلي ۾ ڄاول اڄ جي ڊاڪٽر پريم پرڪاش تي ادبي حوالي ۾ ڇڳو چوکو لکيو ويو آهي. خاص طور منهنجي وڻندڙ شاعر دوست واسديو موهيءَ جو هڪ ليک تہ عاليشان آهي، پر ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جو هيءُ ڪتاب تہ اهڙو آهي ، جنهن تي لڇاڻي صاحب کي هڪ ڊاڪٽر هجڻ جي هڪ وڏيڪ سند پڻ ڏئي سگهجي ٿي. سنڌ ۾ هن قسم جو پاڻمرادو ادبي ڪم بنهہ گهٽ ٿيو آهي.

ويجهڙ ۾ هڪ ليکڪ جا ڪنهن اديب / شخص تي لکيل ٻہ ڪتاب اهم آيل آهن، جيڪي اسان جي ناميارِي ڪهاڻيڪار مدد علي سنڌيءَ لکيا آهن، هڪ حشو ڪيولراماڻيءَ تي ۽ هڪ مهاڪوي شيخ اياز تي، ياد رهي تہ اهي ٻئي ڪتاب مدد علي سنڌي جي حوالي ۾ يادگيرين تي ٻڌل آهن. جيڪي فقط هڪ ٻڌل شخص جي حوالي ۾ آهي ۽ هڪ سان گهاريل انهن گهڙين بابت آهي. جيڪي هن اياز صاحب سان گهاريون هيون.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جو ڪتاب هڪ ترتيب سان لکيل آهي، جنهن ۾ پريم پرڪاش جي سوانح عمري، توڙي ادبي دنيا ۾ سندس ڪيل ڪم جو تفصيلي جائزو ورتو ويو آهي، جيڪو هڪ اسڪالر جو اڪيڊمڪ نموني ورتل آهي. ڇاڪاڻ تہ ڊاڪٽر لڇاڻي اديب سان گڏ هڪ تعليمي ماهر بہ آهي ان ڪري هو جيڪو ڪم ڪري ٿو اهو باقائدي ترتيب وارو ڪم ڪري ٿو.

پريم پرڪاش جي ادبي ۽ فڪري سفر توڙي شخصي زندگيءَ کي ڪٺي هن ڪتاب جهڙو ڪجهہ پريم پرڪاش بابت

sindhsalamat.com

اڳ گهٽ لکيو ويو آهي. جنهن ۾ سندس سمورن حوالن کي هڪ ترتيب سان آندو ويو هجي. جهڙوڪ هي ريسرچ ورڪ پڻ آهي. جنهن مان پڙهندڙن کي گهڻو گهڻو حاصل ٿئي ٿو. گهٽ ۾ گهٽ مونکي جيڪا ڄاڻ خاص طور شخصي ڄاڻ پريم پرڪاش جي هن ڪتاب مان ملي آهي اُها اينتري گهٽي آهي، جو وساري نٿي سگهجي ۽ ياد اچي ٿي تہ اکيون آليون ڪري وجي ٿي. سچ پچ مان جڏهن پريم پرڪاش سان مليو هوس تہ بلڪل سندس سڀاءُ مان مون ائين محسوس نہ ڪيو هو تہ

اسان جنين جيئي ڪو پلا هن جهان ۾
سدائين نشان تي سدا امتحان ۾
(حليم باغي)

جينوٽيڪ هن جي لکڻين سان منهنجو بيحد گهڻو لڳاءُ رهيو آهي. ڇاڪاڻ جو هو هڪ تخليقڪار آهي. پر ڊاڪٽر لڇاڻيءَ جي هن ڪتاب ۾ جيئن تہ هو سومرو منهنجي اکين آڏو آيو آهي تہ ٻيو ڪجهہ محسوس ڪيو اٿم، خاص ڪري سندس شروعاتي زندگيءَ کان ۽ اڄ جي ڪجهہ زندگيءَ کان واقف آهيان پر سچ اهو آهي تہ ڊاڪٽر لڇاڻيءَ جو هي ڪتاب پريم پرڪاش کي پنهنجي ٽوٽليءَ / سموريت ۾ سمجهڻ لاءِ مددگار ٿيندو.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي پريم پرڪاش کي ۽ سندس ڪم کي تيرهن حصن ۾ ورهايو آهي ۽ انهن ئي تيرهن حصن کي جيڪو تفصيل ڊاڪٽر صاحب ڏنو آهي. اُها سندس علمي ۽ سا ڳئي وقت اڪيڊمڪ قابليت آهي جو سمورو ڪتاب پنهنجي پاڻ مان دلچسپي نٿو ٽٽڻ ڏئي. سندس 'حياتيءَ جا ورق' عنوان وارو پهريون مضمون، پريم پرڪاش جي شخصي زندگيءَ جا ڏکوئيندڙ سڀ حوالا ڪٺي آيو آهي. مان پايان ٿو تہ اڄ جو پڙهندڙ ڪنهن بہ ليکڪ کي سندس تخليقن کان ٻاهر نج سطح

books.sindhsalamat.com

تي به پڙهڻ چاهي ٿو جنهن ڪري اڄ ادب ۾ خط / يادگيريون/ آتم ڪٿائون، ڊائريون توڙي جيل ڊائريون، گهڻيون پڙهيون پيون وڃن.

هن ڪتاب ۾ خود ڊاڪٽر لڇاڻي پاران ورتل پريم پرڪاش جو انٽرويو به گهڻو وڏائي ٿو. منهنجي محبوب ليکڪ هريش واسواڻيءَ جي طويل انٽرويو وانگي، لڇاڻي صاحب پريم پرڪاش جو به هڪ ڊگهو تفصيلي انٽرويو ڪري سگهي ٿو. جيڪو خود هڪ الڳ ڪتاب ٿي سگهي ٿو.

ڪيئن به پريم پرڪاش جي ادبي ۽ فڪري توڙي شخصي زندگيءَ جي سفر تي ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جو هي ڪتاب هڪ اهم ڪتاب آهي ۽ پريم پرڪاش کي محفوظ ڪندڙ آهي. ڪنهن به اڀياس ۾ ڪتاب جي سيني خوتن ۽ ڪمزورين تي الڳ لکي سگهبو پر هيءُ اڀياس نه آهي.''

جيئرن عالمن ۽ ادبين تي 'هيرو ٺڪر'، جڳديش لڇاڻيءَ جو هڪ وڏيڪ ڪتاب آهي. جڳديش لڇاڻيءَ حال حيات تي لکڻ جو جيڪو سلسلو شروع ڪيو آهي، تنهن جي جيتري ساراهه ڪجي ٿوري آهي. جڳديش چواڻي، ''هيءُ ڪتاب هيري ٺڪر جي سوانح حيات، شخصيت، علمي ادبي خدمتن تي مشتمل آهي.

هيري ٺڪر جي تحقيق واري حيثيت اينتري اهم ۽ ملهائتي آهي، جو مون ان تي تحقيقي انداز ۾ گهڻ - رخي اڀياس جي سخت ضرورت محسوس ڪئي. مونکي يقين آهي ته هيءُ ڪتاب هيري ٺڪر جي شخصيت ۽ ادبي خدمتن جي حوالي سان نئين سر نئين نسل وارن ۽ همعصر اديبن کي سڃاڻپ ڪرائيندو ۽ کيس سمجهڻ ۾ واهر ڪندو.'' (7)

شوڪت حسين شورو ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکي ٿو، ''هڪ

7. جڳديش لڇاڻي: هيرو ٺڪر. وڏا پبليڪيشن، الهاسنگر. 2019ع

sindhsalamat.com

عالم جيڪڏهن پنهنجي دور جي هڪ ٻي عالم جي شخصيت ۽ هن جي ساهتيڪ يوڳدان کي مڃتا ڏيندي هن بابت ڪتاب لکي ٿو ته اها معمولي ڳالهه نه آهي. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي پاڻ هڪ مڃيل وڏو عالم آهي....

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ ادب جي مختلف شاخائن جي تاريخي ۽ تحقيقي اڀياس سان گڏ ادبي شخصيتن ۽ سندن ڪم تي ڪتاب لکيا آهن. هيري ٺڪر جهڙي جاڪوڙي ادبي شخصيت تي لکيل سندس هيءُ ڪتاب ان سلسلي جي ڪڙي آهي. هن ڪتاب جي وسيلي هيري ٺڪر کي نه رڳو مڃتا ڏني ويئي آهي پر سندس ساهتڪ يوڳدان جي تفصيلي اُپٽار به ڪئي وئي آهي. اهو هڪ اهڙو دستاويز آهي، جيڪو سنڌي ساهت جي ادبي تاريخ جو اهم حصو ليکيو ويندو.''

جڳديش لڇاڻيءَ جي لکيل 'هيرو ٺڪر' ادبي جيونيءَ ڪافي شهرت ماڻي آهي. هند ۽ سنڌ ۾ ان ڪتاب تي ڪافي ڪجهه لکيو ويو آهي. هند ۾ شيام سچانندڻاڻيءَ، ''ڀڳوان اٽلاڻيءَ، وڪرم شهاڻيءَ ۽ هولارام هنس ڪتاب تي پنهنجا پنهنجا تاثرات پيش ڪيا آهن. هولارام هنس هندواسيءَ ۾ لکيو، ''اهو ته عالم آشڪار آهي ته هيرو ٺڪر هڪ اسڪالر ڪري ٿو مڃيو وڃي. جنهن مضمون ۽ ڪويتا، تنقيد ۽ تحقيق تي اينرو ڪاريه ڪيو آهي جو سنڌي ادبي جڳت هند توڙي سنڌ ۾، هن جو ٿورائتو آهي. منهنجي خيال موجب پاڻُ هيري جو ادبي ڪرشمو آهي ''قاضي قادن جو ڪلام'' گڏ ڪري ڇپائڻ ۽ اُن ڪاريه تي نور نچوئڻ، قلمڪار / رچناڪار / سرجڻهار / ذات ڏٺي هيرو سنو ترجمان به آهي. هيءُ پاڻُ 1942 ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو ۽ سنڌ مان هند ۾ اچي دهليءَ آڪاشواڻيءَ جي سنڌي وڀاڳ جو سرمور بڻيو ۽ 2004 ۾ رٽاير ڪيائين. هيءُ قلمڪار سنڌ

books.sindhsalamat.com

جي زيارت به ٻه ٽي دفعا ڪري آيو آهي ۽ نالو ۽ يش به ڪمائي آيو آهي. هن ڪيترا ڪتاب لکيا آهن ۽ کيس اٽڪل 10 ايوارڊ به عطا ٿيا آهن.

هن ڪتاب جي ليکڪ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ اعليٰ اديب جا وري ڏهه ڪرشما آهن. 'ڏهه مونوگراف' جن مان هڪ هي مونوگراف آهي پاڻ 'هيري ٺڪر تي'

مان چاهيندو آهيان ته قلمڪار / ڪلاڪار جو قدر سندس جيئري ئي ٿيڻ کپي ۽ اُن ڏس ۾ شري جڳديش جو يوگدان ساراهه لائق آهي ۽ کيس لک لک وڌايون.

ورهاڱي جي وير ڪري سنڌي ساهتيڪارن جي به ورهاست ٿي وئي. 70 سالن کان پوءِ ڪيترا ساهتيڪار سرڳ وڃي پهتا ۽ اُنهن اُتي ادبي سنگت ۽ ادبي ڪلاس چالو ڪيا. جيڪي رهجي ويا، اُهي بزرگيءَ جي ڪري بي حال آهن... اُنهن مان ٿورا آهن جيڪي چست آهن، جهڙوڪ هيرو ۽ جڳديش. انهن سنڌي زبان جي لاثاني ۽ لافاني، الهامي ۽ آفاقي شاعر شاهه لطيف جو گهرو اڀياس ڪري، اڄ به اڳي کان اڳرا ۽ اڳڀرا آهن. نوان ليکڪ، وسيع مشاهدو ۽ مطالعو نٿا ڪن ۽ نه وري شاهه سچل ۽ ساميءَ کي ٿا پڙهن. جيڪي آچين ٿو. اُن ۾ ئي خوش آهن... اها آهي سنڌي ساهتيڪارن جي سَڌَ ۽ سُڌِ هند ۾. لکن به پاڻ ته پڙهن به پاڻ!

هاڻي اچون هن پورڻ پستڪ، جنهن جو عنوان آهي ''هيرو ٺڪر'' اُن تي.....

ڪتاب ڏسڻ سان ئي آنند اچي ويو. ڇا ته گيٽ اپ آهي؟ ڪور تي هيري جو فوٽو آهي، جنهن مان هوُ شُڌ سنڌي پيو لڳي. 200 صفحن ۾ پاڻ جڳديش، هيري ٺڪر جي شخصيت ۽ اديب خدمتون سمايون آهن.... چٽڪ گهاگهر ۾ ساگر پريو آهي.

sindhsalamat.com

پاڻ اعليٰ ادبي، شوڪت حسين شورو جو 'مهاڳ' ساڻيئڻ لائق آهي... هن جي خيال موجب :-''هي ڪتاب هڪ اهڙو دستاويز آهي، جيڪو سنڌي ساهت جي ادبي تاريخ جو اهم حصو ليکيو ويندو.''

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ هيري کي سنڌي ادب جو بزرگ اديب، دانشور ۽ محقق ڪري ڪوٺيو آهي. ورهاڱي جي وقت هيري جي عمر ٿي - چار سال هئي. هيري جي ننڍي هوندي ئي زندگيءَ سان ويڙهه شروع ٿي... هند ۾.

هيرو آهي شاهه جو شيدائي. شاهه کي حب، حسن ۽ حدايت جو شاعر ڪري ٿا مڃين. هيري شاهه جي هدايت تي هلي، هيٺيون بيت هئين سان هنڊايو آهي:

1. تنيءَ ٿڏيءَ ڪاهه ڪانهي ويل ويهڻ جي!
2. ڏات ناهي ذات تي، جو وَهي سو لهي!

مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان اڳ هن کي پيٽ ۽ پريوار لاءِ پورهيو به ڪرڻو پيو. هن کي چار پيڻر، ماءُ-پيءُ ۽ ڏاڏي هئا. مئٽرڪ کان پوءِ هن اُلهاسنگر ۾ ماستري به ڪئي. جلد ئي کيس دهليءَ ۾ آل انڊيا ريڊيو تي پڪي نوڪري ملي وئي، جتي هن 37 سال نوڪري ڪئي. دهليءَ ۾ اعليٰ اديبن، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ۽ ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻيءَ جي به صحبت سنگ ۾ هن جي ادبي جڳت ۾ دهليءَ ۾ ''ترمورتي'' مشهور هئي. دادا جئرامداس دولترام جي سمپرڪ ۾ آيو ۽ ديوناگري لپيءَ جو حمايتي بڻيو.

دهليءَ ۾ هن جا ٻه عجوبا هئا:-

1. سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ جي ورڪشاپ جو ڊائريڪٽر بڻجڻ ۽
2. سنڌي اخبارنويسيءَ جا هڪ سؤ پنجويهه سال نئشنل سيمينار.

books.sindhsalamat.com

هيرو کي نہ صرف سنڌي پر هندي ڀاشا تي بہ عبور هو ۽ آهي. هي انگريزي اُردو جو سٺو ڄاڻو آهي. هن جو وڏو ڪرشمو آهي. ’قاضي قادن تي تحقيق ، تخليق ۽ تنقيد‘ قاضي قادن جا اسان وٽ صرف ست بيت هئا. پر هن محنت ڪري ديوناگريءَ مان سنڌيءَ ۾ 112 بيت شامل ڪيا. اها هن جي ادبي کوجنا آهي.

اُلهاسنگر ۾ هن جا ساٿي هئا موهن ڪلپنا، پرسرام ضيا ۽ سڳن آهوجا ۽ نارايڻ ڀارتي وغيره.... اُنهن مان بہ هن ڪافي ڪجهہ سکيو.

هيري جو پنهنجي ننڍي ڀيڻ ۾ ڏاڍو موهہ هو. اُن جي ڪري هو اُن جي وڏيڪ ويجهو هو. اُن جي مرڻ تي هن کي ڌڪو رسيو هو ۽ اُن ڌڪي هن ۾ نئون موڙ آندو ۽ هو ساهتيہ طرف مڙيو ۽ اڳتي هلي هن نہ صرف موتي پويا پر موتي پکيڙيا پڻ ۽ اڄ هو هڪ مان وارو مقالا نويس، محقق ۽ نثر نويس ڪري ڄاتو مڃيو وڃي.

منهنجي خيال موجب ساهتيہ ۾، ڪهاڻي ڪويتا جي ڀيٽ ۾، ’تحقيق ۽ تنقيد‘ ۽ ’مضمون ۽ مقالا‘ لکڻ تمام ڏکيو ڪم آهي جو هيري سر انجام آندو آهي ۽ ڪاميابيءَ سان آندو آهي.

هن کي ’ساهتيہ اڪادمي اوارڊ‘ عطا ٿيو آهي ۽ ٿيو آهي ’اوارڊ ترجمي تي پڻ‘ .. جنهن لاءِ هن کي واڌايون. ٻيا ننڍا اوارڊ بہ هن کي ڪافي مليا آهن.

اڄ جا ساهتيڪار بنا ڪنهن گهري مطالعي ۽ مشاهدي جي اوارڊ حاصل ڪرڻ چاهن ٿا....مطلب ٿيو ”بن ڪمائي نانڪا، ساڌن جهڙو ڪر!“ سينئرس کي هر هر اوارڊ ملن ٿا، تہ ڪين اها ڳالهہ نتي وڻي.

جڳديش لڇاڻي

sindhsalamat.com

هن ڪتاب ۾ پڇاڙيءَ ۾ ڊاڪٽر جگديش اعليٰ اديب هيري ٺڪر جي، سموري ساهت سرجڻ تي، عمدي روشني وڌي آهي... جا نوَن ۽ جهونن اديبن جي راهہ روشن ڪندي. ڀيرومل مهرچند ۽ سڳن آهوجا (مونوگراف) ڏبيل آواز (آزاديءَ جي آندولن تي) ڪرشن چندر ۽ گوپيچند نارنگ (ترجما) عالماڻہ مهاڳ (5 ڪتابن تي) هيرو هڪ براڊ ڪاسٽر - انڊلٽ (مضمون)

آخر ۾ هيري سان ڳالهہ ٻولهہ:

1. سنڌي ادب، 2. شاعريءَ جي شناس، 3. تحقيق ۽ تنقيد، 4. ريسرچ، 5. هيري جا ڪتاب، 6. قاضي قادن، 7. اوهين اڄڪلهہ ڇا پيا لکو؟ 8. ڪهڙن ڪتابن اوهان کي متاثر ڪيو؟ 9. سنڌ جا سفر، 10. خواهش، 11. پيغام...

مطلب تہ الڳ الڳ وشين تي جڳديش، هيري کان سوال ڪيا آهن، جي پڙهڻ ۽ پرائڻ لائق آهن.

هي ڪتاب 15 بابن ۾ ورهايل آهي. ”روشن منار“.. باب ۾ هيري، نامور شخصيتن جهڙوڪ: نارايڻ شيام، پرسرام ضيا، رام پنجواڻي، مرزا قليچ بيگ، سڳن آهوجا، نارايڻ ڀارتي، تيرٿ بسنت، ڪبير، اربندو آشرم ۽ شوڪت حسين شورو.... تي قلمڪاري. نہ پر ڪامياب قلمڪاري ڪئي آهي.

تاجل بيوس سنڌ جو هڪ عظيم شاعر هيري جهڙي هيري تي لکي ٿو:

”ڏس هيري جو ملهہ
جيئرن جي جهان ۾
ماڻهو آهي اَملهہ!“

آخر ۾ منهنجي خيال موجب : ”هيري کي سنڌي ادب جو هڪ اتهاسڪار ڪري بہ ڪوٺي سگهجي ٿو!“

هاڻي هيرو ٺڪر منهنجي نظرن ۾:

جڳديش لڇاڻي

books.sindhsalamat.com

هن جو سوٽ سدا حيات گوپال نڪر منهنجو دوست هو.
مون پنهنجي اوارڊ يافتہ ڪتاب... ’’سنڌي شاعريءَ جو سفر‘‘ ۾ هيري جو هڪ شاندار شعر ڪوٽ ڪيو آهي:

هڪڙو ٽي قدم اڳتي جو کنيم،
منزل کي ڏٺم پنهنجي سامهون،
هٽ ڪم ۾ وجهڻ جي دير هئي،
ڪم ٿيندو، ٿيندو، ٿيندو ويو!

’’بيسٽ سنڌي سڀا‘‘ جي پاران اسان هيري نڪر کي ’’عظيم شاعر شيخ اياز... اوارڊ‘‘ سان نوازيو هو ۽ سٺو سنمان ڪيو هو.

هيرو قد جو پورو ، شاهاڻي شڪل، کُليل پيشاني، گورو رنگ، سٺي ڊريس، گهٽ ڳالهائو، يار ويس، ڪنهن سان نہ ڦٽائيندڙ، سڀ جو ڀلو چاهيندڙ، علم ۽ عمل ۾ عامل، سڀ مان سکڻ جي ڪوشش ڪندڙ، محفلن جو مور، بردبار بزرگ.... مون کي پري کان اخبارنويس لڳندو آهي.

2000 ۾ جئہ هند ڪاليج ۾ اوارڊ سيريمنيءَ وقت مان هيري، جڳديش ۽ پروفيسر هردواڻيءَ سان مليو هوس ۽ هنن جي صحبت جي سڳنڌ ماڻي هئي..... اين.سي.پي.ايس.ايل جي اُن اوارڊ جشن ۾ مون بہ هنن سان گڏ ’عظيم شاعر نارائڻ شيام‘ تي اوارڊ حاصل ڪيو هو.

دهليءَ تہ مان گهٽو ڪو نہ ويو آهيان. پر رچناڪار هيري نڪر جا مقالا ڪتي ڪتي پڙهيا هيم. هن جو سوٽ گوپال نڪر بہ هڪ عمدو ڪوي هو، جنهن ’چو اکرا‘ چئن لفظن ۾ ڪويتا... ايجاد ڪئي. گوپال نڪر ’ڪليءَ‘ جي تخلص سان لکندو هو. هڪ مثال-

sindhsalamat.com

’’اُڏهي لڳي،
سنڌي ثقافت!‘‘

آنءُ پنهنجي دوست سدا حيات گوورڌن ڀارتيءَ جي شعر ۾ هيري نڪر لاءِ ائين چوندس:

’’جڳ ميڙيا ڏامي جا ٽڪرا
هيري ميڙيا گيتن جا موتي !‘‘

رڪيل موراڻيءَ ’هڪ عالم ٻئي عالم جي نظر ۾‘ جي عنوان تحت عوامي آواز، ڪراچي مخزن ۾ ’هيرو نڪر‘ ڪتاب تي رويو ڪندي لکيو آهي، ’’هند توڙي سنڌ جي سنڌي پڙهندڙن لاءِ اڄ نہ هيرو نڪر صاحب نہ سڃاڻڻ جهڙو نالو آهي ۽ نہ وري ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي صاحب اهڙو نالو آهي. جنهن کان اڻ واقفيت جو اظهار ڪيو وڃي.

اهو ضرور آهي تہ سرحدي ڏکيائين جي ڪري سنڌي ادب جي پهچ مڙني سنڌي پڙهندڙن تائين نہ ٿي رهي آهي. پوءِ بہ مٿيان ٻئي نالا جيتري هند ۾ سڃاڻپ رکن ٿا، اوتري ئي سنڌ ۾ سڃاڻپ رکن ٿا. ممڪن آهي تہ اڳتي هلي سندن وڌيڪ سڃاڻ سنڌ ۾ ظاهر ٿئي، پر اهو تڏهن ٿيڻو آهي. جڏهن اُردوءَ ۽ ٻين ٻولين جي ڪتابن جيان سنڌي ڪتابن جي رسائي هر سنڌي پڙهندڙن تائين موجود ٿي وڃي. جيڪا في الحال هڪ خواب ٿي آهي. ائين ضرور آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن ڪي خواب ساڀيا ماڻي وٺندا آهن.

اهو سچ ضرور آهي تہ سنڌي ڪتابن جي اسان وٽ رسائي نہ هجڻ سبب ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جهڙي عالم جي سنڌ ۾ سڃاڻپ گهٽو دير سان ٿي آهي. جيتوڻيڪ سندس عالماڻو ڪم ۽ عمر اها گهر ڪري رهيا آهن تہ ڪيس سنڌي پڙهندڙن وٽ اهميت

books.sindhsalamat.com

سان جاتو سڃاتو وڃي ۽ جيڪو عمل پڪ سان تيزيءَ سان اڳتي
وڌي رهيو آهي. سندس سڃاڻپ وڏيڪ سگهاري ٿي رهي آهي،
ڇاڪاڻ ته سندس ڪجهه ڪتاب سنڌ ۾ به ڇپيا آهن ۽ وڌيڪ
ڇپجڻ جي اُميد پڻ آهي.

ڊاڪٽر لڇاڻي صاحب جا ڪتاب جيئن جيئن سنڌ ۾ اچي
رهيا آهن يا اهميت جي بنياد تي سنڌ جا معتبر علمي ادبي
ادارا ڇپائي رهيا آهن، اهي ڏسي رهيا آهن ته هو ڪهڙي پد
جو عالم آهي، سندس شاهه سائينءَ تي لکيل هڪ اهم ڪتاب
سنڌ حڪومت جو ثقافت وارو کاتو پڻ ڇپرائي چڪو آهي. ٻيءَ
طرح ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي اهو عالم آهي، جنهن ادب جي
الڳ الڳ صنفن تي ايترو قلم هلايو آهي جيترو شايد ئي سندس
ڪنهن همعصر ۽ همعصر هلايو هجي.

سنڌي ادب ۾ ڊاڪٽر صاحب جو هڪ اهم ۽ بنهه نجي
حوالو اهو به آهي ته هو پهريون هند جو عالم آهي شايد! جنهن
جيونين يا ڪٿاڻن تي گهڻو ڪم ڪيو آهي ۽ ان ۾ هن جيڪو
جيئرن عالمن، اديبن ۽ شاعرن تي ڪتاب لکڻ وارو ڪم شروع
ڪيو آهي، اهو اڳ ڪڏهن به نه ٿيو آهي، پوءِ اهو سنڌ جو
سنڌي ادب هجي توڙي هند جو سنڌي ادب هجي!

ائين ڪري ڊاڪٽر صاحب اسان کي ان ڳالهه جو ڪنڌ
مٿي ڪٽي اظهارڻ جو موقعو ڏنو آهي ته اسين چئون ته سنڌي
مرده پرست قوم نه آهي، اها پنهنجي محسنن جو جيئري ئي
قدر ڪرڻ به ڄاڻي ٿي ته انهن کي مانُ ۽ مرتبو ڏيڻ به ڄاڻي
ٿي، مثال لاءِ ڊاڪٽر لڇاڻي صاحب جا اهي سڀ ڪتاب ڏيکاري
سگهجن ٿا. جيڪي فقط ڪتابي جلد نه آهي پر انهن شخصن/
اديبن/شاعرن/عالمن بابت دستاويز آهن. جن دستاويزن مان هيل

تائين سنڌ ۾ پهتل سندس آخري ڪتاب سنڌيءَ ٻوليءَ جي
ناميارِي محقق، اديب، شاعر، عالم، مترجم ۽ مرتب هيري ٺڪر
جي علمي ادبي تحقيقي ڪم ۽ سندس شخصيت بابت آهي.

هيرو ٺڪر ڇا آهي؟ اهو لکڻ ۽ پڙهڻ جي گهرج گهٽ
آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌي پڙهندڙ ڪانئس مون کان وڌيڪ واقف
آهن، ڇو ته دادا هري موٽواڻي ۽ هيري ٺڪر لاءِ هند ۽ سنڌ ۾
اهو تصور مضبوط آهي ته سندن هڪ گهر هند ۾ آهي ۽ هڪ گهر
سنڌ ۾ آهي، اهو لکڻ پل هڪ گهڙيءَ لاءِ تصور به هجي پر هند
سنڌ جي تاريخ جو اهو روشن سچ آهي ته هري موٽواڻيءَ جو هڪ
گهر سنڌ آهي، جنهن جو شهر لاڙڪاڻو آهي ۽ هيري ٺڪر جو هڪ
گهر سنڌ آهي، جيڪو پشاوري پاڙي حيدرآباد ۾ آهي. سندن
ٻيو گهر هند ۾ به آهي. اهو سندن ڀاڳ آهي.

اسانجي دلبر دوست ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ناميارِي محقق
هيري ٺڪر جي خدمتن ۽ شخصيت بابت لکيل هيءُ ڪتاب سندس
زندگيءَ ۾ لکيو به ويو آهي ته ڇپيو به ويو آهي، ان ڪري اُن ۾
آيل سموري معلومات سچي سمجهڻ گهرجي، جنهن ۾ ليکڪ
جي پنهنجي منشا موجب ڪجهه به نه آهي.

اها منشا جيڪا اسان پنهنجي گذاري ويل عالمن ۽ اديبن
تي لکڻ وقت پوري ڪندا آهيون، جنهن ۾ اسان پاڻ وڌيڪ
هوندا آهيون جن تي لکيو ويندو آهي اهي گهٽ هوندا آهن پر
مجموعي طور ڊاڪٽر لڇاڻيءَ جا لکيل شخصيتن بابت سڀ ڪتاب
ان عيب کان آجا آهن. ائين هيري ٺڪر بابت لکيل هيءَ ڪتاب
پڻ، ڪنهن به تصور ڪري لکيل ڳالهه کان آجو آهي، جنهن
ڪري هيري ٺڪر بابت هيءَ ڪتاب هڪ اهڙو دستاويز آهي،
جيڪو ڪنهن به حوالي کي مستند بڻائيندو اهڙو يقين ڪتاب

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڏياري ٿو.

هن ڪتاب جيان اهو سچ آهي تہ سنڌ ۾ اهم سڃاڻپ/ مرتبو ماڻيندڙ هيري ٺڪر جو ڪتاب ’قاضي قادن جو ڪلام‘ آهي، جنهن سنڌي /اساسي شاعريءَ جي عمر ۾ مرتبو وڌائي ڇڏيو آهي. جيڪو ڪتاب سنڌي شاعريءَ جي ڪنهن بہ اتهاس/ تاريخ لکڻ لاءِ اهم مددگار بڻبو ۽ سدائين بڻيو رهندو. هن ڪتاب جي سنڌي ٻوليءَ مو اهيمت ڪنهن مقدس ڪتاب جيان قبوليل رهندي.

ٻيءَ طرح اهو بہ سچ آهي تہ تحقيق جي حوالي ۾ هيري ٺڪر جيڪو بہ لکيو آهي، اهو فقط لکڻ لاءِ نہ آهي، هن سچ پچ نور نچويو آهي، جن بہ سنڌي پڙهندڙن توڙي عالمن اديبن سندس ڪتاب’تحقيق ۽ تنقيد‘ پڙهيو آهي، اهي ان چوڻ/ لکڻ کان لنوائي نہ سگهندا تہ هو هڪ برجستو عالم آهي.

تخليقي ۽ تحقيقي، ادب بابت هيري ٺڪر جون لکڻيون هڪ اهم ڪٿ آهن، اتين هن جيڪي ترجما ڪيا آهن انهن جي پڻ پنهنجي سونهن آهي. جنهن جو ذڪر ڊاڪٽر لڇاڻي صاحب هڪ باب طور هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي.

ممڪن آهي سنڌ جي ڪيترن پڙهندڙن کي اها سنڌ نہ هجي، يا شايد هاڻ سنڌ گهڻو اچڻ وڃڻ سبب ڪن کي پئجي وئي هجي تہ هيرو ٺڪر بنيادي طور شاعر آهي ۽ اهو شوق هن اڄ تائين ڇڏيو نہ آهي، جنهن بابت پڻ تفصيلي نوٽ هن ڪتاب ۾ شامل آهي.

ڊاڪٽر لڇاڻي صاحب جو اهو چوڻ/ لکڻ سچ آهي تہ هيري ٺڪر انهن موضوعن تي لکيو آهي جيڪي عام محققن جي اک کان لڪل رهيا آهن، مثال طور برٽش دور ۾ بندش هيٺ آيل

اُهي سڀ سنڌي ڪتاب ۽ اخبارون آهن جن بابت عالمن گهٽ ئي لکيو آهي جنهن موضوع بابت منهنجو خيال بہ اهو آهي تہ هيري ٺڪر جي لکت ’ڊٻايل آواز‘ پل پهرين نہ آهي تڏهن بہ تفصيل سان آيل پهرين لکڻي آهي، جيڪا سنڌ جي پڙهندڙ کي سٺي ڄاڻ ڏئي ٿي ۽ جنهن بابت ڪتاب ۾ چڱو خاصو مواد ڏنل آهي.

ڊاڪٽر لڇاڻي صاحب جي هن نهايت اهم ڪتاب ۾ توڙي ڪتاب کان ٻاهر سچ اهو بہ آهي تہ جيڪڏهن هيرو ٺڪر ڪجهہ بہ نہ لکي ها ۽ شاعري بہ نہ ڪري ها، تڏهن بہ هو سنڌ جي عام ماڻهن وٽ هيرو ئي هجي ها، جنهن جو سبب هن جي ادب کان الڳ آهي، اها سندس سڃاڻپ اهڙي آهي جيڪا پڙهي نہ سگهندڙ سنڌيءَ لاءِ بہ اهم آهي. اها آهي سندس آواز ”هاڻ اوهان هيري ٺڪر کان خبرون ٻڌندا.“

۽ سچ پچ اسان ڀاڳ وارا آهيون جو ڪيس پڙهندا بہ اچون ٿا، ڪيس روبرو يا سائنس جي سهوليت جي بنياد تي ٻڌندا بہ اچون ٿا، هاڻ پل هوُ ريڊيو تي نہ آهي پر ڪيس ٻڌڻ جا واهڻ هاڻ اڻ ڳڻا آهن، پر ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ آهي تہ ڪيس سمجهڻ لاءِ ڊاڪٽر لڇاڻي صاحب جو هي ڪتاب هڪ اهم وسيلو آهي جيڪو لکي ڊاڪٽر صاحب سنڌي پڙهندڙن تي وڏ ڪيو آهي ۽ اهڙا وڏ هن الڳ بہ ڪيا آهن جيڪي سندس ادبي اڪائونٽ ۾ موجود آهن ۽ اهي اهڙي وکر وانگر آهن جيڪو پئي پراڻو ٿيڻو نہ آهي.

ڪتاب ۾ ترتيب سان عنوان ڏيئي هيري ٺڪر جي زندگيءَ جي سموري ادبي ڪم جو وچور تفصيل سان ڏنو ويو آهي. نہ رڳو ادبي پر سندس شخص بابت پڻ هن ڪتاب ۾ چڱي

sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

معلومات ڏنل آهي. آخر ۾ سندس هڪ نڪور انٽرويو پڻ ڏنل آهي، جنهن مان سندس ڏات ۽ ذات ٻئي ظاهر ٿي بيٺا آهن.

ٻيو پاسو اهو آهي ته ڪنهن به عالم اديب جي سموري زندگيءَ کي هڪ ڪتاب ۾ قيد ڪري سگهجي، اهو بنهه ممڪن نه آهي پر يقين سان هيري نڪر بابت هيءَ ڪتاب اهڙو حوالو آهي، جهڙو اڳ نه آيو آهي ان ڪري ڊاڪٽر لڇاڻيءَ صاحب لاءِ احترام وڌي ويو آهي جو هن اسانجي دلبر دوست کي هڪ ڪتاب ۾ محفوظ ڪري ورتو آهي ۽ هاڻ هيءَ ڪتاب سدائين هڪ حوالي ڪتاب طور ڪم ايندو جيڪو حوالو سنڌي ادب لاءِ اڳ تي اهم آهي.

ائين ڪري ڊاڪٽر صاحب ثابت ڪيو آهي ته هڪ عالم ٻئي عالم کي ائين به ڏسي سگهي ٿو، سنڌي ادب ۾ هيءَ اهڙي قدرشناسي آهي جيڪا سدائين ياد رکي ويندي. جنهنجي هڪ مضبوط شاهدي هيءُ ڪتاب آهي.

sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

8

سوانحي ۽ ادبي خاڪا

’خاڪو‘ غير افسانوي صنف آهي، ان کي انگريزيءَ ۾ sketch ۽ هنديءَ ۾ ريکا چتر يا ويڪتي چتر چيو ويندو آهي. ساهتيه ۾ خاڪي ذريعي ڪنهن شخص يا اديب جو پاڻ پورڻ چِٽُ چٽيو وڃي ٿو. لفظن جي مدد سان ڪنهن شخص يا اديب وغيره کي اهڙي نموني اظهاريو ويندو آهي جو اهو ڳالهائڻ لڳندو آهي. سنڌيءَ ۾ منگهارام ملڪاڻيءَ جو ’ساهتڪارن جون سمرتيون‘ (1979)، ماهتاب محبوب جو ’جيءَ جهروڪا‘ (1983)، موتي پرڪاش جو ’ڏٺي ڏينهن ٿيام‘ (1986)، پوپٽي هيرانندڻيءَ جو ’ماڻڪ موتي لعل‘ (1993) ۽ جڳديش لڇاڻيءَ جا ’يادن جا ورق‘ (2012)، ’لاهوتي لڏي ويا‘ (2013) ۽ ’دل جي دنيا‘ وغيره خاڪن جي خاني ۾ رکي سگهجن ٿا. سنڌي ادب ۾ خاڪن جي صنف خاطر خواه ترقي ڪين ڪئي آهي. اسان وٽ تمام ٿورا نالا آهن، جن ڪلاتمڪ ڍنگ سان خاڪن جي تخليق ڪري ان صنف جو ڳاٽ اوچو ڪيو آهي.

جڳديش لڇاڻيءَ جي ’يادن جا ورق‘[1] ۾ ڇهه خاڪا آهن. هڪ اُستاد شاعر ۽ اعليٰ زبان دان (ليکراج عزيز)، شاهه سچل ۽ ساميءَ جو هڪ وڏو پارکو (ڪلياڻ آڏواڻي)، جوڳي جادو لائي ويا (رام پنجواڻي)، هري دلگير: فن ۽ شخصيت، سنڌي ادب جي هڪ اهم ادبي شخصيت (گوورڌن ڀارتي) ۽ ڪرشن راهي: ادب جو هڪ قداور شخص.

1. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي: يادن جا ورق . ويٽا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن 2012ع

لاهوتي لڏي ويا[2] ۾ اٺ خاڪا - عوامي شاعر (ضيا)، فخر هند - سنڌ (پوپٽي هيرانندڻي)، ماڻڪ موتي (ارجن شاد)، زندگيءَ جهڙو شاعر (ايم.ڪمل)، شاعريءَ کي نوان ڳيس ڏيندڙ (ايشور آنچل)، جلاوطنيءَ جو درد (موهن ڪلپنا)، گهڻ پاسائون اديب (لعل پشپ) ۽ رشتا نڀائيندڙ رچناڪار (شيام جئسنگهاڻي)

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي ’دل جي دنيا‘ ۾ هيٺيان ادبي خاڪا آهن: عالم، اُستاد هرومل سدارنگاڻي خادم، پريو وفا، اديبن ۾ اديب (سڳن آهوجا) رومانوي ڪهاڻيءَ جو هڪ دور: گنو سامتاڻي ۽ ايندو ڪونه وري تاجل آ.

جڳديش لڇاڻيءَ جا تخليق ڪيل Pen - Portraits نه صرف واسطيدار ساهتيڪارن جي ادبي شيوائن جو ڀرپور ذڪر ڪن ٿا پر اُنهن مان سندن شخصيت به نکري نروار ٿيئي ٿي. خاڪن ۾ ڪم آندل ٻولي سرل، سپڪ ۽ سوادي آهي. جنهن ڪٿي اصطلاح، پهاڪا ۽ نوان اظهار به ملن ٿا.

جڳديش لڇاڻيءَ اُنهن سان ڪيترين ملاقاتن ۽ گڏجاڻين کان پوءِ اهي ادبي خاڪا لکيا آهن. ڪتاب پنهنجي نوع جا آهن. خاڪن ۾ ڪنيل اديبن جي شخصي زندگيءَ ۽ ساهتيڪ خدمتن جو تمام سهڻو ۽ ڀيرائتو احوال ڪتابن ۾ موجود آهي. سرحد جي هن پار ادب کي به خاڪا-نويس ڪين وساريو آهي.

جڳديش لڇاڻيءَ لکي ٿو ”اها منهنجي خوشنصيبي آهي جو ڪچي عمر کان مونکي سنڌيءَ جي اُنهن اعليٰ اديبن ، دانشورن ۽ فنڪارن جي صحبت ۽ محبت حصي ۾ آئي، جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۽ تخليقي ادب سان واڳيل هئا. منهنجو اُنهن سان سڪ ۽ خلوص جو رشتو پڇاڙيءَ تائين قائم رهيو. منهنجي اُنهن

2. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي: لاهوتي لڏي ويا. ويٽا پبليڪيشن،اُلهاسنگر. سن 2013ع

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سان ڪافي ويجهڙائپ رهي. مون اُنهن فنڪارن سان ملاقاتون ۽ ڪچهريون ڪيون. هن ناچيز اديبَ شخص، اُنهن مان ڪافي فيض حاصل ڪيو. اهي مڙيئي هستيون، اڄ جيئرن جي جهان ۾ ڪونهن، پر سنڌي ادبي تاريخ ۾، هنن جون خدمتون پنهنجي پنهنجي انفرادي مخصوصيتن سان اڻ - مٽ ۽ اڻ - وسرندڙ آهن. منهنجا هي ادبي خاڪا، هنن جي ياد جي سرهاڻ کان علاوه ادبي يوگدان ڏانهن به اِشارو ڪن ٿا.``

جڳديش جو پهريون خاڪن جو ڪتاب ’يادن جا ورق‘ آهي. ڪتاب ادبي حلقن ۾ پسند پيو آهي. بنسي خوبچنداڻيءَ هندواسيءَ ۾ تاثرات ڪندي لکيو، ’’مان سنڌي اَدب ۾ هڪ ٿي شخص کي سڃاڻان، جنهنجي گهري دلچسپي نه صرف سنڌي اَدب جي معيار کي پرکڻ ۾ آهي، پر اُن معياري ادب جي خلقيندڙن جي شخصيت کي پرکڻ ۾ به آهي. ان ڏس ۾ هوُ لڳ ڀڳ 55 سالن کان پاڻ پتوڙيندو رهيو آهي. هوُ پنهنجي جگياسا کي شانت ڪرڻ لاءِ اوڪا پنڌ ڪري اُنهن اديبن سان پاڻ ملڻ به ويندو آهي. اُن جنون جوئي ثبوت آهي سندس نئون ڪتاب ’يادن جا ورق‘ جنهن ۾ نه صرف سنڌيءَ جي ڇهن وڏن اَديبن ليکراج عزيز، ڪلياڻ آڏواڻي، رام پنجواڻي، هري دلگير، گووردن ڀارتي ۽ ڪرشن راهيءَ جي نه صرف رچنا جي ڪٿ ڪئي ويئي آهي پر رچناڪار جي شخصيت جي به اوک ڊوک ڪئي ويئي آهي.

ڪتاب جي آڳياڙيءَ ۾ سنڌي ادب جي ناماري نقاد ۽ ليکڪ پروفيسر هيري شيوڪاڻيءَ پنهنجي لکيل مهاڳ، ’ماضيءَ ۾ جيئڻ جو مزو‘ ۾ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ لاءِ اجهو هيئن لکيو آهي، ’’اهو سچ آهي ته دوست جڳديش لڇاڻي هنن مڙني جي حياتيءَ ۾ پنهنجي وديارٿي جيون ۽ آدبي سرگرمين ڪري ويجهو

sindhsalamat.com

رهيو آهي. ان ڪري هن قسم جو اڀياس ۽ تحقيق فقط اڪيڊمڪ ڪونهي، بلڪ ان ۾ جڳديش جون پنهنجون يادون، ذاتي تجربا، هنن سان لهه وچڙ ۽ شخصي آزمودا شامل ٿي ان قسم جي ادبي اڀياس کي وڌيڪ آٿينٽڪ ۽ دلچسپ به بڻائي سگهيا آهن. اهو چوڻ ۾ مان ڀانيان ٿو ته به رايا ٿي نٿا سگهن. توڙي لڇاڻيءَ هن ڪتاب جو عنوان، ’يادن جا ورق‘ ڏنو آهي پر ظاهر آهي هن جي ذاتي يادن ڪانسواءِ وسٿار سان ادبي اڀياس، واسطيدار اديبن جي رچنائن جي ڪٿ، يڪي سُر ساهت جي تاريخ ۾ هئڻ جو جوڳو هٿ ڄاڻ ڪرڻ جو اڪيڊمڪ ميٿڊ به هن خوبيءَ سان شامل ڪيو آهي. جا ڳالهه پنهنجي نوعيت ۾ ڀارت جي سمڪالين، همراهه ادبي اَڀياسين ۾ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ کي هڪ ورلي، جداگنه حيثيت بخشي ٿي. حالانڪ ٻين وٽان پڻ مشرق ڪوششون سامهون آيون آهن، پر جڳديش جو اهو اڀياسي لاڙو منفرد آهي.``

هاڻ، توهان به ’يادن جا ورق‘ ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ ان رايي سان شامل راءِ ٿيندا، اها مونکي پڪ آهي.

ليکراج ڪشنچند ميرچنداڻي عزيز تي لکيل هن ڪتاب جي پهرئين ورق جو عنوان آهي ’’هڪ اُستاد شاعر ۽ اعليٰ زباندان.`` عزيز صاحب هڪ اول درجي جو اُستاد شاعر ته هو ئي پر هڪ اَثردار مضمونگار ۽ نقاد به هو. ڊاڪٽر لڇاڻيءَ چواڻي: ’’جيتري قدر مان شخصي طور سمجهي سگهيو آهيان ته ليکراج عزيز شاعرن تي تنقيد شخصي ساڙ وچان نه پر سندن اکيون کولڻ ۽ کين شاعريءَ جي فن ۾ صحيح شناس ڏيڻ لاءِ ڪئي آهي. البت اُئين برابر آهي ته هن شاعرن تي تنقيد ڪندي ڪيترن هنڌن تي ڪافي تکو رد عمل اختيار ڪيو آهي...``

هي ليک پڙهڻ سان آسان عزيز بابت ڄاڻون ٿا ته هوُ پنهنجي ملاقاتين سان فراخدليءَ ۽ عزت سان پيش ايندو هو.

books.sindhsalamat.com

عزيز جي شاعريءَ جو حقيقي دؤر سترهن ورهين جي ڄمار ۾ شروع ٿيو. ننڍي هوندي ئي کيس قافين ڇوڙ جو ڏاڍو شؤنق هو.

شاعريءَ جو اهڙو ڪو پهلو ڪونهي جنهن تي عزيز ڪاميابيءَ سان قلم نه هلايو هجي. هُن هر رنگ جو ڪلام چيو آهي. هن جي شاعريءَ ۾ اَنبلت جهڙا تخليقي رنگ سمايا آهن. ليکراج عزيز کي 'صُراحي' شعري مجموعي تي سن 1966ع ۾ ڀارت سرڪار طرفان ساهتيہ اَڪادمي اوارڊ حاصل ٿيو. هوُ پنهنجي خانگي زندگيءَ ۾ وڏو آستڪ هو. پرارٿنا ۾ سندس اَٽوٽ وشواس هو. هوُ رات جو سمهڻ کان اڳ پريوُ سمرڻ اوس ڪندو هو، پر اُن جو ڏيکاوَ ڪڏهن ڪين ڪيائين. هوُ ڪرشن ڀڳت هو ۽ گيتا هن جي گهر ۾ براجمان هئي.

ليکراج عزيز زندگيءَ جي آخرين گهڙين تائين سنڌي اَدب ۽ ٻوليءَ جي خدمت ڪندو رهيو. هوُ لفظن جو بي مثل پارکو ۽ سنڌي لفظن جي کاڻ هو. آخرين گهڙين ۾ بہ هو اسان کي اٽڪل ڇهن هزار سنڌي پهاڪن ۽ اصطلاحن جو معنيٰ ۽ سمجهاڻين سميت ڪتاب ڏيئي ويو.

اهڙو هو اسانجو عزيز صاحب!

هن ڪتاب جو ٻيون ورق آهي بزرگ عالم ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي جيون تي جنهن جو نالو آهي ''شاهہ سچل ۽ ساميءَ جو وڏو پارکو.'' ليکڪ، ڪلياڻ آڏواڻيءَ سان وابستہ لمحن ۽ وارداتن کي پڪڙڻ جي ڪوشش ته ڪري، جيڪي تصويرون پهريون ڏنڏليون ۽ پوءِ چٽيون ٿيون ٿينديون وڃن.

پهرين تصوير آهي سن 1959ع جي، جڏهن جڳديش لڇاڻيءَ ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي صدارت ۾ پونا ۾ شاهہ تي سيمينار ۾ پيپر پڙهيو هو. وري جڏهن سن1970ع ۾ ايم.اي. ۾ داخلا ورتائين ته ڪلياڻ آڏواڻيءَ سان ڳڏجاڻيون وڌڻ لڳس ڇو جو

sindhsalamat.com

ڪلياڻ آڏواڻي جئہ هند ڪاليج ۾ پروفيسر هو ۽ سنڌي وشيہ ۾ ايم.اي جا ڪلاس بہ رام پنجواڻي جئہ هند ڪاليج ۾ وٺندو هو. مان ڀاڻ جئہ هند ڪاليج جو اسٽوڊنٽ هوس. هڪ اها بہ تصوير ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي ياد ٿو ڪري جڏهن هوُ ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي گهر سنڌو واڙي باندرا ۾ ڪين ملڻ ويندو هئو ۽ ڪلياڻ آڏواڻي کيس پنهنجي گهر ۾ ٻاهران رکيل صندل تي ويهاري ڀاڻ دروازي جي چائنٽ وٽ ڪرسيءَ تي ويهي ڳالهيون ڪندا هئا.

سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعرن، شاهہ، سامي ۽ سچل تي تنقيدي ڪتاب لکڻ کان پوءِ ڪلياڻ آڏواڻيءَ هڪ ٻيو ڪرتب ڪري ڏيکاريو، سو آهي سندن ترتيب ڪيل 'شاهہ جو رسالو' مڪمل صورت ۾ مهاڳ معنيٰ ۽ شروع غيرسميت، جنهن ڪتاب تي کين سن 1968ع ۾ مرڪزي ساهت اَڪادميءَ جو انعام عطا ٿيو. اها خبر ته اسان سڀني کي آهي پر ڇا توهان کي خبر آهي ته ڪلياڻ آڏواڻي هڪ سُٺا شاعر پڻ هئا ۽ سندن پنجن سو بيتن جومجموعو 'راز ۽ نياز' جي عنوان سان سن 1960ع ۾ شايع ٿيل آهي؟

ڇا توهانکي اها خبر آهي ته هوُ ماسٽر چندر جي راڳ تي مفتون هئا ۽ پنهنجي ڪاليج ۾ سيپئي سال ڪرڪيٽ ٽيم جا ڪپتان هئا ۽ تيز رفتار سان بولنگ پڻ ڪندا هئا.

اِهي هئا ڪرڪيٽر، شاعر ۽ ليکڪ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي.

ڪتاب جي ٽئين ورق 'جوڳي جادو لائي ويا' مان هڪ ٽڪرو:

''سنڌيت جو هڳاءُ ڦهلائڻ لاءِ رام ڪڏهن ڪنور ڀڳتي نچ سنڌي گيت جهونگاريندو هو ته ڪڏهن ٻيجل ٻڌجي سنڌي ساز وڄائيندو هو. رام سان گڏ زالون، مرد، ٻار، ٻڍا سڀ گڏجي ڳائيندا هئا ۽ تال ۾ تال ڏيندا هئا. جنهن محفل ۾ رام هوندو هو، ان جي رؤنق ئي ڪجهہ اؤر ٿي ويندي هئي، سندس شيرين

books.sindhsalamat.com

۽ فصيح زبان، سيني تي جادوءَ جو اثر ڪندي هئي. رام پروگرام هلندي نه صرف عام ڏسندڙن کي پاڻ سان گڏ جهوماڻيندو هو، پر وڏن وڏن سنڌي خواه غير سنڌي سياستدانن کي به هن نچايو.''

رام پنجواڻيءَ لاءِ لکندي ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي وڌيڪ چوي ٿو، ''رام پنجواڻي سنڌي جاتيءَ جي هڪ يگاني هستي آهي. رام پنجواڻيءَ جي شخصيت جا اڪيچار پهلوءَ هئا. اُنهن مڙني وصفن جو هڪ هنڌ وجود ۾ اچڻ جو قدرت جو هڪ انوکو عمل هو. رام هڪ فردنه نه پر هڪ انسٽيٽيوٽ هو.....''

جهوليلال جو نالو ڏيئي سنڌي جاتيءَ کي وري زنده ڪرڻ وارو رام پنجواڻي ئي هو. هوءُ هڪ سٺو اديب هو ۽ ڪيس سندس ڪتاب 'انوکا آزمودا' تي مرڪزي ساهت اَڪادميءَ جو اِنعام مليو ۽ سن 1981ع ۾ ڀارت سرڪار رام جي قدرشناسي ڪري کيس پدم شري جي پدوي عطا ڪئي.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ رام پنجواڻيءَ جو سنمان ڪندي منوهر ٻيديءَ سان گڏ رام پنجواڻيءَ تي هڪ ٽيلي فلم لکي آهي جنهن جو نالو به آهي ''جوڳي جادو لائي ويا'' .

دور آديپور ۾ وسيل مشهور شاعر هري دلگير به جڳديش لڇاڻيءَ جي ويجهو رهيا ۽ هن ڪتاب جو چوٿون سنسمرڻ ۾، هري دلگير جي حياتيءَ جي احوال سان گڏ سندن ادبي ورثي تي به سُٺي اوڪ ڊوڪ ڪئي ويئي آهي. هري دلگير جاچيل ڪيترا شعر به هن ورق جي سونهن وڌائين ٿا. ڏسون:

1. هڪڙا سنڌي سنڌ اندر، پر ٻين وَسائي هند،
جيجل تن جي ساڳي آهي، ساڳي تن جي جند
2. مزي سان ٿو وقت دلگير گذري
وهون جي وفا، شيام يارن ويجهو
3. لطف خود لاءِ نه ٻين لاءِ جيئڻ ۾ آهي،

sindhsalamat.com

چنڊ اونده ۾ رهي، جڳ کي ڏي ٿو چانڊاڻ

هن ورق ۾ هري دلگير جا ڪيترا خط ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ ڏانهن لکيل ڏنل آهن جي نه صرف هن ورق جي سونهن ٿا وڌائين پر هري دلگير جي پياري شخصيت کي ايجاگر به ٿا ڪن. هن ورق جو عنوان آهي، 'هري دلگير فن ۽ شخصيت.'

''پل پل جو پرلاءُ'' شعري مجموعي تي هري دلگير کي 1979ع ۾ مرڪزي ساهت اڪادميءَ جو اوارڊ عطا ٿيل آهي.هن جا ٻيا شعري مجموعا 'ڪوڏ، ماڪ ڦڙا ، موج ڪئي مهراڻ ، رولو آواز' به مشهور آهن.

گووردن ڀارتيءَ کي ڪير وساري سگهندو ؟ هوءُ رهندو ته اَجمير ۾ هئو پر ممبئيءَ ۾ به ڪي سال گذاريائين. انهيءَ عرصي ۾ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي، گووردن ڀارتيءَ جي ويجهو آيو ۽ سندن شخصيت ۽ ادب کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيائين. پنجون ورق شاعر، ناٽڪڪار، گيتڪار، ڪهاڻيڪار، مضمون نگار، هڪ نيڪ اِنسان ۽ غربدار دوست گووردن ڀارتيءَ جي باري ۾ آهي. جنهن جو عنوان آهي 'سنڌي اَدب جي هڪ اَهم شخصيت.'

هي ورق ڊاڪٽر لڇاڻيءَ جي پنهنجي دوست گووردن ڀارتيءَ کي سچي شرڌانجلي آهي. هن لڳ ڀڳ ٻه ڊزن ڪتاب ادب جي ڀن ڀن صنفن تي تخليق ڪيا جن مان مکيه آهن: گل مکڙيون، لاٽيون، نئين بستي، پيلو چنڊ، لال باغ، بگڙيل گهر، لاڏو لاڏي آڻيندو، شيشي جا گهر ۽ سور جون سؤ صورتون. هن سلهه جهڙي بيماريءَ سان دوبدو ٿيندي ڪڏهن همٿ نه هاري، کيس 'شيشي جا گهر' ڪتاب تي مرڪزي ساهتيه اڪادميءَ جو اوارڊ مليو.

6 اَپريل 2007ع تي سنڌي اَدب هڪ قداور ۽ سگهاري اديب کي کوهيو. اُهو هو شاعر ڪرشن راهي. جنهن جي ياد ۾ هن ڪتاب جو آخرين ورق آهي 'ڪرشن راهي اَدب جو هڪ

books.sindhsalamat.com

ڦداور شخص'

ڪرشن راهي پهريون ڪهاڻيون لکندو هو. سندس ڪهاڻين جو مجموعو 'لڙڪ ۽ مرڪ' سن 1956 ۾ ڇپيو، پر پوءِ هن ڪهاڻين کي پنيان ڇڏي شعر لکيا. پنهنجي پهرئين ئي شعري مجموعي ''ڪُماچ'' سان اَدب ۾ ڇانئجي ويو، ڪيس هن مجموعي تي سن 1971 ع ۾ مرڪزي ساهتيہ اڪادميءَ جو انعام پڻ مليو. هن مجموعي ۾ ڪلاسيڪي صنفون، دوها، سورٺا، بيت، ڪافيون، گ يت، عربي فارسي اثر واريون صنفون غزل، رباعي، نظم ۽ انگريزي ادب جي اثر هيٺ مروج شعري صنفون آزاد نظم، سانيٽ بہ آهن وري لوڪ گيتن جي طرز تي جهمر، لاڏو، اوراڻو ۽ لولي وغيرهہ شامل آهن. ڪرشڻ راهيءَ جو 'سنڌ ۽ سنڌي' نالي وارو مشهور شعر بہ هن ئي ڪتاب ۾ آهي.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ سچ چيو آهي تہ ڪرشن راهيءَ برابر ٿورو لکيو. گهٽي تعداد ۾ لکڻ سان ڪو وڏو اديب نٿو بڻجي جيڪي لکجي سو معياري لکجي. معيار ڪي معنيٰ آهي. مقدار ڪي نہ. سنڌي ادب جي تاريخ ۾ ڪرشن راهيءَ جو مقام محفوظ آهي.

مونکي پڪ آهي تہ 'يادن جا ورق' ڪتاب ۾ بيان ڪيل ڇهن اَديبن جا مقام تہ سنڌي اَدب ۾ محفوظ آهن، پر هن ڪتاب جي لکڻ واري ليکڪ ڊاڪٽر جڳدش لڇاڻيءَ جو مقام بہ سنڌي اَدب ۾ محفوظ آهي. ڇو تہ سنڌي اَدب جو ڪوبہ اَڀياسي سنڌي اَدب کي تيسين نہ سمجهي سگهندو جيسين ھو ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي تواريخي، تحقيقي ۽ تنقيدي ڪتابن جو اڀياس نہ ڪيو آهي.[3]

ڪتاب جي اڳياڙيءَ ۾ سنڌي ادب جي هڪ نامياري

3. بنسي خوبچنداڻي: يادن جا ورق (تاثرات) آرتوار 22 ڊسمبر 2013 . ص. 5

sindhsalamat.com

نقاد هيري شيوڪاڻيءَ 'جڳديش لڇاڻيءَ جي تخليق ڪيل ادبي خاڪن جي حوالي ۾ ' ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ لاءِ اجهو هينئن لکيو آهي، ''سنڌيءَ ۾ ڪا هڪ بہ مستند، تنقيدي سروانگي ادبي تاريخ مؤجود نہ هئڻ جي حالت ۾ هن قسم جا ڪتاب، ادبي سنسمرڻ، يادگيريون، اهم ادبي شخصيتن تي مضمون بہ ڪنهن چڱي حد تائين، ان کوٽ جو پورائو ڪن ٿا، توڙي ان جي جاءِ پرڻ ۾ قاصر آهن. دوست ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي، اهو اهم ڪارج خوبيءَ سان ڪري رهيو آهي. هاڻ تازو ئي هن جو اهڙو اهم ڪتاب 'لاهوتي لڏي ويا' آيو آهي ۽ ترت ئي هي سنگرهہ 'يادن جا ورق' اُن جي ڪڙي آهي. پهرين ڪتاب ۾ ڀارت ۾ سنڌي ساهتيہ جي ائن شخصيتن: پرسرام ضيا، پوپٽي هيراننداڻي، ايشور آنچل، ايم.ڪمل، ارجن شاد، موهن ڪلپنا، لعل پشپ ۽ شيام جئسنگهاڻيءَ جي جيون ۽ ساهتيڪ دين جو ليکو جوکو آهي تہ هن ڪتاب ۾ وري ٻين ڇهن ساهتيڪارن: ليکراج عزيز، ڪلياڻ آڏواڻي، رام پنجواڻي، هري دلگير، گووردن ڀارتي ۽ ڪرشن راهيءَ جا سنسمرڻ آهن. هي مڙيئي ادبي شخصيتون اڄ اسان وٽ موجود ڪونہ آهن پر سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هنن جو يوگدان، پنهنجي پنهنجي اِنفرادي مخصوصيت سان ياد رکڻ جوڳو آهي.

اِهو سچ آهي تہ دوست جڳديش لڇاڻي هنن مڙني جي حياتيءَ ۾، پنهنجي وديارٿي جيون ۽ ادبي سرگرمين ڪري ويجهو رهيو آهي. ان ڪري هن قسم جو اڀياس ۽ تحقيق فقط ايڪيڊيمڪ ڪونهي؛ بلڪ اُن ۾ جڳديش جون پنهنجون يادون، ذاتي تجربا ، ھنن سان لهہ وچڙ، شخصي آزمودا شامل ٿي، ان قسم جي ادبي اڀياس کي وڌيڪ 'آٿينٽڪ' ۽ دلچسپ بہ بڻائي سگهيا آهن. اهو چوڻ ۾ مان ڀانيان ٿو تہ بہ رايا ٿي نٿا سگهن.

books.sindhsalamat.com

توڙي لڇاڻي هن ڪتاب جو عنوان ’يادن جا ورق‘ ڏنو آهي. پر ظاهر آهي تہ هن جي ذاتي يادن کان سواءِ وستار سان ادبي اڀياس، واسطيدار اديبن جي رچنائن جي ڪٿ ۽ يڪي سر ساهت جي تاريخ ۾ هنن جو جوڳو استان طئہ ڪرڻ جهڙو اڪيڊيمڪ ميٿڊ بہ ڀلي خوبي سان شامل ڪيو آهي. جا ڳالهہ پنهنجي نوعيت ۾، ڀارت جي سمڪالين، همعصر ادبي اڀياسين ۾، ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ کي هڪ ورلي، جداگانہ حيثيت بخشي ٿي. حالانڪ ٻين وٽان پڻ ڇڊيون ڇاڊيون ۽ متفرق ڪوششون سامهون آيون آهن. پر جڳديش جو اهو اڀياسي لاڙو منفرد آهي. ڇاڪاڻ تہ، وري دهرايان ٿو، تہ هن قسم جو اڀياس ادب جي مستند ۽ تنقيدي تاريخ لکڻ جي جاءِ ڪونہ ٿو ڀري ۽ ڪم - و - بيش يادگيرين ۽ پنهنجي پنهنجي اڀياس تي مبني آهي تہ مان بہ ان قسم جي ماضيءَ ۾ ليٽا پائيندي يادگيرين جو سهارو وٺان ٿو. مان جڏهن 1968 ۾ اُلهاسنگر ۾ ڪاليج ۾ اچي سنڌيءَ جو ليڪچرار ٿي رهيس، تڏهن جڳديش لڇاڻي اڳ ۾ ئي ان قسم جي ادبي اڀياس ۽ رچنا ڌرم ۾ سرگرم هو. منوهر بيدي عاجز ۽ ڪرشن لعل ٻجاج ’پرديپ‘ سان هنن جي ٽمورتي اُلهاسنگر ۾ مڪاني سطح تي واقف ٿي. ’ادبي شناس‘ ۽ ’سنڌي ادب جي روپ ريکا‘ جهڙا معلوماتي ڪتاب هو شايع ڪري چڪو هو. البت منهنجي هن سان ويجهائپ نہ جُڙي هئي. مان پنهنجي لاڙي ۽ شعور انوسار موهن ڪلپنا، ايشور آنچل، ايم.ڪمل ۽ نارائڻ ڀارتيءَ سان سرگرم ادبي ڪچهرين ۾ مصروف ٿي ويس. جڳديش، ڪرشن ٻجاج ۽ منوهر بيدي، جيئن تہ سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ جي هڪ هاءِ اسڪول ۾ گڏ ماستر هئا تہ سندن ادبي مشغوليون پنهنجون پنهنجون هيون. جڳديش لڇاڻيءَ ۾ سنڌي ساهتيہ جي اتهاس ۾ دلچسپي شروع کان ئي موجود هئي، جيئن ڀلي جا

sindhsalamat.com

اوائلي ٻہ ڪتاب شاهدي ڏين ٿا. اڳتي هلي هن اوچ اڀياس ۾ نسبتي طور ٻہ چار وکون وڌيڪ ڀري ايم.اي (هندي ۽ سنڌي) ۽ پوءِ ممبئي يونيورسٽيءَ مان سنڌيءَ ۾ پي ايڇ.ڊي بہ ڪري ورتي. گڏوگڏ منوهر بيدي عاجز سان گڏجي هن ساهتڪ کيتر ۾ هڪ نئين تجرباتي شاخ ’ٽيلي - پلي ‘ لکي شايع ڪرڻ جو، آجيان لائق ڪم ڪيو. اُن ۾ بہ گهرائيءَ سان ڏسجي تہ سنڌي ادب جي ماضيءَ ۾ جيئڻ جو هن جو شوق ۽ جذبو نمايان ٿئي ٿو. ڀانيان ٿو تہ اول شاهہ لطيف تي پوءِ پروفيسر رام پنجواڻي ۽ پوپٽي هيرانندڻيءَ جي جيون ۽ ادبي يوگدان تي اهڙا مفصل ’ٽيلي - پلي‘ پڌرا ڪيا. توڙي ان قسم جي تاريخي اڀياس کان علاوهہ هن ڪن ساهتيہ روپن، جيئن تہ ڪهاڻي، ناول، نئين ڪويتا يا آلوچنا تي بہ ڪتاب لکيا آهن. ظاهر آهي تہ شروع کان اڄ تائين ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جو قدم لڳاتار تيزيءَ سان روان دوان آهي ۽ هن جي ادبي اڀياس جي ساک، کليءَ دل سان قبولي ويئي آهي.

ويجهڙ ۾ شايد سندس انهيءَ رجحان ۽ قابليت بدؤلت مرڪزي ساهتيہ اڪاڊميءَ پنهنجي هڪ رٿا تحت ’ڀارتيہ ساهت جا نرماتا‘سيريز ۾ ڀلي کان هنديءَ ۾ سنڌيءَ ادب جي ٽن اهم ساهتيہ نرماتائن سروَ شري موهن ڪلپنا، شيام جئسنگهاڻي ۽ لعل پشپ تي ’مونوگراف‘ لکرائي هن جي ان ڏس ۾ حاصل ڪيل مهارت کي تسليم ڪيو آهي. ياد ڏيارجي تہ ساهتيہ اڪاڊميءَ جي اها مخصوص رٿا، سنڌيءَ سميت، سيني تسليم ٿيل ڀاشائن جي گذر ڪري ويل اهم ساهتيڪارن جي پرسپر سيني ڀارتيہ ڀاشائن ۾ ڏيٺ ويٺ ڪرائڻ جي مراد جي برٿوابيءَ جو نتيجو آهن. ان رٿا تحت ٻين بہ ڪيترن سنڌي اديبن جا مونوگراف آيل آهن. خير.

books.sindhsalamat.com

هتي منهنجي نشان ڏهي ان طرف آهي تہ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي سنڌي ادب ۾ تاريخ ۾ اُن جي ورڇن ۾ جهاتي پائڻ جي هن جي اِن ’اِسپيشيئلائيزن‘ کي ريڪانڪت ڪريان. خاص طور جن ادبي شخصيتن جو، انهن سڀني ڪتابن ۾ هن جائزو ورتو آهي، تن ۾ شاهہ لطيف کي ڇڏي- ويندي هن ڪتاب ’يادن جا ورق‘ سوڌو لڇاڻي ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ سمپرڪ ۾ آيو آهي، رهيو آهي، اُنهن سان پنهنجي ادبي رُچي ۽ جڳياسا سبب گهرائپ بہ قائم ڪئي آهي تہ هي سڀ سنسمرڻ ۽ ادبي ريکا چٽر اُنهن جي گوناگونيت، شخصي ڇاپ جو ثبوت آهن.

۽ اڄ جڏهن سنڌي ادب جي راهہ جا هي پانڌيئڙا، لاهوتي يا اُنهن مان ڪي ’ميل جا پٿر‘ اڄ حيات نہ آهن يا بذات خود - جئن مان اڪثر مايوسيءَ وچان چوندو آهيان تہ سنڌي ادب جو ميدان خالي آهي. نئين پيڙهي آئي ئي ڪانهي. سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهتيہ کي پڙهڻ وارا ذري گهٽ ندارد آهي، تڏهن، حال ۽ مستقبل جي ڳالهہ شايد ڪرڻ ئي اجائي پيئي لڳي. چاهيان ٿو، دل سان چاهيان ٿو، ڪاش سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ کي ڪٽي اٿين نہ ٿئي ۽ مان غلط ثابت ٿيان (ڀل تڏهن بہ مان جيئرو نہ هجان) تڏهن ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ هي ادب ڪاوشون - ڇاپي ۾ آڻي ڇڙو پنهنجي ادبي ذوق ۽ هنئين جي زور بدؤلت، هو، منهنجي راءِ ۾ هڪ اهم ادبي ڪارج کي سرانجام ڪرڻ ۾ لڳو آهي. ’يادن جا ورق‘ هي ڪتاب اُن جي تازهہ ڪڙي آهي. هن کي مبارڪون ڏيڻ سان گڏ اها بہ دعا ڪرڻ چاهيندس تہ پنهنجي ان وسيع اڀياس، لڳاتار هلندڙ سندس قلم ۽ ادبي ذوق جا پَرَ وري سوئي، جيڪڏهن ڪري سگهي تہ، سنڌي ساهتيہ جي هڪ تنقيدي، معتبر مفصل تاريخ لکي، رهجي ويل هڪ وڏي کوٽ جو پورائو ڪري. مان ڀانيان ٿو تہ هو ڪري سگهي ٿو. توڙي هو بہ

sindhsalamat.com

پنهنجي ڄمار جي مني صدي پوري ڪرڻ جي نزديڪ آهي. آمين!

رکيل موراڻيءَ ڪراچيءَ مان نڪرندڙ عوامي آواز جي آرتواري پرچي ۾ ادبي تاريخ سان حصيداري رکندڙ ٻہ اهم ڪتاب ڇپيا ’يادن جا ورق‘ ۽ ’لاهوتي لڏي ويا‘ لاءِ لکيو آهي، ”اڄ جڏهن سنڌ ۾ همعصر دور جي ادبي تاريخ نہ ڀئي لکي وڃي، تڏهن هند ۾ رهندڙ سنڌي ٻوليءَ جو نهايت اهم لکندڙ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي اهو ڪم پاڻمرادو ڪري رهيو آهي، جنهن جو مثال آهي ٻہ ڪتاب هئا جن جو رويو مان ڪجهہ وقت لکي چڪو آهيان، جيڪو سنڌي نثري شاعريءَ بابت هئا جنهن ۾ ڊاڪٽر لڇاڻي صاحب بابت گهٽو ئي جاڻايل هئو، هو هند ۾ رهندڙ اڄ جي دور جو اهڙو اسڪالر آهي، جيڪو شايد پنهنجي زندگيءَ تي پوندڙ پوئين پڙاءَ جو اندازو ڪري چڪو آهي ۽ پنهنجي ذهن ۽ ضمير سان هو پنهنجي اندر ۾ سانڍيل سمورو مواد پنهنجي ايندڙ نسلن لاءِ ان شاعريءَ طور ڇڏي رهيو آهي تہ ممڪن آهي ايندڙ ان نئين نسل کي ايترو وقت نہ ملي سگهي جو اهو پنهنجي تهذيب، تمدن ۽ تاريخ کان واقف ٿي سگهي. جنهن لاءِ هو ڪنهن ٻئي پاسي واجهائي ان کان بهتر آهي تہ ان کي اهو سڀ ڪجهہ لکت ۾ ڏجي تہ جيئن هن کي پنهنجي تهذيبي سفر جي ڄاڻ پئجي سگهي. ساڳئي وقت هو ان سڀ تي فخر بہ ڪري سگهي. ائين ڪري ڊاڪٽر لڇاڻي صاحب سنڌي ادب ۽ ادبي تاريخ تي جيڪو وڙ ڪري رهيو آهي، اهو ايندڙ نسلن مٿان احسان طور ڄاتو ويندو.

ڊاڪٽر صاحب جا ٻہ شايع ٿيل ڪتاب جيڪي هن قرب ڪري ۽ ساڳئي وقت خرچ ڪري مون ڏانهن موڪليا آهن، اهي پڻ نهايت اهم ڪتاب آهن، جيتوڻيڪ اهي سڌا سنوان ادبي

books.sindhsalamat.com

تاريخ ته نه آهن پر اهي ادبي تاريخ جو اهڙو حصو آهن، جو جڏهن ڪا مستندادبي تاريخ سنڌي ادب جي لکي ويندي ته هيءُ ٻئي ڪتاب ان جا اهم مددگار ثابت ٿيندا توڙي جو هيءُ ٻئي ڪتاب جن شخصن/اديبن/ شاعرن بابت آهن انهن جي ممڪن حد تائين /ادبي/ شخصي جاچ هنن ڪتابن ۾ محفوظ ڪيل آهي. ممڪن لفظ استعمال ڪرڻ جو سبب منهنجي آڏو اهو آهي ته هوئن ڪنهن اديب / شخص جي مڪمل جاچ لاءِ هزارن صفحن جون ڪتابون به اڻپوريون هونديون آهن. سچ پڇ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي هنن ڪتابن ۾ آيل سموريون شخصيتون پنهنجي پنهنجي دائري ۾ هڪ ڪتاب گهرن ٿيون پر ليکڪ جو اُنهن لکڻين ۾ جنهن اعتماد سان اظهار ڪيل آهي اهو هڪ لاجواب تنقيدي حوالي طور به استعمال ڪري سگهجي ٿو. ڊاڪٽر سيني شخصيتن سان سڌي توڙي اڻسڌي نموني شخصي طور ويجهو به رهيو آهي، جنهن ڪري هو اُنهن جا ڪي لڪل پهلو به ظاهر ڪري سگهيو آهي. ائين ٿي ٻئي ڪتاب سوانحي ڪتابن طور به ڏسي سگهجن ٿا. در اصل هي هڪ ڪتاب ٻن جلدن ۾ ڇپرائڻ جو سبب هند ۾ رهندڙ سنڌين لاءِ ڇپائيءَ جا ڏکيا مرحلا ۽ پڙهندڙ جو نه هجڻ آهي.

هيءَ ٻئي ڪتاب، جيڪو در اصل هڪ ئي آهي يا هجڻ گهرجي، ان جي پهرئين ڀاڱي جو نالو آهي'يادن جا ورق' جنهن ۾ ڇهن عالمن، اديبن، شاعرن بابت مقالا آهن. هيءُ شخصيتون آهن:

1. ليکراج ڪشنچند عزيز پنهنجي دور جو وڏو شاعر ۽ تنقيد نگار، سنڌي ۽ فارسي علم عروض جو ڄاڻو. هن نه رڳو سنڌي شاعريءَ کي مالا مال ڪيو پر تنقيد تي به گهڻو ئي لکيو.
2. پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جنهن هند ۾ لڏي آيل سنڌين لاءِ

sindhsalamat.com

شاهه سائينءَ تي، سچل تي ۽ ساميءَ تي لکي ۽ انهن جو تفسير ڏسي کين پنهنجن پاڙن کان واقف ڪيو ۽ اهو ٻڌايو ته هيءَ ئي اسان جو ادبي ورثو آهي.
3. پروفيسر رام پنجواڻي جنهن صدين جي هڪ سڌريل ڄاتي کي پنهنجي ڌرتيءَ تان دربدريءَ جي احساس کي ختم ڪرڻ لاءِ کين سلوڳن ڏيئي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ لاءِ پنهنجي مٺڙي آواز کي استعمال ڪري گڏ ڪيو اهو سلوڳن هئو سنڌين جو اشٽ ديوتا جهولي لعل ۽ ائين هن هند ۾ هڪ مرڪز جوڙيو.
4. هري دلگير سنڌي شاعريءَ جو ڀڳڙو شاعر جنهن سنڌي شاعريءَ ۾ آشاوادي نظريي کي بچائي رکيو. ساڳئي وقت هن سنڌي شاعريءَ کي هڪ نئين صنف ترائيل پڻ ڏني جيئن نارايڻ شيام سنڌي شاعريءَ کي هائيڪو /تصوير ڏني.
5. گوورڌن ڀارتيءَ سنڌي شاعريءَ کي بي بها گيت ته ڏنا پر جيڪا موسيقيءَ معرفت سنڌين ۽ سنڌ شاعراڻي ادب جي خدمت ڪئي اها سدائين ياد رکي ويندي. ساڳئي طرح هن سنڌي شاعريءَ ۾ جيڪا مزاج آندي اها به سندس نالي ڳٽي ويندي.
6. ڪرشن راهي نئين سنڌي شاعري ته ڏني پر هن پراڻين لوڪ صنفن کي هند ۾ نئين سر جيئاريو. اهو هن جو واڌارو ڪم آهي جيڪو سنڌي ڄاتي ياد رکندي. پر سدائين ياد رکڻ جهڙا انهن جا اهي بيت آهن، جن کي جڏهن ڀڳونتي ناواڻيءَ پنهنجي مٺڙي آواز ۾ ڳائيندي هئي ته جيءُ جهوري وجهندي هئي.

۽ سڀ اهڙيون شخصيتون آهن جيڪي علمي ۽ ادبي حوالي ۾ پنهنجي هڪ خاص سڃاڻپ رکندڙ آهن. جن تي ڊاڪٽر صاحب تحقيقي توڙي تنقيدي حوالي سان اهڙي مهذب انداز ۾ لکيو آهي جو هنن جا پهلو گهڻو ظاهر ٿي بيٺا آهن، ان ڪري ڊاڪٽر صاحب سيني جي مرتبي کي وڌايو آهي ۽ اهو

books.sindhsalamat.com

ڪنهن سچي ۽ کري تاريخ لکندڙ جو ڪم آهي، هو شخص جا سڀ پهلو بيان ڪري، پر انهن ۾ ڊر نه ٻڌجي يا پاسخاطري نه ڪري ڊاڪٽر لڇاڻي گهڻي ڀاڱي ائين ئي ڪيو آهي جنهن ڪري هيءُ پهريون حصو هڪ آبرودار ڪتاب جو درجو ماڻي بيٺو آهي.

ڪتاب جو ٻيون ڀاڱو پهرئين کان ٽيونجاه صفحا وڌيڪ آهي ۽ هن ۾ ٽوٽل اٺ شخصيتون آهن ۽ اهي اٺ ئي جديد سنڌي ادب جون اهم شخصيتون آهن، جيڪي ’لاهوتي لڏي ويا‘ واري نالي سان ڪتاب ۾ شامل اِنهن جي فهرست هيٺئن آهي.

1. پرسرام ضيا سنڌيءَ جو همعصر شاعر جنهن کي چندر ڀاڳي امر ڪري ڇڏيو. هن ڪئمپن ۾ رهندڙ سنڌين جي جيڪا تصوير چٽي آهي پنهنجي شاعريءَ ۾، اُها يادگار آهي. خاص ڪري سندس نظم ’پٽي تي پوهوءَ ماءُ‘

2. پوپٽي هيراننداڻي سنڌي ادب ۾ هڪ ساکي ڏني. هن اڻ ڳڻين موضوعن تي لکيو خاص طور هن عورت جي آزاديءَ ۽ حقن جي جيڪا ڳالهه ڪئي اها وڌيڪ اهم هئي. هوءَ سچيار ليکڪا هئي، نه رڳو لکڻ ۾ پر پنهنجي زندگيءَ ۾ به هوءَ بهادر خاتون هئي سنڌي عورت پوپٽيءَ تي فخر ڪري سگهي ٿي.

3. ڊاڪٽر ارجن شاد سنڌي شاعريءَ کي نئون احساس ڏيندڙ ساڳئي وقت غزل تي هڪ لاجواب ڪتاب لکي ايندڙ دور جي غزل لکندڙن جي رهنمائي ڪئي، ڪيس ڏسڻ سان هڪ اتساهه ملندو هئو. هن جو ڪتاب ’انڌو دوهون‘ ياد رکڻ جهڙو آهي.

4. ايم.ڪمل جديد شهري زندگيءَ جي ڪڙاين کي غزل ۾ اُڻيندڙ شاعر، جنهن شعر پڙهڻ سان شهري زندگي جيئڻ جو تيئن ڏسڻ ۾ ايندي. هن غزل ۾ جيڪا نواڻ ۽ تازگي بخشي آهي اها سندس نالي سان سڃاڻي ويندي. ايم.ڪمل نئين غزل سان گڏ

نئين ڪوتا به لکي آهي ته ناٽڪ به.

5. ايشور آنچل پنهنجي لهجي جو شاعر، جنهن ترقي پسند هوندي پنهنجي شعرن کي گهڻي حد تائين نثر کان بچائي رکيو، هن تقرير کان وڌيڪ تخليق ۾ ڌيان ڏنو. جنهن ڪري تي اچ به سندس شاعري اوتري اهم آهي، جيتري ان وقت هئي جنهن وقت ترقي پسند ادب جو زور هئو. هر ليکڪ ان جو اثر قبولي رهيو هئو.

6. موهن ڪلپنا رومانوي ليکڪ، جنهن کي نه رڳو هند ۾ اڻ ڳڻيون محبتون مليون پر سنڌ ۾ به هن کي گهڻو پڙهيو. هن نه رڳو سنڌي ڪهاڻيءَ کي آبرو ڏني پر ناول کي به خوشحال ڪيو. سندس آتم ڪٿا به سنڌي ادب ۾ اهم جڳهه والاري ٿي.

7. لعل پشپ پنهنجي ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ شخص جي من جي وياڪيا ڪئي ۽ ان کي اندر کي ٻاهر آندو. هو ترقي پسندن جو وروڌي ليکڪ تي سامهون آيو. هن نه فقط ڪهاڻيون ۽ ناول لکيا پر تنقيد تي به قلم هلايو. هن قلم کان تلوار جو ڪم به ورتو. هو سنڌيءَ جو جديد ليکڪ مڃيو ويو آهي.

8. شيام جئسنگهاڻي سنڌي ڪهاڻي ۽ ناول توڙي ڪوتا ۾ سڀ ڪجهه نئون ڪٽي ايندڙ شيام جئسنگهاڻي، ڪهاڻيون ۽ ناول لکي سنڌي ادب کي گهڻي تازگي بخشي، هن ناٽڪ ۾ به ائين ئي تازگي آندي آهي. شيام نئين احساس جو ليکڪ آهي، هو ذاتي زندگي ۾ بنه معصوم هئو، پر ڪهاڻيءَ ۽ ناول ۾ هو جديد ترين آهي.

هي سڀ تخليقڪار سنڌي ادب کي جيڪو الڳ الڳ نثري توڙي نظم جي صنفن ۾ ڏئي ويا ان سچ پچ پڙهندڙن جا ذهن بدلي ڇڏيا، هنن لکڻ کي مقصد ڪري جاتو ۽ پنهنجي حصي کان وڌيڪ ڪم ڪيو. لڇاڻي صاحب مٿن لکي سندن ڪم

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪي، شخص کي ڄڻ پيٽا ڏني آهي ۽ ايمانداري سان انهن جو قدر ڪيو آهي، مون کي ذاتي طور هڪ وڌيڪ اهم شخص / اديب گني سامتاڻيءَ جي غير موجودگي گهٽي ڏکي آهي، چاڪاڻ ڇو ڪتاب جي ٻئين ڀاڱي، لاهوتي لڏي ويا ۾ شامل اديبن جي وچ جي هڪ اهم ڪڙي گني سامتاڻي هن ڪتاب ۾ نہ آهي تہ محسوس ٿئي ٿو تہ هڪ ڪڙي ٽٽل آهي. ساڳئي وقت جديد ادب جي سفر جي سهي جاچنا نہ ٿي سگهندي ٻيءَ طرح هيءَ ڪتاب لڇاڻي صاحب جي قلم مان نڪتل اهڙو ڪتاب آهي جيڪو اڳتي هلي اسان لاءِ هڪ نئون اڀياس لکڻ وقت سونهون ٿيندو.

هن ڪتاب ۾ شامل وڏي عمر واري پوپٽي هيراننداڻي ۽ ننڍي عمر واري شيام جئسنگهاڻيءَ بابت جيئن مون پهريون ڇيو تہ هر شخص ڪتاب لهڻي ۽ جيستائين اهڙو ڪم ٿئي، تيستائين پڪ سان هن ڪتاب ۾ شامل اديبن بابت هيءُ مضمون / خاڪا، انهن ڪتابن جو پوراءُ ڪندا ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ جيڪا ڄاڻ ڏنل آهي انهيءَ حاصل ڪرڻ لاءِ لڇاڻي صاحب هڪ جاکوڙيءَ طور جيڪا جاکوڙ ڪئي آهي اها جس لائق آهي.

پنهنجي سمورين لکڻين جيان ڊاڪٽر لڇاڻي هنن ڪتابن ۾ بہ ترڊ پرسن آهي، هن وٽ سيني لاءِ احترام، قدر ۽ پيار تہ آهي ئي پر پاسخاطري نہ آهي ۽ سوچ ئي هڪ اسڪالر وٽ هجڻ گهرجي، تنهن هوندي بہ هن ڪن اديبن جي زندگيءَ ۾ آيل تڪليفن کي اهڙي ٻولي ڏني آهي، جيڪا اکيون آليون ڪري ڇڏي ٿي. ساڳئي وقت ڪن ليکڪن جي لکڻين سان اسهمتي ڏيکاريندي يا انهن تي تنقيد ڪندي بہ اهڙي ٻوليءَ ۽ لفظن ۾ اظهار ڪيو آهي جو اهي تلخ نٿا لڳن ۽ اهو ڪم بہ هڪ سنجيدي تنقيد نگار جو آهي. پوءِ بہ لڇاڻي صاحب هنن پنهنجي لکڻين

sindhsalamat.com

۾ نقاد کان وڌيڪ هڪ محقق طور اُڀري بيٺو آهي ۽ مان ڀانيان ٿو اها ئي سندس اهم سڃاڻپ آهي.

مان هنن ٻنهي ڪتابن کي تذڪري نويسيءَ کان الڳ رکڻ چاهيندس ڇاڪاڻ تہ هي ڪتاب ادبي اڀياس تي ٻڌل آهن ۽ اهي اڀياس تخليقي ادب بابت آهن ۽ جن تخليقڪارن بابت هيءُ مضمون آهن، اُهي سڀ تخليقي ادب جا اهم نالا آهن. جن تي ڊاڪٽر صاحب يقينن الڳ وقتن تي هيءُ مضمون لکيا آهن ۽ اهي هاڻ هڪ هنڌ گڏ ڪري هڪ ڪتاب جي ٻن جلدن ۾ محفوظ ڪري ڄڻ ڊاڪٽر صاحب هڪ صديءَ جي اڀياس کي محفوظ ڪيو آهي. جنهن لاءِ هن جو ٿورو مڃڻ کپي، سنڌ ۾ هيءُ ڪتاب ساڳيو ئي مرتبو حاصل ڪندا ساڳئي وقت ۾ ايندڙ ادبي تاريخ لکندڙن لاءِ سونهان پڻ بڻيا ۽ هند ۾ جيڪڏهن ادب ۾ نئون نسل شامل ٿيو تہ انهن کي پنهنجي ادبي تاريخ ڏسڻ / لکڻ لاءِ اڳوات هنن ڪتاب معرفت رستو جڙيل ملندو، هنن کي فقط پنهنجو سفر شروع ڪرڻو آهي ۽ اهڙي رستي جوڙڻ لاءِ يقين سان چوڻ گهرجي تہ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جا ٿورائتا ٿيندا. جيئن اسين سنڌ جا پڙهندڙ ۽ ڪجهہ ڄاڻيندڙ ۽ وڌيڪ ڄاڻڻ جي تمنا رکندڙ ٿورائتا آهيون. سنڌ جي جنهن بہ پڙهندڙ کي ملي سگهن اهو ضرور پڙهي، ڇاڪاڻ تہ هيءُ ڪتاب سنڌي ادب جو اهم حصو آهي جيڪو سنڌ کان ٻاهر لکجي رهيو آهي ۽ اسان کي آسانيءَ سان ملي نہ رهيو آهي.“

ڊاڪٽر فهميده حسين کي بہ ڪتاب راس آيو هن ’درد جو ساگر‘ عنوان تحت هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکيو آهي، ’لاهوتي لڏي ويا‘ جڳديش لڇاڻيءَ جو لکيل هڪ اهڙو ڪتاب آهي جيڪو هڪ ڀيرو پڙهڻ شروع ڪيم تہ بنا ڪنهن وٿيءَ جي يڪو پڙهي ويس، اصل دل ئي نہ چوي تہ ڪتاب رکي ڪو ٻيو ڪم ڪريان - ڪريان

books.sindhsalamat.com

ته ڪيئن ! دل ۽ دماغ هن ڪتاب جي ڪردارن ۾ وچڙيا پيا هئا.... پيا جن شخصيتن بابت رڳو پنهنجن بزرگن ۽ دوستن کان ٻڌو هيوسين ۽ ڪتاب ۾ پڙهيو هيوسين ۽ سندن ذات ۽ ڏانءَ جا ننڍپڻ کان شيدائي هئاسين، اُنهن جي باري ۾ هڪ هنڌ ايترو پڙهڻ لاءِ ملي پوي ته دل ٻيو ڪم ڪرڻ لاءِ ڇو مڃيندي، سو ته ڪتاب اڌ ۾ ڇڏي ۽ وري جڏهن هاڻي لکڻ لاءِ پنو پين کڻي ويٺي آهيان ته ڪڏهن ماستر چندر جو آواز پيو ڪنن ۾ ٻري ته:

تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان
پر سهڻا ڪين رهايو تو....

ننڍي هوندي کان اهو گيت ٻڌندي آئي آهيان ۽ ان جو شاعر پرسرام ضيا صرف ان هڪ نه پر ڪيترن ئي ٻين گيتن ۾ اڄ به زنده آهي ۽ سنڌ ۾ سندس شاعريءَ جا پرستار اڄ به ڪيسٽون ۽ سيڊيون وٺي ٻڌندا رهن ٿا.

پرسرام ضيا کي ورهاڱي جو جيڪو درد هوندو، پنهنجي جنم ڀوميءَ کان جدا ٿيڻ جو جيڪو صدمو هن کي پهتو هوندو. انهيءَ جو اظهار فلم ’اباڻا‘ جي هن گيت ۾ ڪيائين:

وطن کان جدا ٿي لڏيندا وڃن ٿا
پکي پنهنجو باغ ڇڏيندا وڃن ٿا
هئه هئه پکا پراڻا هئه هئه وطن جا ٿاڻا
هئه هئه مٺا اَباڻا

پيا جن اهو وطن مان لڏڻ جو، پراڻا پکا ۽ مٺااَباڻا ڇڏڻ جو درد سٺو هو. اهو گيت ٻڌي انهن جو روئڻ ته سمجهه ۾ اچي ٿو، پر مون ته پنهنجي ماءُ پيءُ کي انهيءَ گيت تي روئندي ڏٺو هو. سندس پٽيهه دليون جن دوستن سان هيون، انهن جو وڇوڙو پنهنجي جاءِ تي قبول ڪريو ويٺا هئا، پر انهن جو درد ڪاٺئن سٺو نه ٿي ٿيو ۽ انهيءَ جي اهڙي ريت اظهار ڪين رڳاري

sindhsalamat.com

ٿي وڌو. آءٌ ته ورهاڱي کان پوءِ جي پيدائش آهيان. هر ڀيري اهو گيت ٻڌي آءٌ به روئي پوندي آهيان، اهڙو دک آهي انهن ٻولن ۾ ۽ اهڙي ئي دک سان ان کي ڳايو ويو آهي. اصل دل چيري ڳايل آهي اهو گيت!

اڄ اسين سڀ سنڌي ٻوليءَ کي شهرن جي تعليمي ادارن مان ۽ وچولي ۽ مٿئين طبقي جي گهرن مان وداع ٿيندي ڏسي پريشان آهيون، پرسرام ضيا چاليهه پنجاه واري ڏهاڪي ۾ اهڙي پريشانيءَ کي سهي ڪري ورتو هو. جو لکيائين:

بمبئيءَ ۾ اُلٽي گنگا ٿي وهي
هرڪو سنڌي، سنڌي ٻوليءَ کان ٽهي
ڪانوينٽ اسڪول ۾ ٻارن جي پيڙ
خوب انگريزيءَ ۾ پيو هرڪو لهي.

رڳو ’بمبئي‘ ڪيڏي ’ڪراچي‘ وجهي ڇڏيو منظر بلڪل ساڳيو آهي. اهو وطن جو وڇوڙو، اهو پنهنجي ثقافت سڃاڻپ۽ پنهنجي ٻوليءَ جي وڃائجي وڃڻ جو ڊپ يا اونو پاڻ جڳديش جي ٿهيءَ به محسوس ڪيو ۽ هو پاڻ به اڃا تائين ان کي ڀوڳي ٿو. سندس لفظن ۾ اهو درد محسوس ڪري سگهجي ٿو. لکي ٿو:

”ڪو به انسان پنهنجي ڀون بنا ويڳاڻو آهي. سنڌي شاعر پنهنجي ڀوميءَ جي وڇوڙي جي درد کي ڇڏي نه سگهيا آهن، هنن جي اکين اڳيان سنڌ جا شهر، سنڌ جا ماڻهو، سنڌ جون شيون پئي ڦريون.“

پاڻ جڳديش جي قلم ۾ اها قوت آهي جو هو پنهنجي سموري جاتيءَ جو درد انهن سٽن ۾ اوتي پڙهندڙ کي به جذباتي ڪري ٿو ڇڏي.

آءٌ ته پوپٽي هيراننداڻيءَ بابت پڙهي به جذباتي ٿي ويس. اسين هتي سنڌ ۾ جيڪي ليکڪائون آهيون، اسان لاءِ

books.sindhsalamat.com

سندري اُتمچندائي، ڪلا پرڪاش ۽ پوپٽي هيرانندائي اهڙيون آهن جيڪي اسان جي وچ ۾ رهنديون آهن. اسان جي دلين کي ڇهنديون ۽ اسان جي من ۾ پنهنجي لاءِ موهه پيدا ڪنديون، اسان جون ٻنهي پنهنجيون عزيز ياڻيون هجن.

پوپٽي هيرانندائيءَ جي شخصيت ته گهڻ رخي هئي. هوءَ هڪ ئي وقت عالم فاضل گهڻ پڙهي اسڪالر هئڻ سان گڏ بهترين تخليقڪار ڇٽي سگهجي ٿي. سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد تي سندس ليک هجين يا ڪنهن ادبي موضوع تي، هن جو وسيع اڀياس ۽ تجربو پڌرو آهي ۽ تخليقي صنفن ۾ ته هوءَ جڻ اسان سنڌي ليکڪائن جي نمائندگي ڪندڙ هئي. هن جي آزادي، خودمختياري ۽ بي باڪي سنڌي عورت لاءِ سنيهو رکندڙ هئي. منهنجي خوش نصيبي آهي جو سائنس مليس ۽ مون کي سائنس ملائڻ وارا به ڀاءُ جڳديش لڇاڻي ۽ ٻلديو مٽلاڻي هئا، جن سن 2000ع ۾ بمبئيءَ ۾ ٿيل هڪ ڪانفرنس جي موقعي تي منهنجي ڪيترن ئي اهڙين شخصيتن سان ملڻ جي خواهش پوري ڪئي هئي. ان ئي ڀيري آءٌ دادي سندري اُتمچندائيءَ سان به ملي هئس.

دادي پوپٽيءَ جون ڪهاڻيون ته خير اسان کي وڻنديون ئي آهن. پر سندس آتم ڪهاڻي ’منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق‘ ته ساهه سان سانڍڻ جهڙو ڪتاب آهي. سندس ڪهاڻين ۾ اسان کي عورت جي اندر جي هر احساس جي جهلڪ ملي ٿي. هڪ هنڌ لکي ٿي:”هندوستان ۾ مزورن سان بي انصافي ٿئي ته اهي هڙتال ڪري سگهن ٿا، نوڪرن سان انياءُ ٿئي ته اهي ڌمڪائي نوڪري ڇڏي وڃي سگهن ٿا؛ آفريڪا ۾ ڪارا اڇن جي خلاف آواز اُٿارين ته سڄي دنيا انهن سان ساٿ ڏيئي بيهندي، پر هندوستان ۾ ڇوڪرين ۽ زالن سان ڦهر ٿيندو ته ڪير ڪڇندو به ڪين! ڪڇي نه ٿي سگهي!“

sindhsalamat.com

پلا هتي ’هندوستان‘ ۽ ’پاڪستان‘ ۾ ورڇو نظر اچي ٿو. عورت سان سرحد جي هن پار ۽ هن پار ساڳي ويڌن آهي. وري ’سنڌيت‘ جي حوالي سان به سندس هڪ خاص حيثيت ۽ اهميت آهي جيڪا کيس منفرد مقام ڏياري ٿي. هوءَ سنڌ جي مٽيءَ کان ڌار ٿيڻ جو ڏک ڪٽي پنن تي وکيريندي رهي، سندس جذبي کي ڀاءُ جڳديش هنن خوبصورت لفظن ۾ اظهاريو آهي:

”پوپٽيءَ جي ناني ڪهاڻي. ڪردار نگاريءَ جو عمدو مثال آهي. هن ۾ ملڪ جي ورهاڱي ۽ ان مان پيدا ٿيل درد جي تصوير آهي. مذهب جي آڌار تي مٽيءَ کي مٽيءَ کان ڌار ڪيو ويو، گنگا کي سنڌوءَ کان الڳ ڪيو ويو، پنهنجي جنم ڀوميءَ کان وڇڙڻ ڪا خسيس گهٽنا ڪانهي.“

ڪيڏو نه احتجاج ۽ ڪيڏي نه بيوسي گڏي پئي آهي، ان احساس ۾، پوپٽيءَ ناول به لکيا، مضمون ۽ مقالا به لکيا. سنڌو نديءَ کي پوڄا جي حد تائين چاهيندڙ ليکڪا ان بابت اهڙو ته مضمون لکيو جو حيدربخش جتوئي جي نظم درياهه شاهه جون سڪون ٿو لاهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ سپيتا لاءِ سندس پيار جي هڪ جهلڪ ڏسو، لکي ٿي: ”ليکڪا جي چولي، ٻوليءَ سان سبيل آهي. اڄ اسان جي چولي اڌيڙي ٿي وڃي! اسين ڪيئن خاموش رهنداسين؟ ٻولي نه رهندي ته شاعر نه رهندو. شاعر نه هوندو ته گيت نه هوندو. گيت نه هوندو ته ڳائيندڙ نه هوندو، ڳائيندڙ نه هوندو ته ڪلا ۽ سنسڪرتي نه هوندي، ڪلا ۽ سنسڪرتي نه هوندي ته جاتي زنده ڪيئن رهندي؟“

ڪيڏو نه وڏو ۽ ڪڙو سچ آهي، جيڪو هند ۽ سنڌ جي سنڌين جي اڳيان پيش ڪيو ويو آهي. رڳو انهيءَ جو احساس به وار ڪانڊاريو ڇڏي، اندر جهوريو وجهي ته ڪٿي واقعي اهڙين

books.sindhsalamat.com

تي نه پوي!

هوءَ هڪ وڏي ودوان هئي، عالم ۽ دانشور هئي. سندس کيترن تي مقالن مان مون پنهنجي لکڻين ۾ استفادو ڪيو هوندو، شاهه جون سورميون ۽ سورما هجن يا ’سيڪس ۽ سنڌي ساهت‘ وارا ليک مون انهن مان حوالا ورتا آهن ۽ اثر به ورتو آهي.

محترم ڀاءُ جڳديش هونءَ ته سيني گذاري ويل اديبن جي باري ۾ دل جي گهراين سان محسوس ڪري لکيو آهي پر دادي پوپٽيءَ لاءِ هن جي من ۾ پيار به آهي ته احترام ۽ عزت به، جيڪو يقينن هن ڪمايو هوندو. هن جي ڪلا سان گڏ جرئت، جوش، سچائي، بردباردي، حوصلو، سنڌيت - اهي خوبيون هيون جن کيس ٻين سمورين ليکڪائن کان اوچو مقام ڏنو.

هن ڪتاب ۾ جن ادبي ملهه ماڻڪن کي جاءِ ڏني وئي آهي اُهي سڀ سنڌي ادب جا سرواڻ ليکڪ آهن. ارجن شاد - وڏو شاعر، ڪشنچند بيوس، هوندراج دکايل، پربهو وفا، هري دلگير ۽ رام پنجواڻيءَ جهڙن اعليٰ درجي جي شاعرن جو تسلسل هو ۽ ڄڻ ته سنڌي شاعريءَ جي ماضيءَ ۽ حال جي ضمانت بڻيو. ترقي پسند بلڪ سماجوادي ويچارڌارا سبب باغي ۽ اِنقلابي شاعر ليکيو ويو. هن ناٽڪ لکڻ جو به تجربو ڪيو ته ڪوتائن جو به ترجمو ڪيو. هن شاعر جي فن تي جڳديش لڇاڻيءَ تمام فني ۽ ٽيڪنيڪي بنيادن تي پرک ڪئي آهي، ڇو جو هو هڪ تمام سنو نقاد پڻ آهي ۽ تنقيد جي ميدان ۾ سندس ڪتاب عملي درسي ڪتابن جو درجو رکن ٿا. جيئن هو هند ۾ نئين ڪوتا جي باري ۾ لکي ٿو:

”اها شاعري روايتي شاعريءَ واري ميناڄ، ريشمي اُڻت، ليءِ ،موسيقي ۽ لفظن جي نرميءَ کي پٺي ڏيئي هلي. نون ۽

sindhsalamat.com

اڇوتن موضوعن کي اظهار ملڻ لڳو. وزن يا ڇند جا بندڻ ٽٽڻ لڳا. انسان جي مجبوري، نراسائي، اڪيلائي ۽ بي معنائي شعر ۾ اظهار پائڻ لڳي. سماجي، سياسي ۽ مالي دٻاءَ ۽ تناءَ ۽ پريشانين جي اظهار سبب شاعريءَ جي صورت ئي بدلجي وئي. نئين ڪوتا موجوده طرز ديات جو سڌو سنواٽو اظهار آهي.....“

اهڙي ريت هو هند ۽ سنڌ ۾ شاعريءَ جي ميدان ۾ وزن بحر، موضوعن ۽ اسلوب جي بي راهه واري شاعريءَ لاءِ سنو سوڻ نٿو سمجهي جنهن ۾ شاعريءَ ۾ ’شعريت‘ تي گهٽ پر ’نواڻ‘ تي وڌيڪ زور رهي ٿو... اهڙي پس منظر ۾ ارجن شاد به آزاد شاعري ڪئي پر ان ۾ اعليٰ قسم جي جذبات نگاري ۽ خوبصورت عڪاسيءَ ان کي شاعريءَ ۾ نمايان جاءِ ڏياري جنهن لاءِ لڇاڻي لکي ٿو ته ”نئين ڪوتا جي ڀاو - پنڌ به فنائتو اظهار پاتو.“

ارجن شاد جي شاعريءَ ۾ به وطن کان وڇڙڻ جي درد جو اظهار آهي ۽ هن ايڪائي سو سٽن تي مشتمل پنهنجو نظم آنڌو دونهون، ورهاڱي جي ٽرئجڊيءَ تي لکيو، ان ۾ سندس دل جي پيڙا لفظن مان جهلڪي ٿي. اهو نظم هند جي سنڌين جي جذبن جي ڀرپور نمائندگي ڪري ٿو. ارجن شاد لاءِ لڇاڻي لکي ٿو ته ”هن جي شاعريءَ جي سرهاڻ هند خواهه سنڌ جي ادبي حلقن کي سدا واسيندي رهندي.“

ان کان پوءِ جڳديش لڇاڻيءَ زندگيءَ جهڙي سرجڻهار ايم.ڪمل بابت پنهنجو ڀرپور مقالو لکيو آهي جنهن کي پاڻ ”غزل جو شهنشاهه“ ڪوٺي ٿو. هن ست سو جي لڳ ڀڳ غزل لکيا ۽ مجموعي طرح هن جا ويهه شعري مجموعا ۽ ست هڪ ايڪٽ وارا ناٽڪ شايع ٿيل آهن. ايم. ڪمل کي شيام جئسنگهاڻي ”جدت سان جڙيل سينسبلٽي (حسيت)“ جو شاعر سڏيو آهي.

books.sindhsalamat.com

جڳديش لڇاڻي سندس شاعريءَ جي پرک ڪندي لکيو تہ ”غزل ۾ هن تمام فني خوبين جو استعمال ڪيو آهي. تشبيهہ استعارو، ڪنايو، تمثيل، علامت، تضاد، لفظن جو ٽڪراءُ وغيرهہ... ايم. ڪمل جا غزل زبان جي پختگي شعور جي بلندي خيال جي گ هرائي ۽ فني مهارت ڪان پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

هو سندس چيندڙ طنز جو قائل آهي ۽ انوکي تشبيهن کي نروار ڪري ٿو:

آءُ تہ پنهنجو پيار جتايون
چري لڪائي پاڪر پايون

يا وري

حياتيءَ عمر جي ڪوڪي ۾
ٽنگي ڇڏيو آ ٽوال جيان

لڇاڻي اهائي زندگي جي تلخ حقيقتن تي مشتمل شاعري سندس مهانتا ۽ مڃتا جو سبب ڄاڻائي ٿو.

شاعريءَ کي نوان گس ڏيندڙ ايشور آنچل کي جيتوڻيڪ مون گهڻو نہ پڙهيو آهي پر جڳديش لڇاڻيءَ جي هن ليک مان مون سندس باري ۾ گهڻو ڪجهہ ڄاتو ۽ سڃاتو آهي، هو ترقي پسند ڌارا سان جڙيل هو جيڪو ادب، بقول لڇاڻيءَ جي، سماجي، سياسي، ڌرمي ۽ مفلسيءَ تي ٽانڊا ٿي وسندو هو ۽ آنچل نثري ٻوليءَ کي ڇهہ شعري ٽڪا ڏيندڙ ان دور جو هڪ شعلو هو. پوءِ واري دور ۾ نئين حسيت ۽ نئين ڪيفيت ۽ نئين فڪر کي پنهنجو ڪيو پر جڳديش موهن ڪلپنا جي برعڪس ان کي ’نئين ڪوتا‘ جي دائري ۾ شامل نٿو سمجهي. هو لکي ٿو:

”هن شاعريءَ ۾ فن ۽ فڪر جو شعور، زندگيءَ سان گهري وابستگي، ماضي، حال ۽ مستقبل تي فڪرمنديءَ جا نهايت

sindhsalamat.com

شعري هڳاءُ سان، خيال پيش ٿيل آهن.“

موهن ڪلپنا شايد سنڌ ۾ سڀ ڪان وڌيڪ پڙهيو ويندڙ تخليقڪار آهي جنهن جي ”جلاوطني جو درد“ هتي سڀني محسوس ڪيو، سندس پوئينائن جي سفر جو اثر بہ تمام گهڻو ورتو ويو. سندس آتم ڪٿا ”بک، عشق ۽ ادب“ پڙهندڙن کي رٿاري ڇڏيو هو. سندس ڪهاڻين جا ڪتاب ۽ ناول شايد هند ڪان وڌيڪ سنڌ ۾ ڇپيا آهن. شروع ۾ هو بہ ترقي پسند ڌارا سان جڙيل ٿو لڳي پر پوءِ رومانيت ۽ انفراديت منجهس اچي وئي ۽ هو مرڳو ئي ترقي پسند ادب ۾ پرچار ۽ نعري خلاف ٿي بيٺو ۽ اُن خلاف ڀرپور آواز اُٿاريو. هند ۾ هن پاڻ کي جلاوطن ٿي محسوس ڪيو. جڳديش لڇاڻيءَ سندس ’سيلف پوٽريٽ‘ مان هڪ ڊائلاگ لکيو آهي. اچو تہ اهو ڏسون:

”دنيا ۾ اهو ڪهڙو ملڪ آهي جيڪو تون ڏسڻ چاهيندين؟“

”هڪ شخص جي ناتي مان اٽلي يا فرانس نہ سنڌ ڏسڻ چاهيندس، پنهنجي سنڌ.“

”جيڪڏهن هند - پاڪ ۾ لڙائي ٿئي ۽ توکي بندوق ڏني وڃي تہ ڇا ڪندين؟“

”بندوق وڪڻي مان گل خريد ڪندس ۽ اهي گل انهن کي ڏيندس جيڪي لڙائيءَ کي روڪيندا.“

اهو ڊائلاگ پڙهي مون کي شيخ اياز جون سٽون ياد اچي ويون:

هي سنگرام !
سامهون !
نارائڻ شيام!
هن جا منهنجا،

books.sindhsalamat.com

ڦول بہ ساڳيا،
ڦول بہ ساڳيا.
هو ڪوتا جو ڪاڪ ڏٺي، پر
منهنجا رنگ رتول بہ ساڳيا
يٽ بہ ساڳيو،
ڍول بہ ساڳيا،
هانءُ بہ ساڳيو،
هول بہ ساڳيو
هن تي ڪيئن بندوق ڪٺان مان!
هن کي گولي ڪيئن هڻان مان!
ڪيئن هڻان مان!

جڳديش لڇاڻيءَ موهن ڪلپنا جي سنڌ سان عشق جي ساکيءَ طور هي سٽون ڏنيون آهن.

”سنڌ، سنڌي قوم، سنڌي ٻولي، سنڌي تهذيب، سنڌي ڪلچر، سنڌي ساهت، سنڌي هلچل، سنڌي جلاوطني، سنڌي فرد.... اهي سڀ موهن ڪلپنا ۾ آهن.“

هند جي اديبن مان لعل پشپ بہ ’گهڻ پاسائون اديب‘ هو ۽ هڪ ئي وقت ڪهاڻي، ناول، مضمون، تنقيد، ترجمي جي کيترن ۾ پاڻ مڃايائين. موهن ڪلپنا، گني سامتاڻيءَ ۽ لعل پشپ وارن جي ٽهيءَ ترقي پسند تحريڪ کي ٺُلتي اُڇلائي، نئين ڪاوڙيل نسل جي ادب کي جنم ڏنو. سنڌ ۾ ان کي ’نئين ٽهيءَ جو ادب‘ سڏيو وڃي ٿو تہ هند ۾ نئين ڪوتا، نئين ڪهاڻي وغيره جا نالا مليا، جنهن ۾ ليکڪ جو فوڪس ميڙ نہ پر فرد هو جنهن جا داخلي احساس خارجي محرڪن تي حاوي پئجي ويا. هنن نوان تجربا ڪيا. نوان موضوع ڳولهيا ۽ معروضي(objective) حقيقتن کان وڌيڪ شخصي (subjective)۽ منووگيانڪ معاملن کي اهميت ڏني. ان لاءِ جڳديش لڇاڻيءَ جهڙو ادبي نقاد لکي ٿو:

”لعل پشپ جون ڪهاڻيون ڪهاڻيون نہ آهن، منووگيانڪ چِتر آهن. اهي مڪينيڪل ڪونهن.“

هن جي ڪن ڪهاڻين ۾ هن کي نئين ڪهاڻيءَ ۽ بعد جديديت (Post modernism) جا عناصر ڏسڻ ۾ اچن ٿا جيڪي ٻئي ڌرائون گڏوچڙ آهن.

لعل پشپ جي هڪ نقاد واري حيثيت تي پڻ لڇاڻيءَ روشني وڌي آهي جنهن ۾ هن قدامت پرستيءَ کي ننديندي سنجيدگيءَ سان بدليل قدرن ۽ سنڌي ادب ۾ جديد شعور کي روشناس ڪرائڻ لاءِ رچنائن کي پرکڻ جو رواج وڌو ۽ سنڌي تنقيد ۾ نواڻ آندي.

جڳديش لڇاڻي آخر ۾ رشتا نڀائيندڙ فنڪار شيام جئسنگهاڻيءَ بابت لکيو آهي جيڪو پڻ سنڌيءَ ۾ گهڻ رخو هند ۽ سنڌ ۾ هڪ جيترو مشهور رهيو آهي. جنهن پنج ڪهاڻين جا ڳٽڪا، ٻہ ناول ۽ ٽي شاعريءَ جا انتخاب ۽ ڪجهہ ناٽڪ لکي ڇپرايا. جڳديش لڇاڻي لکي ٿو:

” شيام بنيادي طور ڪهاڻي نويس آهي. ڀارت جي سنڌي شاعريءَ ۾ جيئن نئين ڪوتا جو باني هريش واسواڻيءَ کي مڃيو وڃي ٿو. تيئن نئين ڪهاڻيءَ جو سهرو شيام جي سر تي رکي سگهي ٿو. هن پنهنجي پختي ڪلاتمڪ اظهار، دلچسپ رتا، اظهار جي نئين اسلوب ۽ ماحول جي فنائتي ۽ عڪاسيءَ سبب سنڌي ڪهاڻيءَ تي پنهنجي نجي ڇاپ ڇڏي.“

۽ ائين جڳديش لڇاڻي هڪ طرف ڪٿي هڪ دوست، ڪٿي ادبي ساٿي تہ ڪٿي شاگرد يا گڏ ڪم ڪندڙ ڪليگ جي حيثيت ۾ جن شخصيتن جو شخصي خاڪو پيش ڪيو آهي تہ

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ٻئي طرف هن هڪ پڪي پختي نقاد ۽ پارکوءَ جي حيثيت ۾ سمورا شخصي ناتا وساري سندن فن، فڪر، ذات، ڏانءُ ۽ ڏاهپ جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري، سنڌي ادب ۾ سندن صحيح ۽ جوڳو مقام ڄاڻايو آهي ۽ خالص عملي انداز ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو آهي ۽ سندن رچنائن جي ٻي ريا پرک پيش ڪئي آهي. ان ڪري آنءُ ٻانيان ٿي ته هي ڪتاب صرف 'لڏي ويل لاهوتين' کي ڀيٽا لاءِ لکيل ڪتاب ڪونهي بلڪ ادبي تنقيد جي ميدان ۾ هڪ اهم واڌارو به آهي جيڪو سندس پنهنجي ادبي حيثيت جي به ساک قائم ڪندو.''

جڳديش لڇاڻيءَ جو اهڙو ٽيون ڪتاب 'دل جي دنيا' آهي، جنهن جي رونمائي سنڌ ۾ ٿي هئي. ان جي رپورٽ آرتوار 12 جنوري 2014ع ۾ عوامي آواز سنڌي مئخزين ۾ هن طرح آيل آهي، ''هند جي برک اديب، محقق ۽ نقاد ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي ادبي ۽ سوانحي خاڪن 'دل جي دنيا' جو مهورت 27 ڊسمبر 2013ع تي، ڪراچي يونيورسٽيءَ جي شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ۽ ثقافت کاتي، حڪومت سنڌ جي سهڪار سان ممتاز مرزا اسٽوڊيو ۾ ڪيو، جنهن جي صدارت سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئر پرسن ڊاڪٽر فهميده حسين ڪئي، جڏهن ته برک ڀارتي اديب ۽ محقق هيرو ٺڪر خاص مهمان هو.

گڏجاڻيءَ جي شروعات ڪلام پاڪ سان ٿي، محمود شاهه اها سعادت حاصل ڪئي. جڏهن ته ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي اُستاد ڊاڪٽر رحمان گل پالاريءَ، شاهه سائين جا بيت پيش ڪيا. مهمانن جي آجيان ڪندي شاهه عبداللطيف چيئر جي ڊائريڪٽر پروفيسر سليم ميمڻ چيو ته اسان لاءِ اها فخر جي ڳالهه آهي جو اسان پنهنجي دوست ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي سوانحي ۽ ادبي خاڪن جو ڪراچيءَ ۾ مهورت ڪري رهيا

sindhsalamat.com

آهيون. هن چيو ته ڊاڪٽر لڇاڻي ان ساڳئي موضوع تي اڳ ۾ به ٻه ڪتاب 'لاهوتي لڏي ويا' ۽ 'يادن جا ورق' لکي چڪو آهي، جن ۾ هن هند جي چوڏهن برک عالمن جا سوانحي خاڪا پيش ڪيا آهن. ان ڏس ۾ هي سندس ٽيون ڪتاب آهي. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ تحقيق ۽ تنقيد جي حوالي سان 21 ڪتاب ۽ ٻاراڻي ادب تي 12 ڪتاب سنڌي ادب جي جھوليءَ ۾ وجهي ادب جي دنيا ۾ پنهنجو نالو ڪمايو آهي. هن وڌيڪ چيو ته ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ فقط شخصي خاڪا ناهن لکيا، پر اُهي انهن شخصيتن جي ادبي خدمتن جو تنقيدي ۽ ادبي جائزو به ورتو آهي، جن وسيلي شخصيتن جي ڪيل ڪارنامن تي روشني پڻ پوي ٿي.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي سيڪريٽري تاج جويي چيو ته ڊاڪٽر لڇاڻي اڻ-ڪيل ڏوهه جي گناهه ۾ ورهاڱي جو شڪار ٿي ڀارت هليو ويو هن چيو ته 'دل جي دنيا' ۾ جڳديش لڇاڻيءَ پنهنجي يادگيرين ۽ ذاتي تجربن جي آڌار تي پنجن اهم شخصيتن جي خاڪن کان سواءِ سندن علمي ۽ ادبي پورهئي جو ڀرپور تجزيو ڪيو آهي، جيڪا هڪ سچي ليکڪ جي نشاني آهي.

سنڌالاجيءَ جي اڳوڻي ڊائريڪٽر شوڪت حسين شوري چيو ته ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي پنهنجي علمي پورهئي ۽ تنقيدي جائزن وسيلي پنهنجي حيثيت هڪ برک نقاد جي حيثيت ۾ به مڃرائي آهي.

برک ليکڪ مددعلي سنڌيءَ چيو ته بنيادي طور تي سنڌي ادب ۾ سوانحي خاڪن جي کوٽ آهي. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي ان ڏس ۾ گهڻو ڪم ڪيو آهي. هي ان ڪيتر ۾ سندس ٽيون ڪتاب آهي، جنهن ۾ تحقيق سان گڏ تنقيدي جائزو پڻ ورتو ويو آهي.

books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ ان ڏس ۾ پنهنجي ٽنهي سوانحي ۽ ادبي خاڪن جي ڪتابن ۾ ڄاڻايل شخصيتن جي علمي ۽ ادبي ڪارنامن تي ڀيرائتي روشني وجهندي، اُنهن جي زندگيءَ جا ڪجهه دلچسپ واقعا به بيان ڪيا. هن چيو ته ورهاڱي ڪانپوءِ ٿيل لڏپلاڻ ۾ گهڻائي ڪٽنب هٿين خالي هند آيا ۽ هنن ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ڏٺا. اهو حال سنڌي اديبن جو به هو. هنن سخت ڏکين حالتن ۾ به ادب ۽ تخليق جي ڪم کي نه ڇڏيو. هن چيو ته مان ننڍي هوندي کان ئي اديبن، شاعرن ۽ ڏاهن سان لهه وچڙ ۾ رهيس ۽ مون ڪانئن گهڻو ڪجهه پرايو ۽ ڪين پيٽا پيش ڪرڻ لاءِ 'دل جي دنيا' لکيو. هن چيو ته سنڌي غزل جي شهنشاهه ۽ ايم.ڪمل جي سنگت صحبت مان مونکي شاعريءَ جي شناس عطا ٿي. هن چيو ته آءٌ شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽيءَ جي ڊائريڪٽر پروفيسر سليم ميمڻ جو ٿورائتو آهيان، جنهن هن ڪتاب جي مهورت جو انتظام ڪيو ۽ مون لاءِ ان کان ٻي ڪهڙي خوشيءَ جي ڳالهه ٿي سگهي ٿي ته منهنجي ڪتاب جو مهورت منهنجي جنم ڀومي سنڌ ۾ سنڌي ميڊيا آڏو ٿئي.

خاص مهمان هيري ٺڪر چيو ته شيخ اياز، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ٻين برک اديبن جي سوانحي علمي ۽ ادبي خاڪن جو ڀارت ۾ مهورت ڪرايو وڃي ته جيئن ادبي ۽ ثقافتي سهڪار وڌي ۽ اديب وڌيڪ لهه وچڙ ۾ اچن. هن چيو ته 'دل جي دنيا' ۾ هيرن ۽ موتين جهڙن اديبن جي زندگي ۽ ادبي پورهئي جو احوال ڏنل آهي. هن چيو ته سنڌ ڌرتي خوشبوءِ ۽ چاهه سان ڀري پئي آهي. هن چيو ته سنڌي ٻوليءَ جي پاڙ سنڌ ۾ آهي ۽ ان جون شاخون ڀارت ۾ ۽ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ آهن.

صدارتي خطاب ڪندي ڊاڪٽر فهميده حسين چيو ته

sindhsalamat.com

ادبي معيار سان ڀارت ۾ تنقيد تي معياري ڪم ٿي رهيو آهي. پر سنڌ ۾ تنقيدي واري ڪيتر ۾ ياريون دوستيون نڀايون وڃن ٿيون؛ جنهن کان اسان کي پاسو ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته ڀارت ۾ سنڌي ادب ۾ تنقيد جي حوالي سان ٿيل ڪم مان اسان کي گهڻو ڪجهه سکڻ جي ضرورت آهي. هن وڌيڪ چيو ته ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي نهايت اڻ -ڌريو ۽ بي باڪ ٿي 'دل جي دنيا' ۾ سوانحي خاڪا پيش ڪيا آهن. جن لاءِ هو ڪيرون لهڻي.

ثقافت کاتي جي ڊائريڪٽر منظور احمد قناسري تقريب ۾ آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا ۽ خطاب ڪندي چيو ته ڀارتي اديب جڏهن سنڌ ۾ اچن ٿا ته اُنهن جا جذبا جوان ٿي وڃن ٿا. هن چيو ته ڀارت مان نوجوان اديبن کي گهرايو ويندو ته جيئن ٻنهي ملڪن جو نوجوان نسل هڪ ٻئي جي تجربن ۽ مشاهدن مان لاڀ پرائين. هن چيو ته شاهه سائين جي عرس جي موقعي تي ڏيهان ڏيهي ڪانفرنس وسيلي پڻ هند جي سنڌي اديبن سال واسطا وڌي رهيا آهن ۽ هند ۾ ٿيندڙ ڪوجنا ۽ تنقيد بابت ڄاڻ ملي رهي آهي.[4]

ڪتاب جي مهورت دوران، ڪن عالمن لِکِت ۾ 'دل جي دنيا' تي جائزا پيش ڪيا هئا. ڀارتيه پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ اُهي پيش آهن. تاج جويي ڪتاب تي ڳالهائيندي چيو ''لفظن جي هڪ پنهنجي حسين دنيا هوندي آهي. لفظ سوچن، سپنن ۽ ڪلپنائن جو روپ وٺي، هڪ منفرد تاثر تخليق ڪن ٿا. لفظن ۾ ڪائنات جون وشالتائون سمائڻ جو ڪم، هڪ تخليقڪار ئي ڪري سگهندو آهي. اُهو تخليقڪار، جنهن وٽ لفظن جي واهپي جي ڏات ۽ ڏانءُ آهي ته اُهو پنهنجي اظهار جي سگهه سان

4. هالار: 'دل جي دنيا' جي مهورتي تقريب. عوامي آواز سنڌي مئگزين. آچر 12 جنوري 2014ع

books.sindhsalamat.com

سماج کي اوس متاثر ڪري ٿو.

اسان اڄ جنهن تخليقڪار، جنهن سرجڻهار جي 'دل جي دنيا' جون تارون ڇيڙڻ لاءِ هن خوبصورت هال 'ممتاز مرزا آڊيٽوريم ڪراچيءَ' ۾ اچي گڏ ٿيا آهيون، اُهو ڌارئين ديس ڀارت کان ضرور آيو آهي، پر آهي اسان جو پنهنجو، اسان جي وطن سنڌ جي مٽيءَ مان جنميل ، پير جي ڳوٺ، ضلعي خيرپورميرس جو ڄاول، جيڪو هن ئي مهيني ڊسمبر جي چوٿين تاريخ، اڄ کان 74 سال اڳ، 1939ع ۾ پيدا ٿيو هو ۽ اڃا 8-9 سالن جو مس هو، ته ڪنهن اڻ ڪيل ڏوهه جي پاداش ۾، ورهاڱي جو شڪار ٿي اسان کان وڇڙي ويو هو. هو نو (9) سال اڳ (2004ع) ۾ سنڌ آيو هو ۽ ڪجهه ڏينهن اڳ ٻيو ڀيرو پنهنجي جنني جنم ڀوميءَ تي، اسان جي ٻئي ڀاءُ، اسان جي حيدرآبادي دوست، هيري ٺڪر سان گڏجي پهتو آهي.

هُو ڀٽائيءَ جي نگري ڀِٽ شاهه، ساڌو ٽي.ايل. واسواڻيءَ جي شهر حيدرآباد، سنڌ جي قومي شاعر راشد مورائيءَ جي شهر موري ۽ لاڙ (ٺٽي ۽ سجاول) جي خماريل هوائن جون سڳنڌون جهٽي، هن وقت صوفي جيٺمل پرسرام جي عملي ڪاري ڀومي ڪراچيءَ ۾ اسان جي وچ ۾ اسٽيج تي گهوٽ (اعزازي مهمان) بڻجي ويٺل آهي ۽ اسان هتي اڄ سندس 'دل جي دنيا' (خاڪن جي ڪتاب) جو مهورت ڪيو آهي.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي 'دل جي دنيا' ۾ آلائي ڪيترا تخليقڪار براجمان آهن. جن سان هوُ وقت به وقت رهاڻيون ڪندو رهيو آهي ۽ اسان کي به ساڻن ملاقاتون ڪرائيندو رهيو آهي. ڪڏهن 'يادن جا ورق' (2011ع) جي صورت ۾، ڪڏهن 'لاهوتي لڏي ويا' (2012ع) جي روپ ۾، ته اڄ وري هن اسان کي سنڌي ٻوليءَ جي پنجن سدا حيات سرجڻهارن سان 'دل جي

sindhsalamat.com

دنيا' (2013ع) جي شڪل ۾ ملاقات ڪرائي آهي.

'دل جي دنيا' ڪتاب جڳديش لڇاڻيءَ جو بنهه تازو ڊسمبر 2013ع جي پهرين هفتي ۾ ڇپيل ڪتاب آهي. جنهن جو اسان اڄ هتي مهورت ڪري رهيا آهيون. جڳديش لڇاڻيءَ 16 ڊسمبر 2013ع تي ڪراچي پهچي پنهنجي جنم ڀومي سنڌ ڌرتيءَ کي سجدو ڪيو هو ۽ سياڻي 12 ڏينهن کان پوءِ، اسان کان ٿيون ڀيرو وڇڙي ويندو وري ملڻ يا نصيب!

هي ڪتاب 'دل جي دنيا' مون گذريل رات 10 وڳي کان پڙهڻ شروع ڪيو هو ۽ 'سڳن آهوجا' بابت احوال پڙهندي پڙهندي ننڊ اچي ويئي هئي ۽ اڄ صبح جو اُٿي 10.45 وڳي تائين سنڌي ادب جي پنجن سدا حيات سرجڻهارن - هرومل سدارنگاڻي 'خادم'، پريو وفا، سڳن آهوجا، گني سامتاڻي ۽ تاجل بيوس جون ادبي تصويرون / ادبي خاڪا پڙهي پڄايم. هن ڪتاب ۾ جڳديش لڇاڻيءَ مٿين پنجن تخليقڪارن جي ذاتي زندگيءَ سان گڏ سندن فن، فڪر ۽ عملي ادبي زندگيءَ تي نظر وڌي آهي، ڇو انهن اعليٰ پايي جي اديبن ۽ دانشورن سان سندن جيڪا محبت ۽ صحبت رهي آهي، ان جو به وڏنڊڙ ۽ تخليقي ٻوليءَ ۾ ذڪر ڪيو آهي. هي ادبي خاڪا، انهن اديبن جي يادن جي سڳنڌ سان گڏ سندن فن، فڪر، ذات ۽ ڏاهپ ۽ ادبي ڪردار جو به احاطو ڪن ٿا.عام طرح اهڙن خاڪن ۾ ليکڪ، ادبي شخصيتن سان پنهنجي ذاتي لاڳاپن ۽ سندن ادبيءَ پورهئي جو ئي ذڪر ڪندا آهن ۽ بس - پر پنهنجن اڳين ٻن ڪتابن وانگر نامور نقاد هيري شيوڪاڻيءَ جي لفظن ۾ 'جڳديش لڇاڻيءَ جي اڀياس ۽ تحقيق فقط اڪيڊيمڪ ڪانهي، پر هن ان ۾ پنهنجون يادون، ذاتي تجربا، هنن سان لهه وچڙ، شخصي آزمودا شامل ڪري، ان اڀياس ۽ تحقيق کي وڏيڪ اٿينتڪ ۽ دلچسپ بڻائي ڇڏيو

books.sindhsalamat.com

آهي.' هن ڪتاب ۾ جڳديش ذاتي يادون ته بيان ڪيون آهن، پر ڄاڻايل ادبي شخصيتن جو تفصيلي اڀياس به ڪيو آهي ۽ سندن تخليقن جو تنقيدي جائزو وٺي، سندن ادبي مقام جو تعين به ڪيو آهي. اها ڳالهه ۽ لکڻ جو انداز، جڳديش لڇاڻيءَ کي پنهنجي دور جو هڪ سجاڳ ۽ سڄاڻ نقاد به ظاهر ڪري ٿو. هو اهڙي طرح ڀارت ۾ سنڌي ادب جي اهم نقادن ۾ شمار ٿئي ٿو ۽ ان ۾ چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته پنهنجي همعصر هيري شيوڪاڻيءَ کان پوءِ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي هند ۾ سنڌي ادب جو هڪ اهم نقاد آهي جنهن جا سڀ کان وڌيڪ اڀياسي ۽ تنقيدي ڪتاب ڇپيا آهن.

جڳديش لڇاڻيءَ جي ڪتاب 'لاهوتي لڏي ويا' (2012) بابت ڊاڪٽر فهميده حسين لکي ٿي: 'هي اهڙو ڪتاب آهي جيڪو هڪ ڀيرو پڙهڻ شروع ڪيم ته بنا ڪنهن وقفي جي يڪدم پڙهي ويس. اصل دل ٿي نه چوي ته ڪتاب رکي ٻيو ڪم ڪريان. جڳديش لڇاڻيءَ هڪ طرف ڪٿي هڪ دوست، ڪٿي ادبي ساٿي ته ڪٿي شاگرد يا گڏ ڪم ڪندڙ ڪليگ جي حيثيت ۾ انهن شخصيتن جو شخصي خاڪو پيش ڪيو آهي، ته ٻئي طرف هڪ پڪي پختي نقاد ۽ پارکوءَ جي حيثيت ۾ سمورا شخصي ناتا وساري سندن فن، فڪر،ذات ۽ ڏانءُ ۽ ڏاهپ جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري سنڌي ادب ۾ سندن صحيح ۽ جوڳو مقام ڄاڻايو آهي. آءٌ ڀانيان ٿي ته هي ڪتاب صرف لڏي ويل لاهوتين کي ڀيٽا طور لکيل ڪتاب ڪونهي، بلڪ ادبي تنقيد جي ميدان ۾ هڪ اهم واڌارو آهي. جيڪو سندس پنهنجي ادبي حيثيت جي به ساک قائم رکندو.'

سنڌ جي برک نقاد، ڊاڪٽر فهميده حسين جو هي رايو، منهنجي راءِ کي هٿي ڏئي ٿو. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جو هي

sindhsalamat.com

سلسليوار ٽيون ڪتاب 'دل جي دنيا'، مون سان گڏ جن به پڙهيو آهي، اُنهن هن ڪتاب کي پڪ ئي پڪ يڪساهيءَ ۾ پڙهيو هوندو ۽ اُنهن جا رايا ۽ احساس به ساڳيا هوندا، جيڪي منهنجا هن ڪتاب لاءِ يا ڊاڪٽر فهميده حسين جا سندس 2012ع ۾ ڇپيل ڪتاب 'لاهوتي لڏي ويا' بابت آهن.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي 'دل جي دنيا' ۾ بيان ڪيل پنجن ئي ادبي شخصيتن سان ويجهڙائي، محبت ۽ صحبت رهي آهي. البت منهنجي شناسائي ۽ ملاقات انهن مان ٽن اديبن / شاعرن : هرومل سدارنگاڻي'خادم'، پريو'وفا' ۽ تاجل بيوس سان رهي. تاجل ته منهنجو يار دلدار رهيو آهي. سائس دل جو نينهن - سنيهه اهڙو ئي رهيو اٿم، جهڙو هن جو ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ سان رهيو هو. سڳن آهوجا ۽ گني سامتاڻيءَ کي مون نه ڏٺو ۽ نه ئي ساڻن ملاقات ٿي. گني کي ٿي سگهي ٿو، ممبئيءَ جي ڪنهن ادبي ميڙاڪي ۾ ڏٺو هجيم، ياد نه اٿم، پر سندس 'ڏاڻي' مون کي ٽڙپائي وڌو هو ۽ مون مٿس ٽڪڙوتاثر ڪهاڻي-ڪلا جي ڪراس تي ٽنگيل - گنو سامتاڻي عنوان سان لکي، روزاني سوال حيدرآباد ۾ (17 آگسٽ 1997ع) تي ڇپايو هو. ڪيڏو نه حقيقت پسند هو جديد رومانوي ڌارا جي ٿمورتيءَ جو رتن گنو، جنهن لکيو هو ته: ''ڪهاڻي منهنجو ڪراس (صليب) آهي. بار بار مان اُن تي چڙهندو آهيان، بار بار مرندو آهيان!'' ۽ هو ساڳرو سڳن آهوجا ته منهنجو آدرشي ليکڪ رهيو آهي. جنهن جي نارائڻ شيام جي شعري مجموعي ''روشن ڇانورو' تي لکيل مهاڳ مون کي هميشه شاعريءَ جي ڪٿ ۽ پرک لاءِ سونهين (guide) جو ڪم ڏنو آهي. آءٌ هميشه پنهنجي غربت ۽ زندگيءَ جي مشڪلاتن وقت سڳن آهوجا جي غزل جي هيٺين بند کي ورجائيندو آهيان:

books.sindhsalamat.com

زندگي! تنهنجي ادائن کان ٿيو بيزار آهيان
غم جا پهلوءَ تہ بدل، نيٺ بہ شاعر آهيان.

سڳن آهوجا صرف 45 سالن جي مختصر ڄمار ماڻي. وقت هن سان وفا نہ ڪئي. هن جيون جون ڏاڍايون، بهادريءَ سان سٺيون. هوءَ پوئينءَ زندگيءَ ۾ هڪ سال، هڪ مهنو ۽ ستاويه ڏينهن اڌرنگ ۽ رت جي داٻ واري بيماريءَ سان وڙهندو ۽ موت سان ڪشمڪش ڪندو رهيو. پر جڳديش چوائي: ”هن جي چهري تي سدا زنده رهڻ جي خواهش نمايان رهي، ڪنهن هن جي چهري تي اُداسي نہ ڏٺي. مان جڏهن بہ هن سان بيماريءَ جي دوران گڏيس مُرڪي مُرڪي ڪيڪاريائين.“ حياتيءَ جي پڇاڙيءَ تائين هن جي مُرڪ کي ڪير ماري نہ سگهيو. سڳن آهوجا ترقي پسند، حقيقت نگار شاعر، ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ نقاد هو. هن ساهہ جي تند ٽٽڻ تائين زندگيءَ کي نارائڻ شيام ۽ اُستاد بخاريءَ جي هيٺين شعرن جي روپ ۾ ڏٺو هو:

زندگي ۾ مسئلا هزار مگر
مرڪ تنهنجي سڀن جو حل آهي.
(شيام)

زندگي تو ۾ سرور ڪيڏو آ
پوئين هڏڪي بہ پيروي آهي.
(اُستاد)

سڳن آهوجا، سنڌي ادب جي هڪ معتبر شخصيت هو. شيخ اياز ۽ شيام جو تمام وڏو معترف هو. خود بہ وڏو شاعر ۽ ڪهاڻيڪار هو. هن هڪ ناول ’ڪنول جاڳي اُٿيا‘ بہ لکيو هو. جڳديش لڇاڻيءَ جي، سڳن آهوجا سان 1957ع کان وٺي ويجهڙائي رهي هئي. هن کيس ’اديبن ۾ اديب‘ سڏيو آهي. هو هن جي شاعر واري حيثيت بابت لکي ٿو تہ، ”سڳن آهوجا

sindhsalamat.com

بنيادي طور شاعر آهي ۽ شاعريءَ جي ميدان ۾ ئي واضح طور اُڀريو. هن زندگيءَ جي ڳالهہ ڪئي. هن جيڪي ڏٺو، محسوس ڪيو، جيڪي هن جي ذهن ۽ جذبات ڇهيو، ان جي ئي ترجماني ڪئي. ٻين لفظن ۾ هو پاڻ سان ۽ پنهنجي جذبات سان وفادار رهيو.“

سڳن آهوجا جي ڪهاڻين جو هڪ مجموعو شايع ٿيل آهي. ’بي آگ جلن تا پروانا‘ جنهن ۾ سندس ڪل پونجي 12 ڪهاڻيون آهن. انهن ڪهاڻين تي لڇاڻيءَ بي لاگ تبصرو ڪيو آهي ۽ سندس ڪهاڻين جا گڻ اوگڻ کولي ظاهر ڪيا آهن. سڳن مارڪسوادي هو ۽ لڇاڻي مارڪسوادي ڌارا جو نقاد نہ هوندي بہ سڳن جي ڪرداري ۽ اثرائتي ڪهاڻيءَ کي ساراهي ٿو، خاص ڪري سندس 1954ع ۾ لکيل ڪهاڻي ’پياري چيز‘ بابت چوي ٿو تہ، ”هيترا ڏهاڪا گذرڻ بعد بہ ڪهاڻي پڙهڻ سان پراڻي زماني جي لکيل نٿي لڳي. ڪهاڻي نويس هڪ اڇوتو موضوع کنيو آهي.“ سڳن آهوجا جو ناول ’ڪنول جاڳي اُٿيا‘ جيڪو هن 1953ع ۾ لکيو ۽ سندس وفات کانپوءِ 1966ع ۾ ڇپيو. ٽن پيڙهين تي مشتمل آهي. لڇاڻي لکي ٿو تہ، ”ناول پنهنجي مقصد ڏانهن آهستي آهستي وڌندو ٿو رهي، پڙهندڙن کي ڪٿي ڪٿي بوريت جو احساس بہ ڪرائي ٿو... هن جي خيال ۾ ڪن ڪردارن ۽ وارداتن کي، جن جو ناول جي بنيادي ڪهاڻيءَ سان واسطو نہ آهي، سو سولائيءَ سان ناول مان ٻاهر ڪيڻ سان ناول کي ڇيهو نہ رسندو.“ تہ ائين لڇاڻيءَ هڪ سچي نقاد جو ڪردار ادا ڪيو آهي.

’دل جي دنيا‘ هن ڪتاب ۾ لڇاڻيءَ گني سامتاڻيءَ جو بہ ايمانداريءَ سان ادبي ۽ تنقيدي اڀياس ڪيو آهي. هو لکي ٿو تہ ”گنو سامتاڻي رومانوي دور جو ٽيون اهم ڪهاڻي نويس

books.sindhsalamat.com

هو، جيڪو جديد سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ اهم ۽ بنيادي ڪهاڻي نويس واري حيثيت ﻣﭵارائي چڪو آهي. پهريان بہ ڪهاڻي نويس آهن: موهن ڪلپنا ۽ لعل پشپ. ڀارت جي ورهاڱي کان پوءِ پيدا ٿيل ان ٿمورتيءَ ادب ۾ ڪافي نالو ڪڍيو. سندن ناموس هندستان سان گڏ سرحد جي هن پار سنڌ ۾ بہ پکڙيل آهي. موهن ۽ لعل جي ڀيٽ ۾ گني جو ادبي ذخيرو گهٽ آهي. پر هو سنڌي ادب ۾ ڪهاڻي نويس طور هن ننڍي کنڊ جو هڪ اهم دستخط بڻجي اُڀريو.''

لڇاڻي وڌيڪ لکي ٿو تہ ''جيترو گني لکيو آهي، ان کان وڌيڪ صفحا گني جي ادب جي تڪ تور تي ميدان ۾ آيا آهن. گني جي ڪهاڻين تي ڪافي بحث ٿيا آهن، گني جي فن تي تمام وضاحت سان لکيو ويو آهي. ان جي ڪمزورين ۽ محدودگين کي بہ واڪو ڪيو ويو آهي. گنو هڪ ڪلاسيڪي ۽ رومانوي اديب آهي.'' گني چواڻي،''هر ليکڪ روشنيءَ لاءِ چلايو آهي، جواب لاءِ ساڌنا ڪئي آهي. ڪلاسيڪي ڪال کان وٺي اڄ تائين هر رڪاوٽ دور ڪندو، هر ٻنڌڻ ٽوڙيندو، جواب جي تلاش ۾ ليکڪ اُتي اچي پهتو آهي، جتي هن جو پنهنجو من ٽنل آهي، من ۾ جميل جارا اڃا بہ پيچيدا بڻجي ويا آهن.''

گني جو هڪ ناول 'واپس' (1957ع) ٻہ ڪهاڻين جا مجموعا: (1) ايمان (1965) ۽ (2) اَپراجتا (1970)۾ ڇپيل آهن.

لڇاڻي، گني جي ناول تي تنقيد ڪندي لکي ٿو، ''ناول جو مول عنصر ڪهاڻي آهي، جا گني سامتاڻيءَ جي ناول 'واپس' ۾ عدم موجود آهي. .... نہ جي برابر آهي. ناول نويس جي نگاهہ ڪردارن تي ٽڪيل آهي. انهن جي من جي پيڙا ۽ ڪشمڪش ۾ ڪتل آهي. اهوئي ناول جو مقصد بہ آهي. ناول

sindhsalamat.com

جو اهم نڪتو آهي ڪردارن ۽ ڪهاڻي جي سڀاويڪ اوسر، پر گني جي 'واپس' (ناول) ۾ ڪهاڻيءَ جي اُڻت اڳوات طئہ ڪيل ۽ ڪردارن جو وهنوار هٺرادو ٿو لڳي.''

گني جي ڪهاڻين بابت لڇاڻيءَ جي راءِ آهي تہ ''گني، سنڌي ڪهاڻيءَ کي موضوع، پيشڪش خواه انساني احساسات جي لحاظ کان سگهارو بڻايو آهي. گني جي مقبول ڪهاڻي 'پرلئہ' بابت لڇاڻيءَ راءِ ڏني آهي تہ 'پرلئہ' هن کي سنڌيءَ جي اول نمبر ڪهاڻي نويسن جي صف ۾ آڻي بيهاريو آهي. گني جو ذڪر ، لڇاڻي جي پيش ڪيل موهن ڪلپنا جي هن راءِ تي ختم ڪريان ٿو تہ ''گني جو رچناڪار ۽ فيلسوف هڪٻئي سان جدوجهد ڪندي نظر اچن ٿا ۽ ان جدوجهد ۾ فيلسوف رچناڪار مٿان غالب پوندو نظر اچي ٿو.''

سنڌي زبان جي اعليٰ پايي جي عالم، اڀياسي ۽ شاعر ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻيءَ تي لکندي، جڳديش لڇاڻيءَ سندس زندگيءَ ۽ اسڪالرشپ جا اُهي گوشا بيان ڪيا آهن، جن کان اسان اڻ واقف هئاسون. هن ڪيس 'عالم اُستاد' سڏي سندس مرتبي ۽ مقام سان انصاف ڪيو آهي. هي اسان جو شهدادپور ۾ ڄاول عالم شخص ورهاڱي کان اڳ ڊي.جي نئشنل ڪاليج، حيدرآباد ۾ پارسيءَ جو اُستاد، سنڌي ساهتيہ جي صلاحڪار بورڊ (هاڻوڪي سنڌي ادبي بورڊ) جي رسالي ''مهراڻ'' جو اوائلي ايڊيٽر، جامع سنڌي لغات جي بانيڪارن مان هڪ، 1956ع ۾ ايران مان'Persian Poets of Sindh'عنوان تي پي ايڇ.ڊي ڪندڙ، شاهہ لطيف بابت عالماڻہ ڪتاب 'ڪنول پاڙون پاتار' لکندڙ . ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ جو پروفيسر 1948ع کان 1954ع تائين دهلي ڪاليج ۾ پروفيسر. سنڌي لٽرري سوسائٽي دهلي (ڪاليج) جو باني، پنجن شعري مجموعن: رنگين رباعيون -

books.sindhsalamat.com

1959، روح ڏنو ريلو 1963، پره جي پاک- 1972، چيچ- 1977 ۾ خوشبوءِ جو سفر- 1980 جو تخليقڪار، هڪ مضمونن جي ڪتاب ڪک ۾ ڪانا: 1966ع جو ليکڪ ۾ هڪ ڪتاب 'سنڌي چونڊ شعر' جو مرتب، 'بابرنامي' ، اُمراءِ جان ادا ۾ گرو گوبند سنگھ' ڪتابن جو مترجم. اسان جو عالم هرومل سدارنگاڻي، 'سنڌي ٻوليءَ ۾ ادب جو نک' رهيو آهي. اسان کي اها نه خبر هئي ته هرومل سدارنگاڻيءَ، ليکراج عزيز، تيرٿ بسنت ۾ پوپٽي هيرانندڻيءَ وانگر سڄي عمر شادي نه ڪئي . پر هن ڪتاب مان ڄاڻ پوي ٿي ته هن پنهنجي وڏوا ڀيڻ گنگا جهانگياڻيءَ ۾ ان جي ٻارن جي سار سنڀال لهڻ لاءِ سڄي عمر شادي نه ڪئي ۾ سڄي حياتي برهمچاريءَ جيان گذاري.'' نه رڳو ايترو، پر سڄي عمر سگريٽ، بيڙي، تماڪ، شراب ۾ ماس واپرائڻ کان پري رهيو. هوُ ڌرمي آستانن تي وڃي سجدو ڪرڻ کان دل جي صفائيءَ تي وڌيک زور ڏيندو هو.

جگديش لڇاڻيءَ جڏهن هرومل سدارنگاڻيءَ کي 'رباعيءَ جو ننڍي کنڊ جو وڏو شاعر' ۾ 'سنڌيءَ جو عمر خيام' سڏيو آهي. اُتي سندس آزاد نظمن جي ٻن ڪتابن 'پاک' ۾ 'چيچ' جو اڀياس ڪندي لکي ٿو ته: ''سندس آزاد نظمن کي نئين ڪوتا جي گھيري ۾ آڻي نٿو سگھجي.... هن وزن جو ڪافي ڌيان رکيو آهي... پر سندس آزاد نظمن جي پرک ڪريون ٿا ته تسليِ بخش ۾ تسڪين جي حاصلات نه ٿي ٿئي. شاعر رباعي ۾ غزل ۾ جنهن مقام تي آهي، آزاد نظم ۾ اُن اوچائيءَ تي پهچي نه سگھيو آهي.'' اها حقيقت پسنده راءِ جگديش لڇاڻيءَ کي اهم نقاد جي حيثيت ڏئي ٿي.

هتي هرومل سدارنگاڻيءَ جون به رباعيون پيش ڪريان، جگديش طرفان کيس رباعيءَ جي وڏي شاعر تسليم ڪرڻ جي

sindhsalamat.com

تصديق ڪريان ٿو:

(1)

ڪعبي ۾ ڪاشيءَ ۾ رکيو ٿن ايمان،
پر ديد ڪٿي؟ ڏکن ٿا در تان اِنسان،
پٿر پوڄي خود به ٿي پيا پٿر،
هڏ ماس جي پتلي ۾ پسن ڪيئن ڀڳوان!

(2)

هوڏانهن ڏسو سڙک تي ننڍڙو ڪُتڙو
رت ٻاڙي، ڦٽکي ڦٽکي، ڏي دم ٿو،
چيٿاڙيو اٿس بريک بنا ڪنهن موٽر
ڪنهن نوٽ ڪيو آهي نمبر اُن جو؟

هن وڏي عالم سان ڪيترين ئي ملاقاتن جو ڊاڪٽر لڇاڻيءَ ذڪر ڪيو آهي، پر منهنجي به ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻيءَ سان 1987ع ۾ هڪ ملاقات ، سندس دهليءَ واري گھر تي ٿي هئي. تڏهن آءٌ وينا شرنگيءَ جي 'مارئي سنستا' جي سڏ تي ڪوٺايل 'شاهه لطيف انٽر نئشنل ڪانفرنس' ۾ شرڪت ڪرڻ آيو هئس. مون ڊاڪٽر صاحب جو گھر ڳولهي لڌو هو ۾ ياد اٿم ته گھنٽي وڄائڻ تي سندس ڀاڻيجو پروفيسر سنتداس جهانگياڻي ٻاهر نڪري آيو هو. هوُ مون کي گھر جي مٿئين حصي ۾ وٺي هليو. پلڄان نه ٿو ته ڪاٺ جي ڏاڪڻ تان چڙهي اُتي پهتو هوس. هڪ قداور ۾ باوقار، ٿلهين ڪمانين واري عينڪ پاتل شخص منهنجي آجيان لاءِ موجود هو. ڊاڪٽر هرومل جنهن پيار ۾ شفقت سان مليو، اُهي لمحا منهنجي زندگيءَ جا يادگار لمحا آهن. ڊاڪٽر صاحب مون کي ٻڌايو ته سندس هن غريب خاني تي محترمه اندرا گانڌي پڻ اچي چڪي آهي. ايران جو اڳوڻو وزير خارجه عباس هويدا، جڏهن ڀارت آيو هوته هن ڊاڪٽر هرومل

books.sindhsalamat.com

صاحب سان ملاقات جو خيال ڏيکاريو هو. محترمه اندرا گانڌيءَ کيس چيو هو تہ ”ڊاڪٽر صاحب کي گهرائي وٺون ٿا.“ اُن تي ايراني سربراه کيس چيو هو تہ ”آءٌ جنهن عظيم شخص ۽ اسڪالر سان ملڻ چاهيان ٿو، اُن وٽ بنا ڪنهن سرڪاري پروٽوڪول ۽ گارڊز (guards) جي هلڻو پوندو.“ - سدارنگاڻي صاحب ٻڌايو تہ جڏهن سندس دروازي تي محترمه اندرا گانڌي ۽ عباس هويدا صاحب آيا تہ آءٌ پريشان ٿي ويس. هو ٻئي منهنجي هن غريبخاني جي ساڳين ڪرسيءَ تي اچي ويٺا هئا، جن تي تون ۽ تنهنجو دوست اچي ويٺا آهيو. تہ ايڏو هو قد ڪاٺ ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي ’خادم‘ جو. اِهو جڏهن ايران ۾ Ph.D ڪندو هو، تڏهن سندس فارسي شاعري ايران جي ادبي جريدن ۾ ڇپبي هئي. هن ايراني شاگردن کي فارسي شاعري پڻ پڙهائي هئي ۽ سندس ايران ۾ وڏي قدرشناسي هئي. ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻيءَ جي عالماڻہ ڪتاب ’ڪنول پاڙون پاتار‘ جي آڌار تي مون ”شاهہ لطيف جا فڪري سرچشما“ تحقيقي مقالو لکي، سنڌي شعبي، سنڌ يونيورسٽي جام شوري ۾ پڙهيو هو، جنهن کي ڪافي پسند ڪيو ويو هو.

هن ئي ڪتاب ۾ ٻيوس - سنگ جي سريلي (lyrical) شاعر پريو وفا جو ذڪر، جنهن محبت ۽ پنهنجائپ سان جڳديش لچاڻيءَ ڪيو آهي، هُوَ سدا سهڻو، ڪپڙي لٽي ۾ جديد ۽ ٺاهوڪو شاعر واقعي ان محبت ۽ عقيدت جو مستحق آهي. پريو وفا، شيخ اياز، نارائڻ شيام، هري دلگير کان عمر ۾ وڏو هو، پر سندن همعصر هو. هوندراج دکايل، هري دلگير ۽ پريو وفا بنيادي طور گيت جا شاعر هئا ۽ ان دور ۾ هي سڀ شاعر شيخ اياز ۽ نارائڻ شيام سميت نين صنفن کي سنڌيءَ ۾ رائج ڪرڻ وارا پهريان شاعر هئا. ’پنجڪڙا‘ سنڌيءَ ۾ لکڻ وارو پهريون شاعر

sindhsalamat.com

’پريو وفا‘ آهي. ’هائيڪو‘ کي نارايڻ شيام ’تصويرون‘ سڏي سنڌي ۾ رائج ڪيو. پر پريو وفا هڪ پورو ڪتاب ٽہ سٽن/ هائيڪن تي مشتمل ’آئينا ۽ عڪس‘ شايع ٿيل آهي. سندس ٻہ ٽہ سٽا/ هائيڪو ٻڌو ۽ محفوظ ٿيو:

تنهنجو هٿن مرڪڻ
لڳو ائن پنکڙيون ٻہ گل جون
نکريون هيون جڻ.

وجهي مٽي تي ميٽ
جڏهن کوه تي وهنجڻ ويٺينءَ
ٽڙيو کيت ۾ چيٽ

خوش قسمتيءَ سان پريو وفا سان منهنجون ٻہ ملاقاتون ٿيل هيون. آخري ملاقات ساڱس 2008ع ۾ اياز گل سان گڏ ٿي هئي، سندس نئين گهر ۾ جو تہ سندس اصلي گهر ڪنهن بلڊر، پلازه ٺاهڻ لاءِ خريد ڪري ورتو هو ۽ ان پلازه ۾ کيس خوبصورت فليٽ تعمير ٿي ملڻو هو، تيستائين بلڊر ڪمپنيءَ پاران کيس نئون گهر مهيا ڪيو ويو هو. آواز ۽ ڳالهہ ٻولهہ ۾ برجستائي برقرار هئس. البت هلڻ ۾ تڪليف ٿي ٿيس. هن مون کي پنهنجا ٻہ ڪتاب ’تون ساگر مان لهر‘ ۽ ’سج لهڻ تي آهہ‘ پنهنجن خوبصورت اکرن سان لکي ڏنا هئا ، جن ۾ سندس اهو ٽہ سٽون ٻہ شامل هو:

سج لهڻ تي آهہ
جل ۾ رنگ محل ڪرڻن جو
جڻ ڊهڻ تي آهہ.

”سج لهڻ تي آهہ“ سندس پنجون شعري مجموعو هو ، پر اُن ملاقات کان ٻہ سال پوءِ سندس ڇهون شعري مجموعو ’وڃي

books.sindhsalamat.com

پڻي يڪتاري جي تار' (2010ع) بہ ڇپيو هو ۽ سندس زندگيءَ جو سج ، اجا بہ ہہ سال پوءِ 17 ڊسمبر 2010 تي لٿو هو. پر آءٌ يقين سان چوان ٿو تہ پريو وفا جو ادبي سج اُلهيو ٿي نہ آهي ۽ هو سنڌي ادب جي اُڀ تي سدا حيات سج وانگر چمڪندو رهندو.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ هن ڪتاب ۾ جنهن پنجين ادبي شخصيت جو ذڪر ڪيو آهي، اهو آهي: اسان جو سدا بهار يار تاجل بيوس- آءٌ سمجهان ٿو تہ جڳديش، جن دلي جذبن ۽ ماڪيءَ ڪان مٺن لفظن ۾ تاجل کي ياد ڪيو آهي، اُن جو مثال نٿو ملي. 'ايندو ڪونہ وري تاجل' ادبي خاڪي جو عنوان آهي. پر آءٌ سمجهان ٿو تہ جڳديش جو هي ليک پڙهي 'تاجل وري آيو آهي.' سياڻي تاجل سان (سندس ورسيءَ جي موقعي تي) سچل ڳوٺ ۾ مشاعرو رٿيو ويو آهي. افسوس رڳو اهو آهي تہ سياڻي جڏهن تاجل جي ماڻ ۾ سچل ڳوٺ جي بينظير آڊيٽوريم ۾ مشاعرو منعقد ٿيندو، اُن وقت هيرو ۽ جڳديش هڪ ڀيرو وري سنڌ ڪان وڇڙي، هند روانا ٿي چڪا هوندا ۽ منهنجي دل گواهي ڏئي ٿي تاجل مشاعري ۾ پنهنجي ٿي هيٺين واٽي ترنم ۾ هن ريت ضرور پڙهندو:'

ماڻهو شهر الهاس جا،
ويئڙا ڙي ويئڙا !
واسيو جنهن وجود کي،
ڪنهن جي هئي ڪايا
ويئڙا ڙي ويئڙا ،
ماڻهو شهر اُلهاس جا.

تاجل، جڳديش کي 27.7.1991 تي پنهنجو ڪتاب 'ڪنڌي ڪونر ترن' موڪليو هو، جنهن ۾ ڪيس مخاطب ٿي لکيو هئائين:

صبح سبايو،

sindhsalamat.com

جورو مون جڳديش،
اڳٺ پي اتهاس جو،
آ مون اُٺايو
جورو مون جڳديش جو!

اهو جورو جڳديش کي مليو يا نہ مليو -پر اڄ جڏهن جڳديش هند وڃي رهيو آهي تہ مون کي لڳي ٿو تہ تاجل جي اُٺايل 'اتهاس جو اڳٺ' لاءِ اڄ پٽاڻيءَ جي لفظن ۾ چوڻو پوندو:

''اڱڻ مٿي اوپرا، جڏهن ڏٺہ اُٺ،
ڏايہ نہ ڏاڳهن کي، اوڳي ساڻ اڳٺ!
تہ هوند نہ تنهنجي هٿ، سور پرايا سسئي!''
(عوامي آواز تان)

پروفيسر سليم ميمڻ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي جي ڪتاب 'دل جي دنيا' جي اپياس لاءِ چيو، ''ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي هند ۾ سنڌي اديبن ۽ عالمن ۾ اهم جڳهہ واري ٿو. گذريل پنجاهہ سالن ڪان سنڌي ادب جي مختلف کيترن ۾ پنهنجي قلم جو زور هلائيندو اچي ٿو.'' سندس تصنيفن ۾ تحقيق ۽ تنقيد کي نمايان حيثيت حاصل آهي.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي جي تصنيف 'دل جي دنيا ''ادبي ۽ سوانحي خاڪن تي ٻڌل ڪتاب آهي، جنهن ۾ هند ۽ سنڌ جي پنجن برک ادبي شخصيتن جي زندگيءَ جي احوال سان گڏوگڏ انهن جي ادبي لکڻين جو تنقيدي جائزو پڻ ورتل آهي.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي پنهنجي ڪتاب ۾ جن پنجن شخصيتن جو ذڪر ڪيو آهي . تن ۾:

1. ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي
2. محترم پريو وفا
3. محترم سڳن آهوجا

books.sindhsalamat.com

4. محترم گنو سامتاڻي
5. محترم تاجل بيوس شامل آهن.

ڊاڪٽر لڇاڻي ان کان اڳ ساڳئي نوعيت جا ٻه ٻيا ڪوجنائي ۽ تنقيدي ڪتاب ’لاهوتي لڏي ويا‘ ۽ ’يادن جا ورق‘ جي عنوان سان لکي پيش ڪيا آهن، جن ۾ هند جي ٻين ٻرک اديبن جي زندگي، فن ۽ فڪر جو ذڪر ملي ٿو. انهن ۾ ’لاهوتي لڏي ويا‘ ۾ : ايم. ڪمل، ارجن شاد، ايشور آنچل، پوپٽي هيراننداڻي، پرسرام ضيا، موهن ڪلپنا، لعل پشپ ۽ شيام جئسنگهاڻي شامل آهن. جڏهن ته ’يادن جا ورق‘ ۾ : ليکراج عزيز، ڪلياڻ آڏواڻي، پروفيسر رام پنجواڻي، هري دلگير، گووردن ڀارتي ۽ ڪرشن راهي شامل آهن. اهي ٽيئي ڪتاب هند ۾ سنڌي ادب جي تاريخ آهن ۽ مستقبل ۾ کوجنا ڪندڙن ۽ ادبي تاريخ لکندڙن لاءِ بنيادي ماخذ يا بنيادي دستاويز جي حيثيت رکن ٿا.

زير نظر ڪتاب ’دل جي دنيا‘ ۾ ڊاڪٽر لڇاڻي ادب جي دنيا جي مٿي ڄاڻايل پنجن ئي ذات ڏٽين جي زندگيءَ سان گڏوگڏ انهن جي فن ۽ فڪر جو ٻه گهرو مشاهدو ماڻي، پڙهندڙن کي ان مشاهدي ۾ ڀاڱي ڀائيوار ڪيو آهي. ڀاڻ خوش قسمت آهي جو ڪيس انهن سيني علمي ۽ ادبي شخصيتن جي صحبت ۽ محبت حصي ۾ آئي. ڀاڻ هن ڪتاب ۾ انهن سان ٿيل ملاقاتن، ادبي ۽ علمي ڪچهرين جو پڻ ڀيرائتو ذڪر ڪيو اٿس. اهي سيئي عالم ۽ اديب اڄ دنيا ۾ موجود ڪونهن، پر سنڌي ادب ۽ تاريخ ۾ انهن جو نالو سدا جيئرو رهندو. هن ڪتاب ۾ ڏنل خاڪن انهن جي ياد جي سرهاڻ کان سواءِ سندن فن، فڪر، ذات، ڏانءُ ۽ ڏاهپ، ادبي ۽ علمي خدمتن جو ڀيرائتو وچور پيش ڪن ٿا.

جڳديش هڪ دوست يا ساٿيءَ جي حيثيت ۾ انهن اديبن

sindhsalamat.com

جي شخصيتن جا شخصي خاڪا وڻندڙ ۽ دلچسپ انداز ۾ پيش ڪيا آهن، ته گڏوگڏ هڪ پختي نقاد جي حيثيت ۾ سمورا شخصي ۽ ذاتي ناتا هڪ پاسي رکي انهن جي قلمي پورهئي جو اڀٽڏريو ۽ بيباڪ نقاد ٿي تنقيدي جائزو به ورتو اٿس ۽ ڪنهن به قسم جي ڪا رعايت نه ڪئي اٿس. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هن انهن علمي ۽ ادبي شخصيتن کي پيڙا پيش ڪرڻ سان گڏوگڏ سندن ادبي پورهئي کي تارازو ۾ توري تڪي پيش ڪيو آهي. ان حوالي سان هي تصنيف، تحقيق جو پڻ اهم ڪتاب بڻجي ويو آهي.

ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي جي شاعري ۽ خاص طور تي رباعي جي حوالي سان سندس راءِ آهي ته ’هرومل سدارنگاڻي خادم رباعيءَ کان سواءِ شعر جي ٻين صنفن ۾ به تخليقي جوهر پسايو آهي. هن شعر جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي، پر رباعيءَ ۾ هو سڀ کان مٿي اُڀري بيٺو آهي. هرومل سدارنگاڻي خادم رباعيءَ جو هن ننڍي کنڊ جو هڪ وڏو شاعر آهي. ڪ سٺي رباعيءَ جون سڀ صفتون، هن جي رباعين ۾ نمايان ٿي بيٺيون آهن. جنهن ترتيب سان، هن رباعين جي تخليق ڪئي آهي اهڙو شعور ۽ ڏانءُ هن ننڍي کنڊ جي تمام ٿورن قلمڪارن وٽ موجود رهيو.

ڊاڪٽر لڇاڻي، هرومل سدارنگاڻي جي شاعري جي سيني صنفن تي مثالن سان ڀيرائتو بحث ڪري سندس شاعراڻي ذات جي سيني جوهرن کي کولي بيان ڪيو آهي. ته ساڳئي وقت سندس نثري خدمتن جي پڻ اُپٽار ڪئي آهي. هن سوانحي خاڪي کي ادبي خاڪي جو رنگ ڏيئي، هڪ محقق جو ڪردار به ادا ڪيو آهي ۽ پنهنجي ماخذن جا ڀيرائتا حوالا به ڏنا اٿس.

books.sindhsalamat.com

جنهن ۾ شخصيت جو خاڪو بيان ڪيو اٿس، اهو برک شاعر پريو وفا آهي. هن خاڪي ۾ ڊاڪٽر لڇاڻي ، پريو وفا جي شاعريءَ جي مختلف رخن جو پيرائتو جائزو وٺندي لکي ٿو ته ”سادن سودن لفظن ۾ شاعر نفيس احساسات جو اظهار تمام فنائتي ۽ پراثر انداز ۾ ڪيو آهي. چست بندش خواه شعريه فني نڪتن سبب، سندس شاعري دل کي ڇهي ٿي. جڏهن شاعر احساسات جي شدت کان، پنهنجي تجربي کي شاعريءَ ۾ اظهاري ٿو، تڏهن هن جا احساس، پڙهندڙن جا احساس بڻجيو ٿا پون. پريو وفا جا ڪيترا رومانوي شعر ٻوليءَ جي سادگي ۽ روانيءَ سبب جلد ئي زبان تي چڙهيو ٿا وڃن.“

سنڌ مان هند لڏي ويل هر ليکڪ جي لکڻين ۾ سنڌ کي ساريندي دک درد جو گهرو احساس ملي ٿو. اهو ساڳيو احساس پريو وفا جي شاعريءَ مان به جهلڪندو نظر اچي ٿو. جيڪو هيٺين پنجڪڙيءَ مان پسي سگهجي ٿو:

اکين ۾ جرڪي ٿو هڪ خواب
پسان شل جيون ۾ هڪ وار
سنڌين ۾ ساهت لاءِ هڪ پيار
سنڌين جي هٿ ۾ هڪ ڪتاب
اکين ۾ جرڪي ٿو هڪ خواب.

ٽيون خاڪو ’سگهڻ آهوجا‘ جي شخصيت، فن ۽ فڪر بابت آهي. هن خاڪي ۾ سگهڻ آهوجا جي زندگي جي مختلف ورقن کي ورائڻ کان پوءِ ڀارت ۾ سنڌي شاعريءَ جي مختلف دورن جو تفصيل بيان ڪندي سگهڻ آهوجا جي غزليه شاعريءَ جو تنقيدي اڀياس ڪيو اٿس ۽ سگهڻ آهوجا جي سنجيده اظهار، طنزيه لهجي، علامت نگاري، تمثيل ۽ تصوير ڪشي تي مثال ڏيئي

پيرائتو بحث ڪيو اٿس. اڳتي هلي سگهڻ آهوجا جي افساني نگاري تي پيرائتي تنقيد ڪئي اٿس، پلاٽ، ڪردار نگاري ۽ منظرنگاري، مقصديت ۽ موضوعن جو پيرائتو اڀياس پيش ڪيو اٿس.

دل جي دنيا جو چوٿون خاڪو ’گنو سامتاڻي‘ بابت آهي. ڀارتي سنڌي افساني نگاريءَ ۾ موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي ۽ لعل پشپ ٽه مورتي جي حيثيت ۾ ڄاتا سڃاتا وڃن ٿا. انهن ٽنهي برک ليکڪن ۾ گني سامتاڻي جي ڪهاڻين جو انگ جيتوڻيڪ ٿورو آهي، پر گني جي فني پيشڪش، دلچسپ لهجي، ٻولي ۽ فن جي پختگي وٽندڙ ۽ نرالين تشبيهن سبب هن سنڌي ڪهاڻيءَ جي معيار کي بلندين تائين رسايو. ڊاڪٽر لڇاڻي، گني بابت لکي ٿو، ”جيترو گني لکيو آهي، ان کان وڌيڪ صفحا گني جي ادب جي تور تڪ تي ميدان ۾ آيا آهن. گني جي ڪهاڻين تي ڪافي بحث ٿيا آهن. گني جي فن تي وضاحت سان لکيو ويو آهي ۽ ان جي ڪمزورين ۽ محدودگين کي به واڪو ڪيو ويو آهي. گنو هڪ ڪلاسيڪي ۽ رومانوي اديب آهي.“

دل جي دنيا جو پنجون خاڪو ’تاجل بيوس‘ جي زندگي ۽ شاعري بابت آهي. لڇاڻي خاڪي جي شروعات نهايت دردناڪ انداز ۾ ڪئي آهي. جڏهن پاڻ تاجل بيوس جي طبيعت پڇڻ لاءِ سندس گهر فون ڪري ٿو ۽ کيس وفات جي خبر ملي ٿي. هن خاڪي ۾ ليکڪ تاجل سان مختلف موضوعن تي ٿيل پنهنجي گفتگو کي شامل ڪرڻ کان سواءِ اُلهاسنگر بابت هڪ نظم به شامل ڪيو آهي. اُلهاسنگر جو شهر ڀارت لڏي ويل سنڌين آباد ڪيو هو. ڪو وقت هو جو اُتي جي سؤ سيڪڙو آبادي سنڌين تي ٻڌل هئي. پر هاڻ صورتحال بدلجي ويئي آهي. گڏوگڏ تاجل جا ڏانهنس لکيل

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

خط به شامل ڪيا اٿس ۽ آخر ۾ تاجل بيوس جي جڳ مشهور ڳ
بيت ڏنو اٿس:

سنڌ منهنجي امان! سونهن تنهنجيءَ مٿان
ڇا لکي ڇا لکان، ڇا لکي ڇا لکان
هڪ قلم هڪڙو مان، ڪيئن پورو پوان
ڇا لکي ڇا لکان......
شال تنهنجي ٿي ڪک مان پيو هر هر جمان
ڪير تنهنجو پيئان، وير تنهنجو وڻان....

هو لکي ٿو ته ”تاجل جي پابند شاعريءَ ۾ جيڪو ميٺاج ۽ لطافت آهي. ساڳي مٺرتا ۽ سرٺ“ سندس آزاد شاعري ۾ به نمايان آهي. تاجل بيوس جي شاعريءَ تي خيالن جو اظهار ڪندي لکي ٿو، ”تاجل بيوس شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. روايتي شاعري ۾ بيت، ڪافيون، وايون، غزل ۽ نظم کان سواءِ آزاد نظم، نثري نظم، قطع، هائيڪو، ٽه سٽا، چو سٽا، لوڪ گيت وغيره به شامل ڪيا آهن. ان کان سواءِ شاهه جي سرن تي قلم هلايو آهي. تاجل روايتي شاعريءَ جي صنف بيت، وائي ۽ ڪافيءَ کي نه صف زنده رکيو. پر ڪين ڪافي اڳتي به سوريو. هن جهڙيون وايون ۽ بيت، هن جي ٻئي ڪنهن همعصر شاعر تخليق ڪين ڪيا آهن.“ (5)

شوڪت حسين شورو، ’دل جي دنيا‘ - هڪ جائزو ۾ لکي ٿو، ”ان ۾ شڪ ناهي ته انڊيا جي سنڌي ساهت ۾ تنقيد نثر جي هڪ زوردار صنف آهي، پر اڪيڊيمڪ ميٿڊ وسيلي تحقيقي ۽ حوالن سان لکيل تنقيد جي کوٽ رهي آهي. ڊاڪٽر جڳديش

5. پروفيسر سليم ميمڻ: ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي ڪتاب ’دل جي دنيا‘ جو اڀياس. عوامي آواز سنڌي مئگزين. آچر 5 جنوري 2014ع

sindhsalamat.com

لڇاڻي انهن ٿورن اديبن مان آهي، جن جي تنقيد اڪيڊيمڪ ميٿڊ موجب تحقيق ۽ حوالن سان پيش ڪيل هوندي آهي. هو هڪ استاد ۽ اسڪالر آهي ۽ هن کي تحقيق جو ڏانءُ آهي. لڳاتار ادبي اڀياس وارن مضمونن لکڻ وسيلي ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي سنڌي ادب ۾ پنهنجي ادبي حيثيت مڃرائي چڪو آهي. مون هن جون ڪجهه تنقيدي رچنائون پڙهيو آهن، پر هن جا ڪتاب ’يادن جا ورق‘ ۽ ’لاهوتي لڏي ويا‘ مون کي پڙهڻ نصيب ڪونه ٿيا آهن. ان سلسلي جي ٽين ڪڙي ادبي تصويرن تي مشتمل ڪتاب ’دل جي دنيا‘ تازو ڇپيو آهي. ڪتاب جي ٻيڪ ڪور تي ’دل جي دنيا‘ بابت هيرو شيوڪاڻي ۽ ’لاهوتي لڏي ويا‘ بابت فهميده حسين جا رايا ڏنا ويا آهن، جن انهن ٻنهي ڪتابن کي ساراهيو آهي.“

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي جي تازي ڪتاب ’دل جي دنيا‘ ۾ پنجن شخصيتن جو ادبي تصويرون آهن. ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي، پريو وفا، سگن آهوجا، گنو سامتاڻي ۽ تاجل بيوس. ڊاڪٽر لڇاڻيءَ پنهنجي پيش لفظ ۾ لکيو آهي ته، ”هي ادبي خاڪا هنن جي ياد جي سرهاڻ کان علاوه سندن فن، فڪر، ذات ۽ ڏاهپ، ادبي يوگدان ڏانهن به اشارو ڪن ٿا.“

هن ڪتاب جو پهريون تنقيدي مضمون آهي ’عالم اُستاد هرومل سدارنگاڻي خادم.‘ ڊاڪٽر سدارنگاڻي هڪ احترام لائق اُستاد، شاعر، عالم ۽ دانشور هو. ڊاڪٽر لڇاڻيءَ هن جي انهن سمورن پهلوئن جو حوالن سان تخليقي جائزو ورتو آهي. ڊاڪٽر سدارنگاڻي سنڌي ۽ انگريزي سان گڏ فارسي ٻوليءَ جو پڻ ڄاڻو هو. هن ايران جي تهران يونيورسٽيءَ مان جديد فارسي ادب ۾ ڊاڪٽر آف لٽريچر جي ڊگري حاصل ڪئي. سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ڪيل سندس ڪتاب ”پرشين پوئيٽس آف سنڌ“ کي

books.sindhsalamat.com

عالمي مڃتا حاصل ٿي هئي. ڊاڪٽر سدارنگاڻيءَ جا چار شعري مجموعا، ’ڪڪ ۽ ڪانا‘ جي نالي سان گوناگون مضمونن جو مجموعو شايع ٿيل آهن. ان کان سواءِ هنجي ڪتاب ’شاهه جا چونڊ شعر‘ ۾ شاهه جي شاعري، فن ۽ فڪر جي اوڪ ڊوڪ ڪيل آهي. ڊاڪٽر سدارنگاڻي خادم رباعي ۽ غزل جو شاعر آهي. هن آزاد نظم پڻ لکيا آهن. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي پنهنجي تنقيدي مضمون ۾ آزاد نظم بابت ڄاڻ ڏيڻ کان پوءِ سدارنگاڻي خادم جي لکيل آزاد نظمن جو تنقيدي جائزو وٺندي اها راءِ ڏني آهي ته ”هرومل رباعي ۽ غزل ۾ جنهن مقام تي آهي، آزاد نظم ۾ ان اوچائي تي پهچي نه سگهيو آهي.“

ڪتاب جو ٻيون تنقيدي مضمون ’پريو وفا: شخص ۽ شاعر‘ آهي. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي پريو وفا سان ملاقات گهڻي دير سان ٿي، سا به ان بهاني جڏهن جولاءِ 1987ع ۾ جي.ايم.سيد انڊيا ۾ آيو هو. هن جي آجياڻي موقعي تي اُلهاسنگر ۾ مشاعرو ٿيو جني جڳديش جي پريو وفا سان ملاقات ٿي. هن جو اصل نالو پريو چگاڻي هو. وفا تخلص بابت جڳديش معلومات ڏيندي لکيو آهي ته هن اهو مرزا غالب جي هڪ شعر تان کنيو هو.

هم ڪو ان سي وفا ڪي هئه اُميد،
جو نهين جانتي وفا ڪيا هئه.

پريو وفا جي شاعريءَ جو سفر مني صديءَ جو رهيو. ڊاڪٽر جڳديش جي راءِ موجب، ”هن جي شاعريءَ ۾ سلاست، موسيقيت، دلسوزي، گهرائي، ٽِڪُ ۽ ميناج جهجهو آهي. ترنم واري شاعري سبب هو عوام ۾ بيحد لوڪپريه بڻيو.“ پريو وفا جي شاعريءَ جا اٺ مجموعا شايع ٿيا، جن مان ’سرخ گلاب، سرها خواب‘ تي وفا کي 1981ع ۾ مرڪزي ساهتيه اڪاديمي طرفان انعام مليو.

سنڌيءَ ۾ پنجڪڙي جي صنف پريو وفا متعارف ڪرائي.

sindhsalamat.com

ان بابت ڄاڻ ڏيندي ڊاڪٽر لڇاڻي لکي ٿو ته ’پنجڪڙي ۾ پنج سٽون ڪنهن خاص وزن يا سورهن ماترائن جي وزن تي ٻڌل هونديون آهن. هڪ مصرع جي پڇاڙيءَ جو ٻي مصرع جي منڍ سان وزن جو ڪڙو هوندو آهي. پنجين سٽ پهرئين جو دهراءُ ٿيندو آهي.“

مثال طور:

وطن جي ويڄهو آ وڪار،
پسان پيو جهانگيئڙن جي جوءِ،
اچي ٿي مٽيءَ منجهان خوشبوءِ،
اُهي ئي اُپ تي ڪارو نيار،
وطن جي ويڄهو آ وڪار.

يا

اکين ۾ جرڪي ٿو هڪ خواب
پسان شل جيون ۾ هڪ وار
سنڌين ۾ ساهت لاءِ پيار
سنڌين جي هٿ ۾ سنڌي ڪتاب
اکين ۾ جرڪي ٿو هڪ خواب.

’اديبن ۾ اديب‘ جي عنوان سان ٽيون مضمون سنڌي ٻوليءَ جي ناميارې شاعر، ذهين نقاد ۽ ڪهاڻيڪار سڳن آهوجا بابت لکيو آهي. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي جي چواڻي، ”سڳن آهوجا پنهنجي نرالي ذات ۽ ڏانءُ جي ڪري پنهنجي همعصر اديبن ۾ هڪ نمايان شخصيت مالڪ، هڪ وڏو رتبو حاصل ڪيو.“ سڳن آهوجا سنڌي، انگريزي ۽ اُردو ادب جو وسيع مطالعو ڪيو هو. هن جا وڏا سنڌ ۾ ساهوڪار هئا، پر ورهاڱي سبب خالي هٿين ڀارت آيا. سڳن آهوجا جي سڄي زندگي غربت ۽ بدحالي

books.sindhsalamat.com

۾ گذري. هن پنهنجي مختصر عمر دوران جيڪي ڪجهه لکيو ان تي مشتمل چار ڪتاب سندس وفات کان پوءِ شايع ٿيا. 1.’ بي آگ جلن ٿا پروانا‘(12 ڪهاڻين جو مجموعو)، 2. ’ڪنول جاڳي اُٿيا‘ (ناول)، ’پياري چيز‘ ۽ ’ارمان‘ (شاعريءَ جا مجموعا)

ڊاڪٽر لڇاڻيءَ سڳن آهوجا کي بنيادي طور غزل جو شاعر سڏيو آهي. سندس هڪ غزل جو هي شعر تمام گهڻو مشهور ٿيو:

زندگي تنهنجي ادائن مان ٿيو پڙ آهيان
غم جا پهلوءَ تہ بدل، نيٺ بہ شاعر آهيان.

سڳن آهوجا جي شاعريءَ ۾ ورهاڱي جو درد پڻ سمايل آهي:

پلجي بہ سنڌيت کي پٽائي نٿا سگهون،
سالن کان سنڌ پٽڪي ٿي هندوستان ۾.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي هن مضمون ۾ هڪ يادگيري بيان ڪندي لکيو آهي تہ، ’1963ع ۾ شيخ اياز اُلهاسنگر آيو هو. ٻين وٽ نہ وڃي سڳن آهوجا جي گهر آيو. سڄي رات سڳن آهوجا جي گهر ۾ شعر و شاعري جي محفل متي هئي. رات جو ڏهين بجي کان اياز پنهنجا شعر پڙهڻ شروع ڪيا ۽ صبح تائين هو پنهنجو ڪلام پڙهندو رهيو. سڳن آهوجا چيس تہ ”تون شاعر آهين يا شعرن جي ڊڪشنري!“ اياز وراڻيو هو: ”مون کي پنهنجي سموري شاعري ياد آهي ۽ مان 24 ڪلاڪ سانده پنهنجا شعر حافظي سان پڙهي سگهندو آهيان.“

نارائڻ شيام جي شعري مجموعي ’روشن چانورو‘ ۾ سڳن آهوجا جو لکيل مهاڳ سنڌي شاعريءَ تي هڪ عالماڻو مقالو آهي. ڊاڪٽر لڇاڻيءَ جي راءِ آهي تہ ’هي هڪ اعليٰ ادبي ڪارنامو آهي، سانگيو عمل سنڌ ۾ شيخ اياز لاءِ محمد ابراهيم جويي جي مهاڳ ڪيو آهي.‘

sindhsalamat.com

سنڌي ادب جو لاثاني ذات ذڪي سڳن آهوجا 45 سالن جي عمر ۾ هاءِ بلڊ پريشر ۽ اڌ رنگ جي بيماري سبب هڪ سال کان وڌيڪ موت سان جنگ جوٽيندي 10 فيبروري 1966ع ۾ گذاري ويو.

ڪتاب جي چوٿين مضمون جو عنوان آهي: ’رومانوي ڪهاڻيءَ جو هڪ دور: گنو سامتاڻي.‘ ڊاڪٽر جڳديش، گني سامتاڻيءَ جي شخصيت، فن ۽ فڪر جو تنقيدي جائزو وٺندي لکيو آهي تہ ”گنو سامتاڻي رومانوي دور جو ٽيون اهم ڪهاڻي نويس هو، جيڪو جديد سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ اهم ۽ بنيادي ڪهاڻي نويس واري حيثيت مڃارائي چڪو آهي. پهريان ٻہ ڪهاڻي نويس آهن: موهن ڪلپنا ۽ لعل پشپ. ڀارت جي ورهاڱي کان پوءِ پيدا ٿيل ان تہ - مورتيءَ ادب ۾ ڪافي نالو ڪڍيو. سندن ناموس هندوستان سان گڏ ، سرحد جي هن پار سنڌ ۾ بہ پکڙيل آهي.“ آئون ڊاڪٽر لڇاڻي ۽ جي اِن راءِ سان سهمت آهيان. اسان جي دور جي نئين ٽهي جا ڪهاڻيڪار جن ۾ علي بابا، مانڪ-مشتاق احمد شورو، عبدالحق عالماڻي، آئون ۽ مددعلي سنڌي شامل هئاسين. جيتوڻيڪ موهن، لعل ۽ گني کي شوق سان پڙهندا هئاسين، پر گنو سامتاڻي اسانجو وڌيڪ پسنديده ڪهاڻيڪار هو. پر عام پڙهندڙن ۾ موهن ڪلپنا انهن ٽنهي کان وڌيڪ ۽ بيحد پاپيولر ڪهاڻيڪار هو. 86،1984 ۽ 87 ۾ جڏهن آئون بمبئي ويو هوس تہ ٻين ليکڪن سان گڏ گني سامتاڻي سان بہ ڪافي گڏجاڻيون ٿيون هيون، گنو مون کي هڪ سنجيدو ۽ بردبار شخص لڳو هو.

گني سامتاڻيءَ، موهن ڪلپنا ۽ لعل پشپ جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽ لکيو آهي، پر ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي چوڻ

books.sindhsalamat.com

موجب ”جيتروگني لکيو آهي، ان کان وڌيڪ صفحا گني جي ادب جي تڪ تور تي ميدان ادب تي آيا آهن. گني جي فن تي وفاحت سان لکيو ويو آهي. هن جي ڪمزورين ۽ محدودگين کي بہ واڳکو ڪيو وِيو آهي. گنو هڪ ڪلاسيڪي ۽ رومانوي اديب آهي.“

ڪتاب جو پنجون ۽ آخري مضمون تاجل بيوس بابت آهي: ”ايندو ڪونہ وري تاجل!“ جي عنوان سان لکيل هن مضمون ۾ ڊاڪٽر لڇاڻيءَ جو تاجل سان جذباتي لڳاءُ ظاهر آهي. هن مضمون ۾ تاجل بابت يادگيريون آهن، جن جا جڳديش ڏانهن لکيل خط آهن. ڀارت جي ٽن سفرنامن ۽ آتم جيوني جي ذڪر سان گڏ ڪجهہ قدر تاجل جي شاعريءَ بابت اڀياس پڻ آهي.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي ڪتاب ’دل جي دنيا‘ جي علمي حيثيت تہ آهي ئي، ان سان گڏ اهو هڪ اهڙو دستاويز آهي جنهن ۾ سنڌي ساهت جي انهن پنجن ليکڪن جي شخصيت ۽ فن بابت بي بها ڄاڻ مهيا ڪندي تنقيدي تجزيو پڻ پيش ڪيو ويو آهي.“

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

9

ادبي اصول

جڳديش لڇاڻيءَ ادبي شناس[1] ۾ ’ليکڪ جي قلم مان...‘ ۾ لکيو آهي، ”مدت کان ناولن، افسانن ۽ ناٽڪن وغيره جون رچنائون ٿينديون پيئي رهيون آهن. زباني طرح اُنهن رچنائن بابت گهڻا ئي بحث مباحثا به پيئي ٿيا آهن، ليڪن عجب جي ڳالهه آهي جو ڪنهن به ادب دوست اهڙو ڪوبه ڪتاب لکي شايع نه ڪرايو آهي..... ڪيترو نه چڱو ٿئي ها جو ڪو بزرگ اديب يا پروفيسر نوجوان ليکڪن کي سندن غلطين کان آگاهه ڪرڻ لاءِ اهڙو رهنمائيءَ پريو ڪو ڪتاب ڏين ها. سنڌي زبان ۾ اهڙي ڪتاب جي سخت ضرورت هئي، جنهن ۾ ادب جي اصولن وغيره بابت سمجهاڻي ڏنل هجي ها! اهوئي سبب آهي، جنهن مون کي هيءُ ڪتاب لکڻ لاءِ آماده ڪيو.“

’ادبي شناس‘ بيحد مختصر آهي، پر مضمونن جي فهرست تي نظر وراڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ليکڪ ڪنهن به ادبي صنف کي نظر انداز ڪيو ناهي. ڪتاب ۾ 9 باب آهن: ادب، شعر، ناول، افسانو (ڪهاڻي) ناٽڪ، مضمون، خاڪو، رپوتار ۽ تنقيد. ڪتاب ترتيب سان لکيل آهي. ڪتاب لڳ ڀڳ سيني ادبي صنفن جي اصولن جي ڄاڻ ميسر ڪري ٿو. پر پوءِ به اهو وديارٿين جي ڏانءَ جو ڪتاب وڌيڪ آهي. جڏهن ڪتاب شايع ٿيو هو، ته ان جي چڱي آجيان ٿي هئي. ڪتاب تي ڏنل ڪجهه رايا هن طرح آهن:

1. جڳديش لڇاڻي: ادبي شناس. جوالا پبليڪيشن، ڪلياڻ ڪئمپ-2، ميءِ 1958ع

sindhsalamat.com

”ادبي شناس نظر مان ڪڍيم. تو ان ۾ ساهت جي جدا جدا شاخن تي ٽيڪنيڪل نقط نظر کان کول سول ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جا ڪوشش بذات خود داد جي مستحق آهي. سنڌي ادب ۾ اهڙن ڪتابن جي سخت ڪوٽ آهي. ان ڪري ان جو قدر ڪرڻ هرڪنهن ادب نواز جو فرض آهي.“

پروفيسر سنتداس جهانگياڻي

”ادبي شناس لاءِ اوهان ضرور داد لهڻو. جنهن محنت ۽ صبر سان ڪم ڪيو اٿو، انهيءَ لاءِ اوهان کي ساراهڻ کان سواءِ نٿو رهي سگهجي.“

موتي پرڪاش

”مون توهان جو ’ادبي شناس‘ نظر مان ڪڍيو آهي. توهان جي ڪوشش داد لائق آهي.“

پروفيسر ارجن شاد

”ادبي شناس پهتل آهي. ساهتيه جي ميدان ۾ تنهنجون ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن ۽ تنهنجي محنت لاءِ مونکي گهڻي عزت آ هي.“

پروفيسر ايشوري جوتواڻي

”ادبي شناس تي چڱي محنت ٿيل آهي. Busy پروفيسرن کي جوهڊسن، ڪارلائيل ۽ ٻيا وچي Refer ڪرڻا پون ٿا تن لاءِ به ذرا ڪم سولو ڪري ڇڏيو اٿو. اهڙي ساهتڪ خدمت لاءِ ڌنيواد“

نئين زندگي

ادب جي گوناگون شاخن جي تعريف ۽ اصول سمجهائڻ جي هيءَ ڪوشش بيشڪ سٺي آهي، ساڳي وقت همت پري به. جينوئيڪ عام پڙهندڙن جو چاهه اهڙن ڪتابن ۾ گهٽ آهي، پر ڪنهن به ٻوليءَ ۽ ساهتيه جي واڌاري لاءِ اهڙي قسم جي ڇان-

books.sindhsalamat.com

بيٺن ضروري آهي. نوجوان ليکڪ ڪافي اڀياس ڪري هيءُ ڪتاب لکيو آهي.[2]

''ادبي شناس'' جو مهاڳ ليکراج عزيز جو لکيل آهي، هو چوي ٿو، ''سنڌي زبان ۾ جڳديش لڇاڻيءَ جو 'ادبي شناس' پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي 'ادبي اصول' وانگر هي ٻيو ادب جي اصولن ۽ فروعن سمجهڻ لاءِ سنگ بنياد آهي ۽ انهن ٻنهي تي اوساري ڪٽي عمارت اڏڻ جي سخت ضرورت آهي. البت ادبي شناس، ادبي اصول کان ادب جي ڪن نين شاخن تي به روشني وجهي ٿو ۽ اڪثر بيان به کولي ڪري ٿو. سندس مضمونن جي فهرست تي نظر ڦيرائڻ سان معلوم ٿيندو ته هن ادب جو ڪوبه پهلو نظر انداز نه ڪيو آهي. جڳديش لڇاڻيءَ ڪيرون لهٽيون جو هڙو مشڪل ڪم جنهن تي عالمن جدا جدا ڪتاب لکيا آهن ته به اڃا تائين ڪسر رهجي ويئي آهي، تنهن اهڙي انڪائي ڪم کي هڪ ئي ڪتاب ۾ سمجهائڻ جو ساهس ڌاريو آهي. هن نوجوان جيڪي به لکيو آهي سو ادب کان ڪهڙي به بي خبر اِنسان ۾ ادب جي نرالن شعبن جي ٻوجهه ضرور پيدا ڪندو. هن نوخيز بيان ڪندي جدا جدا اهل قلم جا رايا پيش ڪيا آهن، جنهن ڪري سندس ڏنل احوالن جي صداقت وڌيڪ معتبر لڳي ٿي. مان جيڪر ڪيس صلاح ڏيان ته جيڪڏهن سندس دل جو ميل گهٽي قدر انهيءَ طرف آهي ته پاڻ مطالع ۾ اضافو ڪري، خيالن ۾ وسعت آڻي، ادب تي اهڙو ڪتاب لکي شايع ڪري جو عوام جي پوريءَ طرح رهنمائي ٿئي. اهڙا ڪتاب ئي سنڌي زبان جي سونهن آهن. جنهن تي نه فقط مصنف مگر سنڌي به ناز ڪري سگهن ٿا.''

2. اهي سڀ حوالا جڳديش لڇاڻيءَ جي ڪتاب 'اصول ۽ آلوچنا' ۾ ڏنل آهن. ڪتاب ويڙا پبليڪيشن، اُلهاسنگر طرفان 1973ع ۾ شايع ٿيل آهي.

sindhsalamat.com

جڳديش لڇاڻيءَ جو 'نئون ساهت' سن 1973ع ۾ شايع ٿيو. سن 1982ع ۾ جڳديش لڇاڻيءَ جو جيڪو 'ساهت-روپ'[3] عنوان سان ڪتاب شايع ٿيل آهي، سو نئون ساهت جو ئي وستار آهي ۽ ان ۾ ڪجهه ٻيا ساهتيه روپ به جوڙيا ويا آهن.

'ساهت-روپ' ۾ هيٺيان مضمون شامل آهن: نئون ساهت، ڪهاڻي، ريڊيو-ناٽڪ، ريکا چٽر، نئين ڪهاڻيءَ جي شروعات ۽ اُپنياس. اهي مضمون چڱي وضاحت سان پيش ٿيل آهن. جڳديش لڇاڻي 'نئون ساهت' ۾ چوي ٿو، ''اڄ ساهت جي کيتر ۾ جِدت (Modernity) جو جيڪو حوالو اسان جي سامهون آهي، اهو درحقيقت اڄ جي جيون جي Sensibility ڏانهن، جنهن ۾ سهانڀوتيءَ جو اڀاءُ آهي - وڌيڪ ويجهو آهي. جديد يگ ۾ وگيان ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي تڪڙي واڌ سبب، انسان جي ٻاهرين پسگردائيءَ ۾ جيڪي تڪڙيون تبديليون آيون آهن، تن انسان جي ويچار ۽ ورتاءَ ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو آهي. وگيان انساني جيون ۾ نئين سوچ جا دائرا وسيع ڪيا آهن، جنهن ۾ انساني جيون جي ارٿ ۽ جوابدارين ۾ ئي ڦيرو اچي ويو آهي. اهي نئون اتهاسڪ حالتون، هڪ نئين اِنسان کي گهڙي رهيون آهن. جنهن کي اسين 'نئون ساهت' ڪوٺيون ٿا، اهو انهيءَ شخص جي ئي چيتنا جو ساهت آهي ۽ اهو ساهت اسان کي تيستائين سمجهه ۾ نه ايندو، جيستائين اسان انهيءَ نئين شخص کي نه سمجهيو آهي.''[4]

'ساهت روپ' جو ٻيو باب ڪهاڻي-ڪلا سان وابسته آهي. جڳديش لڇاڻيءَ ڪهاڻيءَ جي فن ۽ ٽيڪنيڪ جي سٺي وضاحت ڪئي آهي. هو ڪهاڻيءَ جي ارتقا کان شروعات ڪري، نئين

3. جڳديش لڇاڻي: ساهت-روپ. ويڙا پبليڪيشن، اُلهاسنگر سن 1982ع
4. ساهت-روپ. ص.3.

books.sindhsalamat.com

ڪھاڻيءَ تي پھتو آھي. ھو لکي ٿو، ”منھنجي راءِ موجب ڪھاڻي زندگيءَ جي ڪنھن اھم واقعي يا پاوَ يا ڪنھن منووگيانڪ سچ جي اُدگھاٽن جو سپاويڪ اظھار آھي، پر تنھن سان گڏوگڏ اھو بہ ڌيان رکڻ گھرجي تہ ڪھاڻي ھڪ ڪلا آھي ۽ انھيءَ ڪري ارتقا پذير آھي، جيون وڏو آھي، ڪنھن جا ناھيل نيم وڏا ڪونھن. ڪھاڻيءَ جو ٽيڪنيڪ پڙھي ڪوئي ڪھاڻي لکڻ نٿو سکي سگھي.جيون جي انيوتين مان ئي سچا ڪھاڻي - نويس پيدا ٿين ٿا.“ [5]

’ريڊيو-ناٽڪ‘ بہ ھڪ عالماڻہ ۽ اصولي مضمون آھي. ليکڪ ھن مضمون ۾ ھڪ سھڻي صلاح ڏني آھي، ”پارتيندو ھرشچندر کان وٺي جئشنڪر پرساد تائين ڪيترو ھنديءَ جو ناٽڪ ساھتيہ جيڪو ’لئبررين‘ ۾ بند ھو يا ’ڪلاس-روم‘ جي ڪتابن تائين محدود ھو، سو ريڊيو-روپانترن ذريعي سجيوَ ٿي اُٿيو آھي ۽ ھر ھنڌ ڦھلجي ويو آھي. اسان جي سنڌي ساھتيہ ۾ بہ ڪيترائي عمدا ناول ۽ ڪھاڻيون موجود آھن، جن کي ريڊيو - روپانترن جي صورت ۾ پيش ڪري سگھجي ٿو. آڪاشواڻيءَ جي سنڌي وڀاڳن کي ان طرف توجھ ڏيڻ گھرجي. ائين ڪرڻ سان نہ صرف سنڌي ادب جي ھن اڻ-اُسريل انگ ۾ اضافو ايندو پر سنڌي پروگرام بہ دلچسپ ۽ پر اثر بڻبو.“ [6]

ريکا چتر يا اسيڪچ ۾ جڳديش لڇاڻي لکي ٿو، ”ساھت جي خاص وصف آھي انيوتي ۽ ان جو ڪلاتمڪ اظھار . سپاويڪ طور ريکا چتر سان بہ ساڳي ڳالھہ لاڳو آھي. پر پوءِ بہ ساھت جو ھر ھڪ روپ پنھنجو خاص مقصد ۽ جيون - درشتي کڻي ھلندو آھي. خاص ڳالھہ اھا آھي تہ ليکڪ کي اھوئي ماڌيم اپنائڻ

5. ساھت-روپ.ص.21
6. ساھت-روپ.ص.73

sindhsalamat.com

ڳھرجي، جيڪو ھن جي انيوتيءَ جي اظھار ۾ پورڻ سمرٿ ھجي. ساھت جا سڌانت سدا لاءِ جڙ ۽ اسٿر ناھن، اھي ھميشھہ اظھار جي ضرورت انوسار بدلبا رھن ٿا.“ [7]

’نئين ڪھاڻيءَ جي شروعات‘ ليک ۾ جڳديش لڇاڻيءَ چار ڏھاڪا اڳ جيڪا اڳڪٿي ڪئي ھئي، سا سچي ثابت ٿيڻ لڳي آھي، ”سنڌي ڪھاڻي ايندڙ پنڌرھن - ويھن سالن ۾ وري پنيان موٽي ويندي. سنڌي پاٺڪ ان ۾ ’ڪھاڻي‘ ڳولھڻ لڳندو ۽ ان کي ڪھاڻي ملندي واقع واري ڪھاڻي، ڪردار واري ڪھاڻي، پاونا واري ڪھاڻي، ماحول واري ڪھاڻي ۽ منووگيانڪ ڇيد واري ڪھاڻي.“ [8]

ساھت روپ جو آخرين مضمون اُپنياس (Novel) آھي، جيڪو ٻائيتاليھ صفحن ۾ ڦھليل آھي، ناول - ڪلا جي سٺي وضاحت آھي. پڇاڙيءَ جو ليکڪ لکي ٿو، ”منھنجو شخصي رايو پئي رھيو آھي تہ چاھي ڪنھن بہ ’واد‘ يا ’سڌانت‘ جو سھارو ورتو وڃي پر ساھت کي پھرين ساھت ٿيڻ جڳائي. ساھت جو دروازو سڀني سڌانتن لاءِ کليل آھي. ان ۾ ڪو بہ سڌانت يا واد داخل ٿي سگھي ٿو؛ پر شرط صرف اھو آھي تہ اھو جيون جي کليل راھہ کان اڇي ۽ نہ ڪنھن واد يا سڌانت جي تنگہ گلين مان. ڪنھن بہ ودوان، ساھت کي بوتلن ۾ بند ڪري، ان تي ليبل لڳائڻ جي وستو نہ سمجھيو آھي. راجنيتيءَ ۾ بھرو وٺندڙ، ڌرم-گرو ۽ سڌارڪ، اُھي پرچارڪ ٿي آھن، پر ڪلاڪار ڪنھن پارٽي يا ڪنھن شخص جو حڪم نٿو مڃي ۽ نہ ان جي ڪلا جو مقصد، ڪنھن کي حڪم ڏيڻ ئي آھي. اديب جي مٿان صرف ھڪ ئي جوابداري آھي، ھڪ ئي ٻنڌن آھي تہ ھو پنھنجي

7. ساھت-روپ.ص.80
8. ساھت-روپ.ص.89

books.sindhsalamat.com

آزمودن ۽ پنهنجي ڪلا جي اظهار لاءِ ايماندار بڻيو رهي. اهوئي سبب آهي جو اڄ ليکڪ پنهنجي اظهار تي ڪنهن به سڌانت، منوو گيان، منطق يا آدرش جا نسخائي ته چاڙهڻ کان بچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.[9]

ڪتاب جي ’نظريو‘ عنوان ۾ جڳديش لڇاڻيءَ لکيو آهي، ”جهڙيءَ طرح هڪ ندي پنهنجي وهڪري موجب ڪنارن جو نرماڻ ڪندي آهي، تهڙيءَ طرح ساهت جي سر - ويدنا پنهنجي اظهار ۾ اصولن جو نرماڻ ڪندي آهي. ان مان صاف ظاهر آهي ته سڌانت يا اصول ساهت جو نرماڻ نٿا ڪن، ساهتيه پنهنجي زندگيءَ جي انيوتين ۾ اصولن جو نرماڻ ڪري ٿو. جيون جي سر - ويدنا تي مکيه آهي، باقي ساهت جا سڌانت، ان ڪانپوءِ جي ڳالهه آهن.... ساهت جو سڀاءُ ته حالتن ۽ ان جي اثر سبب بدلجي ويندو آهي پر ساهت جا سڌانت جلد نه بدلبا آهن. ۽ پوءِ اهي پرمپراڳت سڌانت ئي ساهت جي پرک ۾ وڏي رڪاوٽ بڻجن ٿا.“

”ساهت روپ“ جو مهاڳ پروفيسر ڪلياڻ آڏوڻيءَ جو لکيل آهي. هو مهاڳ ۾ چوي ٿو ”پروفيسر جڳديش لڇاڻيءَ جو ’نئون ساهت‘ 1973ع ۾ شايع ٿيو هو، جو هينئر وري ’ساهت-روپ‘ جي نئين نالي سان نروار ٿيو آهي. گلاب جي گل کي ڪهڙي به نالي سان سڏجي ته خوشبوءِ ساڳي ڏيندو. ساهت روپ ۾ رنگ وَبو به ’نئون ساهت‘ وارا قائم آهن. سنڌيءَ ادب ۾ ڪنهن به ڪتاب جو پيو دفعو شايع ٿيڻ حقيقت ۾ هڪ عبرت ۾ وجهندڙ معجزو آهي. جڳديش انهيءَ تي جيترو به ناز ۽ فخر ڪري اوترو بجا آهي، خاص ڪري جڏهن سنڌس تصنيف جي جان

9. ساهت-روپ.ص.139

sindhsalamat.com

تنقيد آهي. سنڌس چوڻ موجب هي ڪتاب عالمن لاءِ نه لکيو ويو آهي، پر انهيءَ کان ڪو انڪار ڪري نه سگهندو ته علم جي طالبن لاءِ آلوچنا جي راهه ۾ هيءَ رچنا روشن منار مثل آهي.

’ساهت-روپ‘ ۾ جن به موضوعن يا وشين تي روشني وڌي ويئي آهي، سي جديد ادب جي لحاظ کان اهميت رکندڙ آهن. جڳديش مبارڪن جو مستحق آهي، جو هن ادب جي اصولن ۽ سڌانتن جي اهميت ۽ لازميت کي بخوبي واضح ڪيو آهي.“

ٺهلرام آزاد هندواسيءَ ۾ ساهت-روپ تي تبصره ڪندي لکيو، ”للت ڪلائن ۾ ’ساهت‘ جي اهميت سڀ کان وڌيڪ ۽ نرالي آهي. ساهت جون انيڪ وڌائون (صنفون) آهن. ڪاويه ۽ گديه (نظم ۽ نثر) اُنجا به روپ آهن. اڪثر جدا جدا صنفن تي اديب ۽ شاعر طبع آزمائي ڪن ٿا. جن ۾ مضمون نگار به آهن ته ڪهاڻي ڪار به آهن، ليڪن ساهت يا ادب بذات خود ڇا آهي، ان خشڪ وشيه (مفهوم) تي ڪي ڳاڻ ڳٽيا ڪتاب ظاهر ٿيا آهن. پر انهن جي ضرورت ۽ اهميت کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. ڇاڪاڻ ته ڪلا جا پڻ پڻ روپ آهن. ساهت به ته ڪلا جو ئي روپ آهي. پر وري انجا به نرالا روپ يا ڀيد آهن. اُنهنجو ڇيد و ڇيد ڪرڻ، ادبي ذوق رکندڙ طبقي کانسواءِ ڪاليجي وديارٿين لاءِ به تجرباتي مضمون ۽ معياري سامگري يا مواد ڏيڻ نهايت ضروري آهي. اهڙي ڪارگر ۽ ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي پروفيسر جڳديش لڇاڻيءَ ’ساهت روپ‘ ۾ جنهن لاءِ هن جس لهڻو.

ليکڪ هن کان اڳي ’ٻال ساهت‘ ۾ سٺو يوڳدان ڪيو آهي. ليڪن هن نئين رچنا سان ليکڪ ’گديه ساهت‘ (نثر نويسيءَ ۾) ڀاڱ کي استاپت ڪيو آهي. ’ساهت روپ‘ ليکڪ جو وستار ڪيل ’نئون ساهت‘ جو نئون ڇاپو آهي. سنڌي ادب جي روشن

books.sindhsalamat.com

منار بزرگ عالم ۽ فاضل پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي 'پيش لفظ' ۾ هيٺين سٽن خاص ڌيان ڇڪيو آهي: ''جڳديش مبارڪن جو مستحق آهي، جو هن ادب جي اصولن ۽ سڌانتن جي اهميت ۽ لازميت کي بخوبي واضع ڪيو آهي. هن هڙزي خشڪ ميدان ۾ به پنهنجي توسن طبع کي جولانيون ڏياريون اٿس.''

ليکڪ هن ڪتاب جي سلسلي ۾ نئون ساهت، ڪهاڻي، ريڊيو ناٽڪ ۽ ريکا چتر، نئين ڪهاڻي جي شروعات ۽ اُپنياس (ناول) تي سلسليوار ۽ وضاحت سان اُپٽار ڪئي آهي ۽ سندس وسيع اڀياس اِن ۾ جهلڪي رهيو آهي. جدت جي سمسيا ۽ جديد دور جي تقاضائن، قدرن ۽ خود نئين شخص جي چيتنا کي نئين ساهت جي هر باب ۾ چنڊ چاڙ ڪئي آهي. ڪهاڻي وارو باب ٻين وشين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ وستار سان لکيل آهي.

هن پستڪ جو عنوان 'ساهت سڳنڌ' هيٺ گهرجي ها.. هڪ هڪ وشيه کي پيراڻتي نموني ۽ اثرائتي نوع ۾ باريڪ بينيءَ سان پيش ڪيو ويو آهي، جو ٽيڪا ۽ سمالوچنا جي روپ ۾ هڪ الڳ پستڪ جي ضرورت آهي. 'هندواسي' جي محدود ڪالمن ۾ ايترو تي چوڻ چاهيندس ته ڳاگهر ۾ ساگر سمايل آهي. مضمونن جي گوناگونيت جي اوڪه ڊوڪه ۽ پرک واري نظر ان نتيجي تي پهچندي ته پروفيسر جڳديش هلي چلي يا خان پورتي ڪانه ڪئي آهي. هيڪاري هن ڪيتر ۾ هڪ هتيءَ کي ختم ڪري ساهت سمالوچنا ۾ نوان ماڻ استاپت ڪيا آهن. هر هڪ وشيه کي عالماڻي نوع ۾ پيش ڪيو ويو آهي. اُميد ته هن رچنا ۾ ''وشيه ۽ پرياو جي گڏيل ايڪتا'' جو هر هڪ ادب شناس پاٺڪ هڪ نئون لطف ماڻيندو ۽ هيءُ ڪتاب درسي خواهه ادبي مرڪزن ۾ جوڳي جڳهه والاريندو. پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي شبدن ۾ چوان ته

''علم جي طالبن لاءِ 'آلوچنا جي راهه ۾ هيءَ رچنا روشن منار مثل آهي.'' (1982)

جڳديش لڇاڻيءَ جو جڏهن 'ساهتيه جي پرک' [10] شايع ٿيو ته هند ۽ سنڌ ۾ ان جي سڀني مرحبا ٿي.

جڳديش لڇاڻيءَ جو هيءُ ڪتاب تعريف جي قابل آهي. هن ۾ ساهتيه جي مفهوم کي چڱيءَ طرح پيش ڪيو ويو آهي ۽ ٻين ٻولين جي اديبن سان پڻ ڀيٽ ڪرائي آهي. ڪتاب ۾ جڳديش لڇاڻيءَ ڪويتا، ناول، ڪهاڻي، ناٽڪ، مضمون ۽ ساهتيه جي ٻين نثري روپن ۽ تنقيد وغيره جي چٽي تصوير پيش ڪئي آهي. جهوليلال اخبار 'ساهتيه جي پرک' لاءِ لکيو آهي، ''ساهتيه ڇا آهي؟ ان جون جدا جدا صنفون ڪهڙيون آهن؟ ساهتيه جا سڌانت ۽ ٻيا ڪتاب چڱي انداز ۾ نڪتل آهن. سنڌيءَ ۾ به ڪجهه ڪتاب ڇپيل آهن جهڙوڪ منگهارام ملڪاڻيءَ جو ''ادبي اصول، ڍهليءَ جي ساهت ڏارا وارن جو 'ساهتيه جا سڌانت'، ديپچندر تلوڪچند جو 'ادبي آلاپ' وغيره . پر اهڙو ڪو به ڪتاب هيلتائين ڇپيل ڪونه هو جو ساهت جي باري ۾ چڱي ڄاڻ ڏيئي سگهي. اهڙي گهرج سنڌونگر جي هڪ ليکڪ جو ڪهاڻي ۽ ناول-نويس آهي ۽ ٻال ساهتيه جي ڪيتر ۾ به گهڻو اڳرو رهيو آهي، جنهن جو نالو آهي جڳديش لڇاڻي، تنهن هڪ لاثاني ڪتاب ڇپايو آهي. 'ساهتيه جي پرک'. اٿين ته ساهتيه ۽ ان جي جدا جدا صنفن تي جڳديش پهريون دفعو قلم نه هلايو آهي. حقيقت ۾ هو ئي هڪ شخص آهي. جنهن گهڻي وقت کان وٺي ان ڏس ۾ سنڌي ساهت ۾ چاه وندڙ شخص جي سونهپ پئي ڪئي آهي ۽ ادبي شناس، سنڌي ادب جي روپ - ريکا، اصول ۽

10. جڳديش لڇاڻي: ساهتيه جي پرک. ويڻا پبليڪيشن، اُلهاسنگر سن 1998ع

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

آلوچنا، نئون ساهت، ساهت-روپ، اُپنياس ۽ سنڌي اُپنياس ۽ سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر جھڙا انمول ڪتاب سنڌي جاتيءَ کي ڏنا آهن، جن مان ڪيترن ئي سنڌي ساهتيہ جي شائقن فيض پرايو هوندو، ان ۾ ڪو شڪ ناهي.

جڳديش لڇاڻيءَ جو هيءُ نئون تحفو ’ساهتيہ جي پرک‘ هن جي اڳين ڪتابن کان مواد جي لحاظ کان سرس، گھڻو سرس آهي. اهو ادبي اصولن جو ڳٽڪو آهي ۽ ساهتيہ سان واسطو رکندڙ مڙني سڏائتن کي سٺي ۽ سرل ٻوليءَ ۾ سمجھائي ٿو.

هن ڪيترن ئي مشهور ليکڪن ۽ آلوچڪن جا رايا ڏيئي پنهنجي سمجھاڻيءَ کي وڌيڪ مضبوط ڪيو آهي. جڳديش جو هيءُ ڪتاب ساهتيہ پريمين لاءِ ’سنڌي‘ (ريفرنس) ڪتاب ٿي ڪم اڪندو، اهڙي خاطري آهي.‘‘

پوپٽي هيرانندڻيءَ هندواسيءَ [11] ۾ لکيو، ’جڳديش لڇاڻيءَ منهنجو شاگرد رهي چڪو آهي. پر سندس تازو لکيل مٿيون ڪتاب پڙهي مونکي هنديءَ جي چوڻي ’’گرو گڙهي رهي، چيلا چيني هوجايہ‘‘ تمام نيڪ لڳي. (مطلب تہ اُستاد ڳڙئي ٻڻجي رهيو مگر شاگرد صفا ٿي کنڊ ٻڻجي پيو!) چاڪاڻ تہ مون محسوس ڪيو تہ جڳديش مون کان گھڻو هوشيار ۽ اڀياسي ٿي ويو آهي. هيءُ ڪتاب لکي جڳديش ساهت جي پرک ڪندڙن کي گھڻي ڀاڱي گوءِ ڏيئي ويو آهي. انگريزي توڙي هندي ساهتيہ جو ڪيس چڱو اڀياس آهي ۽ ساهتيہ جي اصولن جو صحيح نموني ڇيد وڇيد ڪرڻ جي ڪيس قوت آهي.

وقت هو جڏهين چڱن چڱن ڏگ سڏائيندڙ ليکڪن ۽ نقادن جي ڄاڻ تمام محدود هوندي هئي پوءِ ڪن ويچارڪن اڀياس ڪيو تہ ڪن جي ڄاڻ صرف انگريزي ساهت تائين ۽ ڪن جي

11. پوپٽي هيرانندڻي: هندواسي. 27 ڊسمبر 1998ع

sindhsalamat.com

صرف هندي ساهت جي ڄاڻ تائين محدود رهي. پر جڳديش ٻنهي ٻولين جي لکندڙن ۽ نقادن جو اڀياس ڪيو آهي ۽ پوءِ ساهت جي سڀني شاخن - ڪهاڻي، مضمون، شعر، ناٽڪ وغيره تي قلم هلايو آهي.

هن ڪتاب لکڻ تي مان جڳديش کي دلي واڌايون ڏيان ٿي ۽ ٻين کي عرض ڪريان ٿي تہ هن ڪتاب جو اڀياس ڪري ڪجھہ پرائين مضمون حقيقت ۾ گھٽين وشين تي ٿين ٿا ۽ گھٽن ئي قسمن جا ٿين ٿا. پر اڄ تمام مٿين اڪاڊمين ۽ سنستائن طرفان سيمينار ٿين ٿا جن ۾ صرف ساهتڪ صنفن يا وويچن تي پيپر پڙهيا ٿا وڃن. اهي پيپر تيار ڪندڙ گھڻي ڀاڱي ليکڪن جي نالن جي ياداشت ٿا ڏين تہ جيئن آئينده ٻيا پيپر پڙهندڙ بہ سندن نالا لکي کين ساراهين يا پيپر پڙهي فلاڻي ڪ فلاڻي ڪهاڻين يا ناٽڪن يا شعرن جي ياداشت ٿا پيش ڪن. پر جڳديش لڇاڻي انهن ٻنهي خراب ڳالهين کان بلڪل پاسو ڪيو آهي ۽ خوشامد ڪندي ياداشتون بلڪل پيش نہ ڪيون آهن. ان ڪري سڀ مضمون هر لحاظ کان سٺا آهن.‘‘

سنڌ ۾ تاجل بيوس [12] ’ادب جي جديد اصولن جو سرچشمو‘ عنوان تحت ’ساهتيہ جي پرک‘ لاءِ لکيو، ’’سنڌيءَ ۽ عربيءَ ۾ نثري ۽ شعري تخليقن کي ’ادب‘ سنسڪرت ۽ هنديءَ ۾ ’ساهتيہ‘ ۽ انگريزيءَ ۾ لفظ ’لٽريچر‘ لڳ ڀڳ ساڳي معنيٰ رکندڙ لفظ آهن، جن جي معنيٰ ۽ مفهوم ڀلائي، فيض رسائي يا تخليقي ذخيرو وغيره آهي. اهڙو ادب ٻن حصن ۾ ورهايل هوندو آهي، هڪ نظم (Poetry) ۽ ٻيو نثر (Prose) موجوده وقت ۾ سنڌي زبان جي نج شعري صنفن ۽ تجرباتي طور سنڌي ادب ۾ شامل ڪيل

13. تاجل بيوس: ادب جي جديد اصولن جو سرچشمو - ساهتيہ جي پرک، هندواسي - آرتوار 13 جون 1999ع (سنڌ جي مخزن تان کنيل)

books.sindhsalamat.com

صنفن کي هن طرح ڄاڻائي سگهجي ٿو: بيت، وائي، گيت، ڪافي، غزل ، قطعو، رباعي، هائيڪو، نظم، آزاد نظم وغيره.
ادب يا ساهتيه جي نثري حصي ۾ ڪهاڻي، ناول، مضمون، ناٽڪ، جيون-ڪٿا، آتم-ڪٿا، يادگيريون (Memories)، خط ۽ انٽرويو وغيره.

ادب جي تعريف ڪندي، يا وصف ڏيندي، ڪن پارکن ادب کي انساني زندگيءَ جا عڪس ۽ اولڙا سڏيو آهي، ڪن زندگي جا گل ۽ ميوا سڏيو آهي. ادب کي ڪن نقادن فڪر جي عمارت جي سونهن ۽ سوڀيا، ته ڪن ادب کي زندگيءَ جو آئينو ۽ سماجي زندگيءَ جو ترجمان سڏيو آهي. ڪن پارکن، 'فن جو فن لاءِ هئڻ' (Art for arts sake) ته ڪن، 'ادب يا فن جو زندگيءَ لاءِ هئڻ' (Art for lifes sake) چيو آهي. اڄڪلهه جي ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي، انٽرنيٽ ۽ اي ميل ادب جي نئين وصف ڏيڻ تي مجبور ڪيو آهي. ' اُهو غير سائنسي يا نيم - سائنسي زمانو هو، جڏهن ڪيت ڪيڙيندڙ هرَ جي گهوڙي ۽ ڪوڏر جي لپي ۾ پنهنجي روزي (Food and Fodder) تلاش ڪندو هو. هن وقت هڪ ڳوٺاڻي شاگرديائيءَ کي چو نه ڪنهن زرعي ليبارٽري يا فارم ۾ تجربا ڪندي، ڏٺو وڃي چو نه هڪ ڳوٺاڻي کي ڪنهن فيڪٽريءَ جي ڪوري يا ٻنيءَ ۾ ٽريڪٽرن ۽ بسين جا پرزا ٺاهڻ لاءِ لوهه ۽ رڱ (STEEL) پگهاريندي، ڏيکاريو وڃي ۽ پوءِ اسان سائنس جي مٿي ڄاڻايل حاصلات ۽ کوج جي آڌار تي ادب جي تشريح يا وصف هن طرح ڪيون:

''ادب يا ساهتيه سماجي، معاشي ۽ فني انقلاب يا تبديلين جو نالو آهي.''

ڀارت جي اُلهاسنگر (سنڌونگر) جي برک اديب ڄڳديش لڇاڻيءَ جي ڪتاب 'ساهتيه جي پرک' جون ٽي ڪاپيون پهتيون

sindhsalamat.com

آهن، جن مان هڪ سنڌالاجي ۾ ڊاڪٽر سومري کي پهچائيٽيون آهن.

اُلهاسنگر مون 1990 ۾ ڏٺو هو، جڏهن شيخ اياز جي سنگت ۾ 'شاهه سچل، سامي سيمينار' ۽ 'انڊو سنڌ شاعري' ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اسان بمبئي ويا هئاسين. مانواري آنند ٻجلاڻيءَ جي انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب 'Ulhasnagar' موجب هيءُ بستي ممبئيءَ کان اسي (80) ڪلوميٽرن جي مفاصلي کي واقع آهي، جتي 1948 ۾ سنڌ کان لڏي ويل سنڌين کي مهاجر ڪئمپ نالو ڏيئي، اتين رکيو ويو هو. جيئن پيل ڪندڙ جانورن کي ڍڪ ۾ رکيو ويندو آهي ۽ پوءِ سنڌين جي محنت جي قُل ڪري، هن وقت اُلهاسنگر کي ٽي (3) ريلوي اسٽيشنون آهن ۽ ماڻهن جوانگ سٽن لکن تي پهتل هو. پرائمري اسڪولن جو تعداد 71 آهي، جن مان 43 سنڌي اسڪول آهن، 16 سيڪنڊري اسڪول، 9 ڪاليج، 5 سرڪاري اسپتالون ۽ 6 ڌرمشالائون آهن.

ڪتاب 'ساهتيه جي پرک' جو سرجڻهار ڄڳديش لڇاڻي سال 1929 ۾ سنڌ ملڪ جي شهر 'پير ڳوٺ' ۾ ڄائو هو. جو ادب جي نثري حصي جي، منهنجي ڄاڻ موجب هڪ ڊزن کان مٿي ڪتابن جو ليکڪ آهي. هيءُ زمانو پڙهڻ - ڏسڻ (Audio - Visual) جو زمانو آهي، جنهن ڪري ٽيلي سيريل اسڪرپٽ جي ڪتابن لکڻ ۾ ڄڳديش لڇاڻي هڪ ماهر ۽ ٻي جوڙ اُستاد جي حيثيت رکندڙ آهي.

ڄڳديش لڇاڻيءَ جو ماسٽر آف فلاسافي لاءِ منظور ٿيل مقالو 'سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر' سال 1991 ۾ ڇپايل آهي ۽ ٻال ساهت تي هيٺيان ڪتاب ڇپجي چڪا اٿس:

1. جهرڪيءَ لڏو ٽڪو
2. روپ نگر جي راجڪماري

books.sindhsalamat.com

3. گلن ڦلن جي راڻي
4. ڪُني آندي ڪنوار
5. ٻال ڪهاڻيون
6. سنڌي لوڪ ڪهاڻيون
7. هڪڙو هو ڏاهري

اهڙي طرح مون واري 'زلفي اينڊ بلاول' لئبرري مطابق جڳديش تيرهن (13) ڪتابن جو سرجڻهار آهي سندس ٻيا ڪتاب به ضرور هوندا، ڇاڪاڻ ته ليکڪ 'تنيءَ ڏڏي ڪاهه' واري سفر جو راهي آهي، جيڪو بيمار هوندي، سُمهي به ادب جا سجدا ادا ڪندو رهندو آهي.

ڪتاب 'ساهتيه جي پرک' 185صفحن تي پکڙيل آهي، جنهن ۾ مهاڳ کان سواءِ اٺ (8)مضمون، جيئن ته: ساهتيه ڪويتا، ناول، ڪهاڻي، ناٽڪ، مضمون، ساهتيه جا ٻيا نثري روپ ۽ تنقيد ڏنل آهن. هيءُ ڪتاب، دراصل، هڪ تنقيدي گرنٿ آهي، جنهن کي اجوڪي سائنسي تبديلين ۽ ساهتيه جي نون قدرن جي آڌار تي، عالماڻي، انداز ۾ لکيو ويو آهي. اهڙا تنقيدي ڪتاب هند توڙي سنڌ ۾ گهٽ لکيا ٿا وڃن. اُن ڪري جديد ۽ قديم ساهتيه جي سنگم سان ادب جي، هاڻوڪن اصولن کي واضح ڪرڻ جي سخت ضرورت هئي، جنهن ڏس ۾ ليکڪ واکاڻ جوڳو پاڻ ملهايو آهي. هن ڪتاب جي هڪ اِها به خوبي آهي ته لائق ليکڪ دنيا جي لٽريچر جو گُوڙهو اڀياس ڪري، پرکي، پوءِ ويهي 'ساهتيه جي پرک' ڪتاب سرجيو آهي. اهڙيءَ طرح ڪتاب جي ورق، ورق تي دنيا جي مڃيل پارکن جا ساهتيه بابت دليل ۽ ويچار موجود آهن. مثال طور، ميٿيو آرنالڊ ساهتيه کي زندگيءَ جي نڪتچيني ڪوٺيو آهي، ته جرمن دانشور هيگل اڳيان ادب هڪ اهڙا تاريخ آهي، جنهن مان ڪنهن به ملڪ يا

sindhsalamat.com

قوم جي وقت به وقت بدلجندڙن قدرن جون لفظن ۾ چٽيل تصويرون پسي سگهجن.

هر زبان کي ادبي اصطلاحن جو ذخيرو (Literary terminology) پنهنجو ٿيندو آهي ۽ اهڙا اصطلاح (Phrases) پنهنجو روپ وٺي، صدين جي سفر ۾ ادبي حلقن ۾ ڄاتا ۽ سڃاتا ويندا آهن. جيڪڏهن ڪا تبديلي يا پيچ-ڊاهه ٿيندي به آهي، ته اُها سائنسي ترقي ۽ سماجي تبديلين ڪري وجود ۾ ايندي آهي. هن ڪتاب ۾ ادبي اصطلاح ۽ استعارا گهڻي ڀاڱي هندي زبان مان کنيا ويا آهن. جيئن ته: يٿارٿواد، وياڪيا، نرماڻ انوسار، آڌياتمڪ انڀوُ، آتم ڪوچ، منورنجن، آستا، چرم-سيما، گهٽنا، سمانتا، پاتر، منوو گيانڪ وغيره ڪيڏو نه سٺو ۽ سياويڪ هجي ها، جيڪڏهن سنڌ جي اديبن کي ڌيان ۾ رکي، هندي لفظن ۽ اصطلاحن جي ڏنگين ۾ معنيٰ ڏني وڃي ها. اها ٻي ڳالهه آهي ته هتي سنڌ ۾ به ٻوليءَ جو بگاڙو ٿي رهيو آهي. اڳ فارسيءَ جا دقيق لفظ ادب ۾ ٺنبيا ويندا هئا، جن جي جيتري گهڻي پرمار ڪئي ويندي هئي، ته اوترو ئي ان اديب کي وڏو اديب سمجهيو ويندو هو ۽ اڄڪلهه اُردوءَ ۽ بگڙيل لفظن کي ادب ۾ ڪتب آندو وڃي ٿو، اهوئي سبب آهي، جو هتي سنڌ ۾ ڪيترن اديبن جون تخليقون ڦٽل يا ڪريل کير جهڙيون پيون لڳن، خاص ڪري ڪراچي شهر جي حوالي سان'آني' کي 'انڊو' 'پٽاٽي' کي 'آلو'، 'هرٻي' کي 'ميٿي'، 'لوٽڪ' کي 'قلفو'، 'ڏنئري' کي 'دهي'، 'منهنجي دل' کي'منهنجو دل' ۽ 'رتيديري' ۾ ڪتن جو آزار' کي 'رتديرو ۾ ڪتن جو آزار' لکجي ۽ ڳالهائجي رهيا آهن. هوڏانهن هند ۾ وري هندي لفظن ۽ محاورن سان سنڌي زبان کي بگاڙيو وڃي ٿو، جنهن جو خاص سبب هنديءَ ۾ ڇٽاپيٽي امتحان (competative examinations) پاس ڪرڻ آهي. پر پوءِ به اسان ڏسون

books.sindhsalamat.com

تہ تي سنڌ ۾ جنم وٺندڙ سنڌي ڀارت ۾ اڄ بہ نيٺ سنڌي ڀيا لکن ۽ ڳالهائين. هنن پنهنجي امان جيجل جي ٻوليءَ کي ٽيونجاهہ سال گذرڻ کان پوءِ بہ سنڀالي رکيو آهي.

متي ذکر ڪيل ڪتاب جي اٺن(8)مضمونن مان چونڊ ڪري، ساهتيہ جي جديد لاڙن ۽ قدرن (values) جي آڌار تي، اسان هيٺ ليکڪ جا واضح ڪيل ۽ تراشيل(Newly - shaped) رهنما اصول ساهتيہ جي تشريح ۽ ڏاهپ ڀريا نقطا ٿا پيش ڪيون:

1. جڏهن تخليقڪار جي من ۾ اظهار جون لهرون پيدا ٿين ٿيون ۽ سندس اندر ۾ آنڌ مانڌ مچي ٿي، تڏهن هو پنهنجن جذبن ۽ ويچارن کي لفظن جي سهاري، پڙهندڙن تائين پهچائي ٿو.
2. هر ادبي تحقيق مان تخليقڪار جي شخصيت جي صاف جهلڪ ملندي آهي.
3. جيئن سندرتا سان سينگار جو ميلاپ، سون تي سهاڳي جو ڪم ڪندو آهي، تيئن فڪر جي گهرائي بہ ساهتيہ جي سونهن وڌائي ڇڏي ٿي.
4. ساهتيہ سماج جو آئينو آهي، جنهن ۾، هر قوم ۽ سماج جي گڻن ۽ اوگڻن جو عڪس نظر ايندو آهي.
5. سرجڻهار جي رچنائن جي پرک جي سڀ کان وڏي ڪسوٽي اِها هئي، تہ ڏسجي تہ هنجي ويچارن ۾ ڪيتري نواڻ ۽ ڪيتري گهرائي آهي.
6. ائين هروڀرو ضروري ناهي تہ ليکڪ پنهنجي رچنا جو اُتساهہ پنهنجي سماج مان کڻي-سندر رچنا لاءِ هن اڳيان پرڪرتي جو وشال سنسار بہ موجود آهي.
7. حقيقت نگاريءَ واري رچنا، هن ڌرتيءَ تي رهندڙن بابت

sindhsalamat.com

۽ ڌرتيءَ وارن لاءِ هوندي آهي. اُها نہ هوائي هوندي آهي، نہ اُن ۾ آسماني ڳل ٽڙيل هوندا آهن.

8. ليڪن هڪ شاهر اُنهن ماڪ - ڦڙن ۾ ڪڏهن موتين جي چمڪ ڀسي ٿو تہ ڪڏهن اُنهن کي گنگا جل جي پاڪائيءَ سان ڀيٽي ٿو نہ صرف ايترو، پر ڪڏهن هو اُنهن کي ڪروڙا جا ڳوڙها چوي ٿو، تہ ڪڏهن اُنهن ۾ ستارن جي سندرتا ڀسي ٿو.
9. ڪويتا، زندگيءَ سان جيتري جڙيل هوندي، اوتري اُها پياري لڳندي، اُتم ادب ۾ شمار ٿيندي.... ڪوي جو آنند صرف ڪويءَ تائين محدود نٿو رهي، اُهو ٻين کي بہ آنند پهچائي ٿو. سڄو شاعر اُهو آهي، جو پنهنجي چٽنگ سان ٻري بہ سگهي، تہ ٻين کي بہ ٻاري سگهي.
10. ڪويءَ جا سڀ کان مڌر گيت اُهي آهن، جن ۾ درد سمايل آهي . (شيلي)
11. نثر گهڻي ڀاڱي دماغ جي شيءِ آهي ۽ نظم جو دل جي زبان تي زور هوندو آهي.
12. ناول زندگيءَ جي تلاش آهي. جيڪي ڪجهہ اسان آهيون، اُن ڳالهہ تي ناول زور ڏيئي ٿو. اِن ڪري هي ساهتيہ روپ زندگيءَ جي حقيقت جي ويجهو آهي.
13. فني يا علمي اعتبارکان ناول جا عناصر آهن: ڪٿا، ڪردار، ڪردار نگاري، گفتگو، ماحول، زبان جي رواني عبارت ۽ مقصديت.
14. ڪلاڪار پنهنجي تخليق ۾ائين آهي، جيئن هن جڳ ۾ خلقڻهار، جو هر هنڌ موجود آهي، پر ظاهر ڪٿي بہ ناهي.
15. ناول اڄ جي زندگيءَ جو ڀاڃو ناهي، پر زندگيءَ جو روپ آهي.

books.sindhsalamat.com

16. ڪهاڻي ننڍي نثر ۾ لکيل ، هڪ اهڙي رچنا آهي، جنهن جي پڙهڻ ۾ اڌ ڪلاڪ کان وٺي هڪ يا ٻه ڪلاڪ لڳن ٿا (ايڊ گرايلن پو).

17. ڪا بہ ننڍي رچنا، جيڪا ويهن منٽن جي اندر پڙهي پوري ڪري سگهجي، تنهن کي ڪهاڻي چئي سگهجي ٿو. (ايچ. جي. ويلس).

18. ڪهاڻيءَ لاءِ پلاٽ ڳولهڻ واسطي ليکڪ کي ڪيڏانهن پري وڃڻو نٿو پوي. اسانجي چوطرف پکڙيل زندگيءَ ۾ ئي، ڪهاڻين جا بيشمار پلاٽ موجود آهن. جنهن ڪلاڪار جيون کي گهرائيءَ سان جاچيو آهي، جيڪو اکيون کولي هلي ٿو، اُن کي زندگيءَ جي قدم ، قدم تي ڪهاڻين جا پلاٽ نظر اچن ٿا.

19. ناول ۾ ليکڪ پڙهندڙن کي ڪيترين ئي جڳهين جو سير ڪرائي سگهي ٿو، ڪيترائي منظر ڏيکاري سگهي ٿو، پر ڪهاڻيءَ ۾ ائين ناهي.

20. ناول نويس، صرف اُها جهرڪي ئي نٿو ڏسي، جنهن کي ڪيس نشانو بڻائڻو آهي، پر اُن جهرڪيءَ سان گڏوگڏ وڻ تي ويٺل ٻيون جهرڪيون ۽ اُن جي آسپاس جا نظارا ۽ جيستائين اُن جي نظر وڃي سگهي ٿي، ڏسي ٿو. ٻئي پاسي ، ڪهاڻيڪار نشان کي يقيني بڻائڻ لاءِ صرف پکيءَ جي اک تي وڏ ۾ وڏ اُن جي منهن کي نشانو بڻائي، تير ڇوڙي ٿو.

21. ناٽڪ اسان جي حقيقي زندگيءَ جي تمام ويجهو آهي. اسانجي زندگيءَ ۽ سماج سان اُن جو گهرو تعلق آهي. ناول ۽ ڪهاڻيءَ ڪانپوءِ، ناٽڪ ئي اهڙي ساهتيہ صنف

آهي، جا عوام جي دلين کي ڏوڏڻ جي قوت رکي ٿي.

22. ناٽڪ-ڪلا، اسٽيج جي فن سان جڙيل آهي. ناٽڪ - نويس، ناٽڪ جي رچنا ڪري ٿو، تہ وري هدايتڪار اُن ناٽڪ کي درشيہ جي روپ ۾، ڏسندڙن اڳيان پيش ڪري ٿو. هدايتڪار، ناٽڪ جي ڪهاڻيءَ ۾ اداڪارن جي اداڪاريءَ ۽ ٻين وسيلن جي استعمال سان جان وجهي ٿو.

23. مونٽين (Montaigne) سورهين صديءَ جو فرانسي ليکڪ مضمون نگاريءَ جو 'ابو' ليکيو وڃي ٿو.

24. سنڌي نثر جي پيڙه مرزا قليچ بيگ ۽ ڪوڙيمل چندنمل وڌي، پر نثر جا چار ٿنڀا، پرمانند ميوارام، ڀيرومل مهرچند، جيٺمل پرسرام ۽ لالچند امرڏنومل مڃيا وڃن ٿا.

25. جيڪڏهن ڪنهن ليکڪ يا شاعر جي مهارت پرکڻي آهي، تہ مضمون ئي ان جي ڪسوٽي آهي. (آچاريہ رامچندر)

26. آتم-ڪٿا ڪنهن اڪيلي شخص جي ڪهاڻي نہ هوندي آهي، پر ان ۾ ٻين ڪيترن شخصن جون ڪهاڻيون بہ شامل هونديون آهن.

27. سنڌيءَ ۾ موهن ڪلپنا جي 'ٻک، عشق ۽ ادب' گوبند مالهيءَ جي 'ادب ۽ اديب' ۽ هري دلگير جي 'چولو منهنجي چڪ ۾'، ريٽا شهاڻيءَ جي 'گهنڊ ڇاڻ وڳو' ۽ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو 'ڪجهہ ڀڏايم - ڪجهہ لڪايم.' مثالي آتم - ڪٿائون آهن.

28. ساهتيہ جا ٻہ روپ آهن، هڪ تخليقي روپ، جنهن ۾ ڪويتا، ڪهاڻي، ناول وغيره اچي وڃن ٿا، ٻيو اُنجو تنقيدي روپ آهي، جنهن ۾ ادب جي اصولن موجب چنڊ ڇاڻ ڪئي ويندي آهي.

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

29. ادب جي ترقيءَ جو دارو مدار، تنقيد تي ٿي آهي. اُن جي عدم موجودگيءَ ۾ يا ته ادب جي ترقي رڪجي ويندي يا ادب غلط راهه اختيار ڪندو.(چائو ينگ)

30. تنقيد جا ڪيترا ئي قسم آهن. هڪ تاثراتي تنقيد (Subejctive Criticism) ٻيو اصولي تنقيد (Speculative Criticism) مغربي ملڪن ۾ افلاطون، لانجائنس، دانتي، ڪولرج، ڪروچي، آر-اي-رچرڊس وغيره اصولي تنقيد سان لکڻين کي مالا مال ڪيو آهي.

جڳديش لڇاڻي لکي ٿو "18 نومبر 2000ع راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد پاران ساليانه ايوارڊ اُتسو جئه هند ڪاليج آڊيٽوريم، چرچگيٽ، ممبئيءَ ۾، شري لعل ڪرشن آڏواڻي، هانربل هوم منسٽر جي هٿان سنڌي ليکڪن ۽ ليکڪائن کي انعام عطا ڪيا ويا هئا. مون کي 'ساهته جي پرک' تي انعام عطا ڪيو ويو. "4ڊسمبر 1997ع ۾، هن ڪتاب جو مهورت ممبئي يونيورسٽيءَ طرفان منعقد سيمينار دوران، آغا سليم ڪيو هو. هن کان اڳ مهاراشٽر راجيه سنڌي ساهتيه اڪاديمي طرفان 26 فيبروري 1999ع ۾ ناگپور ۾ ٿيل انعامي جلسي ۾ منهنجي ڪتاب 'ساهتيه جي پرک' کي سال جي بهترين ڪتاب جي حيثيت ۾ انعام عطا ٿي چڪو هو. "

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

10

عملي آلوچنا

”سنڌي ادب جي روپ ريکا“ [1] جڳديش لڇاڻيءَ جي ڇهن ادبي مضمونن جو مجموعو آهي. سنڌي شعر، سنڌي ڪهاڻي، سنڌي اُپنياس، سنڌي ناٽڪ، سنڌي ايڪانڪي ۽ سنڌي تنقيد. هنن سڀني مضمونن ۾ ليکڪ سنڌي ساهتيه جي جدا جدا شاخن تي عالماڻه نموني روشني وڌي آهي. مضمونن جو سلسلو اهڙي نموني رکيل آهي، جو سنڌي ساهتيه جو اِتهاس پيو لڳي. هن ڪتاب جا سڀيئي مضمون تنقيدي آهن ۽ تنقيد جو کرو ۽ چست روپ پيش ڪن ٿا. شروعاتي دور کان وٺي جديد دور تائين سنڌي ساهتيه جي مکيه ڌارائن، پرورتين ۽ رچنائن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ تي ڪتاب جو مکيه مقصد آهي. سنڌي ساهتيه جي سندر جهانڪيءَ لاءِ دادو لڇاڻي واڌاين جو حقدار آهي.

جڳديش لڇاڻي سنڌي شعر ۾ ليکراج عزيز لاءِ چوي ٿو، ”عزيز کي نرشاعر ڪري ڪوٺيو ويندو آهي؛ جو جو هو هر ڪنهن کي منهن تي ٺيڪ ٺيڪ چئي ڏيندو آهي. هو ڪنهن جي لِڪي چپي ڪانه ڪري. پر ڪمال فن جو صاحب هوندي به هو پاڻ کي جنتا ۾ لوڪپريه ڪوي ثابت نه ڪري سگهيو آهي. عربي ۽ پارسيءَ جو ودوان هئڻ ڪري، سندس شعر ۾ عربي ۽ پارسي لفظن جي پرمار هوندي آهي. سندس شعر کي سمجهڻ لاءِ ڪيترين ئي جڳهين تي، خود سندس ئي تشريح جي ضرورت پوندي آهي. پر رفته رفته عزيز صاحب پنهنجي شعر کي وڌيڪ سرل، سليس ۽ سلوڻو بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. سندس

1. جڳديش لڇاڻي: سنڌي ادب جي روپ - ريکا. پبلشر: وينا لڇاڻي، اُلهاسنگر. 1966ع

تازو شعر ڪافي سرل، سليس ۽ وڻندڙ آهي:

ڪو درد بڻي دل ۾ گذاري ته ڇا ڪريان
ويهي اُتي وهاري اُتاري ته ڇا ڪريان.“ [2]

جڳديش لڇاڻي ڪهاڻيءَ بابت لکي ٿو، ”جيون هڪ ڪهاڻي آهي. ماڻهوءَ ۾ جڏهن سمجهه آئي هوندي، تڏهن کان ئي هن سوچڻ شروع ڪيو هوندو - ”مان ڪير آهيان؟ ڪٿان ۽ ڇو آيو آهيان؟ هيءُ منهنجي چوطرف ڇا پکڙيل آهي؟“ ۽ پوءِ اُنهن سوالن جا جواب ڳولهيندي ڳولهيندي، هن جواب به پاڻ ئي ڏيڻ شروع ڪيا هوندا. اهو سلسلو اڃا تائين چالو آهي، نه سوال ئي ختم ٿا ٿين ۽ نه سندن جواب ئي. هرهڪ جواب مان هڪ نئون سوال پيو پيدا ٿئي ۽ انهن سوالن - جوابن جي سلسلي مان نڪري، هي وراٽ جيون چوطرف پکڙجي ويو آهي. ان ۾ جاڻڻ جي اِڇا به آهي ته پنهنجي ڳالهه چوڻ جي، پاڻ کي ظاهر ڪرڻ جي ڀاونا به. اِنهيءَ چوڻ ۽ جاڻڻ جي ڀاونا ئي ڪهاڻيءَ کي جنم ڏنو آهي.“ [3]

”سنڌي ادب جي روپ - ريکا“ جو ٽيون مضمون آهي سنڌي ناول. مضمون جي پڇاڙيءَ ۾ جڳديش لڇاڻيءَ لکيو آهي، ”سنڌي اُپنياس- ساهت، گذريل ڇئن پنجن ڏهاڪن ۾ ڪافي ترقي ڪئي آهي. اها اسان کي ڄاڻ آهي ته ڪنهن به ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ چاليهه يا پنجاهه سال ٿورا آهن. فرينچ، رشين ۽ انگريزي وغيره جي اُپنياس ساهت پنيان جتي سو سالن جي لنبي پرشت ڀومي آهي، اُتي اسان جو سنڌي ناول مشڪل سان چاليهه - پنجاهه سال پراڻو آهي. اڃا ته اسان جو اُپنياس- ساهت

2. سنڌي ادب جي روپ - ريکا. ص 40.
3. سنڌيادب جي روپ - ريکا . ص. 52-51

ڀال اوسٽا پار ڪري قوه جوانيءَ ۾ آيو ٿي ڪونهي، تنهن ڪري اسان لاءِ نراش ٿيڻ جو ڪو سبب ڪونهي.“[4]

ناٽڪ درشيہ - ڪاويہ آهي. ليکڪ چوي ٿو ”سنڌي ناٽڪ جي ترقي خاطر خواه نموني نہ ٿي آهي، ان لاءِ صرف ساهتيڪارن کي ٿي ڏوهہ ڏيڻ مناسب ناهي. ان لاءِ گهڻي قدر جوابدار اسان جون حالتون آهن. سنڌي سڄي دنيا ۾ ٽڙيل پکڙيل آهن. اسان اڃا Play Conscious نہ ٿيا آهيون. ڀارت ۾ جتي بينگالي، مرهٽي، گجراتي ۽ هندي اسٽيج ڪافي اڳتي وڌيل آهي، اُتي سنڌيءَ ۾ اسٽيج يا رنگمنچ جو اڀاوُ آهي. اسان وٽ ٿيٽر جي ڪمي هڪ طرف آهي تہ درشڪن جي کوٽ ٻي طرف ۽ وري ناٽڪ منڊلين جي اڻاٺ ٽين طرف آهي. اهوئي سبب آهي جو سنڌي ناٽڪ ڪافي پٺتي رهجي ويو آهي.“[5]

سنڌي ايڪانڪيءَ ۾ جڳديش لڇاڻي ايڪانڪيءَ جي وصف هيئن ٿو مقرر ڪري: ’ايڪانڪي مانو - جيون جي ڪنهن مکيہ واقعي يا اهم سيرت جو ٿي چٽر چٽيندي آهي. ايڪانڪي ناٽڪ هڪ مکيہ ويچار (Idea)، مسئلو (Problem) ۽ مقرر مقصد (Aim) هڪ ٿي اهم گهٽنا ۽ خاص حالت مان پيدا ڪندو آهي. هن ۾ هڪ کان وڌيڪ گهٽنائن ۽ پهلوئن تي روشني نٿي وجهي سگهجي، ڇو تہ نہ رڳو هن جو دائرو محدود هوندو آهي. پر ايڪانڪي - ليکڪ کي وقت جو بہ ڌيان رکڻو آهي.“[6]

”سنڌي ادب جي روپ-ريکا“ جو آخرين مضمون آهي ’سنڌي تنقيد‘. ليکڪ هن مضمون ۾ تنقيد جي چٽي چوکي

4. سنڌي ادب جي روپ - ريکا. ص 106.
5. سنڌيادب جي روپ - ريکا . ص. 112
6. سنڌيادب جي روپ - ريکا . ص. 116

sindhsalamat.com

وضاحت ڪئي آهي. هند سنڌ جي ڪيترن عالمن جا حوالا پيش ڪيا آهن. تنقيد جي قسمن کان پوءِ، هن سنڌيءَ جي نقادن کي ذڪر هيٺ آندو آهي. ورهاڱي بعد جن ترقي پسند اديبن سنڌي تنقيد تي گهڻي ۾ گهڻا احسان ڪيا آهن، اُنهن ۾ مکيہ آهن - ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي ۽ اُتم. جينوئيڪ ترقي پسند ادب ۾ پرچار ۽ پروپيگنڊا جي ڀرمار آهي. پر تنهن هوندي بہ تنقيدي کيتر ۾ ترقي پسند آلوچڪن ساهت جي جيڪا خدمت ڪئي آهي، سا هرگز وسارڻ جي ڪانهي. اها تہ - مورتي بيحد ٿي جنوني هئي. انهن جي ادب کي ترقي پسند جو ليبل لڳائي، نظرانداز ڪرڻ واجب نہ آهي.[7]

جڳديش لڇاڻي ليکراج عزيز لاءِ چوي ٿو، ”ڊاڪٽر جانسن جيان عزيز صاحب بہ پنهنجي وقت جو تاناشاهہ آهي. هنجي فيصلي خلاف ڪنهن بہ ڪورٽ ۾ اپيل نٿي ڪري سگهجي. هن صاحب پنهنجي ويچارن جو اظهار تمام زوردار ٻوليءَ ۾ ڪيو آهي. هن جي آلوچنائن مان سندس ٻي ڊپائي پئي بڪي. هن جون آلوچنائون سندس ودوتا جي ساک ڀرن ٿيون. وشيہ جي گهري ڄاڻ ۽ ٻوليءَ تي دسترس، عزيز صاحب جي تنقيد جون ٻہ مکيہ خوبيون آهن.“[8]

منگهارام ملڪاڻيءَ لاءِ چوي ٿو، ”گڻ - دوش جي طريقي کي اپنائي، پروفيسر صاحب ڪافي انداز ۾ تنقيدي ساهت پيدا ڪيو آهي. اِتهاسڪ ۽ سڌانتڪ تنقيد جي کيتر ۾ پروفيسر ملڪاڻيءَ جون ڪوششون سچ پچ داد جي مستحق آهن.“[9]

7. سنڌي ادب جي روپ - ريکا. ص 163.
8. سنڌيادب جي روپ - ريکا . ص. 167
9. سنڌيادب جي روپ - ريکا . ص. 168

books.sindhsalamat.com

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ لاءِ وري سندس رايو آهي، ’سنڌي ادب ۾ وياڪياتمڪ آلوچنا جي شروعات صحيح ڍنگ سان هن صاحب ڪئي. هيءُ صاحب وڏو عالم آهي ۽ سنڌي شعر جي گهري ڄاڻ اٿس. هن صاحب سنڌيءَ جي سنت ۽ صوفي شاعرن تي ڪافي وستار سان لکيو آهي. هن جا شاهه سچل، سامي ۽ بيدل تي لکيل وياڪياتمڪ تنقيدي ڪتاب سندس علميت ۽ گهري ادبي ڄاڻ جي ساک ڀرن ٿا. ڀاوناٿن، ويچارن، ٻوليءَ، عبارت ۽ ساهت پرمپرا جي وياڪيا پروفيسر صاحب ڌيرج ۽ گنڀير نموني ڪئي آهي، شاعرن جي شعر ۾ اندر پيهي لطف وٺڻ ۽ وٺائڻ ۾ پروفيسر صاحب بيحد ڪامياب ويو آهي.‘‘ [10]

ڪتاب جي ادبي جڳت ۾ آجيان ٿي هئي. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ (3.12.1966) لکيو ’’جڳديش لڇاڻيءَ جي پهرين تنقيدي ڪتاب ’آدبي شناس‘ کان سندس ٻيون ڪتاب ’سنڌي ادب جي روپ - ريکا‘ وڌيڪ پڪو پختو آهي. سنڌي ساهت جي علحدين شاخن جا مکيہ اصول سمجهائڻ ۽ اُنهن جا مکيہ تاريخي تفصيل ڏئي ڪري پيش ڪرڻ سان شري لڇاڻيءَ سنڌي ساهت جي سيوا ڪئي آهي. سنڌي نثر جي ڪنهن بہ مڪمل تاريخ جي غير موجودگيءَ ۾، هيءَ روپ-ريکا ليکڪن توڙي شاگردن لاءِ بيشڪ ڪارائتي ٿيندي.‘ [11]

پروفيسر لال سنگهہ اجواڻيءَ 18 مئيءَ 1971ع ۾ لکيو ’..... مونکي هن ڪتاب مان رس آيو، پر چٽڪ ڪا مٿڱڙن-

10. سنڌي ادب جي روپ - ريکا. ص 170.
11. حوالو جڳديش لڇاڻيءَ جي اُصول ۽ آلوچنا مان ڪنيل.

آرٽيڪل تي پڙهيم.... هن قسم جو پستڪ سنڌي ساهتيہ ۾ يگانو آهي ۽ تنهن لاءِ اوهان کي ڌنيواد ملڻ کپي.‘ [12]

اي.جي اُتم ’سنڌي ڪهاڻي، ناٽڪ ۽ تنقيد‘ ڪتاب ۾ لکيو آهي، ’’جڳديش لڇاڻيءَ ٿي پهرين سنڌي شعر، ڪهاڻي، ناول، ناٽڪ، ايڪانڪي ۽ تنقيد جي مختصر اوسر تي مڪمل ڪتاب ’سنڌي ادب جي روپ- ريکا‘ (1966) لکيو، جيڪو داد لائق آهي. هن پوءِ ادب جي اصولن ۽ عملي آلوچنا تي ڪتاب لکيو ’اصول ۽ آلوچنا‘ (1973). هن تي ترقي پسند جو اثر ظاهر آهي. جيئن هن ترقي پسند نقادن جا رايا ۽ حوالا ڏنا آهن تہ هنن جي دين بہ قبولي آهي.‘ [13]

جڳديش لڇاڻيءَ جو ’اصول ۽ آلوچنا‘ [14] اصولي ۽ تنقيدي ڪتاب آهي. ادبي اصولن سان گڏ وهنوارڪ تنقيد کي بہ هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

12. حوالو جڳديش اُصول ۽ آلوچنا مان ڪنيل.
13 اي.جي. اُتم: سنڌي ڪهاڻي، ناٽڪ ۽ تنقيد. نئين دنيا پبليڪيشن، ممبئي. ٻيو ڇاپو. فيبروري 1983ع
14. جڳديش لڇاڻي، اصول ۽ آلوچنا، ويڙا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. جولاءِ 1973ع

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

11

مضمون، مقالا ۽ تبصرا

’اَدبي تصويرون‘ [1] ساهتيه ۽ ساهتيڪار جي سِري سان ڏنل جڳديش لڇاڻيءَ جا ريڊيو - ٽاڪ آهن: هري دلگير، پوپٽي هيراننداڻي، ارجن ميرچنداڻي شاد، ايم. ڪمل گوورڌن محبوباڻي ڀارتي ۽ ايشور آنچل. اِنهن کي جي ادبي خاڪا چيو وڃي تہ بہ غلط نہ ٿيندو. ساهتيڪارن جي چونڊ ۾ جڳديش جو هٿ ڪونهي. هي سڀيئي ساهتيڪار، مرڪزي ساهتيہ اڪادميءَ پاران انعام حاصل ڪيل آهن. جڳديش لڇاڻي ادبي تصويرن ۾ جن ساهتيڪارن جو ادبي تصويرون ڪڍيون آهن، اُهي دلچسپ آهن ۽ ساهتيڪارن جي سٺي ڄاڻ مهيا ڪن ٿيون.

”جوڳيئڙا جهان ۾“ [2] ۾ جڳديش لڇاڻيءَ جا ڪجهہ ريڊيو ٽاڪ آهن ۽ ڪجهہ ادبي سيمينارن ۾ پڙهيل مقالا! اُن سان گڏ سنڌ جي ڳائڪا عابدہ پروين ڪان ورتل انٽرويو بہ هن ۾ شامل آهي. ڪتاب جي فهرست ڪجهہ هن طرح آهي:

1. منگهارام ملڪاڻي ۽ سنڌي ايڪانڪي
2. پوپٽي هيراننداڻي - هڪ مضمون نويسہ
3. ڪهاڻي ڪار پروفيسر رام پنجواڻي
4. ناول نويس گوبند مالهي
5. ايم ڪمل جي شخصيت - ناٽڪ ۽ نئين ڪويتاجي حوالي ۾
6. شاعر پريو وفا

1. جڳديش لڇاڻي: ادبي تصويرون. ويڻا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن 1999ع
2. جڳديش لڇاڻي: جوڳيئڙا جهان ۾. ويڻا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن 2000ع

sindhsalamat.com

7. سسئي
8. مارئي
9. عابده پروين سان ڳالهہ ٻوله

جڳديش لڇاڻي لکي ٿو، ’اِنهن ادبي رچنائن ۾ مون پنهنجي سمجهہ، اڀياس ۽ آزمودي موجب وشيہ وستار ڪيو آهي. الڳہ الڳہ ادبي حضرات تي قلم هلائيندي ساڻن واسطيدار صنفن جي اصولن جو بہ مختصر بيان ڪيو آهي. هيءُ تمام مقالا، تحقيق جي ميدان سان وابستہ آهن، جتي ڪابہ ڳالهہ حتمي ال آخر نہ هوندي آهي.“

جڏهن دادوُ لڇاڻيءَ جي ڪتابن مان وڏا وڏا عالم حوالا پيش ڪندا آهن، تہ اسان کي فخر جو احساس ٿئي ٿو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا، گوبند مالهي - شخص ۽ اديب [3] ۾ ”جوڳيئڙا جهان ۾“ ڪتاب کي هيٺئين ڪوٽ ڪيو آهي، ”منهنجي راءِ ۾، مقال نگار کي، مالهيءَ ۾ ڪتاب پڙهڻ ۽ لکڻ جي چوس پيدا ڪرڻ واري ذڪر کان پوءِ، ناول جي معنيٰ، مفهوم، ناول جي مقصدن، فني خوبين ۽ خاص ڪري ورهاڱي کان اڳ ۽ ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ناول جي ابتدا ۽ اوسر جي باري ۾ مختصر روشني وجهڻ گهرجي ها.ان سلسلي ۾ ڀارت جي مشهور سنڌي نقاد جڳديش لڇاڻيءَ جي ڪيل ذڪر کي، پنهنجي ٿيسز جي ٻئي باب جي شروع ۾ شامل ڪري ها. لڇاڻيءَ پنهنجو اهو بيان، سندس ڪتاب ”جوڳيئڙا جهان ۾“ صفحي 50 تي، ’ناول نويس مالهي‘، واري عنوان هيٺ ڏنو آهي. پنهنجي مذڪوره راءِ ۾ لڇاڻيءَ فرمايو آهي تہ،”انساني من جي گهرائيءَ کان وٺي، هن وسيع سنسار جا سمورا ڪارناما، ناول جي دائري اندر اچي وڃن ٿا. ائين تہ دنيوي حقيقت جو اظهار شعر ۽ ناٽڪ ۾ بہ

3. منوهر متلاڻيءَ جي ٿيسز.

books.sindhsalamat.com

ٿيندو آهي. پر ناول ۾ ان جو اظهار وڌيڪ مڪمل ۽ پراثر هوندو آهي. شاعريءَ ۾ خيالات ۽ احساسات تي زور هوندو آهي. پر ناول ۾ حقيقي زندگيءَ کي وڏي اهميت آهي. ناول-نويس، زندگيءَ جي تمام ننڍين ۽ خسيس حقيقتن جو اظهار بہ تمام چٽائيءَ ۽ صفائيءَ سان ڪري ٿو. ٻين فنڪارن جيان ناول نويس بہ رچناڪار آهي. هو زندگيءَ کي جيئن ڏسي ٿو، اهڙا ئي ماڊل پنهنجي رچنائن ۾ پيش ڪري ٿو. هو پنهنجن آزمودن ۽ ڀوڳيل سچ کي حقيقي حالتن ۽ ماحول مطابق ڪردارن ذريعي پيش ڪري ٿو. اڄ جو ناول نگار، خيالي دنيا کان پرهيز ڪندي، سماجي ۽ شخصي زندگيءَ جا عڪس چٽڻ لڳو آهي.'' (4)

ساڳئي ڪتاب، 'جوڳيئڙا جهان ۾' ساڳئي صفحي (صفحو 50) تي جڳديش لڇاڻي، والٽر ايلن جي ڪتاب The novel and the People جي حوالي سان لکيو آهي تہ ''ناول رڳو افسانوي نثر نہ آهي، پر اهو زندگيءَ جو نثر آهي. ناول، لکڻ جي ڪلا جو روپ آهي، جنهن ۾ انسان جي مڪمل تصوير ملي ٿي ۽ سندس اظهار ٿئي ٿو. شعر، ناٽڪ، سنيما، چترڪاري ۽ موسيقيءَ وسيلي پيش ڪيل جيون يٿارٿ کان، ناول ۾ پيش ڪيل حقيقتن جا عناصر نرالي قسم جا آهن. مذڪوره ڪلائون، زندگيءَ جي حقيقتن جا ڪي اُهي پهلو پيش ڪن، جيڪي ناول جي پهچ کان پري آهن، پر پوءِ بہ ڪنهن هڪ شخص، استري يا ٻار جي مڪمل تصوير چٽڻ ۾ انهن مان ڪابہ ڪلا ايتري ڪارگر ڪانهي جيتري ناول ڪلا.

مون هن تحقيقي مقالي لاءِ بابن جي فهرست جي نئين سر سفارش ڪندي، پنهنجي سفارش ۾، باب پنجين ۾، ورهاڱي کانپوءِ 'ڀارت ۾ سنڌي ناول جي ابتدا ۽ اوسر' واري فن

4. ڊاڪٽر غلام علي الانا: گوبند مالهي - شخص ۽ اديب، مهاڳ ٿان. ص. 42-43

sindhsalamat.com

عنوان رکيو آهي. لائق محقق کي، مالهيءَ جي ناول نويسيءَ جي شروعات ڪندي ڀارت ۾ سنڌي ناول جي تاريخ تي مختصر روشني وجهڻ کپندي هئي. هن عنوان تي، لڇاڻيءَ ، پنهنجي مذڪوره ڪتاب 'جوڳيئڙا جهان ۾' 52, 53 صفحن تي تمام چڱي ڄاڻ ڏني آهي.

سنڌيءَ ۾ ناول نويسيءَ جي شروعات بہ يورپي ادب جي اثر هيٺ ٿي. سنڌ تي انگريزن جي حڪومت وارو دور، سنڌي زبان ۽ ادب لاءِ بيحد مُبارڪ ۽ ڪارآمد ثابت ٿيو. سنڌيلپيءَ جي وجود ۾ اَچڻ سان اڻويهين صديءَ جي پوين ڏهاڪن ۾ سنڌي نثر کي ڪافي اوسر ملي. انگريزن جي دور ۾ سنڌي سماج ۾ تعليم جي ميدان ۾ پڻ واڌارو ٿيو. هيئنر سنڌي ادب، پنهنجي تخليقي اظهارلاءِ نيون نيون صنفون تلاش ڪرڻ لڳو. انهن ضرورتن جي پيش نظر مرزا قليچ بيگ (1853-1929ع) سنڌي ادب جي اوسر ۾ هڪ اڻ وسرندڙ رول اَدا ڪيو. هن کي سنڌي زبان کي شاهوڪار بڻائڻ جو جنون هو. هن ڪيترين ٻولين مان ترجما ڪري سنڌي ساهت کي ڀرپور مالا مال ڪيو. در اصل سنڌي ادب ۾ ناول نگاريءَ جو بنياد بہ مرزا قليچ بيگ ئي وڌو ۽ پهريون اصلوڪو ناول 'زينت' 1890ع ۾ ميدان ادب تي آندو. اُن بعد لعلچند اَمرڏنومل، ڀيروُمل مهرچند ۽ ٻين ڪيترن ئي اديبن، ناول جي صنف تي قلم هلايو. ان صنف کي ويهين صديءَ جي شروعات ۾ ڪيترن ئي ترجمن سان مالا مال ڪيو ويو. ديسي وديشي ناولن جي ڪردارن ۽ ماحول کي سنڌي ويس پهرائيندي پيش ڪيو ويو. اَنگريزي، بينگالي، هندي ۽ اُردو ناول سنڌيءَ ۾ ڌڙاڌڙ اچڻ لڳا. شرتچندر، ٽيگور ۽ مُنشي پريمچند تہ سنڌين ۾ بيحد لوڪپريہ ثابت ٿيا. انهن جا لڳ ڀڳ تمام ناول سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي چُڪا آهن. اُن سان گڏوگڏ ڪجهہ اصلوڪا ناول بہ

books.sindhsalamat.com

لکيا ويا. اُن دور جا مکيہ ناول نويس هئا: شيوڪ ڀوڄراج - ’دادا شيام‘ ۽ ’آشيرواد‘، رام پنجواڻي - ’قيدي‘ ۽ ’لطيفہ‘، نارائڻداس ڀمڀاڻي - ’غريبن جو ورثو‘ ۽ ’پاپ ۽ پاڪيزگي‘، آسانند مامتورا جو ’شاعر‘ ۽ گُلي سدارنگاڻيءَ جو ’اتحاد‘ وغيرهہ. (5)

جگديش لڇاڻيءَ جي ’جوڳيئڙا جهان ۾‘ کي ڊاڪٽر غلام علي الانا مضمون جي حوالي ۾ بہ ڪوٽ ڪيو آهي، ”آءٌ جگديش لڇاڻيءَ جي، صنف مضمون جي باري ۾ بيان ڪيل وصف کي وڌيڪ درست، وڌيڪ صحيح ۽ وڌيڪ ڪارآمد ٿو سمجهان. انهيءَ ڪري چاهيان ٿو تہ هن مقالي جي مهاڳ ۾، لڇاڻي صاحب جي بيان ڪيل وصف کي دهرايان، جيڪا هن (لڇاڻيءَ) پنهنجي ڪتاب ’جوڳيئڙا جهان ۾‘صفحي 23، 24 تي ’ڀوپتي هيرانندڻاڻي - هڪ مضمون نويسہ‘ واري باب ۾ بيان ڪئي آهي. ڊاڪٽر لڇاڻي ’مضمون‘ واري صنف جي هيٺئن وضاحت ڪئي آهي.

... مضمون ادب جي اها شاخ آهي، جنهن ۾ ليکڪ پنهنجي شخصي ويچارن، انڀون، ڀاونائن ۽ جذبات جو اظهار، پنهنجي ٿي زباني ڪري ٿو. مضمون سڌون سڌو ليکڪ جو پاڻ سان دوبدو ٿي حال اورڻ جو بهترين ساڌن آهي. ان ڪري مضمون جي ڪاميابيءَ جو دارو مدار لکندڙ جي ٻولي، ان جي اظهار جي ڪلاتمڪ ڍنگ ۽ گهرائيءَ تي آهي. مضمون-نويس پنهنجي وسيع اڀياس، تجربي، ويچار ۽ احساس جو صحيح عڪس، پاڻکن جي دل ۽ دماغ تي وجهي، کين پاڻ سان گڏ وٺي هلندو آهي ۽ اُنهن سان گفتگو ڪندو آهي. ان گفتگوءَ مان پنهنجائپ جو آنند ايندو آهي.

اسان جي لائق نقاد کي ، لڇاڻيءَ جي هن وصف کي، پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ حوالي طور شامل ڪرڻ کپندو هو ۽ لڇاڻي صاحب جي ڄاڻايل وصف ۽ مضمون نويسيءَ لاءِ مقرر ڪيل دائري (Perspective) جي روشنيءَ ۾ گوبند مالهي صاحب جي مضمون نويسيءَ واري خصوصيت کي پرکڻ کپندو هو... پروفيسر لڇاڻيءَ پنهنجي مذڪوره باب ۾، مضمون نويسيءَ جا ٻيا بہ جيڪي اصول مقرر ڪيا آهن، اُنهن جي روشنيءَ ۾ قبول ڪرڻو پوندو تہ مالهي صاحب مضمون نہ پر مقالا، سفرناما، آتم ڪٿا، سوانح عمري لکي آهي؛ جن کي مضمون - نويسيءَ واري صنف جي دفعي ۾ هرگز داخل نٿو ڪري سگهجي ۽ جن مجموعن کي ڊاڪٽر منوهر ’مضمونن جا سنگره‘ ٿو سڏي؛ اُنهن سنگرهن ۾ شامل ڪيل سڀ صنفون، هرگز ۽ هرگز مضمون نہ آهن.“ (6)

ايڪانڪي ناٽڪ جي حوالي سان ڊاڪٽر غلام علي الانا ساڳئي مهاڳ ۾ لکي ٿو، ”لائق محقق، پنهنجي تحقيقي مقالي ۾، گوبند مالهيءَ جي ناٽڪ نويسيءَ جو ذڪر ڪندي اُنهن کي ايڪانڪي ’ناٽڪ‘ يا ’يڪ فصلہ ناٽڪ‘ سڏيو آهي. ايڪانڪي ناٽڪ جهڙي فني ’فقري‘ جي وصف سمجهائڻ کانسواءِ، شايد ئي ڪو اديب سنڌ ۾، انهيءَ فقري کان واقف هجي. يقين ڪريو تہ خود مونکي بہ اها خبر ڪانہ هئي تہ ’ايڪانکي ناٽڪ‘ ڇاکي چئبو آهي؟ آءٌ پاڻ بہ منجهيل هوس ۽ سوچي رهيو هوس تہ ’ايڪانکي ناٽڪ‘ فقرو، جڏهن مونکي خود بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ پوءِ، مالهيءَ جي ناٽڪ نويسيءَ جي باري ۾ آءٌ ڪهڙي راءِ ٿو ڏئي سگهان؟ منهنجي انهيءَ مونجهاري کي، حل ڪرڻ لاءِ ڏڪي سائينءَ منهنجي مدد ڪئي. ڀارت مان منهنجي ڀاءُ جگديش لڇاڻيءَ، 15 آگسٽ 2002ع تي

5. ڊاڪٽر غلام علي الانا : گوبند مالهي - شخص ۽ اديب، مهاڳ ٿان. ص. 44-45

6. ڊاڪٽر غلام علي الانا : گوبند مالهي - شخص ۽ اديب، مهاڳ ٿان. ص. 92-93

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

موڪلي، سندس مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب 'جوڳيئڙا جهان ۾' موڪليو هو. جيڪو عزيزم رڪيل مورائيءَ جي معرفت، اُنهن ئي ڏينهن ۾، موڪلي پهچايو ويو. ان ڪتاب جي مضمونن جي جڏهن فهرست پڙهيم، تڏهن منهنجي دل بهار بهار ٿي ويئي. هن ڪتاب جي پهرين مقالي ئي منهنجون سڀ شنڪائون آسان ڪري ڇڏيون. لڇاڻي صاحب جي هڪ مقالي 'ايڪانڪي ناٽڪ' واري فقري ڪي سمجهڻ لاءِ منهنجي مدد ڪئي. منهنجي دل مان، ياءُ لڇاڻي صاحب لاءِ دعائون نڪرڻ لڳيون.'' (ص. 107)

'ادبي تنقيد' [7] ۾ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جا ساهتيڪار تي ڏنل ريڊيو-ٽاڪ آهن ۽ نون ڪتابن تي ڪيل تبصرا به شامل آهن. ريڊيو - ٽاڪ آهن:

1. پوپٽي هيرانندڻي
2. ڪرشن راهي
3. هيرو شيوڪاڻي
4. سنڌي ادب - ڪالهه ۽ اڄ
5. مان پال - ڪهاڻيون ڪيئن لکندو آهيان؟

۽ هيٺين ڪتابن تي تاثرات شامل آهي:

1. پوپٽي هيرانندڻيءَ جو سنڌي نرتيه ناٽڪائون ۽ ٻهڪ.
2. ايم.ڪمل جو چونڊ ڪلام
3. واسديو موهيءَ جو ڇهنب ۾ ڪُڪ
4. وينا شرنگيءَ جو وايون وڻجارن جون
5. لعل پشپ جو آتم-جيوني-ناول-تواريخ

ليکڪ جڳديش لڇاڻيءَ 'پيش لفظ' ۾ لکيو آهي، 'ادبي تنقيد مجموعي ۾ منهنجا ريڊيو-ٽاڪ ۽ ڪتابي تبصرا شامل آهن. اهي سڀيئي مضمون، ادبي تنقيد سان وابسته آهن. مون انهن مضمونن ۾، ادب جي نقط نظر کان، صحتمند ڪٿ ڪرڻ جي، ممڪن حد تائين ڪوشش ڪئي آهي.'

'ادبي رهاڻ' [8] ۾ جڳديش لڇاڻيءَ جا نيشنل ۽ انٽر نيشنل ڪانفرنسن ۾ پڙهيل ڪجهه مقالا آهن ته ڪجهه ڪتابي تبصرا آهن، جيڪي آڪاشواڻي ممبئيءَ تان نشر ٿيل آهن. ٻنسي خوبچنداڻي پنهنجي ڪتاب 'اکرن جي سرهاڻ' ۾ ادبي رهاڻ لاءِ لکي ٿو، ''ليکڪ جو پهريون مقالو 'ادب ۾ تصوف' جيڪو هنن سادو واسواڻي مشن، پٽي پاران سڏايل سنڌي سميلن ۾ پڙهيو هو، هڪ اعليٰ درجي جي رچنا آهي، جنهن ۾ ليکڪ جي گهري اڀياس، اڻٽڪ محبت، وشيه سان پوري نموني نباهڻ جي لگن، تز ٻولي ۽ رٿائتي نموني پنهنجي ڳالهه کي پيش ڪرڻ جو ڏانءُ بخوبي نمايان آهي.'' ليکڪ چواڻي: ''تصوف (Tasawwuf) اسان سنڌين جي رڳ رڳ ۾ خون جيان گردش ڪندو رهي ٿو. تصوف جو واسطو عالمي امن ۽ انساني محبت سان آهي. تصوف رنگ ڀيد، مذهب، فرقي ۽ جاتيءَ جي تفاوت کان مٿي اُڀري، انسانيت جو علم بردار بڻيو.''

ٻيو مقالو '21 صديءَ جي پهرين ڏهاڪي ۾ سنڌي ناول - نويسي' به پاٺڪ لاءِ چڱي چوکي ڄاڻ ميسر ڪري ٿو. ليکڪ جي راءِ موجب، ''سنڌي ادب ۾ ناول اڄ به گهڻي حد تائين روايتي سانچي ۾ قيد آهي. سنڌي ادب ۾ اهڙا ناول - نويس آڱرين تي ڳڻڻ جيترا مس ملندا، جن روايتي ۽ مقرر ٿيل سانچي جي قيد کي ٽوڙيو هجي يا اُن جي ماڻن - ماپن ۽ اصولن کان هٽي ڪري، نئين سانچي جو نرماڻ ڪيو هجي.''

7. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي : ادبي تنقيد. ويڻا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن. 2004

8. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي: ادبي رهاڻ. ويڻا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن 2009ع

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

’ادب ۽ آتم ڪٿا‘ ۽ ’ناٽڪ ڪار مدن جماڻي‘ مقالا ٻہ گهڻي اڀياس ۽ محنت سان لکيل آهن. پر مونکي سنڌ جي عالم پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ سنڌ جي نامور شاعر تاجل بيوس جي آزاد نظم تي لکيل مقالا گهڻو پسند پيا. جن مان ڊاڪٽر لڇاڻيءَ جو سنڌي ۽ سنڌ وارن سان محبت جي ناتي جي پروڙ پوي ٿي جو سندس سنڌ جي سفرنامي ’پوان شل قبول‘ مان بہ بخوبي ليکا ٿي پائي. آڪاشواڻيءَ تان پڙهيل تبصرن ۾ موتي پرڪاش، واسديو موهي، لکمي کلاڻي ۽ ڊاڪٽر پريم پرڪاش جي ڪتابن تي ڪيل تبصرا ادبي تنقيد ۾ جوڳي جڳهہ والارينداً.‘‘ (9)

’’مقالا ۽ تبصرا‘‘ (10) ۾ بہ اڳين ڪتابن جيان مقالا ۽ تبصرا شامل آهن. مقالن جو سٽاءُ هن طرح آهي.

1. ڀارت جي سنڌي شعر ۾ ورهاڱي جي تصوير
2. گوبند مالهي ۽ سنگيت ڦهلاءُ
3. ايم.ڪمل : فن ۽ شخصيت

۽ ڪتابن تي جيڪي تبصرا ڪيل آهن ، سي هن طرح آهن:

1. ڪلياڻ آڏواڻيءَ جو سچل جو ڪلام
2. ايم. ڪمل جو چونڊ ڪلام
3. وَڪَڙُ سو وهاءِ
4. هوندراج بلواڻيءَ جو ايسرداس جو اسڪوٽر
5. سڳن آهوجا تي مونوگراف: هيرو ٺڪر

مقالا سلسليوار، چٽا ۽ اسڪالرلي لکيل آهن ۽ تبصرا بہ عالماڻہ ۽ اُنهن ۾ اظهار جي پختگي نمايان آهي.

---

9. بنسي خوبچنداڻي :اکرن جي سرهاڻ. سن. 2009

10 ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي : مقالا ۽ تبصرا. ويڻا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن. 2011

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

12

سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر

’سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر‘ [1] جڳديش لڇاڻيءَ جو بمبئي يونيورسٽيءَ جي ماسٽر آف فلاسافي لاءِ 1985ع ۾ منظور ڪيل مقالو آهي، جيڪو ويٽا پبليڪيشن طرفان سن 1991ع ۾ شايع ٿيل آهي. لڳ ڀڳ ڇهن ڏهاڪن کان هن ڪتاب جو ذڪر سنڌي ادب ۾ ٿيندو رهيو آهي. ڪيترن ئي عالمن هن ڪتاب تي تاثرات ڪيا آهن. سنڌ ۾ به هن جو ڇاپو سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، سنڌ [2] پاران سن 1996ع ۾ نڪتل آهي. ناز سنائي هن ڪتاب بابت لکي ٿو:

”جڳديش لڇاڻي، سنڌيءَ ۾ لکندڙ اهو نالو آهي، جيڪو ادب ۾ تحقيق ۽ کوجنا ڪرڻ سان گڏ، اسان جي زبان جو سٺو لکندڙ آهي.

سندس هيءُ ڪتاب ’سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر‘ اصل ۾ هڪڙي ٿيسز آهي. جيڪا هن 1985ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ ماسٽر آف فلاسافيءَ لاءِ لکي هئي ۽ اُن کي بمبئي يونيورسٽيءَ طرفان منظور ڪيو ويو.

پڙهندڙ، جڏهن هيءُ ڪتاب پڙهندا ته معلوم ڪري وٺندا ته جڳديش پنهنجي ان مقالي تي ڪيڏي نه محنت ڪئي آهي ۽ هن سنڌي ڪهاڻيءَ جي ماضي، حال ۽ ڪنهن قدر ان جي مستقبل ۽ اُن جي هر هڪ پهلوءَ تي ڪهڙي طرح نه روشني وڌي

1. جڳديش لڇاڻي: سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر. ويٽا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن 1991ع
2. جڳديش لڇاڻي: سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر. سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، سنڌ. سن 1996ع

sindhsalamat.com

آهي. جنهن روشنيءَ جي آڌار تي اسين نه رڳو، پنهنجي ڪهاڻي پر ان جي فن/ مقصد/ ۽ اُن جي مختلف پهلوئن کي ڏسي پسي سگهون ٿا.

ڪهاڻي ڇا آهي؟ اُها ڇو آهي؟ ۽ ان جو جنم ڪيئن ٿيو ۽ ڪهاڻي جي اسان جي معاشري ۽ ادب ۾ ڪهڙي اهميت ۽ حيثيت آهي ۽ اسان جي ڪهاڻيڪارن ان فيلڊ سان ڪيترو نياءُ ڪيو آهي، ان جي سچي ۽ سچي پچي تصوير اسان کي هن ڪتاب ۾ ملندي. جينوئيڪ ڪتاب ۾ گهٽو ڪري هند ۾ سرجندڙ سنڌي ڪهاڻيءَ کي ڪتاب جو موضوع بنايو ويو آهي. پر ان هوندي به اها سنڌي ڪهاڻي آهي. ڌرتيءَ کان ڇڳل ۽ ڌار ٿيل انهن قلمڪارن جي ڪهاڻيءَ جو ذڪر آهي، جن جي ڪهاڻين ۾ ورهاڱي جو درد آهي. ڌرتيءَ کان ڌار ٿيڻ جو ڏک آهي ۽ ڌرتيءَ کان پري ٿيڻ جو ڪرب آهي. جيڪو سنڌي ماڻهوءَ، سنڌ ڌرتيءَ کان ڌار ٿي ڀوڳيو آهي ۽ ان سڄي ماحول جي عڪاسي آهي، نه رڳو ان ڪهاڻيءَ ۾ اهي اولڙا آهن پر اتان جي سنڌي، پنهنجي نئين دنيا تخليق ڪرڻ، نئين ڌرتيءَ تي پاڻ کي آباد ڪرڻ، پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت کان سواءِ پنهنجي ٻوليءَ لاءِ جيترو لوڙيو ۽ ڀوڳيو آهي ۽ هڪڙي نئين سماج کي سڏارڻ ۽ ڦاهڻ ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪيل آهي. اهو سمورو اسان کي، هند ۾ تخليق ٿيل سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ نظر ايندو ۽ هي ڪتاب انهن سمورين ڪهاڻين جو ڇڻ تجزيو آهي، تاريخ آهي ۽ انهن جي ذڪر کي هتي آندو ويو آهي ۽ اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته هند ۾ رهندڙ سنڌي قلمڪارن، پنهنجي ڌرتيءَ کان ڌار رهي، نئين سماج ۽ ماحول ۾ رهي، سنڌي ڪهاڻيءَ کي ڪيئن نه زنده رکيو آهي ۽ ان ڪهاڻيءَ جي گرفت ڪيڏي نه وسيع ۽ گهري آهي ۽ ان ۾ سماج جي ڪيترن ئي پهلوئن کي شاندار نموني پرکي،

books.sindhsalamat.com

انهن سمورن واقعن / حادثن / کي جيڪي اسان جون ڪهاڻيون آهن، واقعي ڪهاڻيون بنائي ڪيئن نہ ماڻهن ۾ جاڳرتا آندي وئي آهي ۽ ماڻهن کي احساس ڏياريو آهي ۽ ليکڪ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ڪهاڻي اصل ۾ ٿيندي ڇاهي؟ ان جي ضرورت ڇو هوندي آهي، ادب ۾ ان جو ڪهڙو مقام ۽ اهميت آهي ۽ سنڌي ڪهاڻي دنيا جي ٻين ترقي يافتہ ٻولين جي ڪهاڻيءَ سان ڪيئن نہ برميچي پيئي آهي نہ رڳو پاڻ کي زنده رکيو آهي پر ان ڳالهہ جي شاهدي ۽ گواهي ڏني آهي تہ سنڌي ڪهاڻي، ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ڪهاڻيءَ کان ڪنهن بہ طرح گهٽ ڪونهي ۽ هن ڪتاب ۾ سنڌي ڪهاڻي کي جابجا دنيا جي سمورين ٻولين جي ڀلوڙ ڪهاڻي سان ڀيٽيو ويو آهي ۽ گڏوگڏ اهو بہ ظاهر ڪيو ويو آهي، بحث هيٺ آندو ويو آهي تہ سنڌي ڪهاڻي يا ڪهاڻيڪارن تي مختلف دورن ۾ سماج طرفان ڪهڙيون ذميواريون عائد رهيون ۽ انهن سان سنڌي ڪهاڻي يا سنڌي ڪهاڻيڪار ڪيئن نہ نڀاءُ ڪيو آهي.

هن ڪتاب ۾ نہ رڳو، سنڌي ڪهاڻيءَ جي تاريخ آهي پر ڪهاڻيءَ جي فن /مقصد / پلاٽ / ڪردار ۽ ڪردارنگاريءَ کانسواءِ ڪهاڻيءَ جي سمورين ضرورتن ۽ گهرجن کي ذڪر هيٺ آندو ويو آهي ۽ انهن سمورين فني ضرورتن کي سنڌي ڪهاڻي ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح نہ پورو ڪيو آهي ۽ سنڌي ڪهاڻي فني طور ڪيڏي نہ پختي ۽ پڪي آهي، اُن جو هن ڪتاب ۾ جا بجا ذڪر آهي ۽ اسان کي گهڻي ڄاڻ ڏني وئي آهي.

سنڌي ڪهاڻيءَ جي ٻولي، ماحول ۽ مقصد نہ رڳو ماضي ۽ حال جو عڪس ڏنل آهي پر آئينده سنڌي ڪهاڻيءَ تي ڪهڙيون ذميواريون رهنديون ۽ اهي اڳتي هلي سماج ۽ ماحول ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪنديون يا ڪهڙي طرح انهن کي ڪردار ادا ڪرڻ

sindhsalamat.com

گهرجي. ان لاءِ بہ مناسب نموني ذڪر ڪيل آهي.

سنڌي ڪهاڻي تي ادب جي نہ رڳو موجوده پر سمورن ادبي نظرين کي آڏو رکي ان تي تنقيد ڪئي وئي آهي، پر ادب جا جيڪي نوان توڙي پراڻا نظريا آهن، انهن سمورن کي آڏو رکي سنڌي ڪهاڻيءَ جو هڪڙو شاندار خاڪو ڏاهي، اسان اڳيان رکيو ويو آهي.

ماضيءَ ۾ ڪهاڻي ڇا هئي؟ ان جي ضرورت ۽ گهرج ڪيتري هئي ۽ ان انهن گهرجن ۽ تقاضائن کي ڪيئن پورو ڪيو، نہ رڳو ان پر نئين ڪهاڻيءَ جو بہ جائزو ورتو ويو آهي ۽ ان جي مختلف وصفن جو نين تقاضائن تحت جائزو ورتو ويو آهي ۽ نئين ڪهاڻيءَ ۾ سماج جي عڪاسي ڪندي، ادا ڪيل ڪردار کي بہ چڱي طرح بحث هيٺ آندو ويو آهي.

سنڌي ڪهاڻيءَ جا وڏا نالا، جن بہ ڪهاڻيون تحرير ڪيون، ڪوشش ڪري انهن سمورن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ان هوندي بہ سنڌ کان ڌار هئڻ ۽ پري هئڻ ڪري، هتان جي ڪهاڻي مڪمل صورت تي نہ پهچڻ ڪري ان جو صحيح نموني ذڪر نہ ٿي سگهيو آهي. پر ان هوندي بہ هي ڪتاب سنڌي ڪهاڻيءَ جي هڪ تاريخ آهي. ان ۾ سنڌ جي سنڌي ڪهاڻيءَ کي بہ جيڪڏهن شامل ڪيو وڃي ها تہ اها تاريخ مڪمل بڻجي وڃي ها، پر جيڪڏهن اسان هند جي سنڌي ڪهاڻيءَ جي تاريخ پڙهڻ چاهيون تہ اها هن ڪتاب ۾ مڪمل طور ملندي ۽ اسين اها تاريخ پڙهڻ کان پوءِ، پنهنجي سنڌي ڪهاڻيءَ جو بہ پوتا ميل ڪري سگهون ٿا. هي ڪتاب تحقيق ۽ کوجنا ڪرڻ لاءِ اسان کي ڪيترائي پهلو ڏئي ٿو ۽ اسان تي ڄڻ فرض ۽ ذميواري ٿو عائد ڪري تہ اسان وٽ بہ سنڌي ڪهاڻي تي ان طرح جو تحقيقي ڪم ٿيڻ گهرجي.

books.sindhsalamat.com

هي ڪتاب نہ رڳو اسان کي سنڌي ڪهاڻيءَ جي تاريخ کان واقف ڪندو، ان جي ماضي ۽ حال، بابت ڄاڻ ڏيندو پر ڪهاڻي جي سرجڻ، انجي فني گهرجن جي پورائي ۽ ان جي مقصد ۽ ڪردار کان واقفيت پڻ ڏيئي سگهندو. ڄاڻان تہ هي ڪتاب وڏو لاڀائتو ۽ مقصد پريو آهي ۽ ان کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ کان پوءِ ئي ان جي اهميت ۽ افاديت جي خبر پئجي سگهندي ۽ اسان ڪهاڻيءَ بابت چڱي طرح ڄاڻ حاصل ڪري سگهنداسين. نہ رڳو ان بابت پڙهي سگهنداسين. پر ان جي روشنيءَ ۾ بهترين ڪهاڻيون ۽ ڪهاڻيءَ بابت ڪيترائي ڪتاب تخليق ڪري سگهون ٿا. هي ڪتاب ان سلسلي ۾ اسان جي رهنمائي ڪندو رهندو.

آءٌ ٿورائتو آهيان، پنهنجي دوست محترم ادل سومري جو، جنهن جڳديش لڇاڻيءَ طرفان ڪيس موڪليل هيءُ ڪتاب، منهنجي اداري کي اشاعت لاءِ ڏنو ۽ ان جي هتي شايع ٿيڻ سان اسان جي ادب ۾ هڪڙي سٺي ڪتاب جو واڌارو ٿيو، جيڪو هن وقت اوهان جي هٿن ۾ آهي.

ناز سنائي — سن- ضلع دادو سنڌ

20 فيبروري - 1996ع

ڪيرت ٻاٻاڻيءَ کي بہ ڪتاب پسند پيو. هو ’سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر‘ لاءِ چوي ٿو:

”سنڌي ساهت ۾ تنقيدي ادب جي اڻاٺ آهي ۽ سٺي تنقيدي ادب جي تہ ان کان بہ وڌيڪ کمي محسوس ٿي ڪجي. ايڪڙ ٻيڪڙ مضمون لکڻ جي ڪوشش تہ اڄ بہ ڪي نقاد ڪندا رهن ٿا، پر ڪنهن خاص ساهتيڪ وشيہ کي کڻي هڪ طويل کوجنيڪ پستڪ تيار ڪرڻ جي ڪوشش هت ڀارت ۾ ورهاڱي کان پوءِ ڪن ٿورن ساهسي نقادن ڪئي آهي، جن ۾ تازو مثال آهي جڳديش

لڇاڻيءَ جو جنهن ”سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر“ تي هڪ سوا سؤ صفحن جو پستڪ ڇپائي ظاهر ڪيو آهي.

هيءَ هڪ رتائتي رچنا آهي، ڄاڻان جو ماسٽر آف فلاسافي جي ڊگري حاصل ڪرڻ جي مقصد سان لکي ويئي آهي ۽ مٿان جو ڊاڪٽر ارجن شاد جهڙي لائق نگران جي سونهپ ملي آهس تہ ان مان ڪافي اپياس ۽ ڄاڻ جو مشاهدو ملي ٿو.

پستڪ ۾ اتهاس جي چند ڄاڻ جي جهلڪ ملي ٿي. جڳديش سنڌي ڪهاڻيءَ جي جنم جي تاريخ کهڙي ڳڻي تنهن بابت ٻڌايو آهي. سال 1914ع کان ليکي، جڏهن لالچند امرڏنيمل جي ’هر مکيءَ جا‘ لکي ويئي يا 1930ع کان جڏهين جديد ڪهاڻيءَ جا سرور آمرلعل هنڱوراڻي، آسانند مامتورا ۽ مرزا نادربيگ ميدان ۾ آيا. منهنجي سمجهہ ۾ سنڌي ڪهاڻي جي عمر لڳ ڀڳ منو سؤ سال شمارڻ گهرجي ۽ هر مکيءَ جا جهڙي شاهڪار کان ليکڻ گهرجي.

سنڌي ڪهاڻيءَ جي شروعاتي دؤر ۾ (ورهاڱي کان اڳ) جي مکيہ ڪهاڻي نويسن جي دين بابت ٻڌائيندي سندن خاص رچنائن جي پڻ اوڪہ ڏوکہ ڪئي اٿائين ۽ انهن جي وشيہ توڙي روپ جي خوبين ۽ خامين جو ذڪر ڪيو اٿائين. ان سالن (1914- 1947) جي دوران سنڌي ڪهاڻي اوسر جا ٽي ڏاڪا ڏنا. بزرگ ڪهاڻي نويسن جو سماج سڌار وادي دور، جديد ڪهاڻي نويسن جو منوو گيانڪ چيد وارو دور ۽ ترقي - پسند ڪهاڻيءَ جو شروع وارو دور (1942 کان 1947 تائين) .

ڀارت جي ورهاڱي کان پوءِ هت سنڌي ڪهاڻيءَ پڻ وڪاس جا ٽي دور ڏنا آهن، جيڪي عام طور مڃيا ويا آهن. جنهن ۾ ڪيس اڳوات لکيل مواد مان چڱي مدد ملي آهي ۽ ڏاڍي خوشيءَ سان ان جو استعمال ڪري، پنهنجن ويچارن، ڄاچنا ۽ نتيجن

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪي وزندار بڻايو اٿس.

ترقي-پسند دؤر واري ڪهاڻيءَ تي پنهنجي حقيقي جاچنا ڪندي چوي ٿو ته ڪنهن دؤر جي ساهت کي ان وقت جي حالتن کان ٻاهر ڪڍي نتيجا ڪڍڻ ساهت طرف سنجيدگي جي ڪوتاهي آهي. ’هن دؤر بابت هلڪڙائي سان رمارڪ بازي ڪرڻ وارن کي سمجهڻ گهرجي ته جنهن استثنيءَ تي هو پهتا آهن، سا گذريل دؤر جي مجموعي اوسر جو ڦل آهي. ساهت ۽ ڪلا جي ترقي هڪ اٽوٽ سلسلو آهي.‘

رومانوي دؤر بابت لکندي پڌايو اٿائين ته ڏهاڪو سالن ۾ قومي توڙي انتر راشٽريه حالتون بدلجي ويئون هيون، سنڌي جاتيءَ جون پڻ حالتون ساڳيون نه رهيون هيون، جنهن ڪري ذهني ۽ شعوري سطح تي نوان ويچار اُڀري رهيا هئا. چويٿو: ”سماجڪ يٿارٿ جي بدران، هن دور جا ليکڪ فرد جي اندروني مانسڪ ۽ ذهني عڪاسي ڪرڻ لڳا ... انفرادي جذبن، مانسڪ ڪيفيتن، پريم رومانس جي پهلوئن تي ڪهاڻيون لکي سنڌي ڪهاڻيءَ جو رخ ڪونه بدليو پر ان ۾ هڪ نئين رخ ۽ ويچار جو پرويش ٿيو.

نئين ڪهاڻي، نقاد جي ويچار موجب ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ پيدا ٿيل اسماجڪ پاوناڻن، تاڻ، ڪٽواد، گهٽن، گهور نراشا ۽ مقرر ڏارٿاڻن ڏانهن اوشواس وغيره جي پيداوار آهي، جيڪا اولهه ۽ ٻين ديسي ڀاشائن معرفت سنه 1965ع ڌاري سنڌي ساهت اندر اظهار ۾ اچڻ لڳي، پر ان ۾ سنڌي ڪهاڻي نويسن جو پنهنجو نجو يوڳدان پڻ آهي. ”نون ليکڪن پنهنجين ڪهاڻين ۾ آسپاس جي زندگيءَ کي چٽيو آهي. صرف منووگياڻڪ ڇيد کي آڌار بڻائي لکيل ڪهاڻين جو دور پورو ٿي چڪو آهي.“ نون مکيه ڪهاڻي نويسن جي خاص

sindhsalamat.com

رچنائن جي چند چاڳ ڪري خوبين ۽ خامين جو اظهار ڪيو اٿس. پر هن سروي ۾ ڪيترا ئي ڪهاڻي نويس ذڪر هيٺ ڪونه آيل آهن. اها ڳالهه سياويڪ آهي جو ڪابه رچنا مڪمل نٿي ٿي سگهي.

پستڪ ۾ ڪهاڻي فن جي الڳ الڳ پهلوئن تي پڻ وستار سان لکيل آهي جو پاٺڪ لاءِ دلچسپ ثابت ٿيندو. جڳديش جي هيءَ رچنا سنڌي ساهت ۾ سٺو اضافو آهي ۽ هن کان پوءِ هن وشيه تي ڪوجنيڪن لاءِ مفيد ثابت ٿيندو.“

(هندوستان - 1991)

ڊاڪٽر ارجن سڪايل پنهنجي ڪتاب ’تاثرات‘[3] ۾ ’سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر‘ لاءِ لکيو آهي،

”پروفيسر جڳديش لڇاڻي سنڌي ادب ۾ هڪ آلوچڪ طور مڃيل شخصيت آهي جنهن جي اوائلي دور واري تنقيد ٽي ڪن مشهور معروف اديبن ۽ شاعرن کي چرڪائي ڇڏيو هو. اڄ ڪالهه هوءَ عاجز بيديءَ سان گڏ ’سنڌيت جي ورثي کي دور درشن تان پيش ڪرڻ لاءِ ڪن ڪلاڪارن تي ٽيلي اسڪرپٽون لکڻ ۾ نه فقط مشغول آهي پر گڏجي خوب رنگ ڄمايو اٿن ۽ ساراهه جي گلن جا هار حاصل ڪيا اٿن.‘

منهنجي اڳيان سنڌس تازو شايع ٿيل مٿيون ڪتاب آيو آهي جنهن ۾ پهريان سٺ صفحا ڪهاڻي ڪلا جي ٽيڪنيڪ ۽ مختلف وقتن جي تبديل ۽ وڪاس جو خوبيءَ سان ورنن ڪيل آهي. توڙي اهي ديسي ۽ وديشي ڪتابن ۽ حوالن سبب ادبي کان وڌيڪ تعليمي لڳنديون ۽ ڪيس هڪ ودوان ۽ تعليمدان ثابت ڪنديون پر سنڌس اڀياس تان نظر هٽائي سنڌس ٻولي، عبارت

3. ارجن سڪايل: تاثرات (ڪتابن تي) اُلهاسنگر- 5. سن 1991ع. ص. 100

books.sindhsalamat.com

۾ جملن جي بيهڪ ۾ پيشڪش کي ڏسندي ۾ پڙهندي اهو مچٽو ٿي پوندو تہ هوءُ فقط پروفيسر ۾ ماستري ڪوجنيڪ ۾ ادب جو ڊاڪٽر بڻجي رهجي نٿو وڃي پر سچ پچ تخليقي اديب ثابت ٿو ٿئي جنهن وٽ ذهني انش ۾ رچناتمڪ قوتون بہ جهجهيون آهن.

پوئين اڌ وارا ست صفحا سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر کي ڏنل آهن، جنهن تي خيال آرائي ڪندي هيئن فرمايو اٿس: هتي هڪ ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ ڪنهن بہ هڪ دور جي ڪهاڻين جي ٻئي دور جي ڪهاڻين سان مشابهت ڪرڻ ٺيڪ غلط آهي. ساهت سماج جو آئينو آهي. هر يگہ يا زمان پنهنجي سماجڪ، آرٿڪ، راجنيتڪ، ڌارمڪ سبب ٻئي يگ کان نرالو ٿئي ٿو ۽ انهي نرالپ جو ساهت جي شبعي تي اثر ٿيڻ سڀاويڪ ئي آهي. ساهت جو وصفي وڪاس رهندو آهي. ڪنهن بہ ٻوليءَ جو ادبي اتهاس ان ڳالهہ جو زنده ثبوت آهي ۽ ها، ڪنهن بہ ڪهاڻي جي ڪٿ، ان زماني جي مدنظر تي ڪرڻ جڳائي.

جڳديش جي هيءَ صاف گوئي ۽ سمجهاڻي مونکي ڪداچت قبول آهي. مغلن جي دور واري مرزا غالب کي جيڪڏهن آزادي هلچل واري مئثلي شرڻ گپت سان يا آزاديءَ کان پوءِ واري مفاد پرست ۽ منافع خور موقعي پرستيءَ واري دور جي شاعر ساحر لڌيانويءَ سان ڀيٽ ڪبي ۽ ڪنهن کي گهٽ تہ ڪنهن کي وڌ سمجهبو تہ اها بنهہ غلط ڳالهہ آهي. ويچار ۽ وقت جي ڀچار تہ هر ڪنهن پنهنجي موقعي سان ڪئي پر ڏسڻ فقط اهو گهرجي تہ ڏنهين شاعرن ۾ فني لياقتون، تخليقي شعور ۽ ذهني سچائي هئي يا نہ- تنهنڪري سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ جڏهن موهن ڪلپنا ورهاڱي کان پوءِ جي سيني دورن جو سپهہ سالار ڪهاڻي نويس ٿي رهيو آهي، تڏهن ترقي پسند دور يا رومانوي

دور يا نئين ڪهاڻي ۽ اڪهاڻي جي دور وارن پير ڪارن لاءِ هڪ ٻئي کي ڪيراڻڻ ۽ ڊگهو بندرو ڪوٺائڻ جي ضرورت آهي ڇا؟ پيڙهہ جا پٿر پلي تہ سهٽا گهڙيل نہ هجن جو اڄوڪي ٽيڪنالاجي ۽ مشنري اوڻهين صديءَ ۾ ميسر نہ هوندي پر انهن پٿرن جي اهميت پوءِ جي ڪنيل ديوارن ۾ ڪم آيل پٿرن کان گهٽ ڪيئن ڇئبي؟ حقيقت اهي بنيادي پٿر ئي آهن جن عمارت اڏڻ ۾ اوائلي ڪم ڏنو آهي.

آلوچڪ جڳديش لڇاڻيءَ جي هيءَ محنت ۾ ادبي سوغات گهڻي قدر جي لائق آهي جو انصاف پسندي وارو نظريو اپنائيندي سچ جو دامن پڪڙي، اپياس جي ڪرتڪل ۾ پنهنجي ويچارن کي ڪاڙهي ڪاڙهي گلاب جي جل جي جهڙو عرق ڪڍي اسان جي اڳيان رکيو اٿس ۽ سنڌي ادب جي شاهراهہ تي نوان قدم کڻڻ واري يا ڪهاڻي ڪلا ۾ پير پائڻ واري اپياسي لاءِ شمعدان ميسر ڪيو اٿس.''

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

13

ادبي انٽرويو

جڳديش لڇاڻي چواڻي، ’انٽرويو /ملاقات، ادب جي هڪ جديد صنف آهي. ڪنهن موضوع تي، ڪنهن عالم، اديب، ڪلاڪار جا ويچار ڄاڻڻ لاءِ، ان سان دوبدو ملاقات ڪرڻ کي اِنٽرويو چئبو آهي. هن ۾ سڌو - سنئون ملاقات ذريعي مقصد جي حاصلات ٿئي ٿي. هيءَ اخبار نويسيءَ مان آيل ساهتيہ - صنف آهي. اخبار لاءِ، انٽرويو وقت، ڪنهن سياستدان يا برک هستيءَ کان، موجوده مسئلن ۽ موضوعن تي سوال پڇيا آهن، جن جا هو جواب ڏيندو آهي.

ادبي انٽرويو ۾، وري ڪنهن برک اديب کان، ادب ۽ ان سان وابستہ موضوعات بابت سوال پڇيا آهن يا ان جو مقصد سوال-نامي ذريعي، مليل جوابن مان، اديب جي شخصيت جي گهراين تائين پهچڻ جو جتن هوندو آهي. انٽرويوُ جي ڪاميابيءَ جو دارو مدار، ان ڳالهہ تي آهي تہ ملاقاتيءَ اڳلي شخص جو ڪيترو وشواس هٿ ڪيو آهي ۽ ڪيس واسطيدار اديب جي ادب ۽ ان جي زندگيءَ بنسبت ڪيتري معلومات آهي. اِها معلومات، ان کي سوال نامي ۾ جوڙڻ ۾ وڏي هٿي ڏيندي آهي. انٽرويوُ لاءِ اڳواٽ وقت، تاريخ ۽ جاءِ بہ مقرر ڪبي آهي. سوال-نامي ۾ ڪتب آندل ٻولي چٽي ۽ صاف هئڻ گهرجي. ملاقاتيءَ کي اديب جي اظهاريل ويچارن ۾، پنهنجي پاران، ڪجهہ بہ جوڙڻو ناهي ۽ نہ وري ڦير بدل ڪرڻي آهي. انٽرويوءَ جي معتبريءَ لاءِ، ملاقاتي ٽيپ-رڪارڊر جو استعمال ڪري ٿو. اڄ ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ سبب، ٽيپ رڪارڊر جي جڳهہ موبائيل وٺڻ لڳو آهي. ويڊيو ڪانفرنس جو رواج اڄ وڌڻ لڳو آهي.‘

منهنجيءَ ڄاڻ موجب پارتي سنڌي اديب جڳديش لڇاڻيءَ جو ’ادبي انٽرويوُ‘ [1] پهريون ڪتاب آهي، جيڪو 2004ع ۾ شايع ٿيل آهي؛ جيتوڻيڪ هن کان اڳ سنڌ جي اديبہ گل ٽالپر جو ’آڪاش طرف اُٿيل هٿ‘ [2] (پارتي سنڌي ليکڪن جا انٽرويو) بہ ملي ٿو.

جڳديش لڇاڻيءَ جي ڪتاب ”ادبي انٽرويو“ جو مهورت ڪراچيءَ ۾ 21 ڊسمبر 2004ع ۾ ٿيو هو، جڏهن جڳديش سنڌ گريجوئيٽس ائسوسئيشن جي سڏ تي هندستان جي ڪجهہ اديبن سان گڏ شاهہ سچل، سامي ادبي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ سنڌ ويو هو. جڳديش لڇاڻي لکي ٿو، ”شام جو ستين بجي، حميد سنڌيءَ بزم ’روح رهاڻ‘ طرفان عالمي سنڌي مشاعري جو پروگرام رکيو هو. اسان اُتي ٽي ڪلاڪ دير سان پهتاسين. حاضرين ڪلاڪن کان اسان جو بي صبريءَ سان انتظار پئي ڪيو. سڄو هال حضرات سان ڪچاڪچ پريل هو.... مشاعريءَ جي واڳ، حميد سنڌيءَ جي هٿ ۾ هئي... مان پنهنجو نئون شايع ٿيل ڪتاب ’آدبي انٽرويو‘ سنڌ ۾ کڻي آيو هوس، رليز ڪرائڻ لاءِ. مون ڪتاب حميد سنڌيءَ جي حوالي ڪندي چيو، ”جنهن کان وٺيو، رونمائي ڪرايو. حميد سنڌيءَ مون کان پئڪيٽ ورتو ۽ ان جي رونمائي مشاعري جي دوران رسول بخش پليجي کان ڪرائي.“ [3]

ڪتاب ۾ ڇهہ انٽرويوز آهن. پهريون ايم. ڪمل جي شاعري بابت لعل پشپ کان ورتل انٽرويو آهي. لعل پشپ چوي

1. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي: ادبي انٽرويو. ويڻا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن 2004ع
2. گل ٽالپر: آڪاش طرف اُٿيل هٿ. ڪونج، ممبئي. آگسٽ 2000ع.
3. جڳديش لڇاڻي: پوان شل ٿبول. ويڻا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن 2004ع. ص. 78-79

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

تو: ”ڪمل سنڌي غزل کي رسمي دائرن کان گهڻو دور ڪڍي ويو آهي. نہ صرف پنهنجي اسلوب جي خيال کان بلڪ هن نيون تشبيهون، نوان استعارا، ۽ نين علامتن سان شعري تجربي کي وسيع ئي نہ پر، پر لطف بہ ڪيو آهي. اڄ جي دور ۾ بدليل ماحول کي هن خوب صحيح ڍنگ ۾ چٽيو آهي ۽ پنهنجي طرز بيان سان معمولي مضمون کي بہ دلڪشيءَ ۽ معنيٰ جو تہ چاڙهي ڇڏيو آهي.“ (ص. 11-12)

ٽيون مضمون عابده پروين سان ڳالهہ - ٻولهہ آهي. ٽيون انٽرويوُ پوپٽيءَ کان ورتل آهي. پوپٽيءَ پنهنجي گفتگوءَ ۾ ادب بابت بلڪل صاف، چٽا ۽ بي باڪ جواب ڏنا آهن.

پوپٽي هڪ سوال جي جواب ۾ چوي ٿي، ”سنڌيءَ جو درد ۽ سنڌ جو درد فقط درد ناهي، اهو درد جو مانسرور آهي، درد جي هڪ اٿوت ڌارا آهي. سياست جي شطرنجي راند ۾، اسانجي پوري جاتيءَ کي صدقي جي ٻڪري بڻايو ويو آهي. اسان کي بي رحميءَ سان ڪٽيو ويو آهي (ٿورو ترسي، ذرا غصي وچان) اڄ اسان سنڌي راجنيتڪ طور اناٿ ۽ سنسڪرتيءَ جي لحاظ کان فقير بڻجي پيا آهيون. هر هنڌ، اسان جڻ غلام آهيون. هڪ بي گهر ۽ بي وطن انسان وٽ ڪلهہ جي يادگيرين کان سواءِ ٻيو هوندو ئي ڇا آهي؟ اسان وٽ سپان جا سپنا بہ ڪونہ آهن.... آخر سپنن کي بہ ڪو بنياد گهرجي، ڪا جڙ گهرجي.... (ص. 37)

چوٿون گووردن ڀارتيءَ سان وابستہ آهي. هو چوي ٿو، ’لکڻ مون لاءِ خوراڪ آهي، خوشي آهي. ڪڏهن تہ مهنن جا مهنا لاڳيتو لکندو رهندو آهيان، مگر بعضي ڪالا-ڪامني جڻ ڪا مون کان رسي ويندي آهي. اهڙي گهڙت ڪندي، دماغ ٿڪجي پوندو آهي تہ سمهي پوندو آهيان. جاڳڻ شرط گهربل چيز تيار ملندي آهي. لاشڪ ننڊ ۾ بہ منهنجو اوچيتن من نرماڻ ڪندو رهندو

sindhsalamat.com

آهي. موڊ جي محتاجي ڪيڏي ڪانہ پوندي آهي.‘ (ص. 55)

ايم.ڪمل سان جڏهن Quotability جي ڳالهہ نڪتي تہ چياتين، ”اِنساني زندگيءَ جي بنيادي احساسن سان گهري نسبت رکندڙ خيال، موضوع ۽ نڪتا، جيڪي شعري خوبين ۽ طرز بيان جي دلڪشيءَ سان ڀر آهن، سي اڳتي هلي چوڻيءَ جي صورت اختيار ڪن ٿا ۽ ڪوٽيبل شعر بڻيو پون.“ (ص. 73)

’ادبي انٽرويو‘جو آخرين انٽرويو ’تاجل بيوس سان گفتگو‘ آهي . تاجل بيوس سنڌ - هند جو هڪ ناميارو ۽ ماناٽتو سرجڻهار آهي. جڏهن هن سان ڌرتي ۽ انساني جي رشتي جو ذڪر نڪتو تہ چياتين، ”جيستائين ماڻهوءَ جا پير زمين تي ٽڪل آهن، تيستائين ڪيس ڪابہ طاقت ختم نٿي ڪري سگهي؛ ڇو تہ ڌرتي ماڻهوءَ کي شڪتي ٿي بخشي... منهنجو هي بہ ايمان آهي تہ ماڻهو ڌرتيءَ کان سواءِ اڻين آهي، جيئن ساڌ ٻيلو درياه بنا. جيئن سنڌ بنا لطيف... (Pause) داغستان جي رهاڪو، آوار زبان جي شاعر رسول حمزي پنهنجي شاعريءَ وسيلي ادب تي اڻ مٽ ڇاپ هڻي ڇڏي آهي. چوي ٿو، ”ڪي ماڻهو توکي گدرو سمجهي، ڦارون ڦارون ٿا ڪن، ڪي ڪينهون سمجهي، توکي ڌڪا ٿا هڻن. ڌرتي منهنجي ماءُ ! آءُ توکي ڇاتيءَ سان لايان.“ (ص. 88)

ادب ۽ زندگيءَ جي تعلقاتن لاءِ چياتين، ”شاعر ۽ اديب سماج يا قوم سان ڳنڍير جي ڳنڍين جيان ڳنڍيل تو ٿئي، ڪيس ڪنهن بہ طرح سماج کان ڌار نٿو ڪري سگهجي. هو جيڪي سوچي ٿو ۽ لکي ٿو، اهو ان ئي سماج لاءِ آهي، جنهن سماج ۾ هن جنم ورتو آهي.“ (ص. 96)

وينا شرنگيءَ جڳديش لڇاڻيءَ جي ’آدبي انٽرويوُ‘ لاءِ لکيو آهي، ”ادبي انٽرويو ۾ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جا ڇهہ

books.sindhsalamat.com

انٽرويو آهن. پوپٽي هيرانندڻيءَ سُلجهيل نموني جواب ڏنا آهن ۽ علم ادب تي سٺي روشني وڌي آهي. سندس ملاقات رچنا ۽ ڪونج پبليڪيشن ۾ به شامل آهي. تاجل بيوس جو سٺو انٽرويو ڊاڪٽر جڳديش ورتو آهي. هن ڪان وڌ ۾ وڌ معلومات ادب جي سلسلي ۾ حاصل ڪري ورتي آهي ته ٻئي طرف عابده پروين ڊپلوميٽڪ جواب ڏنا آهن. واهه ! واهه !! پلو پلو.'' (4)

جڳديش لڇاڻيءَ جا 'ادبي انٽرويو' ڪانسواءِ به ڪجهه انٽرويو شايع ٿيل آهن، جن جي وچور ڪجهه هن طرح آهي:

1. واسديو موهيءَ سان گفتگو(5)
2. پريم پرڪاش سان گفتگو (6)
3. هيري ٺڪر سان ڳالهه ٻولهه(7)
4. گفتگو واسديو موهيءَ سان (8)

---

4. وينا شرنگي - ملاقاتون (آزاديءَ کانپوءِ غير افسانوي ادب ساهتيه اڪادمي، دهلي. سن 2013ع. ص. 73

5. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي: واسديو موهي. ويڻا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن 2017ع. ص. 200

6. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي:پريم پرڪاش. ويڻا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن 2018ع. ص. 214

7. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي:هيرو ٺڪر. ويڻا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن 2019ع. ص. 176

8. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي: شاعري واسديو موهيءَ جي. ويڻا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن 2019ع. ص. 63

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

14

ايم. ڪمل جي شاعري

جڳديش لڇاڻيءَ حال حيات ساهتيڪارن تي لکڻ جي شروعات ”ايم. ڪمل جي شاعري“[1] سان ڪئي. 28 آڪٽوبر 2007ع تي ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي ڪتاب ’ايم. ڪمل جي شاعري‘ جي مهورت مهل شيام جئسنگهاڻي تقرير ۾ چيو هو، ”اڄ جي مبارڪ محفل ۾ پروفيسر هيرو شيوڪاڻي ۽ ڊاڪٽر لڇاڻيءَ جهڙا قابل اُستاد ويٺا آهن، جن مونکي ٻيو ڪجهه ته سيکاريو پر ڳالهائڻ نه سيکاريو؛ ان ڪري اڄ ڪمل صاحب تي لکيل بي مثل ڪتاب جو مهورت مون کان ٿو ڪرايو وڃي ٿو. چاڪاڻ ته مونکي ڳالهائڻ نه ايندو آهي. حضرت ڪمل صاحب اڄ هند ۽ سنڌ جو ممتاز ۽ اول نمبر شاعر آهي. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ جنهن طرح جدت اُڀري ۽ اوڄ تي آئي آهي، ڪمل صاحب شاعريءَ ۾ ان طرح ئي جدت سان جڙيل سينسيبلٽيءَ کي ڪمالي بلنديءَ تي چڪي ويو آهي. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جڏهن مونکي هن ڪتاب جي آف پرنٽ نظر مان ڪڍڻ لاءِ موڪلي، تڏهن مون ڪيس پڙهي چيو ته مان پَٽ تي ڊانس نٿو ڪري سگهان، پر پنهنجي صحت جي مدنظر بستري تي نچي سگهان ٿو.

اسان بمبئيءَ وارن لاءِ ويجهي ۾ ويجهي هل اسٽيشن ماٿيران آهي. جتي 360 ڊگريز ۾ 36 کان وڌيڪ لئنڊ سڪيپ پائنٽس آهن. هر پائنٽ تان نظر ايندڙ منظر نئون، الڳ، تازو ۽ مختلف آهي. ساڳيءَ ريت ڪمل صاحب جي ڪويتائن جا

1. جڳديش لڇاڻي: ايم. ڪمل جي شاعري. ويٺا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن 2007ع

sindhsalamat.com

منظر به هر پائنٽ، هر پهلو، هر ڪنڊ کان مختلف، الڳ ۽ اسراري آهن. ماٿيران جي انهن پائنٽس ۾ هڪ پائنٽ، ’ايڪو پائنٽ‘ به آهي. جتي هر آواز يعني سڏ جو پڙاڏو واپس موٽندو آهي. منهنجي لاءِ ٿِرِلِ ٿيندي اگر اُتي بيهي پڪاريان: ڪمل .. ڪمل ... ڪمل. پڙاڏو واپس ايندو: ڪمل .... ڪمل... ڪمل... ڪمل...“[2]

پروفيسر هيري شيوڪاڻيءَ ’ايم. ڪمل جي شاعري‘[3] جي مُلهه -ڪٿ ڪندي چيو، ”ڪتاب جي مهورتي اُتسو جي هن ادبي محفل ۾ ايم. ڪمل جي شعر و شاعريءَ ۽ شخصيت تي ته ڳالهيون نڪرنديون ٿي. اڳ به عرصي کان الڳ الڳ وقتن تي، ڪڏهن ڪن دوستن سان، ته ڪڏهن خود ڪمل سان اڪيلي سر ڪچهريون ڪندي، جيئن جيئن نيون معنائون ، نوان انيو ۽ احساس پئي سامهون آيا آهن، پئي ڳالهايو اٿئون. پر جئن ته هي ڪتاب ايم. ڪمل جي شاعريءَ جو نه پر هن جي شاعريءَ تي ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جو تجزيو آهي، ته ڳالهائڻو ته اُن تي ئي آهي. مان جڳياسو من سان ڏسان وينو ته سمورو وقت، جن به ڳالهايو آهي، رڳو ايم. ڪمل تي ڳالهايو آهي، جيڪو شايد سمجهه ۾ اچي ٿو، هجڙي اهم شاعر جي هيڏي ساري ادبي سرمايي جو صداقت سان ذڪر، هرويرو غير فطري به نه آهي. پر، آخر ۾ ئي سهين - محفل جي صدر طور، مونکي ته لڇاڻيءَ جي هن ڪتاب جي ئي اوک ڊوک ڪرڻ کپي، ڪين نه ؟

”غوُر سان هي سمالوچناتمڪ ڪتاب پڙهي، مان هڪ ئي وقت عبرت ۽ مسرت پيو محسوس ڪريان. عبرت انڪري جو هن کان اڳ جڳديش لڇاڻيءَ جون ڪهاڻي، ناول تي سمالوچناڻون،

2. رپورٽ: ڪونج. جنوري - فيبروري 2008. ص61
3. پروفيسر هيرو شيوڪاڻي: ’ايم. ڪمل جي شاعري‘ جي ملهه ڪٿ. ڪونج: جنوري - فيبروري 2008ع. ص. 52-55

books.sindhsalamat.com

ھن جا ٽيلي پلي، انٽرويو ۽ آتم ڪٿائون پڙھيون آھن، مگر ھي تنقيدي ڪتاب اُنھن سڀني کان علحدو آھي.

خوشي يا مسرت اِنڪري، جو لڇاڻيءَ جو ھي ادبي اَڀياس مواد ۽ رتا،اظھار جي پختگي ۽ چٽائي، وياڪيا ۽ ڇيد وغيرھ ۾ ھن جي اَڳلن ڪتابن کان گھڻو مٿاھون ۽ سنجيده آھي. پوءِ مونکي اِن فرق جو سبب بہ سمجھہ ۾ اَچي ويو. ان وچ ۾ جڳديش لڇاڻيءَ پنھنجي اڪيڊمڪ زندگيءَ ۾ اَدب تي پي.ايچ.ڊي حاصل ڪئي آھي. کوجنا جو ميٿڊ، مواد جي سھيڙ ۽ رتا، اِن قسم جي اڀياس جو لازمي پھلوُ آھي. انڪري ھن اَڀياس ۾ اِھو صفاتي تفاوت، مان ڀانيان ٿو، اِن ريسرچ ميٿڊالاجيءَ بدولت مبادا آيو آھي. ھونئن بہ اَدب جو جڳياسو اَڀياسي جيڪڏھن لاڳيتو اَڀياس ۾ رڌل رھي ٿو تہ سندس سوچ، سوُجھي ۽ اِظھار ۾ پختگي ايندي ئي.

”ايم.ڪمل جي شاعري“ عنوان واري ھن ڪتاب ۾ ڏھہ باب آھن. مثال طور: فن ۽ شخصيت، شاعريءَ جا گھاڙيٽا، انٽرويو، ھر باب جي ھيٺان فوٽ نوٽس، ضميمو، مددي ڪتابن جي فھرست يا ھن جي شاعريءَ ۾ غزل، ڊائريءَ جا ورق، نئين ڪويتا ۽ ناٽڪ نويسيءَ جا تفصيل وغيره ھن ڪتاب کي تنقيد کان علاوه تحقيق جي بہ معتبري بخشين ٿا. انڪري مان ڊاڪٽر لڇاڻيءَ کي ڪوڙ ڪوڙ مبارڪون ڏيان ٿو. ھڪ فنڪار تي ھي تنقيدي اَڀياس، انڪري ذري گھٽ مڪمل، سلسليوار، چٽو ۽ اِسڪالرلي بڻجي پيو آھي.

عمر جا ڀياسي سال پورا ڪندي، اسان جو ھي، بقول لڇاڻي ’نديءَ ڪنڌ جو وڏو شاعر‘ ايم. ڪمل لاشڪ ڀاڳن وارو آھي، جو شروع کان ھن کي اُستادن اول ميرتقي مير، پوءِ ليکراج عزيز ۽

sindhsalamat.com

پوءِ اديب دوستن سڳن آھوجا، موھن ڪلپنا، لعل پشپ جي صحبت نصيب ٿي ۽ پوءِ ھن کي ڪيترا فئن بہ پئي مليا آھن ۽ لڇاڻي ھن جو وڏو فئن آھي. سندس شاعريءَ جا ڪافي مجموعا، ھن پاڻ بہ ڇپائي پڌرا ڪيا آھن.

ھن قسم جو خالصو ۽ اَھم اَڀياس، سنڌيءَ ۾ ورلي ٿيندو آھي. ھا، ڪن رسالن جا خاص شخصيات اَنڪ نڪرندا آھن، سنمان پرچا ايندا آھن، خود ويجھڙائيءَ ۾ سنڌي اَدب کي ديوانگيءَ جي حد تائين چاھيندڙ، ھري موٽواڻي بہ ڀڄاڙيءَ ۾ ايم.ڪمل تي ڪوُنج جو خاص انڪ شايع ڪري، سنڌي ساھتيہ کي نذر ڪري ويو. مگر ڊاڪٽر لڇاڻيءَ جو ھي اَڀياس، اُنھن کان اَلڳ، ھڪ اَڀياسي طرفان، ھڪ شاعر تي خالصو تبصرو، ھُن جي رغبت ۽ محبت منجھان سڀجي نڪتل، نوٽ وٺڻ جوڳو ڪتاب آھي.

جڳديش لڇاڻيءَ اول مختصر ۾ ايم.ڪمل جي حياتيءَ جون ڪجھہ جھلڪون، ڦھريون ڀيرو، سنڌي ساھتيہ جي سڃاڻ پانڪن آڏو آنديون آھن. مثال طور ھُن جي ھڪ ڪويتا ’وطن ڇڏڻ ويل‘ صفحہ 25 تي سنڌ مان لڏڻ وقت، شاعر اُن عمر جي ياداشت معرفت، وطن کان وڇڙڻ جي درد جي شاعراڻي احساس جو اظھار آھي. ان ڪويتا ۾ شاعر جو پتا آخرين دفعو گھر ڇڏيندي، اڱڻ ۾ بيٺل ڀپر جي وڻ کي ڇنبڙي ڀڃ ڀڃ ڪري ٿو. ڪويتا جي آخر ۾ ايم. ڪمل جون ھي سٽون ، وقت آميز آھن:

... اڄ ٻي منتظر آھيان
اھو ڇاڻڻ لاءِ
تہ منھنجي پتا ھن وڻ کي ڇا ڇيو.

جڳديش لڇاڻيءَ ايم.ڪمل جي منفرد غزل گوئيءَ تي

books.sindhsalamat.com

اعتقاد سان ڳالهائيندي، هن جي اندازِ بيان، هن جي شاعراڻي احساس ۽ زبان جي پختگيءَ کي ڇٽو ڪرڻ لاءِ جيڪي شعر چونڊيا آهن، تن مان به هن جي شعور جو چڱو پرتو ملي ٿو.

هاڻ اسان جي آزادي
سنڌور مليو، سينڌ وٺي.

بلنديءَ تي رسي آ بي شعوري
گڏهه جي هينگ تي گهوڙو ڪُڏي ٿو.

ڊاڪٽر لڇاڻيءَ ايم. ڪمل جي شعري مجموعن ۾ هن جي مهاڳن مان، غزل جي، شاعريءَ ۾ اهميت بابت جيڪو حوالو چونڊي درج ڪيو آهي، اهو به هن جي اڀياس جي چٽائيءَ جي ساک ٿو ڀري:

”غزل جو هر شعر، ڪنهن نه ڪنهن سوچ، جذبي جي رڱ کي آيل ڇڪ جي سُرَ جي رڙ آهي، جو ڌار ڌار انداز ۾، ڪڏهن بلند آواز ۾، ڪڏهن ڌيمي لهجي ۾، ته ڪڏهن غصي ۽ طنزي نوع ۾ پيش ٿيو آهي.“ (ص. 93)

آخر ۾، هن محفل جي ادبي رنگ ۽ انداز کي قائم رکندي، ڌيمل آواز ۾، شخصي طور، مان هڪ صفائي اوس ڏيڻ چاهيندس ته لعل پشپ سان انٽرويو واري باب ۾، ايم.ڪمل ۽ ارجن حاسد جي غزل گوئيءَ جي مشابهت بابت لعل پشپ مون تي ۽ هريش تي نامنهاد حاسد جي غزل کي وڌيڪ پسند ڪرڻ بابت، جنهن لوڪل بعض هٽڻ جهڙا چنڊا وڌا آهن، سي سراسر ڪوڙ آهن. هونئن مشابهتون اڪثر متشڪي ٿينديون آهن، اٿين مان وسهندو آهيان. ايم.ڪمل غزل جو بادشاهه آهي، ته ارجن حاسد غزل جو شهنشاهه آهي. ڪير وڌيڪ بلند آهي، اهو ڪوڙو اوهين

sindhsalamat.com

پاڻ پڇو. هونئن ايم.ڪمل جو ٽي هڪ شعر آهي:

”ڪوبه ڪنهن کان بلند ڪونهي
صرف مختلف آهي.“

۽ ايم. ڪمل جي شاعريءَ بابت، ملهه ڪٿ ۾ آخرين لفظ جيڪڏهن هن اهڙا ڪي لفظ ٿيندا به آهن، ته اڃا اُنهن جو مونکي انتظار آهي، وري به ، ايم.ڪمل جي ڪوٽيبل شاعريءَ مان :

لفظ ڏاڍا ضدي آهن
منهنجي مٺي کان پوءِ
معنائون ڇڏيندا.
(ص. 105)

اوهان کان پل، من جي اُڇل ڪري، هن محفل ۾ وسري ويو، مان اهو نٽو وساري سگهان ته هي ڪتاب ايم.ڪمل تي آهي، ايم.ڪمل جو ناهي، جڳديش لڇاڻيءَ جو آهي.

books.sindhsalamat.com

15

پوان شل قبول

(سفرنامو)

ودیشي ادب ۾ سفرنامن کي خاص مرتبو حاصل آهي، پر ڀارتيہ ساهتيہ ۾ ان قسم جي ڪتابن کي خاص اهميت نہ ڏني وڃي. سفرنامي جي تحرير، سنڌي ساهتيہ ۾ هڪ ڪنڊ پاسي پيل تخليق جيان محسوس ڪجي ٿي. ڀارت جي قديم ادب ۾، اديبن الڳ الڳ ديشن ۽ قدرتي سونهن جو دل کولي ورنن ڪيو آهي، جنهن مان اُنهن جي سيلاني طبيعت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ڪاليداس ۽ باڻ - ڀٽ جي ناٽڪن ۾ اسان کي قدرتي سونهن جو ڀرپور آنند ملي ٿو. هنديءَ ۾ اگييہ موهن راڪيش، نرمل ورما ۽ راهل سانڪرتيايں سفرناما لکيا آهن. اُئين ناهي تہ اسان جي سنڌي اديبن سفرناما قلمبند تہ ڪيا آهن، مگر گهٽ ڀاڱي، اهي سنڌ تائين ئي محدود آهن. جڳديش لڇاڻيءَ جو 'پوان شل قبول' [1] بہ سنڌ جو سفر آهي.

دادوءَ جڳديش لڇاڻيءَ کي سنڌ ڏسڻ جي بيحد تمنا هئي. اڪثر هو اسان سان پنهنجي ننڍپڻ ۽ جنم آستان پيرَ ڳوٺ جون ڳالهيون ٻڌائيندو رهندو هو.

جڳديش لڇاڻيءَ ڪتاب جي 'پيش لفظ' ۾ لکيو آهي، ''مان چوان ٿو، زندگيءَ ۾، ڪڏهن ڪڏهن سپنا بہ ساڀيا ٿيندا آهن.... زندگيءَ ۾ ڪرشما بہ ٿيندا آهن. سنڌ جو سفر، منهنجي اتفاقن ڀري زندگيءَ جي شام جو هڪ حسين، خوشگوار ۽ نہ وسرندڙ اتفاق آهي. اهو رنگين اتفاق، منهنجي يادگيرين جي

1. جڳديش لڇاڻي: پوان شل قبول. ويٽا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن 2008ع

تهڪاڻي ۾ سدا سلامت ۽ حيات رهندو.

ڀارت جو ورهاڱو، زمين جو ورهاڱو، جيڪو دنيا جي نقشي تي نمايان آهي، اهو دلين جو ورهاڱو نہ هو، اِنساني جذبات جو ورهاڱو نہ هو! ساڳئي ٻولي ڳالهائيندڙن کي، هڪ ٻئي کان جدا ڪرڻ، مان سمجهان ٿو، هن صديءَ جي هڪ سڀ کان وڏي ٽرئجڊي آهي، ڪيترين صدين کان، هڪ هنڌ وسيل ماڻهن کي، مٺ محبت ۾ رهندڙ ماڻهن کي، مذهب جي نالي ۾، مذهب جي صحيح معنيٰ نہ سمجهندڙ سياستدانن، ڌار ڌار ڪري ڇڏيو. اهو هڪ سڀ کان وڏو گناهہ آهي، جيڪو هرگز معاف ٿيڻ لائق ڪونهي.''

مان هتي جڳديش لڇاڻيءَ جي سفرنامي 'پوان شل قبول' تہ ڀاڱ ڪجهہ نہ چئي، سفرنامن جي شهنشاهہ الطاف شيخ جي ڪتاب تي لکيل مهاڳ ئي Re-Produce ٿي ڪريان:

''ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جو هيءُ سفرنامو مون لاءِ بيحد نرالو آهي، بلڪ هڪ الڳ نوعيت جو سفرنامو مونکي پهريون دفعو پڙهڻ لاءِ مليو آهي. هونءَ اسين هميشہ ولايت جي ملڪن يورپ، آمريڪا ۽ ڏور اوڀر جي ملڪن: هانگ ڪانگ، جپان، سينگاپور جا سفرناما پڙهندا آهيون تہ اُنهن ملڪن ڪيڏي ترقي ڪئي آهي، اُهي ڪيڏو نہ خوشحال ۽ سهڻا آهن يا وري حج، عمري يا ايران، عراق، شام جهڙن ملڪن جي مذهبي زيارتن جو احوال پڙهي اوڏانهن روانا ٿيڻ لاءِ دعائون گهرندا آهيون، اسان جي وطن بابت ڪٿي ڪنهن يورپي يا انگريز جو رمارڪ پڙهبو آهي تہ اهو Negative هجڻ ڪري، ويتر دل ڏکوئجي ويندي آهي.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جو هيءُ سفرنامو جپان، ڪوريا، فرانس يا جرمنيءَ جهڙي ڏورانهين يا گورن جي ملڪ جو سفرنامو

sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

نہ آهي. پر اهو سندس ٿي ڌرتيءَ جو سفرنامو آهي، جتي هن جنم ورتو ۽ اڌ صديءَ جي فراق بعد، هن کي اها جنم ڀومي ڏسڻ جو موقعو مليو تہ هن کي جيڪا خوشي نصيب ٿي؛ ان جو هن احوال لکيو آهي. لڳي ٿو تہ هن ڌرتيءَ تي فزيڪلي موجود نہ هوندي بہ ذهني طرح حاضر رهيو آهي؛ تڏهن تہ هن کي سنڌ جي هر شيءِ ۽ ماڻهو اکين اڳيان آهن. هن جي هر هڪ جملي، هڪ هڪ سٽ ۾ هر هڪ اکر مان سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن لاءِ بي انتها محبت پئي جهلڪا ڏئي.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي هندستان جو هڪ مشهور اديب آهي. هن کي سنڌ جي مشهور همعصر اديبن شاعرن: تاجل بيوس، امداد حسيني، تاج بلوچ، قمر شهباز، فهميده حسين، ڊاڪٽر غلام علي الانا، آغا سليم جن سان ملڻ جي جيڪا اُڪير آهي، ان جي پروڙ سندس هن سفرنامي مان پوي ٿي. ايتري قدر جو هي سفرنامو پڙهي منهنجي تاج بلوچ ۽ قمر شهباز لاءِ بہ عزت جو درجو بلند ٿيو آهي تہ اسان جي ملڪ ۾ هھڙا اديب، شاعر ۽ ڏاها پيا آهن؛ پر اسان کي هنن جو قدر ٿي ناهي ۽ اسان روز ’سوجهرو‘ ۾ مضمون لکڻ يا نہ لکڻ تان تاج سان وينا وڙهون. مان جيڪر لڇاڻيءَ جي هن سفرنامي کي سنڌ جي ادب جي هڪ مني ڊڪشنري ڪوٺيان ۽ ٻي ڳالهہ تہ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي ڪراچي - حيدرآباد ۽ اسان جي ٻين شهرن جي واکاڻ پڙهي سچ پڇ تہ اُهي بہ وڻڻ لڳا آهن ۽ اسان جي پاڻ کي هن قسم جو سفرنامو ضرور پڙهڻ کپي، جيڪو ان ڌرتيءَ جو آهي. جتي اسان جو صبح شام گذري ٿو، جتي اسان پنهنجي عمر جي اڌ صديءَ کان مٿي گذاري چڪا آهيون. ان لاءِ هڪ اهڙي ليکڪ جا ويچار آهن، جنهن لاءِ تاجل بيوس هڪ خوبصورت شعر چيو آهي تہ:

صبح سبايو
جورو مون جڳديش جو
اڳٺ پي اتهاس جو،
آ مون اُٺايو.

جڳديش جو سنڌ جي مختلف شهرن گهمڻ جو هي احوال ڊسمبر 2004ع جو آهي، جڏهن سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن (SGA) جي دعوت تي هندوستان جا ڪجهہ سنڌي اديب ۽ شاعر: موتي پرڪاش، ستيش روهڙا، چندرو ڏاسواڻي، هيرو شيوڪاڻي، جڳديش لڇاڻي پاڻ ۾ ٻيا پهريون دفعو سنڌ جا مختلف شهر گهمڻ ۽ سنڌ جي اديبن، شاعرن، فنڪارن سان ملڻ آيا هئا.

هنن جو خاص مقصد ڪراچيءَ ۾ هلندڙ شاهہ، سچل، سامي ادبي ڪانفرنس اٽينڊ ڪرڻ هو، جن ۾ سنڌ جي اديبن سان گڏ هندستان کان آيل هنن سنڌي اديبن کي بہ مقالا پڙهڻا هئا. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ اُنهن مقالن جو بہ احوال لکيو آهي ۽ ڏٺو وڃي تہ هي هڪ ادبي سفرنامو آهي، جنهن سان هڪ ادب ۽ شاعريءَ جي شاگرد جي ڄاڻ ۾ پڻ واڌارو اچي ٿو.

الطاف شيخ
پونا، مهاراشٽر
24th Feb, 2008

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

16

نثري نظم ۽ ان جو ادبي پسمنظر

جڳديش لڇاڻيءَ جو ’نثري نظم ۽ ان جو ادبي پسمنظر‘(1) سن 2010 ع ۾ ڇپيو ڇپيل آهي. ليکڪ ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکي ٿو، ”سنڌ جي نثري شاعري، ادب جو هڪ بي بها سرمايو آهي. اُها مختلف تجرباتي مرحلن مان گذرندي، ادب جي شاهه راهه تي تڪڙيون تڪڙيون پرانگهون پيئي ڪٽي. جديديت جا تجربا به پيئي ڪري. هيئت جي تجربن ۾ به پنهنجي پيل ڪانهي. فڪر جي جوهر سان گڏ، انسان ذات جي مسئلن جو عڪس به پسائي ٿي. طنز ڪري ڄاڻي. اها هڪ هنڌ بيٺل به ڪانهي. ان ۾ زمان حال جي حالتن جو رد عمل پسجي ٿو.

تخليقڪار، شاعريءَ جي هن صنف ۾ بحر وزن، قافيه - بندي، رديف سان نڀاهڻ جي هنر کي ڇڏي، پنهنجي نجي طرز بيان سان، زندگيءَ سان روبرو ٿي، ادبي تحرير ۾ احساسن جي ترجماني ڪن ٿا. سنڌ جي نثري شاعري قومي، زميني، ٻوليائي ۽ سائنسي سوچ کي به ساڻ ڪري هلي ٿي.

هن شاعريءَ ۾ عشق - محبت جو اظهار به ڀرپور نموني ٿيل آهي. نثري نظم جي قلمڪارن ۾ عورتن جو انگ به ننڍو ڪونهي. شاهه جي ٻاري ٻونءِ سنڌ ۾ نئين پيڙهيءَ، پراڻي پيڙهيءَ سان گڏ، پنهنجين روايتن کي سوگهو جهليندي، شاعريءَ ۾ مختلف رجحانن جو صلاحيتن سان اظهار ڪندي، ادبي خوشبو ڦهلائيندي رهي ٿي.“

1. جڳديش لڇاڻي: نثري نظم ۽ ان جو ادبي پسمنظر. ويڻا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن2010 ع

sindhsalamat.com

تاج جويو ڪتاب لاءِ لکي ٿو، ”جڳديش لڇاڻيءَ جي ڪتاب ’نثري نظم ۽ ان جو ادبي پسمنظر‘ تي اچان ٿو، جيڪو هن سنڌ ۾ سرجيل نثري نظم جي پسمنظر تي لکيو آهي ۽ آءٌ پنهنجيءَ ان راءِ کي هتي ورجايان ٿو ته ان جو نالو ’سنڌ ۾ نثري نظم ۽ ان جو پسمنظر‘ هئڻ گهرجي ها.

هن ڪتاب ۾ جڳديش لڇاڻيءَ وڏيءَ محنت سان نثري نظم ۽ ان جي ادبي پسمنظر کي بيان ڪرڻ کان پوءِ، سنڌ جي مکيه نثري نظم سرجيندڙ شاعرن جو تفصيلي مطالعو پيش ڪيو آهي، جنهن مان سندس علمي ادبي ڄاڻ ۽ تنقيدي شعور ۽ نظر جو پتو پوي ٿو.

هن شيخ اياز، قمر شهباز، تاجل بيوس، تاج بلوچ، فتاح ملڪ، امداد حسيني، پشپا ولڀ، سحر امداد، ادل سومرو، نصير مرزا، عطيه دائود، اياز گل، چندر ڪيسواڻي، مدد علي سنڌي، زخمي چانڊيو، رمضان نول، آڪاش انصاري، پارس عباسي، زبيده ميتلو، مشتاق گبول، پارس حميد، جان خاصخيلي، اسي زميني، حسن مجتبيٰ، شاهه محمد پيرزادي، عزيز گوپانگ، ستار رند، شبنم گل، مصطفيٰ ارباب، امتياز ابڙو، حسن درس، زاهد دارا ابڙو، ارشاد ڪاظمي، محمد علي پٺاڻ، امر سنڌو، حميره نور ۽ ارم محبوب جي شاعري/ نثري نظمن جو جائزو ورتو آهي، ڪن جو تفصيلي ته ڪن جو مختصرو پر سندس تجرباتي نگاهه علمي آهي ۽ بنا شڪ سندس تجزئي کي ساراهڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهجي، پر هن تجزئي دوران ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي ڪٿي ڪٿي آزاد نظم ۽ نثري نظم ۾ تفريق نه ڪئي آهي، شايد ستن جو ستاءُ ڏسي هن ائين ڪيو آهي. جڏهن ته هن خود نثري نظم ۽ ان جو ادبي پسمنظر بيان ڪندي، نظم جا ٽي قسم ڄاڻايا آهن: پابند نظم، آزاد نظم ۽ نثري نظم.

books.sindhsalamat.com

منهنجي نظر ۾ تجزئي هيٺ آيل شاعرن مان قمر شهباز، تاج بلوچ، فتاح ملڪ، امداد حسينيءَ جا سمورا نظم، سحر امداد، نصير مرزا، آڪاش انصاريءَ ۽ حسن درس جا ڪجهہ نظم، نثري نظم نہ پر آزاد نظم آهن، ڇو تہ اُنهن ۾ وزن موجود آهي، البت سٽون ننڍيون وڏيون آهن. اُهي نظم، جڳديش لڇاڻيءَ پاران ڪتاب جي ص. 15 تي J.A.Cuddon جي ڪتاب A Dictionary of Literary Terms مان آزاد نظم جي ڏنل وصف موجب آزاد نظم ٿي ٿي سگهن ٿا، جن جون سموريون سٽون هڪ جيتريون نہ هونديون آهن، ڪا ست وڏي تہ ڪا ست ننڍي هوندي آهي.

بهرحال جڳديش لڇاڻي، سنڌ جي 35 شاعرن جي نثري نظمن (يا نظمن) جو تنقيدي ۽ ادبي اڀياس پيش ڪري واسديو موهيءَ کان پوءِ ٻيو وڏو جس جوڳو ڪم ڪيو آهي، جنهن 'سنڌي غزل جي هئنڊ بوڪ' ۾ سنڌي غزل جو تجزيو پيش ڪيو آهي . آءٌ يقين سان ٿو چوان تہ جڳديش لڇاڻيءَ جو هيءُ ڪتاب، سنڌ ۽ هند ۾ هڪ جيترو پسند ڪيو ويندو ۽ سنڌي نثري نظم جي اڀياس جي ڏس ۾ هڪ لاڀائتو ڪتاب ثابت ٿيندو.

تاج جويو

رات جا - 12-20

01-02-2010

'عوامي آواز' ڪراچيءَ ۾ رڪيل موراڻيءَ ڪتاب لاءِ لکيو:

''ڳوٺ خيرپور رياست ۽ هاڻوڪي ڪڄين واري خيرپور جي پر ۾ سورهيہ بادشاهہ جي شهر پير ڳوٺ ۾ جنم وٺندڙ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جو نالو وٺندي دل ۾ هڪ احترام جاڳي ٿو، جيڪو ڪنهن بہ عالم، اسڪالر جي نالي وٺڻ سان جاڳڻ کپي. سنڌين جي شهر اُلهاسنگر ۾ رهندڙ ۽ سنڌي ادب کي ٻن درجنن کن ڪتابن کان وڌيڪ ادب ڏيندڙ ڊاڪٽر لڇاڻي اڄڪلهہ ڪل وقت تي لکڻ

sindhsalamat.com

پڙهڻ جي ڪم ۾ رڌل آهي. سندس ڪتاب 'نثري نظم ۽ ان جو ادبي پسمنظر' سنڌ ۾ تخليق ٿيندڙ نثري نظم جو هڪ پاسخاطريءَ کان سواءِ لکيل اهڙو اڀياس آهي، جيڪو سنڌ ۾ اڄ تائين لکجي نہ سگهيو آهي. هڪ سو چوويهن صفحن ۾ لکيل هي اڀياس ڊاڪٽر صاحب سنڌ کان ٻاهر ويهي لکيو آهي، ان لاءِ هن کي ڪيتري تڪليف ٿي هوندي مواد هٿ ڪرڻ ۾، ڪتاب جانچڻ ۾ مناسب لکندڙن کي مناسب اهميت ڏيڻ ۾ هو جيترو سڄيٽ رهيو آهي، اهو فقط هو ئي ڪري سگهي ٿو.

سنڌ ۾ سرجندڙ نثري نظم جي اوسر، ان جي ادبي پس منظر تي تفصيل سان لکڻ کان پوءِ سنڌ جي پنجٽيهن شاعرن ۽ شاعرائن جي نثري نظمن تي هن پنهنجا اڀياسي نوٽ ڏنا آهن؛ جيڪو گهڻو ساراهڻ جوڳو ۽ ياد رکڻ جوڳو ڪم آهي. هيءُ ڪتاب هند ۾ ويهي لکندڙ ڊاڪٽر لڇاڻي صاحب جو سنڌ جي نثري نظم تي هڪ لاجواب اڀياس آهي، جيڪو سنڌي ادب ۾ پنهنجي الڳ حوالي سان ياد رکيو ويندو . ان ڳالهہ جي باوجود تہ ڪي نثري نظم جون اهم داخلائون رهجي ويون آهن ۽ ڪي غير اهم داخلائون اهم بڻجي ويون آهن.

واسديو موهيءَ کي بہ ڪتاب راس آيو آهي. هو 'ٻنڌن کان پري جي دنيا ڏسڻ جي ضرورت' عنوان تحت لکي ٿو:

''جڳديش لڇاڻيءَ سنڌ جي نثري نظم جا وڏ ۾ وڏ مجموعا هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اٽڪل ٽن ڊزن کان وڌيڪ شاعرن جي قلمرانيءَ تي اعتماد ڀريل تبصرو ورنہ ممڪن نہ ٿي سگهي ها. اِهو ممڪن نہ آهي تہ لڇاڻيءَ کي سڀني شاعرن جون سڀ رچنائون ڇهي وڃن، پر ڪٿي باضبط رايي سان تہ ڪٿي ٻوليءَ کان ولين جهڙو ڪم وٺندي هو پنهنجي ڳالهہ ڏانوَ سان اسان اڳيان رکي ٿو. جٿي وليون مڪان جي خوبصورتي وڌائڻ سان گڏو گڏ ان

books.sindhsalamat.com

جون خاميون / بدزيبايون بہ ڪي قدر لڪائي سگھنديون آھن تئن لڇاڻيءَ ڪن شاعرن جي حوالي ۾ سندن رچنائن جي خوبصورتيءَ تي اک رکي آھي. ھڪ سٺي تبصره نگار جي جوابدارين کي ھن درگذر نہ ڪيو آھي. ھوئن بہ لڇاڻيءَ جي ٻولي ھڪ پايي جي نقاد جي وقار سان ٺھڪندڙ آھي. ھو نثري نظم سان جڙيل ڪيترن خطرن کان بہ شاعرن/ پاڻڪن جو ڌيان ڇڪائي ٿو. لڇاڻيءَ سٺي، بھتر ۽ بھترين ۾ ذھين تال ميل رکيو آھي ۽ اھا ننڍي حاصلات ناھي. نئين ڪوتا ھجي يا نثري نظم يا يورپ جو فري ورس، سيني کي وروڌ، احتجاج جو سامنو ڪرڻو پيو آھي. ھند توڙي سنڌ ۾ نئين ڪوتا-نثري نظم کي ڪيترن شاعري مڃڻ کان اِنڪار ڪيو. شخصي طور مون تي اھو اثر آھي تہ اھڙي ڪا لڪٽي جيڪا پاڻک کي پنھنجي من تائين وڻي وڃي تہ اھا شاعري آھي؛ ۽ اھڙو ڪارج جيڪڏھن ڪا نثري رچنا ڪري ٿي تہ اھا بہ منھنجي نظر ۾ شاعري آھي. ھند سنڌ جي ڪوتا / شاعريءَ کي مان ان حوالي ۾ ئي ماڻيندو آھيان. ڪوتا / شاعريءَ ۾ سچ کان وڌيڪ سچو ڪوڙ شامل ھوندو آھي، اسين جيترو وڌيڪ ان ڪوڙ تي وشواس ڪنداسين، اوترو وڌيڪ ڪوتا کي ماڻي سگھنداسين. ھيءُ ڪتاب ان ڏس ۾ پختي ڪوشش آھي.'' (2)

2. جڳديش لڇاڻي: نثري نظم ۽ ان جو ادبي پسمنظر. ص.XVII

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

17

نئين ڪوتا: ارتقائي سفر

سنڌ جي نثري نظم کان پوءِ جڳديش لڇاڻيءَ جو ’نئين ڪوتا - ارتقائي سفر‘ [1] ظاهر ٿيو. جڳديش لڇاڻيءَ ڪتاب جي ’پيش لفظ‘ ۾ لکيو آهي:”صحيح معنيٰ ۾ نئين ڪوتا، جدت پسنديءَ جو مظاهرو ناهي، بلڪ موجوده طرز حيات جو سڌو سنواٽو اظهار آهي. اها اخلاقي قدرن خواه رومانوي اثرن کان مطلقا آزاد آهي. جڏهن شاعريءَ ۾ ’شعريت‘ تي گهٽ پر ’نواڻ‘ تي وڌيڪ زور رهي ٿو، ته اهو شاعريءَ لاءِ سٺو سڳڻ ڪونهي. ڀڳل ٽٽل جملن، اوپرن الفاظن، مبهم ۽ منجهائيندڙ ويچارن جي اظهار سبب شاعري، جديد شاعريءَ ۾ نٿي شمارجي، ڇو ته جدت صرف شاعريءَ جي طرز بيان ۾ نه، پر ان ۾ سمايل ذهني رَوش، خيالن، مشاهدن ۽ اُن جي رُخن ۾ آهي. مٿاڇري نظر سان ڏسبو ته نئين ڪوتا لکڻ سولي ۾ سولو لڳندو، بس خيال کي ورهائي، سٽون ڀڃي، اُنهن کي هيٺ مٿي ڪري، بي ترتيب، هڪ ٻئي جي هيٺان رکٽيون آهن، ليڪن گهرائيءَ سان جاچبو ته نئين ڪوتا لکڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم معلوم ٿيندو. نئين ڪوتا لکڻ لاءِ جيڪو نئون ذهن، نئين هوشمندي، شعور جي بلنديءَ ۽ گهرائي کپي، سا هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه ڪانهي. نئين ڪوتا بحر وزن ۽ قافيي رديف جي ٿنڀن ٽوڙين بدران، پنهنجي فڪري قوت جي ٻل تي بيهي ٿي.

Experience of actuality جو صادق ۽ ڀرپور اظهار ڪندڙ آزاد شاعري، اظهار جي لحاظ کان گهڙيل ۽ پالش ٿيل الفاظن کان ڪنارو ڪري اڳيان وڌي ٿي. جديد شاعريءَ جي هڪ وصف، روايت کان بغاوت به آهي. اها مجبل ۽ مڙهيل مجتائن کي ٽوڙڻ جو عمل ڪٿي هلي ٿي. روايت جي نباه سان، جيئن جديد ويچارن جو عمل مشڪل آهي، تيئن پراڻن الفاظن ۽ الفاظن جي روايتي رشتن مان جديد معنائون ۽ مطلب ڪيڍڻ آسان ناهي. نئين شعور، نئين احساس ۽ زبان جي نئين اسلوب سبب، ڪڏهن ڪڏهن نئين شاعريءَ کي سمجهڻ ڏکيو به لڳندو آهي.

جڏهن به مروج روايتن ۽ لاڙن جي خلاف ڪا نئين ڳالهه ٿئي ٿي ته ان جي مخالفت ٿئي ٿي. ڪا نئين ڳالهه، ماڻهن جي نڙيءَ ۾ سولائيءَ سان هيٺ نٿي لهي. جدتڪار کي ڪيترائي دفعا ملامتن کي منهن ڏيڻو پيو آهي. سنڌيءَ ۾ به شروع ۾ نئين ڪوتا جي مخالفت ٿي ڇو ته ڪيترن قلمڪارن ان ۾ ڀڳل ٽٽل جملن، منجهيل - منجهائيندڙ ويچارن جو اظهار ڪيو هئو. مغربي ليکڪن جي غير ضروري نقل سبب، ڪجهه وقت ته نئين ڪوتا اڳيان سوال جي نشاني لڳي ويئي هئي. پر اڄ اسين ان صورتحال کان ٻاهر نڪري چڪا آهيون. اڄ جي قلمڪار جو پاڻ ۾ اعتماد آهي. هو پنهنجي آزمودن جي اظهار ۾ ايماندار آهي. سنڌيءَ جي لڳ ڀڳ سيني ننڍن وڏن شاعرن هن صنف ۾ پنهنجي خيالات ۽ احساسات کي اظهار ڏنو آهي. نئين ڪوتا هاڻي نئين ڪوتا نه رهي، ڪوتا بڻجي ويئي آهي. ”نئين ڪوتا : ارتقائي سفر“ عالمن لاءِ لکيل ناهي. هيءَ رچنا انهن پاٺڪن لاءِ آهي، جيڪي نئين ڪوتا کي شاعريءَ جي مڪمل ادبي پسمنظر ۾ ڏسڻ جا

1. جڳديش لڇاڻي: نئين ڪوتا: ارتقائي سفر. ويڻا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن 2012ع

sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

خواهشمند آهن، جن کي شاعريءَ لاءِ چاهه آهي، جيڪي ان کي سمجهڻ ٿا چاهين.

نئين ڪوتا جي روپ ريکا ۽ ان جي اهم رُجحانن کي تلاش ۽ واضح ڪرڻ ئي هن ڪتاب جو مکيه مقصد آهي. هيءَ تخليق، نئين ڪوتا جي تشريحي پهلو اجاگر ڪندي، ان جي اُڻت - بڻت ۽ عبارت تي گهرائيءَ سان سوچيندي، ان جي قلمڪارن ۽ سندن شاعريءَ کي به ساڻ ڪري هلي آهي. ''نئين ڪوتا : ارتقائي سفر'' ڏسجي ته اجا نامڪمل آهي. 20 صديءَ جي نائين ڏهاڪي ڌاري سنڌي شاعريءَ ۾ جيڪا بعد جديديت جي لهر اُڀري، جهيڙي ئي سهين، ان کي مون ذڪر هيٺ ڪين آندو آهي. هونئن به ادب جي وچ ۾ هارڊ اينڊ فاسٽ Demarcation ٿئي ئي ڪانه. موجوده صورتحال ۾ ڀن ڀن ادبي صنفون هڪ ٻئي جي دائري ۾ Trespass ڪرڻ لڳيون آهن. گاڏڙ ذائقي سبب، مونکي نئين ڪوتا ۽ بعد جديد ڪوتا پاڻ ۾ مِليل جُليل نظر آيون آهن. بعد جديديت جهڙي سوچ ۽ فڪر کي اظهار ڪندڙ، تمام ڪوتائون، هن تخليق ۾ توهان کي ملنديون يعني ڏنل ڪيترن مثالن ۾ بعد جديديت جا عناصر نمايان ٿي بيٺا آهن؛ جينوئيڪ بعد جديد شاعري، نئين ڪوتا کان ٿوري الڳ ٿلڳ آهي. نئين ڪوتا جي سچي تصور ۾ برابر تبديل ڪين آئي آهي، پر اُنهن جي معيارن ۽ تاجي پيٽن ۾ فرق نمايان ٿي بيهي ٿو. پوءِ به اسان وٽ پوسٽ ماڊرنزم، ڌارا جو روپ اختيار نه ڪيو آهي.''

ڪيمن يو. مولاڻي ''نئين ڪوتا: ارتقائي سفر'' لاءِ

sindhsalamat.com

لکيو آهي: ''تازو هن سال 2012ع ۾ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جو نئين ڪويتا تي تنقيدي ڪتاب، 'نئين ڪوتا اِرتقائي سفر' شايع ٿيو آهي. جنهن ۾ ڀارت جي نئين ڪوتا لکندڙ 47 شاعرن جي نين ڪوتائن کي شامل ڪري اُنهن جي چند چاڻ ڪئي ويئي آهي. 47 جو انگ وجود ۾ وڍ وجهندو آهي. بدن ۾ سيات پئجيو وڃي. جڳديش لڇاڻي شاعر ڪونهي. پيشي کان هوُ تعليمدان آهي. شايد اِنڪري ڪيس ڪوتا کي پرکڻ جي سُٺي ڄاڻ آهي. جڳديش لڇاڻيءَ جي مڃتا آهي ته نئين ڪوتا فقط جدت پسنديءَ جو مظاهرو ناهي؛ بلڪ مؤجوده طرز حيات جو سڌو سنواٽو اِظهار آهي. Experience of actuality جو صادق ۽ پرڀل اظهار ڪندڙ آزاد شاعري، اِظهار جي لحاظ کان گهڙيل ۽ پالش ٿيل آلفاظن کان ڪنارو ڪري اَڳتي وڌي ٿي. نئين شعور، نئين احساس ۽ زبان جي نئين اسلوب سبب، ڪڏهن ڪڏهن نئين شاعريءَ کي سمجهڻ ڏکيو به لڳندو آهي . منهنجي خيال ۾ شاعري شاعر جو اندر اورڻ آهي، جا لکل، اڻ ڇهيل، اڻ پرکيل پنهنجي پاڻ ۾ غنائتو اِظهار آهي. 200 صفحن کان وڌيڪ صفحن واري هن ڪتاب کي پنجن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. ''ڪوتا، نئين ڪويتا ۽ آزاد نظم'' واري ڀاڱي ۾ ڄاڻايل آهي ته فرينچ شاعر بودليئر پهريون شاعر هو جنهن نثري شاعري جو بنياد وڌو. حالانڪ هوُ منظوم شاعريءَ ۾ به نظم جو هڪ پختو شاعر هو. اُن کان پوءِ اُها نئين ڪوتا جرمني، اِنگلنڊ، آمريڪا ۽ چليءَ جو سئر ڪندي هن نئڊي کنڊ ۾ آئي. سنڌيءَ ۾ اُها اُردو ٻوليءَ مان آئي. هاڻي ته اِها نئين ڪوتا سنسار

books.sindhsalamat.com

ٻہ اِهو نالو مقبول ٿيو آهي. سنڌي اَدب ۾ ڪوتا جي هيءَ صنف موجوده صورت حال ۾ بيحد مقبول بڻي آهي. قلمڪار پنهنجي تاثرات کي آزاد نظم جي صنف ۾ واڻڪو ڪن ٿا.

ڪتاب جي آخر ۾ 47 سنڌي شاعرن جي نئين ڪوتائن جي اوک ڊوک ڪئي ويئي آهي ۽ اُنهن جي ڪوتائن جا مثال ڏنا ويا آهن. اِهو ڪو سؤکو ڪم ڪونہ آهي. پر اِهو اوکو ڪم ڊا. جڳديش لڇاڻيءَ ڪاميابيءَ سان ڪري ڏيکاريو آهي، جنهن لاءِ ڪيس داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. بهرحال هيءُ ڪتاب سنڌي اَدب ۾ هڪ اِضافو مڃي سگهجي ٿو.

عوامي آواز ۾ رکيل موراڻيءَ هن ڪتاب تي تبصرو ڪندي چيو آهي، ’’سنڌ جي نثري نظم کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب ساڳئي موضوع کي کڻندي ڪتاب جو ٻيون ڀاڱو (جيڪو پڻ الڳ ڪتاب آهي) اسان کي ڏنو آهي، جنهن جو نالو آهي، ’’نئين ڪوتا : ارتقائي سفر‘‘. هي ڪتاب هند ۾ نئين ڪوتا نالي هيٺ لکيو ويندڙ نثري نظم جو هڪ جامع ابياس آهي. ڏنو وڃي تہ نئين ڪوتا هند ۾ اسان وٽ آيل نثري نظم کان اڳ لکي وئي آهي ۽ مان ڪنهن حد تائين ائين بہ سمجهان ٿو تہ نئين ڪوتا کان متاثر ٿي اسان جي ڪن جديد شاعرن نثري نظم لکڻ شروع ڪيو. ڇاڪاڻ تہ هند جو سنڌي شاعر/ڪوتاڪار جن حالتن مان گذريو آهي، سنڌ جو شاعر انهن حالتن مان ڪونہ گذريو آهي جنهن ڪري هن جو اديب ۾ اڪيلائپ، بي يقني، رشتن ڪوکلائپ، اوپرائپ ۽ جلاوطنيءَ جو درد هنن

جي هر ٻوليءَ ۾ لکي وڃي ٿي.

’نئين ڪوتا جا موضوع ۽ وصفون‘ ۾ چيل آهي تہ نئين ڪوتا اَندر جي ڪوٽ ڪوٽان آهي. جنهن ۾ تخليقي زبان ۽ علامتن جو ڀرپور اِستعمال ٿئي ٿو. اُها زندگيءَ جي هر ڪيتر سان منهان منهن آهي. نئين ڪويتا احساس سان گڏ سوچڻ جو سلسلو پڻ بڻي آهي. نئين ڪوتا لکندڙ شاعر، شاعراڻين صنعتن جو جهجهو اِستعمال ڪري پنهنجن خيالن کي اونهيون معنائون عطا ڪن ٿا.

’نئين ڪوتا ۾ سنڌ جي ساروڻي‘ سري هيٺ مثال ڏيئي اِهو ثابت ڪيو ويو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي نئين ڪوتا ۾ سنڌ جي ساروڻي جا ٻجا پکڙي پيئي آهي. مثال سنڌ ۾ جاول شاعرن سان گڏ هند ۾ جاوَل شاعرن جا بہ ڏنا ويا آهن. هند ۾ جاول نئين ڪوتا جي سنڌي شاعرن بہ جهجهيون ڪوتائون سنڌ جي ساروڻيءَ ۾ لکيون آهن، جيڪي مثال طور ڏنيون ويون آهن، پر هڪ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي تہ منظوم شاعريءَ جا بہ ڪي اهڙا مثال ڇو ڏنا ويا آهن، جڏهن تہ ڳالهہ نئين ڪوتا جي آهي. پر ڇا ڪجي؟ سنڌ لفظ ئي اهڙو آهي، ان جي وڇوڙي جو درد ئي اهڙو آهي جو نس نس ۾ سمايو پيو آهي، وجود سان ويڙهيو پيو آهي.

آزاد نظم، جديد شاعريءَ جي اِصطلاح ۾، نئين شاعريءَ جي هڪ نئين روايت آهي. آزاد نظم جو دارومدار اَسلوب جي بندش بدران موضوع ۽ خيال ڏانهن وڌيڪ رهي ٿو. اُردو شاعريءَ ۾ انگريزي اِصطلاح Free Verse جو لفظي ترجمو آزاد نظم ڪيو ويو..... سنڌي شاعريءَ ۾

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

جو سچو پچو اظهار آهي. جنهن کي محسوس ڪندي اتي نئين ڪوتا لکي وئي. پر سچ اهو به آهي ته هن جي نئين ڪوتا ۾ سڀ ڪجهه نئون هئو، نئون موضوع، نئون احساس، نئين ٻولي ۽ نئين صنف، شايد اهوئي سبب آهي جو لڇاڻي صاحب جي هن جامع اڀياس جو جيڪو هن نهايت تفصيل سان ٻن ڪتابن ۾ ڏنو آهي. ”نئين ڪوتا : ارتقائي سفر“ ۾ ڊاڪٽر صاحب جي لکيت ۾ چٽو ٿي سامهون آيو آهي سبب اهو آهي ته هند ۾ ويٺي ڪيس سموري نئين ڪوتا ميسر ٿي سگهي آهي ۽ ڪتاب جو هيءُ ٻيون ڀاڱو يا چوٿ گهرجي هيءَ ٻيو ڪتاب، هڪ نهايت اهم تنقيدي اڀياس طور سامهون آيو آهي جنهن لاءِ سچ پچ ڊاڪٽر صاحب جي ڪيل هن ڪم جي تعريف لاءِ هنن گهڙين ۾ شايد لفظ پنهنجو ڀرپور مطلب ڏيئي نه سگهن پر مان سندس هن اڀياس کي نهايت نهايت، اهم تنقيدي اڀياس سڏيندي فخر محسوس ڪريان ٿو ۽ اها خواهش ڪريان ٿو ته هيءَ ٻئي ڪتاب سنڌ ۾ هڪ جلد ۾ شايع ٿيڻ گهرجن. اٿين سنڌي ادب کي هڪ نئون شاعراڻو اڀياس ملي سگهندو.

نئين ڪوتا ۽ ان جو ادبي پسمنظر- ڪوتا، نئين ڪوتا ۽ آزاد نظم - نئين ڪوتا جا موضوع ۽ وصفون - نئين ڪوتا ۽ سنڌ جي ساروٽي - اهي مجموعي مضمون آهن جن تي ڊاڪٽر صاحب نهايت اعتماد سان ۽ سچيتائيءَ سان هڪ اسڪالر هجڻ جون گهرجون پوريون ڪندي لکيو آهي، جيڪو چاليهن سالن تي پکڙيل نئين ڪوتا / نثري نظم جي سفر بابت آهي ۽ ان کان پوءِ نئين

ڪوتا جي لکندڙن / ليکڪن ۽ ليکڪائن تي اڀياسي نوٽ آهن، جيڪي نهايت اهميت وارا آهن ۽ انهن جي اصلي سڃاڻپ ڏين ٿا، ساڳي وقت انهن ليکڪن / ليکڪائن جي ڪوتائن جا ڪجهه حصا يا مکيه ڪوتائن حوالي طور ڏنيون ويون آهن. جنهن ڪري هيءُ ڪتاب نه رڳو هڪ تخليقي تنقيدي اڀياس آهي پر ساڳئي وقت هڪ ڪوجنائي ڪتاب پڻ آهي؛ جيڪو سنڌ جي تنقيدي اڀياس طور هند ۽ سنڌ جي سنڌي ادب ۾ هڪ جيتري اهميت لائق آهي. هيءُ اڀياس خود ڊاڪٽر صاحب لاءِ هڪ الڳ اهميت واري جڳهه جوڙيندو اهڙي پڪ اٿئون. ٻن سوَن کان وڌيڪ صفحن تي مشتمل هيءَ ڪتاب سنڌي تنقيد ۾ هڪ اهم واڌارو آهي.

ٻيءَ طرح ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي، ’سنڌي ادب جي پرک‘ نالي ڪتاب لکي اسان کي پنهنجي اهم هجڻ جو احساس ڏياريو هئو ۽ اهم لفظ سان مان ’مان ترين‘ لفظ جوڙي ڪيس سنڌي ادب جو هڪ ’اهم ترين‘ نقاد سمجهان ٿو. اهو منهنجو شخصي خيال آهي ۽ بس.“

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

18

شاهہ لطيف شناسي

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي عرس مبارڪ تي هر سال حڪومت سنڌ جي ثقافتي کاتي طرفان شاهہ لطيف عالمي ادبي ڪانفرنس منعقد ڪئي ويندي آهي، جنهن ۾ ڏيهہ توڙي پرڏيهہ جا اديب، عالم ۽ دانشور اچي مقالا پڙهندا آهن. عرس مبارڪ ۾ شرڪت لاءِ سموري سنڌ کان لطيف سائينءَ جي پانڌيئڙن جا قافلا ٽولن جي صورت ۾ ڀٽ شاهہ پهچي ويندا آهن.

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ سماجي ۽ سياسي حالتن جو ادراڪ ڪندي، پنهنجي فڪر جي ڦهلاءَ لاءِ، هالا حويليءَ کي خيرباد چئي، اچي ڀٽ وسائي هئي. اُتي ئي شاهہ سائينءَ 1752ع ۾ وفات ڪئي.

جڳديش لڇاڻي لکي ٿو، ”اوهان ان کي اتفاق چيو، ڪرشمو ڪوٺيو يا منهنجي خوش - نصيبي - جو مونکي پهريون دفعو ثقافت کاتي، حڪومت سنڌ کان سڪائتو سڏ ٿيو تہ آءٌ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي 270 هين عرس مبارڪ جي موقعي تي 18، 19، 20 ڊسمبر 2013ع شاهہ لطيف ادبي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪري، پنهنجو مقالو پيش ڪريان. مان شاهہ جي لازوال شاعري، سالن کان ٻارن کي پڙهائيندو رهيو آهيان. شاهہ سائينءَ سان منهنجو نينهن آهي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي دنيا جي عظيم ترين شاعرن مان هڪ آهي. شاهہ جو ڪلام پڙهيل - نيم پڙهيل ۽ اڻ - پڙهيلن لاءِ هڪجيتري مناسبت رکي ٿو. اڄ بہ سنڌ ۽ هند جو عوام شاهہ جو ڪلام بي ساخته جهونگاري ٿو. اخلاقيات جي سبقن کي بہ شاهہ لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ جوڳي جاءِ ڏني آهي. انهن کي فنائتي

sindhsalamat.com

۽ خوبصورت انداز ۾ اظهاري جمالياتي حظ بہ پيدا ڪيو اٿس. شاهہ لطيف جو ڪلام فڪر جو اهڙو اونهو سمنڊ آهي، جو سالن کان عالم، دانشور، نقاد ۽ محقق ان تي لکندا پيا اچن. جيترا دفعا شاهہ جي رسالي جو مطالعو ڪجي ٿو، اوترائي دفعا نوان نوان فڪر ۽ فهم جا گوشا نکري نروار ٿيو پون. شاهہ جي ڪلام ۾ هر زمان لاءِ ڪونہ ڪو پيغام آهي ۽ اهو زمان ۽ مڪان جي بندش کان آزاد آهي. هيڏي وڏي عرصي گذرڻ کانپوءِ بہ شاهہ جو ڪلام موجوده وقت سان واسطيداري قائم رکيو ويٺو آهي.

حضرت شاهہ عبدالله لطيف ڀٽائيءَ جي عُرس مبارڪ تان موٽي اچڻ کان پوءِ، مان شاهہ سان ڳنڍجي ويو هوس. اُٿندي - ويهندي، کائيندي - پيئندي، جاڳندي - سمهندي شاهہ ساڻ هو. انهيءَ نيڪ نيت، شاهہ طرف عقيدت ۽ محبت، مون کان قلمي پورهيو ڪرائي، ”آچيندي لهہ مران“[1] وجود ۾ آندو. مون چيو:

اگهيو ڪائو ڪَڇِ، ماڻڪن موٽ تي،

پلئہ پايو سچ، آچيندي لهہ مران.“

دادوءَ جي هن ڪتاب جو مهورت رام پنجوانيءَ جي ثقافتي مرڪز سيتا سنڌو ڀون ۾ موسيقيءَ جي محفل ۾ 8 مارچ 2015ع تي ڊاڪٽر موتي پرڪاش جي شڀ هٿن سان ڪيو ويو هو. جنهن ۾ ڪيترائي ماناتا اديب موجود هئا، جهڙوڪ ارجن چاولا، نرمل واسديو، بنسي خوبچنداڻي، ارون ٻاٻاڻي، ڪلا پرڪاش، پارو چاولا ۽ ڪجهہ ٻيا. ڊاڪٽر موتي پرڪاش شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ تي لکيل جڳديش لڇاڻيءَ جي ڪتاب ”آچيندي لهہ مران“ کي خوب ساراهيو ۽ پوءِ شاهہ جي شعرن پلٽ پلٽان ڪري، حاضرين کي جهومائي ڇڏيو هو.

1. جڳديش لڇاڻي: آچيندي لهہ مران. ويڻا پبليڪيشن، آلهاسنگر. سن 2014ع

books.sindhsalamat.com

ڪتاب جي آجيان ٿي، هند ۽ سنڌ ٻنهي ملڪن ۾! ڀارت ۾ سداحيات اديب ڪمل پياسيءَ لکيو، ”اهوئي سچو فنڪار ليکجي، جيڪو پنهنجي احساسات، علم ۽ فنڪاري سنواري سجائي عام تائين پهچائي ٿو. اهو ئي سندس ڪاميابيءَ جو درجو ليکجي ٿو. ڇو ته هو ان ۾ سچائيءَ جو اظهار ٿو ڪري. جاکوڙ ۽ تجربي دوران، هو جو ڪجهه پاڻ سمجهي ٿو، ٻين جي ڌيان تي آڻي ٿو. هن ڏس ۾، ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جو ڪاريه ڪيو آهي، ان لاءِ خبر نه آهي ڇو نمرتا ڀريو لفظ ڪتب آڻيندي ”آچيندي لهج مران“ جي حوالي سان پڙرو ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر لڇاڻيءَ ڪافي جاکوڙ ڀري محنت ڪئي آهي. ڪتاب جي ڪل سترهن بابن ۾ اهڙو ڪو باب ئي ڪونهي، جو شاهه ۽ جيوني ۽ فن بابت معتبر احوال پيش نه ڪندو هجي. شاهه لطيف کي جڳ مان الوداع ڪندي 350 سالن کان مٿي عرصو ٿي چڪو آهي، پوءِ به هن جي الفاظن، فن ۽ فڪر ۾ اهائي تازگي آهي، سڳنڌ آهي ۽ هر هڪ پانڪ اُها ماڻڻ چاهي ٿو. سمورو ڪتاب اهو مواد ميسر ڪري ٿو.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي جڏهن ’هنگلاج‘ ۽ ’گوڪل‘ جو ورنن ڪري ٿو ته اهو پڙهي من به چليو ٿو پوي. اگر ڊاڪٽر لڇاڻي سامهون هجي ها ته ڪيس ڀڀاڪري پائي، سندن عزت افزائي ڪرڻ کان پاڻ کي روڪي نه سگهان ها! پوءِ لڇاڻيءَ کي فون تي ٻڌايم، ”توهان جو ڪتاب پڙهي اکين ۾ آنسون اچي ويا. پوءِ به ڪتاب کي اکين اڳيان نه هٽايم. پڙهندو رهيس. رات جو ڪجهه وقت ۽ ٻئي ڏينهن صبح ساڻ اکيون پوريم ٿي ته توکي دلي دعائون ڏنم ٿي، اهڙي سهڻي ڪوشش ڪرڻ لاءِ. ڪتاب ۾ جيڪي حقيقتون ظاهر ٿيل آهن، اُنهن مان ڪيترين ڳالهين کان مان واقف ئي ڪونه هوس. جينوئيڪ مون به شاهه تي گهڻو

sindhsalamat.com

ئي ڪم ڪيو آهي. تون عمر ۾ ڀل مون کان ڪم ليکبو آهين پر ادبي قد ۽ ادبي قابليت ۾ مون کان وڏو آهين.

اڳ مون توکي ساهتڪار جي صف ۾ ڄاتو هو، پر هاڻي اهڙو خيال بدلايو اٿم. تنهنجي لکاوت کي مون غور سان پڙهيو آهي. مونکي تنهنجي هن ڪوشش تي ناز آهي. البت ڪٽ ڪندڙ ان جو قدر ڪن. اها حقيقت آهي ته شاهه جي شاعري موجوده زماني جي ناهي. پوءِ به ڪيترين حالتن ۾ اها بلڪل ٺهڪندڙ آهي، زماني جي بندش کان آزاد آهي. تز سنڌي مٺا لفظ ڄاڻڻ سان آنند آيم. تو جيڪي ڪجهه به لکيو آهي، اهو شاعر جي عظمت ۾ اضافو آڻيندو. هيءُ هر سنڌيءَ لاءِ نعمت ڀريو نذرانو ثابت ٿيندو، ڇو ته تو جو ڪجهه لکيو آهي کي بطور نام نهاد اديب ايچ.ٽي، سورلي سان ڀيٽي سگهجي ٿو.“ [2]

سچ پچ دادوءَ کي ان بزرگ ڪجي آسيس ڪم آئي.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي پنهنجي آتم ڪٿا ”ڇا ساريان - ڇا وساريان“ ۾ لکي ٿو، ’سچ پچ منهنجي سرڳواسي بزرگ دوست جي ڪتاب بابت ڪيل پيشگوئي حرف به حرف سچي ثابت ٿي، جڏهن ثقافت کاتي، حڪومت سنڌ سال کان پوءِ سن 2015ع ۾ منهنجو ڪتاب ”آچيندي لهج مران“ کي ٻيهر ڇپائي، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي 272 هين عُرس مبارڪ جي موقعي تي شاه لطيف عالمي ادبي ڪانفرنس ۾ منهنجي ڪن عزيز دوستن ڊا. غلام علي الانا. ڊا. نواز علي شوق، هيري ٺڪر ۽ جيٺي لالواڻيءَ وغيره جي هٿان پڌرو ڪيو مان پنهنجي عليل طبيعت ڪري، زندگيءَ جو اهڙو سونهري موقعو وڃائي ويٺس ۽ ساڳئي ڪتاب تي سن 2017ع ۾ مرڪزي ساهتيه اڪاديمي ايوارڊ به حاصل ٿيو.“ (ص. 222)

2. ڪمل پياسي: هندواسي. 26 اپريل 2015ع

books.sindhsalamat.com

واسديو موهيءَ جو ”آچيندي لهج مران“ لاءِ ظاهر ڪيل رايو مختصر ٿي سهين، پر بيحد اهميت ڀريو آهي. هُوَ چوي ٿو، ”جڳديش لڇاڻيءَ جو ڪتاب دراصل شاهه سائينءَ جي ڪلام جو الڳ الڳ پهلن کان اڀياس آهي. شاهه تي اسان وٽ ڪافي ذخيرو موجود آهي، پر شاهه سائينءَ جي ڪلام ۾ ايترا ترورا آهن جو هن تي جيترو لکجي گهٽ آهي. لڇاڻيءَ پنهنجي گهري اڀياس ذريعي شاهه کي پنهنجين رڱن ۾ اوتيو آهي، جنهن سبب هو هنن ليکن ۾ شاهه جي ڪلاتمڪ اظهار جا ڪافي تجلا پيش ڪري سگهيو آهي، شاهه جي ڪلام جي اُڻت ۽ ٻاوَ کي جوڳي پسمنظر ۾ پيش ڪري سگهيو آهي، خاص ڪري شاهه جي اظهار ۾ تخليقي ٻولي، شاهه جي ڪلام جون خوبيون ۽ شاهه جي علامتي شاعري وغيره ليکن ۾.“ (3)

”آچيندي لهج مران“ ڪتاب ۾ شامل سڀ مضمون شاهه صاحب جي شاعريءَ سان وابستگيءَ ظاهر ڪن ٿا. ڪتاب سنڌ ۾ بہ بيحد مقبول ٿيو. منظور احمد قناسري، ڊائريڪٽر جنرل، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ لکيو، ”لطيف سائينءَ جي ڪلام ۽ فڪر کي هر عالم پنهنجي پنهنجي اک سان ڏٺو آهي. جنهن بہ عالم شاهه صاحب تي ڪم ڪيو آهي. ان پنهنجي پنهنجي مطلب جا موتي ميڙيا آهن. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي صاحب بہ پنهنجي علم، ڏات، ڏانءُ ۽ عقيدت وسيلي تمام بهترين ڪم ڪيو آهي. سندس ڪم ۾ مونکي عاجزي تمام گهڻي نظر آئي، جنهن جو وڏو مثال ڪتاب جو نالو آهي. حقيقت اِها آهي تہ هن پڙهندڙن لاءِ جيڪو آڇيو آهي، سو فخر ۽ سرهائيءَ لائق آهي. سندس ڪجهه موضوع تہ مونکي بلڪل نوان لڳا. جهڙوڪ شاهه صاحب جي شاعريءَ ۾ حواليپٽي (Equitability) جي سگهه وغيره.

3. واسديو موهي: ڪي نوٽ- تخليق پبليڪيشن، احمدآباد. سن 2019ع ص. 94

sindhsalamat.com

مان ڊاڪٽر صاحب کي بهترين ڪم ڪرڻ تي مبارڪون پيش ٿو ڪريان ۽ اميد ڪريان ٿو تہ خاص ڪري نوجوان طبقو هن ڪتاب کي پڙهي پنهنجي مقصد جا موتي ماڻيندو.“

ڪراچيءَ مان نور افروز خواجہ لکيو:

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي صاحب!

السلام عليڪم، جيئي سنڌ، جيئي لطيف.

ڊاڪٽر لڇاڻي صاحب، سڀ کان پهرين توهان کي شاهه لطيف تي لکيل هن نئين ۽ ناياب ڪتاب شايع ٿيڻ تي تمام گهڻيون مبارڪون هجن. ادا، توهان جهڙا ليکڪ تمام گهٽ آهن، جيڪي هن وقت بہ باقاعدگيءَ سان ۽ تمام جلد، ايترا معلوماتي ۽ ڪارآمد ڪتاب شايع ڪرائيندا رهن ٿا. (ماشاءِ اللهہ) الله پاڪ توهان کي وڏي زندگي عطا ڪرڻ سان گڏ اڃا بہ وڌيڪ سگهه ۽ همت ڏي جو گهڻا ڪتاب لکندا ڪندا رهو.

ادا! مون پنهنجي ٿيسز لکڻ دوران توهان جي ڪتابن جو مطالعو ڪيو ۽ انهن مان ڪجهه حوالا بہ ڪٽي پنهنجي ڪتاب ۾ شامل ڪيا. جڏهن توهان سنڌ ۾ آيا ۽ پاڻ جي پهريون دفعو اُتي ملاقات ٿي، جيڪا مختصر تہ هئي، پر ڪتاب جهڙي اهم موضوع تي ٿي. مون کي ان وقت تمام گهڻي خوشي ٿي ۽ وري توهان بہ پنهنجي سفرنامي ۾ ان جو ذڪر ڪيو آهي. وري 2013ع ۾ شاهه لطيف ڪانفرنس جي موقعي تي توهان سنڌ ۾ آيا؛ تڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ جي گيسٽ هائوس ۾ توهان سان ۽ ادا هيري ٺڪر سان ملاقات ٿي. تڏهن بہ ڪتابن جي ڏي وٺ ٿي. آئون ان وقت مرزا قليچ بيگ چيئر جي ڊائريڪٽر هيس ۽ مون توهان کي چيئر جي آفيس جي وزٽ ڪرڻ ۽ چانهه ٻڪ پيئڻ جي دعوت بہ ڏني، پر توهان جو شوڪت شوري ۽ ادا تاج جويي سان پروگرام هو. بهرحال، ٿوري وقت لاءِ ئي پر هڪ ٻئي

books.sindhsalamat.com

سان ملاقات نہ ٿي، نہ تہ توهان جو هٿ اچڻ ۽ اسان جو توهان وٽ اچڻ ڏاڍو محال آهي.

ڊاڪٽر نور افروز خواجہ

''آچيندي لھ مران''

''ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي، سنڌي ٻوليءَ جو هڪ وڏو اديب، عالم، ليکڪ، تحقيق ڪندڙ، نقاد، شاعر ۽ محقق آهي. پاڻ سنڌ ۾ 4 ڊسمبر 1939ع تي پير ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. ورهاڱي کان پوءِ هندستان لڏي ويو ۽ اُتي سنڌيءَ ۾ ايم.اي. ڪئي ۽ پوءِ پي ايڇ.ڊي (Ph.D) بہ ڪئي. پاڻ هن وقت سنڌ توڙي هند جي وڏن ليکڪن ۾ شمار ڪيا وڃن ٿا. پاڪستان طرفان هندستان مان ڪن چونڊ اديبن ۽ ليکڪن ۽ لطيف جي پارکوئن کي شاهہ لطيف جي ورسيءَ جي موقعي تي، منعقد ڪيل بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ جي دعوت موڪلي ويندي آهي ۽ ويزا جو بندوبست ڪيو ويندو آهي. ڊاڪٽر صاحب اُنهن اديبن ۾ شامل آهي، جن کي ڪانفرنس جي موقعي تي پاڪستان ۾ اچڻ جو موقعو ملندو رهي ٿو ۽ پاڻ انهيءَ ڪانفرنس ۾ بهترين پيپر پڙهندا آهن، جنهن جي گواهي محترم منظور احمد ڦڻاسرو صاحب، ڊائريڪٽر جنرل، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ ڏيندي لکيو آهي:

''دنيا ۾ جتي بہ سنڌي عالم ۽ شاهہ جا پارکو هوندا آهن، انهن کي بہ ادبي ڪانفرنس ۾ دعوت ڏيئي گهرايان ٿو. ڀارت ۾ جيڪي عالم رهن ٿا، انهن سان بہ ان حوالي سان رابطو ٿيندو آهي، جن ۾ ڊاڪٽر لڇاڻي صاحب بہ شامل آهي. لڇاڻي صاحب 2013ع ۾، شاهہ لطيف جي سالياني عرس تي سنڌ ۾ آيو هو. ان موقعي تي جنهن موضوع تي مقالو پڙهيو سو هو، 'ڀارت ۾ شاهہ لطيف تي تحقيق ۽ تنقيد'' - سندس مقالو تمام گهڻو پسند

کيو ويو.'' (ڦڻاسرو: 2004ع، ص. 223)

ڊاڪٽر صاحب سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن: جن ۾ تحقيق، تنقيد، ٻاراڻا ڪتاب، ناول تي، ڪهاڻين تي، ۽ شاهہ لطيف تي تحقيق وغيرهہ تقريباً 25 ڪتاب مختلف موضوعن تي لکيا آهن، جنهن جي مڃتا طور کين ڪيترائي ايوارڊ پڻ مليا آهن. ڊاڪٽر صاحب هونئن بہ تمام گهڻا محنتي ۽ جفاڪش شخصيت جا مالڪ آهن. آئون جڏهن سنڌي شعبي، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ چيئر پرسن هيس، ان وقت مون شعبي طرفان هڪ تحقيقي جرنل کينجهر ۽ شاهہ لطيف جي شاعريءَ بابت ڪتاب 'اڳهيا مُٺ سنڌا' ۽ 'لوچيان ٿي لاحد ۾' شايع ڪرايا. ان ۾ ڊاڪٽر صاحب اسان جا رويو ڪاميٽيءَ جا ميمبر هئا ۽ هن وقت بہ مان آرٽس فئڪلٽيءَ جي ريسرچ جرنل IRJAH (انٽرنيشنل ريسرچ جرنل آف آرٽس ۽ هيومنٽيز) جي ايڊيٽر آهيان، تڏهن بہ ڊاڪٽر صاحب انٽرنيشنل رويوئر آهن ۽ آئون ڊاڪٽر صاحب جون خدمتون حاصل ڪندي رهندي آهيان. ان کان سواءِ پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ممتحن (Examiner) آهن ۽ هتان Ph.D جون ٿيسز ۽ پروفيسرن جي پروموشن جا پيپر وٽن ويندا رهندا آهن. آئون خوش نصيب آهيان جو ڊاڪٽر جهڙا اسڪالر منهنجي رهنمائي ۽ همت افزائي ڪندا رهن ٿا.

ڊاڪٽر لڇاڻي صاحب جي ڪتابن سان گڏ، ڪيترائي مقالا هند ۽ سنڌ ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا. ڊاڪٽر صاحب جو هيءُ نئون ڪتاب ''آچيندي لھ مران'' شاهہ لطيف جي شاعريءَ جي تحقيقي ۽ تنقيدي موضوعن تي مشتمل مقالن جو مجموعو آهي. حالانڪ ڊاڪٽر صاحب هن ڪتاب جو نالو نهايت ئي خاڪساريءَ ۽ نمرتا سان رکيو آهي ۽ لطيف جي شاعريءَ تي هڪ اڏامندڙ نظر جاچيو آهي، پر ڊاڪٽر صاحب جي هن ڪتاب جي هر هڪ

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مقالي تي پاڻ تمام گهري نظر وڌي آهي، هن ڪتاب جو هر هڪ مقالو تمام گهڻي معلومات ڏيندڙ ۽ اهميت وارو آهي. هنن مقالن ۾ ڊاڪٽر صاحب ڪيترين اهڙين نين معلوماتي شين ۽ ڳالهين لکيون آهن. جن جي مون کي پاڻ خبر ڪانہ هئي. ائين ڪيترن ئي ماڻهن کي انهن بابت ڄاڻ ئي ڪانہ هوندي. هن ڪتاب تي ڦناسري صاحب پنهنجي راءِ ڏيندي بلڪل بجا فرمايو آهي تہ:

”لطيف سائينءَ جي ڪلام ۽ فڪر کي هر عالم پنهنجي پنهنجي اک سان ڏٺو آهي، جنهن بہ عالم ، شاهہ صاحب تي ڪم ڪيو آهي، ان پنهنجي مطلب جا موتي ميڙيا آهن. ڊاڪٽر جڳديش صاحب پنهنجي علم، ذات، ذانءُ ۽ عقيدت وسيلي تمام بهترين ڪم ڪيو آهي. سندس ڪم ۾ مونکي عاجزي تمام گهڻي نظر آئي، جنهن جو مثال ڪتاب جو نالو آهي.`` (ص. 10)

پرفيسر هيرو شيوڪاڻي ڊاڪٽر صاحب بابت چوي ٿو تہ ”هيءُ پوڄارو لڇاڻي بہ پنهنجي اڀياس ۾ پُر آهي.`` (ص. 14) تہ ڊاڪٽر صاحب جي لاءِ اهي وڏا سرٽيفڪيٽ آهن.

شاهہ لطيف جي ڪلام ۾، ان جي فڪر، موضوع، فن، جماليات، نفسيات، علامت، قدرتي منظر، تصوف وغيرهہ ايترين خوبيون آهن جو شروع کان وٺي اڄ ڏينهن تائين سوين محقق ۽ نقاد ان تي تحقيق ڪندا رهن ٿا. ڪلام ۾ جماليات؛ ثقافت، اخلاقيات، شاهہ جون سورميون، شاهہ جي انسان شناسي، قدرتي منظرن، لوڪ ڪهاڻين وغيرهہ تي ڪيترين ئي (Ph.D) جون ٿيسز لکيون ويون آهن ۽ اڃا بہ لکجن پيون. پر شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ اڃا بہ ڪيترو مخفي خزانو موجود آهي؛ جو هر تحقيق ڪندڙ کي نوان موضوع، نوان گس ۽ نيون راهون ملنديون رهن ٿيون. پروفيسر شيوڪاڻي انهيءَ جي وضاحت ڪندي لکيو آهي

تہ ” هن حوالي ۾ سترهين - ارڙهين صديءَ جي شاعر، شاهہ عبداللطيف جي شعر ۾، اڄ ذري گهٽ ساڍن ٽن سؤ سالن جي لاڳيتو هڪ ٻن صدين کان ڪيترن اڀياسين، شارحن، تحقيق نگارن ۽ نقادن، غواصن جيان ٽٻيون پئي ڏنيون آهن. شاهہ جي شاعريءَ جو سمنڊ سوجهيو پئي اٿاڻون تہ ان رتبي فهرست ۾ اڄ هن ايڪويهين صديءَ جي ٻئي ڏهاڪي تائين پهچندي، ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي بہ ان عميق ۾ پاتارن پيهي مخصوص طرز ادا ۽ اڀياسي تياريءَ سان گهڙڻ جو سعيو ڏيکاريو آهي تہ سچ پچ سنڌائي اچرج ٿو لڳي.``(ص. 10)

ڊاڪٽر لڇاڻي صاحب هن ڪتاب ۾ شاهہ لطيف جهڙي بين الاقوامي شاعر جي شاعريءَ جي ڪيترن ئي پهلوئن کي اجاگر ڪيو آهي. جنهن ۾ شاهہ سائينءَ جي دؤر جو تاريخي پس منظر، شاهہ لطيف جي زندگيءَ جو احوال، شاهہ جو سير ۽ سفر، شاهہ جون سورميون، جن ۾ سسئي، مارئي ۽ وڻجاري، مومل، سهڻي ۽ نوريءَ جو ذڪر خاص طور تي ڪيو آهي. لطيف سائينءَ جي ڪلام جي مختلف موضوعن ، مقصدن ، فني سٽاءُ، شاعريءَ جون خوبيون، شاعريءَ جون صنفون، بيت، وائي، سلاست، بلاغت، تشبيهہ، استعارو، اصطلاح، پهاڪا، لطيف سائينءَ جي ٻوليءَ جي خوبين سان گڏ انساني جذبن ۽ نفسياتي ڪيفيتن تي لکيل مواد يا شاهہ جي علامتي شاعري ۽ شاهہ جي ڪلام ۾ تصوف وغيره تي سترهن مقالن جو مجموعو آهي. هن وقت سنڌ ۾ جيڪا لطيف سائينءَ تي تحقيق ٿئي ٿي، اُنهن جي ڄاڻ تہ گهڻن ماڻهن کي هوندي، پر جيڪو ڀارت ۾ شاهہ سائينءَ تي تحقيقي ۽ تنقيدي ڪم ٿيو آهي، اُن جي ڄاڻ صرف اُتي جي عالمن کي ئي هوندي. ڊاڪٽر صاحب جو اهو مقالو بہ بهترين ۽ پُر معنيٰ آهي، جنهن ۾ ڀارت ۾ شاهہ تي

sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

ڪيل ڪم جي مڪمل ڄاڻ ملي ٿي. ڊاڪٽر صاحب پاڻ بہ هن ڪتاب ۾ بهترين مقالا لکيا آهن. پاڻ اهڙي ڪم جي اهميت بيان ڪندي لکن ٿا تہ:

”شاهہ لطيف دنيا جي عظيم ترين شاعرن مان هڪ آهي. شاهہ جو ڪلام پڙهيل، نيم پڙهيل ۽ اڻ پڙهيلن لاءِ هڪ جيتري اهميت رکي ٿو. سنڌ ۽ هند جو عوام،اڄ بہ شاهہ جو ڪلام بي ساختہ جهونگاري ٿو. اخلاقيات جي سبقن کي بہ شاهہ لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ جوڳي جاءِ ڏني آهي. انهن کي فنائتي ۽ خوبصورت انداز ۾ اظهاري، جمالياتي حظ بہ پيدا ڪيو آهي. شاهہ لطيف جو ڪلام، فڪر جو اهڙو اونهو سمنڊ آهي، جو سالن کان عالم، دانشور، نقاد ۽ محقق ان تي لکندا پيا اچن.“ (ص. 6)

اهڙن نقادن، محققن ۽ دانشورن ۾ ڊاڪٽر لڇاڻي پڻ شامل آهي. سندس هن ڪتاب ۾ خاص طور تي، سنڌي صوفي شاعريءَ جو تاريخي پس منظر، شاهہ جي حياتيءَ ۾ لياڪا، شاهہ سيلاني تمام بهترين مقالا آهن. انهن مقالن ۾ ڊاڪٽر صاحب هڪ بلڪل نئون ۽ جديد طريقو اختيار ڪندي مڪمل ڄاڻ ڏني آهي، جنهن ۾ انداز بيان اهڙو آهي جو پڙهندڙ پاڻ کي اتي، ان موقعي ۽ مهل، انهن واقعن، حادثن ۽ ڳالهين وقت موجود محسوس ڪندو. ڊاڪٽر صاحب پهرئين مقالي ”سنڌي صوفي شاعريءَ جو تاريخي پس منظر“ ۾ جنهن طريقي سان تصوف، صوفيءَ جي وصف، ان جون منزلون (شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت)، ان جي تاريخ، لطيف سائينءَ جي صوفياڻي ڪلام مان مثال ڏيئي اٿين سمجهايو آهي جو هر ڪو انهيءَ کي سمجهي سگهي ٿو ۽ ان مان فيض حاصل ڪري سگهي ٿو. اها خوبي تمام گهٽ ماڻهن، عالمن ۽ اديبن ۾ هوندي آهي تہ هو پنهنجو پيغام، پنهنجي سوچ ۽ پنهنجي ڄاڻ ٻين تائين پُر

sindhsalamat.com

لطف طريقي سان پهچائي سگهن ۽ پڙهندڙ ان مان لطف اندوز ٿي، ڄاڻ حاصل ڪري، پاڻ کي اٿين محسوس ٿو ڪري تہ هو سيئي منزلون پار ڪري مالڪ جو ديدار پسي رهيو آهي. ڊاڪٽر صاحب هن مقالي ۾، لطيف جي ڪلام مان پيار ۽ محبت ڪرڻ، نفرت ۽ ڪٽرپڻي ختم ڪرڻ، هڪ ٻئي سان محبت ڪرڻ ۽ انسانيت جو درس ڏيندي سمجهائي ٿو تہ:

”جيو آتما ۽ پرماتما ساڳي ڳالهہ آهي. صرف مايا يا طلسم کان ڪنارو ڪرڻو آهي. اهو شنڪر آچاري جو ادويت واد آهي. اڄ جي فرقہ پرستيءَ، مذهبي ڪٽر پڻي، تعصب، تنگ نظري ۽ نفرت ڀري دنيا ۾، اهڙي ڪلام جي اهميت اڃا بہ وڌي وڃي ٿي. اهڙو پيغام، اسان کي تنگ دلي ۽ ونجوڳ ورتيءَ مان نجات ڏياري، هڪ ٻئي سان محبت ڪرڻ ۽ انسانيت جي واٽ تي وٺي هلڻ لاءِ آماده ڪري ٿو.“(ص. 27)

ڊاڪٽر صاحب جو لکيل هيءُ هڪ بهترين مقالو آهي. ڊاڪٽر صاحب جو هن ڪتاب ۾ لکيل ٻيو مقالو ’شاهہ لطيف جي حياتيءَ ۾ لياڪا‘ آهي، جنهن ۾ ڪلهوڙن جي دؤر جو پس منظر، اُنهيءَ دؤر ۾ لطيف جي پيدائش، جواني، عشق، سير سفر تي وڃڻ وغيرهہ سان گڏ لطيف سائينءَ جي شاعريءَ جون خوبيون ۽ وري ٻين وڏن سنت شاعرن سان شاهہ لطيف جي ڀيٽ ڪري، سندس رتبو اڃا بہ مٿانهون ڪيو آهي، اُنهن ۾ ڪبير، سورداس، تلسي ۽ ميران جي ڀڳتي، ويراڳ، يوگ ۽ گيان جو ميل جو بيان ڪيو آهي ۽ هن وقت جي مذهبي تنگدلي، تعصب ۽ ڪٽر پڻي خلاف آواز اُٿاري. انسانن جي صحيح نموني رهنمائي ڪئي آهي. هن مضمون ۾ لطيف سائينءَ جي فڪر کي مختلف بيتن مان مثال ڏيئي وڌيڪ سمجهايو آهي. جيئن پکين، پرندن، جانورن، قدرتي نظارن، چنڊ تارن، ڪنين، ندين، پهاڙن وغيرهہ جي

books.sindhsalamat.com

بهترين منظرڪشي ڪئي آهي. هڪ سٽي ۾ بد انسان جي خوبين، خامين، انهن جي اخلاق کي جانورن سان ڀيٽ ڪري سمجهايو آهي. ڊاڪٽر صاحب جو هيءُ مقالو بہ بهترين آهي ۽ انهيءَ جو انداز بيان بہ نهايت ئي لطف ڏيندڙ ۽ متاثر ڪندڙ آهي.

هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر صاحب جي مقالي ’سيلاني شاهہ‘ ۾ لطيف جي مجازي عشق کان پوءِ جي سچي ماجرا بيان ڪيل آهي. لطيف سائين سيده بيگم جي آڱر پڪڙي فرمايو (دعا ڏني) تہ: ”جنهن جي آڱر سيد هٿ ۾، تنهن کي لهر نہ لوڏو“ پر انهيءَ سچي ماجرا کي ڊاڪٽر صاحب ائين ٿو بيان ڪري تہ لطيف جي پيرن جي آهٽ بہ ٻڌجي پيئي. سيده بيگم جي آڱر پڪڙي دعا ڏيڻ وقت بہ اُتي موجود هجڻ، هڪ زبردست تاثر ڇڏي ٿو. جيئن ڪو ڊرامو اسان سامهون ڏسي رهيا آهيون ۽ ائين ئي لطيف سائين جوڳين ۽ سامين سان سفر تي روانو ٿيو آهي تہ انهيءَ جي هر پل، هر لمحي، هر جاءِ جي اهڙي تہ زبردست منظر ڪشي ڪري بهترين ۽ نئين انداز ۾ ان کي پيش ڪيو آهي جو اهو ٿو محسوس ٿئي تہ پڙهندڙ بہ انهيءَ ٽوليءَ ۾ شامل آهي. ڊاڪٽر صاحب هن مقالي جي صفحي 43 تي لکي ٿو تہ: ”شاهہ لطيف ريگستان ۾، واريءَ جي هڪ دڙي تي چڙهي رهيو آهي. شاهہ لطيف کي سادي سودي پوشاڪ پهريل آهي. بدن تي ڪاري ڏاڳي سان سبيل گيڙو رتي ڪفنيءَ مٿي تي سفيد رنگ جي وڏي ٽوپي ۽ ڪلاهہ ۽ ان جي مٿان ڪاري رنگ جي ڪپڙي جو ٽڪر ويڙهيل. سندس هٿ ۾ جوڳين جي بيراڳين جهڙي لٺ آهي. ڪاڏي پيتي لاءِ پاڻ سان هڪ ڪشڪول کنيو اٿائين. پيرن ۾ جتي ڪونہ اٿس، چؤگرد واري ۽ واريءَ جا دڙا، دور دور تائين ڦهليل، ريگستان، خاموشي ۽ تنهائيءَ وارو ماحول، شاهہ واريءَ تان اڳتي وڌندو وڃي ٿو.“ (ص. 43-44)

sindhsalamat.com

اهڙيءَ طرح هن مضمون ۾ لطيف سائين ۽ جي سفر دوران جن ماڻهن سان ملاقات ٿئي ٿي، جوڳين سان، هندن سان خدمتگارن سان، مخدوم سان، جتن سان، ايستائين جو لطيف جو پنهنجي پاڻ سان ڳالهين ڪرڻ وغيرهہ کي ايڏي تہ بهترين ۽ خوبصورت انداز سان سهڻن ۽ دلچسپ مڪالمن سان بيان ڪيو آهي، جو پڙهندڙ بجاءِ بور ٿيڻ جي اهي مقالا پڙهي متاثر ٿئي ٿو ۽ وڌيڪ معلومات حاصل ڪري ٿو.

شاهہ لطيف جن لوڪ ڪهاڻين جي سورمن ۽ سورمين کي پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيو آهي. پنهنجي سفر دوران انهن جو مشاهدو ڪيو. اهي هنڌ ماڳ، محل محلات، جاين جڳهين، مومل جي ماڙي، سهڻيءَ جي قبر، ڪينجهر جو درياهہ، هنگلاج ديويءَ جو مندر تہ وڻجارين جو سمنڊ تي اکا پاڻڻ، ڏينا پارڻ تہ وري مارئيءَ جو ٿر ۽ عمر جي محلات ۾ منٿون ڪرڻ مطلب تہ هر جاءِ کي اهڙي طريقي سان بيان ڪيو آهي جو پڙهندڙ گهر ويٺي اهي سڀ منظر ڏسي پيو ۽ فيض حاصل ڪري پيو. جيئن شاعري ٻڌڻ وقت ڪنهن سٽي شعر تي داد ڏيڻ لاءِ واهہ واهہ ڪيو ويندو آهي، تيئن ڊاڪٽر صاحب جي هنن مقالن پڙهڻ کان پوءِ زبان مان بي اختيار واهہ واهہ جا لفظ نڪريو اچن.

ڊاڪٽر صاحب جي هن ڪتاب جي مقالي ’شاهہ لطيف جي شاعري‘ ۾، لطيف سائينءَ جي شاعريءَ جي بي شمار خوبين سان گڏ بيت، وائي، شعر جو موضوع، ٻولي وغيرهہ کي نهايت ئي سهڻي طريقي سان سمجهايو آهي، جيئن هرڪو انهيءَ آسان طريقي سان لکيل مواد کي سمجهي سگهي. لطيف سائينءَ جي شاعريءَ جي موضوعن ۾ انسان شناسي، وطن جي حب، قوميت جو جذبو، شاهہ جي علامتي شاعري، شاهہ جي عوامي شاعري، تاريخي ۽ نيم تاريخي ڪهاڻين جي ڪردارن جون خاصيتون،

books.sindhsalamat.com

همت، حوصلو، پڌي، قرباني، واعدي، وفائي وڇوڙو، ميلاپ، ڏک سور، تڪليفون، لالچ ۽ هرص ختم ڪرڻ، ٻيائي نه ڪرڻ، غرور ۽ تڪبر ختم ڪرڻ وغيره کي بيتن جي ذريعي سمجهايو آهي. لطيف سائين جانورن ۽ پکين جا مثال ڏيئي، انسانن کي جيڪي نصيحتون ڪيون آهن، هنج ۽ بگه جا مثال ڏيئي، تفاوت ۽ سوچ جو معيار بيان ڪيو ته مڇي ۽ سپ جو مثال ڏيئي پاڪائي بيان ڪئي ته وري ٿُئيءَ جو مثال ڏيئي انسانن جي خدمت ڪرڻ جو درس ڏنو آهي. سنڌي سماج جي عڪاسي ڪندي، سنڌي ثقافت، ريتين رسمن، طور طريقن، اخلاق، چڱن ۽ ٻُرن انسانن جي پرک، سچن ۽ ڪوڙن ڪپتين ۾ فرق، ايماندار ۽ بي ايمان، دنيا کي حاصل ڪندڙ ۽ آخرت ۾ مالڪ جي اڳيان سچو ۽ سرخرو ٿيڻ جا جيڪي سبق سيکاريا آهن، ڊاڪٽر صاحب اُنهن سڀني کي هڪ نئين انداز ۾ لکيو آهي، جو پڙهندڙ انساني جسم جي لون لونءَ ڪانڊارجيو وڃي. پر ڊاڪٽر صاحب وري به آٿت ڏيندي، لطيف جو بيت پيش ڪندي لکي ٿو ته لباڻيچ، جي لباڻي نه لهين ته پڻ آسرو نه لاهيج چوته سڄڻ (مالڪ) تمام گهڻو مهربان آهي. هيءُ به تمام سٺو مقالو لکيل آهي.

ان کان پوءِ 'شاهه لطيف جي علامتي شاعري' مقالي ۾ ڊاڪٽر صاحب گهڻي محنت ڪئي آهي. حالانڪ ڊاڪٽر تنوير عباسي، انهن موضوعن کي گڏي، ''شاهه لطيف جي شاعري'' ڪتاب لکيو آهي. پر هر ليکڪ جو لکڻ جو طريقو پنهنجو آهي. ڊاڪٽر صاحب بلڪل نئين ۽ جديد طريقي سان جيڪا هن وقت جي تقاضا آهي، انهيءَ مطابق لکيو آهي. ڊاڪٽر صاحب پاڻ تي ۽ پوريءَ سنڌي قوم تي اهو فرض سمجهي ٿو ته لطيف جهڙي باڪمال شاعر کي پوريءَ دنيا ۾ متعارف ڪرائجي. پاڻ لکي ٿو ته: ''شاهه لطيف جي ڪلام ۾ انسان جي جذبن، اُڌمن،

sindhsalamat.com

ڪلپنائن ۽ ڀاونائن جي صحيح صحيح عڪاسي ٿيل آهي، جا ئي لطيف جي ڪلام کي حياتي بخشي ٿي ۽ هن جي مهتا ۽ عزت وڌائي ٿي. شاهه عبداللطيف ماڻهن جي دلين تي اڄ به راڄ ڪندو نظر اچي ٿو. شاهه لطيف جي شاعري، فن ۽ فڪر کي دنيا تائين پهچائڻ اسان جو فرض آهي.'' (ص. 130)

ڊاڪٽر صاحب جو مقالو 'شاهه صاحب جو ڪائنات سان لڳاءُ' به هڪ بهترين مقالو آهي. هن مقالي ۾ ڊاڪٽر صاحب تمام گهڻي محنت ڪري، لطيف سائينءَ جي روحاني رمزن کي بيان ڪيو آهي. هن مقالي ۾ قدرتي نظارن، زمين ، آسمان، سج، چنڊ، تارا، ڪتيون، ڪڪر، برسات، ڪنوڻ، ڏونگر، وڻ وڻڪار، ٻلائون، آفتون، لڪون، جهولا، سونهن حسن وغيره بابت لطيف سائينءَ جا بيت ڳولهي، اُنهن مان ڪيترين تي نصيحتون حاصل ڪري، پنهنجي زندگي ۽ آخرت کي سنواري سگهجي ٿو. منهنجي دل چاهي ٿي ته ڊاڪٽر صاحب جي ڪتاب جي هنن موضوعن مان هر هڪ تي Ph.D ڪرائجي. رستا، راهون واٽ، ڊاڪٽر صاحب ڏسي آهي، محنت ڪرڻ اسان جو فرض آهي. شاهه سائينءَ جي شاعريءَ جي انهن خوبين بابت ڊاڪٽر لڇاڻي لکي ٿو ته:

''شاهه عبداللطيف کي ڪائنات جي ذري ذري سان بي پناهه محبت هئي. هن پنهنجي رسالي جي جدا جدا سُرن ۾ انساني حياتيءَ سان وابسته موضوع اهڙي ته دلرباني انداز ۾ پيش ڪيا آهن، جنهن جو ثاني، دنيا جي شاعريءَ ۾ مشڪل سان ملندو.''(ص. 94)

هن ڪتاب ۾ 'شاهه لطيف جي ڪلام ۾ عشق جو عنصر' ۾ ڊاڪٽر صاحب خاص طور تي، لطيف جي سورميءَ سسئيءَ جي پنهونءَ سان عشق تي روشني وڌي آهي. لطيف سائين پنهنجي مجازي عشق جي تلاش ۾، روحاني عشق حاصل ڪيو ۽ پاڻ

books.sindhsalamat.com

انهيءَ جو اظهار پنهنجين سورمين جي ذريعي بيان ڪيو آهي. لطيف جا عاشق عورتون آهن ۽ معشوق مرد آهن. هن کي چاڻ هئي تہ عورت ئي آهي، جيڪا سچو عشق ڪري سگهي ٿي ۽ انهيءَ ۾ ارادي جي پختگي آهي، قول جي سچائي، واعدي جي وفائي ڪرڻ جاڻي، حالانڪ هن کي پنهنجي منزل حاصل ڪرڻ لاءِ تڪليفون برداشت ڪرڻيون پون ٿيون. سسئي پنهنجي پنهونءَ جي عشق ۾ پنهنجي گهر گهاٽ، مٽن مائٽن، سرتين ساهيڙين، سک آرام سڀ کي ڇڏي، ڏک، ڏولاوا، تڪليفون، بک اُڃ سهندي جبل، ريگستان، پيرين اُگهاڙي لنگهندي، بنا ڪنهن ڊپ ۽ خوف جي پنهون پنهون ڪندي وڃي ٿي. بهادر اينري آهي جو جبل تان لنگهندي ان کي چوي ٿي تہ جيڪڏهن تون سخت ڪان سخت پٿر آهين تہ منهنجو جسم بہ لوه برابر آهي. اگر تون منهنجي لاءِ راهہ ۾ رڪاوٽ بڻجندين تہ توکي ذرا ذرا ڪري ڇڏيندس. هڪ ڪمزور عورت جو عزم ۽ ارادو ڏسو. جو پنهونءَ جي ڳولا ۾ پنيور ڪان اڪيلي سر نڪري جبل پار ڪري ٿي ۽ وري چوي ٿي تہ جيستائين منهنجي سسيءَ ۾ ساهہ آهي، تيستائين پنهونءَ کي ڳولهيندي رهنديس، پوءِ اُن ۾ منهنجي پيرن هلڻ ڇڏي ڏنو تہ گوڏن ڀر گسڪنديس، گوڏن هلڻ ڇڏيو تہ چيلهہ ڀر چُرنديس، چيلهہ چُرڻ ڇڏيو تہ سيني ڀر سُرنديس، سيني سُرڻ ڇڏيو تہ اکين سان ايندياس. مطلب تہ پنهنجي جسم جو هر هڪ حصو پنهونءَ تان قربان ڪنديس. نہ تہ پنهون اهو طعنو ڏيندو تہ هن ڪميٽيءَ مان کي ڪين ٿيو. اها عورت ذات جي قوت ارادي، جدوجهد، عزم، قول جي سچائي، جنهن ڪري لطيف کي بہ پنهنجي اها سورمي وڏيڪ پسند آهي ۽ سچا سارا پنج سُر، سسئيءَ لاءِ چيا اٿس ۽ ڊاڪٽر لڇاڻي صاحب وري

انهيءَ ڪردار جي جيڪا عظمت بيان ڪئي آهي، اها قابل تعريف آهي. ائين شاهہ سهڻيءَ جي ميهار سان عشق کي بيان ڪيو آهي تہ ڪيئن اونڌيهين اونداهي رات ۾، درياهہ ۾ خطرناڪ جانور وات ڦاڙي ويٺا آهن پر سهڻي ميهار جي عشق ۾ انهن جي بہ پرواهہ ڪانہ ٿي ڪري ۽ پاڻ کي قربان ڪري ٿي.

اهڙيءَ ريت ڊاڪٽر صاحب، ”انساني نفسياتي ڪيفيتن ۽ جذبن جو شاعر“ موضوع تي بہ زبردست مقالو لکيو آهي. انسان جي احساسن، ڪيفيتن، انساني جذبن، پيار، محبت، امن، رنج و راحت، ڏک سک، تڪليف ۽ مشڪلات، غور و فڪر، اميد نااُميدي، قرباني، پاڻ ارپڻ، پاڻ فنا ڪرڻ، عزت، ذلت، ميلاپ، وڇوڙو، ڀائيچارو، جدوجهد، جفاڪشي، مايوسي، نراسائي، نيڪي، بدي، بيقراري، بيزاري، پڇتاءُ، نياز ۽ نئڙت وغيرهہ مطلب تہ هر انساني احساس ۽ ڪيفيتن کي ڊاڪٽر صاحب، لطيف جي ڪلام مان مثال ڏيئي ائين پيش ڪيو آهي جو محسوس ٿئي ٿو تہ اهي پڙهندڙ جا پنهنجا احساس ۽ ڪيفيتون آهن. شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ ان دؤر جي سماج جي مجموعي تصوير ڪشي ڪيل آهي. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو تہ: ”شاهہ جو ڪلام، ادب براءِ سماج آهي. هن پنهنجي نصيحت آميز ڪلام ۾ اعليٰ فڪر جي پالوت ڪري، پنهنجي شاعريءَ ڪان سماجي ڪارج کي بخوبي سرانجام ڏنو آهي.“ (ص. 80)

ڊاڪٽر صاحب جا هن ڪتاب ۾ لکيل مقال، مارئي، سسئي، شاهہ جي ڪلام ۾ اظهار جون خوبيون، شاه جي شاعريءَ ۾ حواليپڻي جي سگهہ (جيڪو هڪ نئون موضوع آهي) وغيرهہ مقالن ۾ لطيف جي ڪلام مطابق انهيءَ دور جي پوري عڪاسي پيش ڪئي آهي. اهڙيءَ ريت ڊاڪٽر صاحب جا لکيل ٻيا مقالا شاهہ

sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

جي تخليقي ٻولي، شاهه جا بيت ۽ وايون (جن ۾ انهن صنفن جي سٽاءَ ۽ تاريخ بيان ڪئي آهي.) وڪر سو وهاءِ جو پئي پراڻو نه ٿئي. انهيءَ موضوع کي نظر ۾ رکي، ڊاڪٽر صاحب اهڙو وڪر وهايو آهي جو اڄ ۽ سڀان جي پڙهندڙ لاءِ هڪ مشعل راهه ثابت ٿيندو. ان کان سواءِ لطيف سائينءَ جي ڪلام جي اهميت يا ڪلام جي هر هڪ پهلوءَ تي، جنهن طريقي سان ڀارت ۾ تحقيق ڪئي وڃي ٿي، ايتري سنڌ ۾ به ڪونه ٿي ٿئي. ڊاڪٽر غلام علي الانا هڪ دفعي ڀارت ۾ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ ويو. واپس اچي هن ٻڌايو ته لطيف پيدا ته سنڌ ۾ ٿيو آهي؛ پر اُن کي سنڀاليو ڀارت وارن آهي. هنن وٽ لطيف موجود آهي. آئون ڊاڪٽر صاحب کي سندس هن ڪارآمد، بهترين ڪتاب تي وري به مبارڪباد چوان ٿي ۽ انشاالله ڪوشش ڪنديس ته هن ڪتاب جي هر هڪ مقالي تي اڃا وڌيڪ تفصيل سان لکان ۽ شاگردن کي پڻ انهن موضوعن تي تحقيق ڪرايان.“ (4)

شاه عبداللطيف ڀٽائي هڪ عالمي پايي جو شاعر آهي. شاهه جو ڪلام زمان، مڪان جي پابندين کان پري آهي، وقت جي واءُ ۽ ڌاءُ کان آجو آهي. ڇو ته هر صورتحال لاءِ شاهه جي ڪلام ۾ ڪونه ڪو پيغام آهي ئي آهي. اهوئي سبب آهي جو هيڏو سارو عرصو گذرڻ ڪانپوءِ به اڀياسي، شارح، محقق ۽ نقاد غواصن جيان شاهه جي شعر جي عميق ۾، ان جي اونهائي ۽ گهرائي ماپڻ لاءِ ٽٻيون ڏيندا پئي رهيا آهن. اهڙن اڀياسن مان ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي به هڪ آهي. جڳديش لڇاڻي چوي ٿو ”هر سنڌي ليکڪ شاهه سائينءَ جي فن، فڪر ۽ پيغام کي

4. پروفيسر ڊاڪٽر نور افروز خواجه: اڳم ڪيو اڄن. پيڪاڪ پبلشرس، سنڌ. 2019ع ص. 276

sindhsalamat.com

پيڪرڻ لاءِ پنهنجو پنهنجو ڪردار نڀاهيو آهي. مان به شاهه سائينءَ جي عقيدتمندن مان هڪ آهيان. ٻه سال اڳ مون شاهه لطيف طرف پنهنجي عقيدت ۽ محبت جو اظهار شاهه لطيف جي شاعريءَ تي ’آچيندي لڄ مران‘ عنوان سان ڪتاب لکي ڪيو هو ۽ هينئر هيءُ ٻيو ڪتاب ’تون ڏاتار، آءٌ ڏڏُ‘ به حضرت شاهه عبدالطيف ڀٽائيءَ بابت ئي آهي.“ (5)

’تون ڏاتار، آءٌ ڏڏُ‘ جي به هند سنڌ ۾ ڪافي مرحبا ٿي. ثقافت کاتي، حڪومت سنڌ ڪتاب کي ٻيهر ڇپائي شاعرن جي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي 276 هين عُرس مبارڪ موقعي تي 15 آڪٽوبر 2019ع تي عالمي ادبي ڪانفرنس ۾ رليز ڪيو. ’پبلشر نوٽ‘ ۾ منظور احمدقناسرو ڊائريڪٽر جنرل، ڪلچر ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ لکي ٿو، ”سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي پاران هر سال حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي عُرس مبارڪ تي گذريل ڪيترن ورهين کان هڪ عالمي سطح جي ادبي ڪانفرنس ڪوٺائي ويندي آهي. جنهن ۾ سنڌي ملڪ توڙي ملڪ کان ٻاهر جا عالم، اديب، شاهه سائينءَ جي شاعريءَ جا ڄاڻو، محقق حضرات پنهنجا مضمون ۽ مقالا پڙهندا آهن. بعد ۾ اُنهن مقالن کي ايندڙ سال جي ڪانفرنس جي موقعي تي هڪ خوبصورت ڪتاب جي شڪل ڏئي پڌرو ڪيو ويندو آهي، جيڪو عمل گذريل اڌ صديءَ کان لڳاتار هلندو اچي.

ساڳئي وقت شاه سائينءَ بابت ملڪ جي مڙني ٻولين ۾ جيڪو به اهميت ڀريو تخليقي ڪم ٿيو آهي؛ اهو پڻ کاتو هر سال ڇپائي ظاهر ڪندو رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته شاهه سائين دنيا جي اُنهن شاعرن مان هڪ آهي، جيڪي علمي، ادبي توڙي

5. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي: تون ڏاتار، آءٌ ڏڏُ. ويٽا پبليڪيشن، اُلهاسنگر. سن. 2016ع

books.sindhsalamat.com

فڪري طور انسان ذات جو گڏيل ورثو آهي. جيڪڏهن ڏسجي ته حقيقت اهائي آهي. شاهه لطيف جو پيغام انسان ذات جي حقيقي نجات جو پيغام آهي.

بنيادي طور شاهه سائين جتي وحدت الوجودي فڪر جو صوفي شاعر آهي، اُتي ، هو انسان ذات جي اهنجن، آزارن، تڪليفن، خوشين توڙي ٻين ڪيفيتن جو ذڪر به ڪري ٿو، جنهن جي شاعريءَ ۾ روحاني راز به آهن ته انساني اهنجن جي اپٽار به آهي. هن وٽ پيار محبت به آهي ته جدوجهد جو سڏ به آهي، حب الوطني به آهي ته جانب جو جمال به آهي ته پرينءَ جو پرتوو.

هو ننڍي کنڊ جي اُنهن عظيم شاعرن ۾ آهي، جن وٽ ڪنهن به قسم جي طبقاتي، ڌرمي/ مذهبي توڙي نسلي ڀيد ڀاءُ نه آهي. اڄ تائين جيترو به سندس شاعريءَ ۽ شخصيت توڙي فڪر بابت لکيو ويو آهي، ان کان وڌيڪ مٿس اڃا هلي لکيو ويندو. ڇاڪاڻ ته هو فقط سنڌي پڙهندڙن/ لکندڙن لاءِ نه آهي، ٻين ٻولين جا عالم ۽ اديب به ڪيس لڳاتار پڙهندا رهن ٿا ۽ مٿس لکندا به رهن ٿا. سنڌ، ملڪ توڙي ملڪ کان ٻاهر سندس شاعريءَ بابت لڳاتار لکجي رهيو آهي. جيڪو ڪاٿي پاران الڳ الڳ وقتن تي ڇپبو پڻ رهيو آهي. هيءُ ڪتاب به ان سلسلي جي ڪڙي آهي.

هيءُ ڪتاب 'تون ڏاتار آءُ ڏڌٌ' هڪ اهڙي بزرگ سنڌي عالم جو آهي، جيڪو هڪ ڪان وڌيڪ ٻولين ۾ اڌ صديءَ کان لکندو رهيو آهي، جنهن ڪري تحقيقي ، تخليقي ۽ تنقيدي ادب ۾ سندس نالو هڪ مانائتو مرتبو رکي ٿو.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ شاهه سائينءَ بابت سنڌي ٻوليءَ ۾ ڦيريون - ويڊيو - اسڪرپٽ 'نيڻين ننڊ حرام' جي نالي سان

sindhsalamat.com

لکي سنڌ کان ٻاهر شاهه سائين کي نئين سڃاڻپ ڏني. سندس هڪ ڪتاب 'آچيندي لڄ مران' ڪجهه عرصو اڳ سنڌ جي ثقافت کاتي پاران ڇپايو ويو هو ۽ هاڻي سندس هيءُ ٻيو ڪتاب'تون ڏاتار آءُ ڏڌٌ' ڇپائيندي خوشي محسوس ٿي رهي آهي، پڪ آهي ته هن ڪتاب مان سنڌ جا عالم، اديب ۽ محقق توڙي لطيفيات تي مستقبل ۾ ڪم ڪندڙ اسڪالر گهڻو گهڻو فائدو وٺندا، ڇو ته سنڌ کان ٻاهر شاهه سائينءَ بابت جيڪو ڪجهه لکيو ويندو رهيو آهي، ان ۾ گهڻو سندس شاعريءَ بابت ٿي آهي.''

ڀارت ۾ ڪلاڌر مُتوا 'تون ڏاتار آءُ ڏڌٌ' لاءِ ''ڀٽائيءَ جي سڏ ۾ سڏ 'تون ڏاتار آءُ ڏڌٌ' جي عنوان تحت لکيو، ''اها حقيقت آهي ته هر سنڌي پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل شاهه سائينءَ سان عقيدت جي حد تائين عشق رکي ٿو. انهيءَ عشق جو اظهار اڻ پڙهيل ماڻهو سندس بيت، رهاڻين ڪچهرين ۾ يا اڪيلائپ ۾ واتان ورجاءِ ڪري ٿو ته پڙهيل ماڻهو اهو به وري ليک هجي پنهنجين لکڻين ذريعي ڀٽائيءَ کي ڀيٽا ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. سنڌ جي سڪ جي اڄايل ڪنهن هندوستاني سنڌيءَ کي جڏهن امڙ سنڌ جي سڀوري ڌرتيءَ تان پيرڙا گهمائڻ جو سڏڙو اچي ۽ وري ڀٽائي جي ڀيٽي ڀٽ شاهه تي وڃڻ جو مبارڪ موقعو نصيب ٿئي. اهو به سندن عرس مبارڪ واري موقعي تي! بس پوءِ ته واهه! واهه! من اندر جي ڀٽن تان ڀٽائيءَ جا بيت ۽ انهن بيتن جون معنائون جهرڻن جيان جهر جهر ڪري وهڻ لڳنديون آهن. جهرڻن جي انهيءَ جهنڪار کي ڊاڪٽر لڇاڻيءَ جهڙو ڪو اديب ڪنن ۾ اکين وسيلي جهٽي ۽ پوءِ ادب جي آڳڙ ۾ ويهي احساس جو نفيس سٽ ڪتي پنهنجي خيالن جي جهيڻي جهيڻي چدريا کي اُڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته مارويءَ جي ملوڪڙي لال

books.sindhsalamat.com

آهي. جنهن ۾ ڀٽائي بادشاهه جي مثالي زندگي ۽ ان سان جڙيل
ڪئين قصن جو ذڪر آهي. جن قصن مان ڀٽائي جي زندگيءَ
جون انيڪ ڪنڊون نڪري نروار ٿين ٿيون. انهيءَ ڪي فڪر کي
ليکڪ بيتن ۽ مقالن جي ذريعي اڳتي وڌائيندي دلچسپ بڻايو
آهي.

ٻيون باب 'شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي لوڪ شاعري'
آهي، جنهن ۾ ڀٽائيءَ جي شاعري عوام ۾ مقبول ٿي ڪري جڻ
شاهه جي نه پر عوام جي شاعري ٿي ويئي آهي اهو احساس
ڏياريو آهي ۽ شاهه جي بيتن ۾ عام لوڪن، ڪڙمين ، ڪاسبين
جي ٻولي، پهاڪن، چوڻين جو ڪيئن استعمال ڪيو آهي يا شاهه
جي بيتن جون مصراعون عوام ۾ لوڪ ٻوليءَ جي صورت ۾ ڪيئن
مروج ٿي ويون آهن؛ ان جا مثال بيتن مان بيان ڪري پنهنجي
مضمون ۽ خيالن کي واضح ڪيو آهي.

'شاهه لطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ تصوف' عنوان تحت
ليکڪ تصوف لفظ کي واضح ڪيو آهي ۽ پڻ شاعريءَ جي بيتن جا
حوالا ڏيئي شاهه جي تصوف واري فلسفي کي پنهنجن لفظن ۾
وائکو ڪيو آهي.

'شاهه لطيف جو ناصحاڻو ڪلام' تحت شاهه سائين عوام
کي نصيحت جي روپ ۾ سڌو سنئون مخاطب ٿيا هجن اهڙن
بيتن کي اسان جي سامهون آندو آهي. جنهن ۾ سماج ۾ مٺ
محبت وڌائڻ، ڪنهن به حالت ۾ مالڪ جو در نه ڇڏڻ، ڏکن ۾
صبر ڪرڻ، دنيا کي هڪ ڏينهن ڇڏي مالڪ اڳيان حاضر ٿيڻو
آهي اهڙا ڳالهه هر انسان کي دماغ ۾ رکڻ، جهڙين ڳالهين طرف
اشارا ڪندڙ بيت چونڊي قارعين اڳيان آندا آهن. جنهن ۾ هن
پسون پکين جي چڱي لڳي عادتن ۽ سنڌ جي لوڪ ڪٿائن جو
ڪردارن کي مثالن جي روپ ۾ ڪٿي ڪهڙي نموني سٽين سڏي

books.sindhsalamat.com

لوئي. جهڙو ڪو ڪارائتو ڪتاب وجود وٺندو آهي.

هندوستان ۾ ڀٽائيءَ جي شاعريءَ کي سمجهڻ وارن جو
تعداد تمام گهٽ آهي، ڊاڪٽر لڳاڻي جهڙا ڪي ڳاڻ ڳڻيا
جهونڙا وڃي بچيا آهن جيڪي اڃا ڀٽائيءَ جي بيتن ۾ سمايل
ٻاتين جي لاتين کي سمجهڻ جي سگهه رکن ٿا. جن کي جڏهن
ڪڏهن سڳوري سنڌڙيءَ مان به دل سان دعوتون ملنديون آهن.
ڊاڪٽر لڳاڻيءَ کي 2013 ۾ عرس مبارڪ واري موقعي تي منعقد
ٿيل 'شاهه لطيف عالمي ڪانفرنس' ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ملي.

حبيبن هيڪار سڪ مڇهان سڏ ڪيو،
سو مون ساري ڄمار اورڻ اهو ئي ٿيو،

ڪانفرنس ۾ شرڪت ڊاڪٽر لڳاڻيءَ جي چت جي چرخي
کي ڇوري ڇڏيو، جنهن ۾ ٻيڄل جي سرندي جي سڪ جا سلا هيا.
انهن سرن جي سرگم ڊاڪٽر لڳاڻيءَ کي لکڻ تي للچايو ۽ سندن
قوت قلم مان 'تون ڏاتار، آءُ ڏڻُ' جهڙو ڪتاب وجود ۾ آيو.

ڪتاب جو عنوان ئي قارعين کي از خود ڪنهن ڏِس جو
ڏس ڏئي يا ڪتاب جي مواد بابت ڪو پار پتو ڏئي. ليکڪ جي
لکڻ جي ڏانو جو پتو پئجي ٿو. 'تون ڏاتار، آءُ ڏڻُ' ڪتاب جو
عنوان پڙهندي ئي قارعين جو من پٽ جي ڀٽائيءَ ڏانهن از
خود ڊوڙي وڃي ٿو. شيخ اياز جهڙن شاعرن سميت ٻين به ڪيترن
ئي شاعرن پنهنجن ڪتابن کي اهڙا عنوان ڏنا آهن جن مان
ڀٽائيت بخوبي ٻکي ٿي.

شاهه سائين جي بيتن جي پس منظر ۾ پنهنجن خيالن
کي پندرهن عنوان ۾ ورهائي ڊاڪٽر لڳاڻيءَ ڀٽائي سان
پنهنجي عقيدت، محبت ۽ عشق جو اظهار هن ڪتاب ۾ ڪيو
آهي.

پهريون باب جنهن جو عنوان 'شاهه عبداللطيف ڀٽائي'

sindhsalamat.com

رهنمائي ڪئي آهي اُن طرف ڌيان ڇڪرايو آهي.

’شاهه عبداللطيف ۽ وڻجارا‘ ليک ۾ شاهه ڀٽائيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ وڻجارن جي زندگي، انهن جي ڏکن سکن، واپار وڙهج، پوڄا ارچنائن ۽ انهن جي وهوٽن جي وڇوڙي جي ويدنا (درد) کي بيتن ۾ ڪيئن چٽيو آهي اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

’شاهه لطيف جو پسون سنسار‘ هن موضوع تحت شاهه سائين پسون پکين جي ڳڻن، اوڳڻن، عادتن کي ڪٿي پنهنجي بيتن جي مالها ۾ پروئي انسان برادريءَ کي جيڪو درس ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهڙن بيتن جو ذڪر ۽ سمجهاڻي ڏني آهي. جنهن ۾ ڪونجن، هنجن، مورن، پتنگن، ناڳن، پنورن، ائن ۽ ٻئي ڀين پسون پکين جو انهن جي ڇڱن لڇڻن جو ذڪر آهي.

شاهه سائين جي شاعري موسيقيت سان ڀرپور آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو سندن شاعري عوام و خاص جي چپن تي هميشهه ڇرندي رهي ٿي. ’شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ موسيقيت‘ ليک ۾ ليکڪ چوي ٿو: شاهه سائين نه صرف شاعر هو بلڪ سنگيت جي به سٺي ڄاڻ رکندو هو. سندن شاعري ليه ردم رواني جهڙن موسيقيءَ جي ڳڻن سان ڪيئن نه ٽمٽار آهي. زمان مڪان جي پابندين کان ڪيئن آجي آهي، انسان جي بنيادي احساسن جي ڪهڙي طرح ترجماني ڪري ٿي. وائيءَ جهڙي صنف کي سموري ٿال سان ڀٽائيءَ ڪيئن پنهنجي درد کي اظهارڻ جو ذريعو بڻايو آهي. جهڙين ڳالهين طرف پاڻکن جو ڌيان ڇڪرايو آهي ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ موجود موسيقيت وارن پهلوئن کي ڳولهڻ جي موسيقيءَ جي ماهرن کي آڇ ڪئي آهي.

sindhsalamat.com

شاهه جي سورمن ۽ سورمين بابت سنڌي اديبن محققن گهڻن ئي ڪافي ڪجهه لکيو آهي. هن ڪتاب شامل مواد ’شاهه جون سورميون‘ ۽ ’شاهه جا سورما‘ موضوع به انهيءَ ڄاڻ کي نئون ڪن ٿا.

شاهه ڀٽائي صوفي ۽ شاعر ته هئا ئي هئا پر ان زماني جا هڪ وڏا سئلاني هئا. جن ٿر، ڀنيور، ڪڇ جيسلمير جا جهر جهنگ جهاڳي، ٽڪر ٽوڙي، ڏونگر ڏوري پنهنجي اکين سان مشاهده ماڻيا. اُنهن آزموند کي شاعريءَ جي چٽ ۾ چٽيو آهي. جنهن ۾ ڪلپنا يا تصور جا رنگ نه بلڪ حقيقي انساني روپن، روين قدرتي نظارن جا نسورا نقش نگار چٽيل آهي. شاهه سائينءَ جي ڪلام ۾ منظرڪشي، ’شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ جماليات‘ يا ’شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي چند سان رهاڻ‘ جهڙا ئي الڳ الڳ موضوع ڏنل آهن. اهي ٽيئي موضوع ڪرچ الڳ الڳ آهن. پر هوندئن ته سونهن سان تعلق رکن ٿا. جيڪا سونهن شاهه لطيف پنهنجي مشاهدن مان ماڻي ۽ پنهنجي الڳ الڳ سرن جي بيتن ۾ ان کي چٽيو انهن مان ڪن کي هن ڪتاب جي ڪاڳر جي ڪئنواس تي ليکڪ پنهنجي نموني چٽيو آهي. انهن بيتن روپ چٽن کي ڏسي (پڙهي) شاهه سائين جي منظرنگاريءَ ۽ حقيقت نگاريءَ لاءِ ماڻ پيدا ٿئي ٿو.

شاهه جو رسالو ته سنڌي ٻوليءَ جي بنياد جي پٿرن مان هڪ آهي. جو ته ان ۾ عام ماڻهن جي ڳالهه، ماڻهن جي ٻوليءَ ۽ زبان ۾ چيل آهي. ’وکر سو وهاءِ جو ڀئي پراڻو نه ٿئي، ‘ يا ’ڏات ناهي ذات جو وهي سو لهي‘ جهڙن شاهه جي جملن، اصطلاحن، پهاڪن جو روپ وٺي چڙهيو آهي. جيڪي لوڪ جي مک مان روز ورجايا وڃن ٿا ۽ اهي جملا ايڏا ته ٻوليءَ ۾ رل مل

books.sindhsalamat.com

ٿي ويا آهن جو گهڻن ماڻهن کي تہ اها خبر بہ نہ هوندي آهي تہ اهي جملا ڪي شاهہ سائين جي شاعري آهن. شاهہ جي اهڙي مواد سان ڀرپور بيتن کي ڪٺي ’شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ اصطلاح ۽ پهاڪا‘ نالي سان هڪ مضمون آهي. جيڪو هن ڪتاب ۾ ڇپيل مضمونن مان تمام ڪارائتو مضمون آهي جنهن کي پڙهڻ سان اصطلاحن ۽ پهاڪن واري چاهہ ترو تازا ٿئي ٿي.

’انگريزي زبان ۾ لطيف شناسي‘ هن ڪتاب جو آخرين باب آهي. جنهن ۾ ليکڪ شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ تي انگريزيءَ ۾ ٿيل ڪم تي روشني وڌي آهي. جنهن مان انگريزي جهڙي عالمي ٻوليءَ ۾ بہ ڀٽائيءَ جي بيتن تي يا ڪٺي چاهي رسالي تي ڪم ٿيو آهي جهڙي ڪارائتي ڄاڻ بہ حاصل ٿئي ٿي ۽ فخر ٿو ٿئي تہ عالمن انگريزيءَ ذريعي بہ شاهہ جي پيغام کي عالم تائين رسائڻ جون ڪوششون ڪيون آهن. جيڪي اڃا بہ جاري آهن.

’تون ڏاتار آءٌ ڏڃُ‘ ڪتاب ليکڪ جي محنت ۽ مواد جي حساب سان تہ واکاڻ جوڳو آهي ئي آهي، پر تقريبن ٻہ سؤ صفحن تي مشتمل هن ڪتاب جي ڇپائي بہ عالمي معيار جي آهي. پڪي جلد جي بائنڊنگ وارا هن طرح جا ڪتاب هندوستان ۾ تمام گهٽ ڇپجندا آهن.

هندوستان جي اڪثر ليکڪن جي لکڻين ۾ هندي ٻوليءَ جي لفظن جي ڀرمار هوندي آهي جڏهن ڪ هن ڪتاب جي ٻولي نج سنڌي آهي جيڪا هن ڪتاب کي پنهنجي طرح جي هڪ رواني ۽ ميٺاج بخشي ٿي. هر باب جي ڇپاڙيءَ ۾ ڏنل حوالن مان ان ڳالهہ جو احساس ٿئي ٿو تہ ليکڪ شاهہ سائينءَ جي عقيدت ۽ محبت ۾ وڌو نور نچوئيو آهي. جنهن شخص سان عيقدت تائين پيار هجي ان سان يا ان بابت ڳالهہ نهٺائي،

sindhsalamat.com

نماڻائي ۽ خاڪساريءَ سان ڪبي آهي. ليکڪ ڪتاب کي ’تون ڏاتار آءٌ ڏڃُ‘ عنوان ڏيئي اهو ڌرم بہ نڀايو آهي. ڀٽائي عالمي ڪانفرنس لاءِ جيئن ڀٽائيءَ طرفان ليکڪ کي منڙو سڏ ٿيو تہ ليکڪ بہ اُتان موٽي لاکيڻي لعل ڀٽائيءَ تي عقيدت ۽ احترام وچان ’تون ڏاتار آءٌ ڏڃُ‘ ڪتاب لکي موٽ ۾ سڏ ۾ سڏ ڏنو آهي جنهن سڏ جو سريلو پڙاڏو هند سنڌ جي ادبي حلقي تائين سڻي نموني پهتو آهي. ائين ڊاڪٽر لڇاڻيءَ ڀٽائيءَ سان منڙن لفظن ۾ قرض چڪايو آهي.

تون سپڙ آئون سيڪڙو، تون ڏاتار آئون ڏڃُ
سڻي تنهنجو سڏ، ڪلهي پاتم ڪينرو

اياز گل چوي ٿو ”شاهہ لطيف، ڪائنات جي سموري سندرتا کي پسڻ، پرکڻ، پروڙڻ ۽ سگهاري نموني سمجهائڻ جو شاعر آهي. اهو لطيف سائينءَ جو ئي ڪمال آهي تہ هر ماڻهو کيس پنهنجن جذبن ۽ پنهنجي نظريي جو شاعر سمجهي ٿو. سندس شعر جي روح تائين پهچڻ برابر سولو ڪم نہ آهي، پر سندس شعر کي سمجهائڻ تهائين ڏکيو ڪم آهي. ڊاڪٽر لڇاڻي، سنڌي ٻولي ۽ ادب جو اهو پارکو ۽ ڏاهو آهي، جنهن لطيف سائينءَ کي من لائي سمجهيو آهي ۽ پنهنجي فڪري مقالن ۾ بنه نئين انداز ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي، هند توڙي سنڌ ۾ ڏاهي، ليکڪ، محقق ۽ نقاد جي حيثيت ۾ ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. شاهہ لطيف جي فڪري، وسعتن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ لطيف سائينءَ تي، سندس سنڌ ۽ هند ۾ هن کان اڳ ڇپيل ڪتاب پڻ مانُ ۽ مڃتا ماڻي چڪو آهي.

اياز گل
06 سيپٽمبر 2016ع

books.sindhsalamat.com

سنڌ جي مشهور اخبار ’عوامي آواز‘ ۾ رڪيل موراڻيءَ لکيو، ”جيتوڻيڪ اسانجو ناميارو عالم، ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي بنه ’ڊڳ‘ نہ آهي، هو سنڌي ٻوليءَ جو هڪ اهڙو اديب، عالم ۽ اسڪالر آهي. جنهن سچ پچ هند ۾ ويهي سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب کي گهڻن ئي حوالن سان شاهوڪار ڪرڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪئي آهي. پوءِ بہ هن عالم ۽ ڏاهي شخص شاهه سائينءَ سان عقيدت رکندي پنهنجي ڪتاب جو نالو رکيو آهي ’تون ڏاتار، آءٌ ڏڌُ.‘

هاڻ طبيعت جي ناچاڪائيءَ ۽ وڏيل عمر سبب جيترو آرام ڪيس ڪرڻ گهرجي اهو بہ ترڪ ڪري مسلسل لکي رهيو آهي. اهو سندس سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ سان پيار ئي تہ آهي ۽ سندس ساڳيو پيار ۽ عقيدت سنڌي ٻوليءَ جي عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ سان پڻ اٿس. سندس ان عقيدت ۽ پيار ئي شايد رنگ لاتو جو شاهه سائين ڪيس پاڻ ڏي سڏي ورتو ۽ هن شاهه سائينءَ جي 270 هين عُرس مبارڪ تي اچي ڀٽ ڌڻيءَ جي چائنٺ چمي.

سندس شاهه سائينءَ جي شاعريءَ ۽ شخصيت بابت اڳ بہ هڪ اهم ڪتاب ’آچيندي لهہ مران‘ جي نالي شايع ٿيل آهي، جنهن جي اهميت جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ اهو ڪتاب سنڌ حڪومت جي ثقافت واري کاتي پاران شاهه سائينءَ جي ٻئي عرس مبارڪ تي ڇپايو ويو ۽ سنڌ ۾ پڙهندڙن توڙي عالمن اديبن ۽ شاهه سائينءَ جي پارکن وٽ چڱو چوکو مانُ مرتبو ماڻي ويو آهي. هيءُ ڪتاب پڻ سندس شاهه سائينءَ سان عقيدت ۽ پيار جو اظهار آهي. اهڙو پيار ۽ عقيدت جيڪا اسان سڀ سنڌي شاهه سائينءَ سان ڪندا آهيون.

sindhsalamat.com

پر ڊاڪٽر لڇاڻيءَ جو هڪ اهم ادبي ڪارنامو هنن ڪتابن کان اول ڳڻائڻ جهڙو آهي جيڪو اهڙو آهي جيڪو سنڌ ۾ بہ نہ ٿي سگهيو آهي. اهو آهي ’نيڻين ننڊ حرام‘. هيءُ ويڊيو اسڪرپٽ آهي؛ جيڪو شاهه سائينءَ جي زندگيءَ ۽ شاعريءَ جي حوالي ۾ پهرين اهڙي ڪوشش آهي، جيڪا گهڻو گهڻو ساراهڻ جهڙي آهي. ممڪن آهي تہ ڪڏهن ان اسڪرپٽ تي ڪا فلم جوڙي وڃي ۽ جڏهن ائين ٿيو تہ پڪ سان ڊاڪٽر لڇاڻيءَ جي، نہ رڳو هڪ خواب جي ساڀيا ٿيندي، پر هن جي شاهه سائينءَ سان عقيدت بہ سڌين وٽ ظاهر ٿيندي ۽ محنت بہ ثاب پوندي. ڪيئن بہ ڊاڪٽر لڇاڻيءَ جيڪو بہ شاهه سائينءَ تي لکيو آهي، اهو هڪ عالم جو لکيل آهي، ان ڪري گهڻو گهڻو اهم آهي. ائين ڊاڪٽر صاحب جو شاهه سائينءَ بابت هي ڪتاب بہ اهم آهي؛ جنهن جو نالو آهي، ”تون ڏاتار، آءٌ ڏڌُ.“

شاهه سائينءَ جي زندگي، فڪر ۽ فن بابت پندرهن مضمونن تي ٻڌل هيءُ ڪتاب، ڊاڪٽر صاحب ڀٽائي سائينءَ سان ڀٽ تي روحاني روح رهاڻ ڪرڻ کان پوءِ واپس اُلهاسنگر وڃي لکيو آهي ۽ گهڻو تيزيءَ سان لکيو آهي. هند ۾ اڪثر عالمن جي ٻوليءَ تي جيڪو هندي يا ٻين علائقي ٻولين جو اثر پيو آهي. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي ٻولي اول تہ اُنهن اثرن کان گهڻو بچيل آهي، جنهن ڪري اها سنڌ جي پڙهندڙن کي پنهنجي لڳي ٿي. جنهن ڪري هو سندس لکڻيون پيار سان پڙهي ٿو ٻيو تہ ڊاڪٽر صاحب تعليمدان رهيو آهي، ان ڪري سندس لکڻي اهڙي سڌي ۽ سولي آهي جو سمجهڻ آسان آهي ۽ سندس لکڻ جو ڍنگ بہ پڙهندڙن کي سمجهائڻ وارو آهي. اهي اوکا نتا لڳن. جيترو اُنهن مان هڪ عالم، اديب لاءِ پرائي سگهي ٿو، اوترو ئي شاهه سائينءَ سان پيار ڪندڙ ڪوبہ نئون لکندڙ يا

books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ بہ لاڀ پرائي سگهي ٿو. ان ڪري ڊاڪٽر صاحب جو لکڻ، فقط لکڻ لاءِ نہ آهي پر اهو ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ آهي ۽ ڪجهہ ٻين کي ڏيڻ لاءِ آهي. ڪتاب ۾ شامل موضوعن تي الڳ الڳ وقتن تي، الڳ الڳ عالمن پاران لکيو ويو آهي يا لکجي رهيو آهي. پر ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي پنهنجي اک آهي. هن جيئن باريڪيءَ سان شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ کي پرکيو آهي، ائين ئي باريڪيءَ سان پنهنجي ليکن ۾ ڏنو آهي، جنهن سبب اسانجي پڙهندڙن کي انهن ئي عنوانن جي دائري ۾ ڪيترا ئي نوان نقطا نظر ايندا جيڪي اڳ گهٽ اظهاريا ويا آهن ۽ جيڪڏهن اظهاريا ويا آهن تہ ڊاڪٽر لڇاڻيءَ اُنهن کي هڪ نئين نموني سان اظهاريو آهي. هن جي اک تيز آهي چاڪاڻ جو اها عام نہ آهي ۽ ان ۾ اها عام رواجي ڳالهہ بہ نہ آهي جيڪا اسان سنڌ ۾ ويهي ڪندا / لکندا آهيون ۽ لڳاتار ورجاءُ جو شڪار ٿيندا رهندا آهيون. جنهن سبب شاهہ سائينءَ بابت ڪجهہ نئون نہ ڏيئي سگهندا آهيون. هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر لڇاڻيءَ اهڙن ڪيترن ئي لفظن ڏانهن سڌي/ اڻ سڌي نموني اسان جي عالمن ۽ شاهہ جي پارکن جو ڌيان ڇڪايو آهي جيڪو ٿي سچ پچ هڪ عالم جو ڪم هجڻ کپي.

ڊاڪٽر لڇاڻي جي هن ڪتاب جي هر مضمون جي هڪ هڪ سٽ اڪيڊمڪ حوالي ۾ ڪم اچڻ واري آهي. جڏهن تہ ڊاڪٽر صاحب پاڻ هن سموري لکڻ کي شاهہ جي شاعريءَ تي متاڃري نظر ٿو ڪوٺي، پر سچ اهو آهي تہ اها اسان وٽ يعني سنڌ جي پڙهندڙن لاءِ نهايت باريڪيءَ واري ۽ وشواس جوڳي نظر آهي، جنهن مان اسانجو پڙهندڙ گهڻو ڪجهہ حاصل ڪندو، اهڙو آئت اسان پاڻ کي ڏيون ٿا.

هن ڪتاب جا ڪي مضمون ، مثال ’شاھ جي شاعريءَ ۾

جماليات‘ ، ’شاھ جي ڪلام جي موجوده زمان سان واسطيداري‘ ۽ ’شاھ سائينءَ جي شاعريءَ ۾ موسيقيت‘ تہ شخصي طور مونکي اعليٰ مضمون محسوس ٿيا آهن. شال ٻين پڙهندڙن کي بہ ائين ڀاسن.

ڪيئن بہ سڀ ڳڏي، هيءُ ڪتاب ”تون ڏاتار، آءٌ ڏڌُ“ لطيف شناسيءَ بابت جتي تحقيقي ڪتاب آهي، اُتي تخليقي ڪتاب بہ آهي. ڪجهہ ٻيتن جو ورجاءُ جو سبب اُنهن جون الڳ معنائون ۽ مقصد ڏيڻ آهي. اسان جي پڙهندڙن کي اهو ڌيان ۾ ضرور رکڻ کپي. ڇاڪاڻ تہ شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ جي اهائي تہ ڪماليت آهي تہ اها هڪ سٽ ۾ ڪيترين ئي معنائون سانڍي ٿي. ڪنهن بہ عظيم تخليقڪار جي تخليق جي اهائي وڏي ۾ وڏي سڃاڻپ هوندي آهي، جيڪا شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ جي بہ آهي.

پڪ اٿم تہ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي صاحب جو هيءُ ڪتاب بہ سندس پهرين ڪتاب ’نيڻين ننڊ حرام‘، ٻئي ’آچيندي لڄ مران‘ جيان پڙهندڙن ۾ شاهہ سائينءَ جي پارکن وٽ اهميت ماڻيندو. هڪ سؤ اسي صفحن جو هيءُ ڪتاب جيڪڏهن سنڌ حڪومت جو ثقافت کاتو شاهہ ڀٽائي لطيف جي ايندڙ عرس مبارڪ تي ٿيندڙ عالمي ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي شايع ڪندو تہ پڪ سان هن کي هڪ سٺي ڪتاب ڇپائڻ جو اعزاز حاصل ٿيندو.[6] ڊاڪٽر لڇاڻي صاحب جا وڏا وڙ جو هو سنڌ کان پري هوندي بہ پاڻ کي شاهہ سائينءَ جي حوالي سان ۽ ڳڏيل سنڌي ادب جي حوالي سان سنڌ کي جوڙي ويٺو آهي.“

6. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي؛ تون ڏاتار، آءٌ ڏڌُ. ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ. سن. 2019ع

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

19

سنڌي ناول جي اوسر

جڳديش لڇاڻي لکي ٿو، ”هن مقالي جو مقصد ڀارت جي سنڌي ناول جي ارتقا پيش ڪرڻ آهي. مون پنهنجي مخصوص موضوع موجب ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ شايع ٿيل ناولن تائين پاڻ کي محدود رکيو آهي. منهنجي هن مقالي جو مقصد ناول - نويسن جي ڊگهي فهرست ڏيڻ نه ناهي. مون مقالي ۾ فقط اُنهن ناولن کي ئي ذڪر هيٺ آندو آهي، جيڪي فن جي لحاظ کان ڪا اهميت رکن ٿا. پهرين مونکي اهو خيال به آيو ته ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ شايع ٿيل ناولن کي به هن تحقيق ۾ شامل ڪريان، پر اُتان جي ادب تائين رسائيءَ جي مشڪلات کي ڌيان ۾ رکندي، تحقيق جو دائرو صرف ڀارت تائين محدود رکيو ويو.

موجوده تحقيق ۾ ڀارت ۾ سنڌي ناول جي اوسر جي مڪمل تصوير پيش ڪرڻ لاءِ ان کي ٽن مکيه بابن ۾ ورهايو ويو آهي ۽ بابن ۾ وري مواد جي لحاظ کان ننڍا ننڍا subtitles رکيا ويا آهن.

پهرين باب ۾ ناول جي فن جي وضاحت ڪيل آهي. ٻئي باب ۾ ورهاڱي کان اڳ سنڌي ناول جي ارتقا تي روشني وجهندي، ورهاڱي کان اڳ جي ڪجهه اهم ناولن کي ذڪر هيٺ آندو ويو آهي. ٽئين باب جي پڄاڻي، ڀارت جي آزادي ۽ ملڪ جي ورهاڱي جي پسمنظر سان ڪيل آهي. باب ٽئين ۾ ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جو مختصر جائزو ورتل آهي. مواد تي تنقيدي بحث سان گڏ، ناول جي فن تي پڻ نظرثاني ڪندي، اُنهن جي ادبي اوک - ڊوک ڪئي ويئي آهي. موضوع کي

sindhsalamat.com

وڌيڪ چٽو ۽ سليس بڻائڻ لاءِ باب ٽئين ۾ پنج subtitles رکيا ويا آهن: ترقي پسند ڌارا، سنڌي ناول ۾ نئون موڙ، سنڌي ناول ۾ اديباڻن جو يوگدان، رومانوي دور ۽ جديد ۽ بعد جديد سنڌي ناول.“

ڪتاب ادبي دنيا ۾ پسند پيو. هند ۽ سنڌ مان ڪيترن اديبن ڪتاب تي ليکڪ کي رايا موڪليا، ڪن زباني ته ڪن لکت ۾. سنڌ جي مشهور اخبار عوامي آواز ۾ شايع ٿيل ڀارتي عالم هيري شيوڪاڻيءَ جو تجزيو پيش آهي:

جڳديش لڇاڻيءَ جي تازي ڪتاب ”سنڌي ناول جي اوسر“ (2018) تي جيئن ئي مون تنقيد لکڻ جو من ٺاهيو تيئن بي ساخته مون کي هڪڙي اهم ڪتاب ’ادب جا فڪري محرڪ‘ ليکڪ ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو هئين تي ڦري آيو. اهو ڪتاب مونکي اڄ کان اٽڪل چوٽيهه سال اڳ منهنجي محبوب دوست شوڪت حسين شوري (ڪتاب جي سر ورق تي هن جي هٿ اکري ”دوست هيري شيوڪاڻي لاءِ“ شوڪت شورو 20/11/84 موجود آهي) مون ترت پنهنجي شيلف مان اهو ڪتاب ڳولهي هٿ ڪيو.

هن جائزي لکڻ لاءِ مونکي انهيءَ ڪتاب جي ياد ۽ ضرورت جا ڪي اهم ڪارڻ ضروري لڳا.

ادب جا فڪري محرڪ جون 1984ع لڳ ڀڳ 400 صفحن ۾ ادب فڪري محرڪن تي هڪڙي ڳوڙهي مطالعي، ادراڪ ۽ اصلوڪي سوچ وارو سنڌ توڙي هند ۾ پنهنجي نوعيت جو اڄ سوڌو منفرد ڪتاب آهي. منهنجي هن اڀياس لاءِ خاص طور ان ڪتاب جو هڪ باب ’ادبي فڪر جا تاريخي رجحان‘ (ص. 153-181) اڄ اڄان به واسطيداري رکندڙ لڳو. پنهنجي هن تجزيي جي بنيادي مقصدن جي وضاحت ڪريان، ان کان

books.sindhsalamat.com

اڳ ڊاڪٽر پوهيي جو ان نسبت ۾ هڪ حوالو غور ڪرڻ جوڳو آهي:

”هڪڙو طريقو آهي ادب کي تاريخ جي مدد سان سمجهڻ جو ۽ ٻيو طريقو آهي تاريخ کي ادب جي مدد سان سمجهڻ جو. آنءُ پايان ٿو تہ اديبن جي لاءِ پويون طريقو مڙيوٽي چڱو آهي، جو اُهي جنهن وسيلي کي ماهراڻي نموني ڪم آڻي سگهن ٿا. سو بهرحال ادب تي ٿي سگهي ٿو. پر هن طريقي ۾ مونجهارو رهڻو اهو آهي تہ اڀياس جي لحاظ کان ادب جي حيثيت وڃيو ٿي ثانوي ٿئي ۽ جنهن جو مطالعو ڪيو ٿو وڃي سا تاريخ ٿئي ٿي ۽ نہ ادب، ان ڪري هي طريقو خاص طور تي ادب جي اڀياس جي لاءِ ڪارگر ثابت نہ ٿي سگهندو. هن ڳالهہ جو نتيجو اهو ٿو نڪري تہ اسان لاءِ رهيو هڪڙو رستو آهي ۽ اهو آهي تہ اسان ادب کي تاريخ جي مدد سان سمجهون. (ص. 154)

هي قدري وڏو حوالو مون انڪري عرض ڪيو آهي تہ هڪ تہ منهنجي هن جائزي جو آڌار ڊاڪٽر لڇاڻيءَ جو ڪتاب ’سنڌي ناول جي اوسر‘ ڪافي حد تائين ادب جي تاريخ جي مرحلي ۾ اچي ٿو. ٻيو منهنجو رايو اهو آهي تہ ادب جي مڪمل، مفصل ۽ مُستند تاريخ لکڻ لاءِ ان ادب جي ٻوليائي، سماجي، معاشي ۽ سياسي تاريخ جا رجحان ڪيئن ۽ ڪيتري قدر ان جي ادب جي فني قدرن، ان جي معيار تي ڪار فرمائين ٿا تہ ان تي غور ڪرڻ.

بذات خود جناب پوهيو، جنهن کي تاريخيت چوي ٿو، اها صرف تفصيلن تي زور نٿي ڏئي، ٻي ڳالهہ اها بہ چوڻي اٿم تہ اسانجي سنڌي ادب ۾ هتي هند ۾ خواه سنڌ ۾ جڏهن يڪسان طور تي اسان وٽ مفصل، مڪمل ۽ مُستند ادبي تاريخ تي ٿي

لکيل نہ آهي، جنهن کي پر ۾ رکي اسين سنڌي ادب جي اوسر کي معتبر نموني جاچي سگهون. خود پوهيي صاحب بہ پنهنجي ان ڪتاب ۾ حقيقت جو اعتراف ڪيو آهي.

جڳديش لڇاڻيءَ جي هن اهم ڪتاب تي انهيءَ تاريخي نسبت ۾ پنهنجو جائزو وٺان، ان کان اڳ بہ مونکي بہ ٽي ڳالهيون چوڻيون آهن.

وقت ۽ زمان جي نسبت ۾ ادب ۾ تبديليون تہ اوقعي اڻ ٽر آهن چو جو ادب زندگيءَ سان واڳيل آهي، زندگيءَ ۾ سماجي، معاشي، اقتصادي، توڙي تمدني بدلاءَ ۽ اوسر ٿيندا رهن ٿا، ڏسڻو اهو آهي تہ ادب يا ان جي ڪنهن صنف ۾ فني ۽ انساني قدرن جي اوسر / بلندي ڪيتري ٿي آهي. ناول جي صنف کي کڻي پنهنجو موقف پيش ڪريان تہ، اسان اهو مڃي ورتو آهي تہ شاعري ۽ ڪهاڻيءَ جي ڀيٽ ۾ ناول اسان وٽ اينتري اوسر حاصل نہ ڪري سگهيو آهي، ٻين لفظن ۾ چوان تہ سنڌي ناول مغربي ناول نويسيءَ جو ٿي نہ، خود صغير جي ٻين ڪن اهم ٻولين جي ناول، جهڙوڪ اردو، بنگالي، مراٺي ٻولين جي ناولن جي اوچائيءَ تي بہ اڃان نہ پهتو آهي، جڏهن تہ اصلوڪي سنڌي ناول جي عمر بہ صديءَ کان مٿي آهي.

مثال طور لڇاڻي صاحب خود نوٽ ورتو آهي تہ سنڌيءَ جو پهريون اصلوڪو ناول ’زينت‘ 1890ع ۾ شايع ٿيو. ورهاڱي کان اڳ بہ ڀيا ڪيئي ناول آيا، ورهاڱي کان پوءِ سرحد جي آر پار سنڌ توڙي هند ۾ ڳڻپ جي خيال کان اسان جي ٻوليءَ ۽ معاشري جي قدر موجب ڪافي ناول آيا آهن، انهن ۾ ناول جي رٿابندي، پلاٽ، موضوع، حقيقت شناسي، ٻولي ۽ ٽيڪنڪ جي لحاظ کان زماني انوسار تبديليون بہ گهٽيون ۽ گوناگون آهن.

جڳديش لڇاڻي واقعي خارجي نموني ورهاڱي تائين سنڌ،

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

۾ سنڌي ناول جي سفر ۽ بعد ۾ ڀارت ۾ سنڌي ناول جي اوسر جا، تاريخ جي وهڪري کي زير نظر رکندي، الڳ الڳ بابن ۾ تمام تفصيلن سان، انهن جي موضوع، فڪر، رُتا ۽ ٽيڪنڪ جا سڀ ممڪن پهلو ڌيان ۾ رکندي، سنڌي ۾ شايد پهريون دفعو نه رڳو انهن جي اوسر ڏيکاري آهي، بلڪ مکيه ناولن جو ادبي نقط نظر کان تجزيو به ورتو آهي. جنهن لاءِ بيشڪ هو صاحب مبارڪباد جو مستحق آهي. اهو ۽ ايترو ادبي پورهيو، گهٽ ۾ گهٽ هتي اسان وٽ هند ۾ ٻئي ڪنهن به ڪونه ڪيو آهي، مون سوڌو (2007ع ۾ سنڌي ناول تي منهنجو به هڪ تنقيدي ڪتاب ”سنڌي ناول ڪٽهڙي ۾“ شايع ٿيو جنهن ۾ سلسليوار ته نه البت سنڌي ناول جي چونڊ پڙاون تي منهنجا تنقيدي مضمون گڏ ڪري ڇپايل آهن) هتي اهو ياد ڏيارڻ شايد بي جاءِ نه ٿيندو ته خود نوجوان نقاد اسحاق سميجي، پنهنجي ادبي رسالي ’سارنگا‘ ۾ بيحد وڏو ادبي ۽ معياري جائزو لکيو هو. خير.

مون تاريخيت جي حوالي ۾ سنڌي ناول جي ادبي معيار جو سوال ان ڪري اُٿاريو آهي ته جيئن الهداد ٻوهيي تاريخ جي محرڪن (Dynamics) جو ذڪر ڪيو آهي تيئن زندگيءَ جي نسبت ۾ ادب يا ادبي فن جا به محرڪ آهن، جيڪي اديب جي ذات، ڏانو، اڀياس ۽ شعور سان جڙيل آهن. اول ۽ آخر ناول تخليقي ادب جي اڄ هڪ اهم صنف آهي.

ناول بنيادي طرح حقيقي زندگيءَ ۾ ڪهاڻي، قصي يا انسان کي پلاٽ بٽائي جڏهن انساني ڪردار جي ٻيروني ۽ باطني تلاش ڪري ٿو ته ان ۾ ناول نويس جي پنهنجي احساس داري، انساني سور، فرحت، محبت يا ٻين ڪيترن جذبن جي اظهار ۾ پائيداري خلقي، پڙهندڙ جي احساس يا حظ کي جاڳائي يا متاثر ڪري ٿو، ته ان ۾ ئي ناول نويسيءَ جي معيار جا درجا

sindhsalamat.com

ڏسجن ٿا. حقيقت پسنديءَ جي خيال کان ناول ڀل ته انساني زندگيءَ جي گوناگونيت سان ايماندار به هجي پر جيڪڏهن اهو احساس کي ڇهي يا جاڳائي نٿو ته اهو فن يا ڪلا جي درجي تي پهچڻ بدران فقط تفصيلن جو جوڙ بڻجي رهجي ٿو وڃي يا محض وندر جو ذريعو بڻجي وڃي ٿو.

سٺ کان وڌيڪ سالن جي عمر تي پهتل سنڌي ناول يا ناول نويسيءَ تي اڄ هن ايڪوهين صديءَ جي ٻئي ڏهاڪي ۾ مان ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي اهم ڪتاب ”سنڌي ناول جي اوسر“ تي تنقيدي بحث ڪرڻ لاءِ پنهنجي عمر جي هن نائين ڏهاڪي ۾ به آماده ٿيو آهيان ته لڇاڻيءَ جو شڪريو ادا ڪندي ۽ اڳتي هلي هن جي تشريحي قابليت جو تجزيو ڪندس، ته هتي پنهنجي تي مذڪوره ڪتاب جي ڪور جي پوٺنان ڏنل هي حوالو دهرائڻ کان سواءِ انڪري گريز نٿو ڪريان ته منهنجو ليک شايد اول سنڌ جي ادبي اخبار يا رسالي ۾ شايع ٿيڻ وارو آهي، جيئن اڄ به سنڌ جا اسانجا گهٽيئي سڃاڻ، باشعور، دانشور سنڌي ليک غور ڪن ته سئو، باقي هتي اسان وٽ ته هاڻ سنڌي پڙهندڙن جو ميدان ئي خالي آهي. لڇاڻيءَ ۽ مون پاران جيڪي مڙئي اڇا ٿورا گهڻا حيات آهيون، اُهي پنهنجي ٻولي ، ادب ۽ ثقافت جي عشق ۾ مڙيئي ڪجهه نه ڪجهه لکون پيا ۽ پڙهون به پاڻ پيا. منهنجي ڪتاب جو اهو حوالو هن ريت آهي:

” اسانجي سنڌي ناول نويسن هيل تائين اُهو ئي پئي لکيو آهي، جيڪو صرف هُنن سان ٿيو آهي يا اُهو لکيو آهي جيڪو هن چاهيو آهي ته هوند هُنن سان ٿئي، مگر نه ٿيو آهي ۽ اُهو نه لکيو آهي، جيڪو ويڪري روپ ۾ ٻين سان ٿيو آهي. اردگرد جي زندگيءَ ۾ ٿيو آهي. هُنن جي ائين نه چاهڻ جي باوجود ٿيو آهي. ان ڪري شايد اسانجو ناول معمولي ۽ ميڊياڪر رهجي

books.sindhsalamat.com

ويو آهي. پڪي سر ڀارتي ناول ساهتيه جي نسبت ۾، عالمي ناول ساهتيه جي ڪئنواس ته اسان لاءِ فقط حرص ڪرڻ جي سرحد تي آهي (ص. 29) ادب ۾ (۽ ناول ۾ به) قدرن، انساني ۽ فني قدرن ۽ معيار تي بحث ڪرڻ، ادبي تاريخ لکڻ لاءِ اسان کي آماده ڪندو رهندو، اها منهنجي تمنا ۽ تقاضا آهي.

مبادا هيءُ طويل ڪتاب ''سنڌي نال جي اوسر'' اسانجي لڳاتار ٿيندڙ انهيءَ تلاش جو ته، سنڌي ادب ۾ معيار ماڻڻ جون اسان پنهنجون منزلون ڳولهي لهون، ان جو بنياد جو بڻجي سگهي.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي هن ڪتاب لکڻ کان اڳ به ادبي تاريخ لکڻ جي ڏس ۾ ڪيترا ٻيا ڪتاب لکيا آهن. مکيه آهن: (1) سنڌي ادب جي روپ ريکا (2) سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر (3) نئون ساهتيه (4) ساهتيه جي پرک وغيره. لڇاڻي صاحب سونهاري شاهه لطيف جي آفاقي شاعريءَ تي به ٻه ڪتاب لکيا آهن. مونکي اها به ذاتي ڄاڻ آهي ته سنڌ سرڪار جي ثقافتي ڊپارٽمينٽ جي دعوت تي هن به ٽي دفعا ڀٽ شاهه تي روبرو اچي ڀٽائي جي عرس تي شاهه جي ڪلام تي تحقيقي پيپر پيش ڪرڻ جو اعزاز حاصل ڪيو آهي.

تازو هن سال ئي ڊاڪٽر لڇاڻيءَ جي ادبي ۽ تنقيدي خدمتن جو قدر ڪندي ڀارت جي مرڪزي ساهتيه اڪادميءَ هن کي شاهه صاحب تي لکيل ڪتاب 'آچيندي لهج مران' تي ادبي اوارڊ سان نوازيو آهي.

''سنڌي ناول جي اوسر'' هن جو ان سلسلي ۾ تازه ترين سنڌي ڪتاب آهي، جنهن کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهاڱي اول هن ورهاڱي کان اڳ جي سنڌي ناول نويسيءَ جا شجري وار تفصيل ڏنا آهن. قليچ بيگ جي اهڙي پهرئين طبع زاد ناول 'زينت' (1890ع)

sindhsalamat.com

کان وٺي مکيه ناولن، خاص ڪري 'چوٽ جو چنڊ' (لالچند امرڏنومل) ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ جو تاريخي ناول 'نور جهان،' آسانند مامتورا جو پهرئين قسم جو منووگيان تي ٻڌل اهم ناول 'شاعر' گلي سدارنگاڻيءَ جو 'اتحاد'، نارائڻ داس ڀمڀاڻيءَ جا ٻه ناول 'مالهڻ' ۽ 'غريبن جو وارثو' ۽ رام پنجواڻيءَ جي ناول 'لطيفا' جو پورو واقعاتي مانڊاڻ، ڪردارنگاري، ٻولي ۽ پيش ڪش جي تشريح ڪئي آهي.

ورهاڱي بعد جي ڀارت ۾ لکيل سنڌي ناول جي اوائلي ترقي پسند دؤر ۾ سڀ کان گهڻا ناول لکندڙ هر دل عزيز ناول نويس گوبند مالهيءَ جي مکيه ناولن کان وٺي سندري اُتمچنداڻيءَ جي ٻن اهم ناولن 'ڪرندڙ ديوارون' ۽ 'پريت پراڻي، ريت نرالي'، ڪلا پرڪاش (مکيه طور هند سنڌ ۾ لوڪپريه ناول نويسه) اُن بعد ڀارت ۾ ٻين پيڙهيءَ جي نال نويسن ۾ گوورڌن ڀارتيءَ جي هڪ اهم ناول 'سور جون سؤ صورتون' (1991ع) جو خاص ذڪر ڪيو آهي، ذاتي طور منهنجو اهو رايو آهي ته گوورڌن ڀارتيءَ جو اهو هر وجه ڪلاسڪ ناول گهڻا سال دستخط طور هڪ پبلشر وٽ پيو رهيو، جيڪڏهن اُن وقت ئي اهو شايع ٿئي ها ته مان ڀانيان ٿو، اسان گوبند مالهيءَ بجاءِ گوورڌن محبوباڻي ڀارتيءَ کي ناول سمراٽ مڃڻ لاءِ هڪدم تيار ٿيون ها!

جڳديش لڇاڻيءَ پنهنجي ان دستاويزي اوک ڊوک واري ڪتاب ۾ ٻين پيڙهيءَ جي ڀر ۾ آيل رومانوي ٽهيءَ جي اهم ناول نويس موهن ڪلپنا جي ناولن جي به پوري قدرشناسي ڪئي آهي. خاص ڪري ''رڃ ۽ ڀاڇا، آواره، جلاوطني ۽ ماءُ جو رومانواد جي پؤري اصولي وياکيا ڪندي، اُنهن کي پوري تاريخي شناس سان پيش ڪيو آهي.

books.sindhsalamat.com

جديد سنڌي ناول نويسيءَ ۾ موهن ڪلپنا جو همعصر، سڀ کان گهڻا ناول لکندڙ، مفڪر ناول نويس ’لعل پشپ‘ جي ناولن جي ناول نويسيءَ ۾ نواڻ آڻڻ لاءِ خاص جائزو ورتو آهي. لعل پشپ لاشڪ ڀارت ۾ ئي نه بلڪ سنڌ ۾ به هڪ اهم ۽ لاثاني ناول نويس طور اڀريو. ’هڪ سرد ديوار‘ ناول کان وٺي ويندي هن جي آخرين ناول سيريز (آتم ڪٿا تي بيهاريل ناول سيريز ’حياتيءَ جا حصا‘ (2002) ’ڌرتيءَ ڌڪاڻا‘ (2003) ’اُلهاس نگر واسي‘ (آگسٽ 2003) ۽ 4 ٺمورتي (2004) تي قابل تبصري نگار پورن تفصيلن سان لکيو آهي. ياد هجي ته لعل پشپ کي هُن جي هڪ بهترين جديد ناول ”هُن جي آتم جو موت“ تي ئي 1974ع ۾ ساهتيه اڪادميءَ جو انعام مليو هو.

مان هتي اهو به نوٽ وٺڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهان ته رڳو سندري اُتمچندانيءَ ۽ ڪلاپرڪاش جا ناول سنڌ ۾ وري ڇپجي چڪا آهن. بلڪ موهن ڪلپنا جي ناولن جا به سنڌ ۾ ايڊيشن آيل آهن ته لعل پشپ، جي انهن اهم ناولن کي سنڌ ۾ اسانجي دوست شوڪت شوري گڏجي وڏي جلد ۾ شايع ڪرائي، سنڌي ادب ۾ سرحدن جا ليڪا اورانگهي وڏو ادبي ڪارج ڪيو هو.

پنهنجي هن تنقيدي ڪتاب جي آخرين صفحن ۾ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي بعد جديد ناول نويسيءَ ۾ ڌماڪي سان داخل ٿيندڙ آنند کيماڻي جي پهرئين ناول ’هڪ شخص جي واسنا‘ کان وٺي هن جي ٽراجي جي : (1) انتر ياترا (2) رشتن جو ڌنڌ ۽ (3) اڻ لڀاڙيل پيچرا 2003 کي ئي ڪونه سمايو آهي پر هن جي پوين ناولن جو به ذڪر ڪيو آهي.

اٿين به ناهي ته ڊاڪٽر لڇاڻي هيترن سارن سنڌي ناولن جي (جيڪي هتي ڀارت ۾ ڇپيا آهن) جي سلسليوار رڳو پوري پيرافريزنگ ڪئي آهي، بلڪ اُنهن جي گهاڙيٽن، ڪردار نگاري،

ٻولي ۽ ٽيڪنڪ تي به رائزني ڪئي آهي. خاص ڪري ڪتاب جي پوئين صفحن ۾ هن نهايت بي باڪيءَ سان، خاص ڪري آنند کيماڻي جي ناولن تي اُگهاڙپ يا فحاشيءَ جا جيڪي الزام صادر ٿيا تن تي، ٻين اڀياسين جا به رايا ڪوٽ ڪندي خوب لکيو آهي ۽ پنهنجا تاثرات پيش ڪيا اٿس. جنهن ۾ لڇاڻي صاحب جي اونهي ادبي مطالعي، تحقيقي سمجهه ۽ بي رواداريءَ جي ساک ملي ٿي.

ناول اڄ هن ايڪويهين صديءَ ۾ دنيا ۾ گهڻو پڙهيو ويندڙ ۽ عالمي سطح تي مڃتا حاصل ڪيل فارم آهي. ڪٿا يا واقع نگاريءَ جي عناصر سبب هوندئن به ناول پڙهڻ وارن جو تعداد، رڳو وندر لاءِ ئي نه، پر زندگيءَ سان روبرو ۽ ڏوبدو ٿيڻ جي ناول جي مکيه مقصد ڪري هر دل عزيز شاخ آهي.

۽ ان ڏس ۾ جڳديش لڇاڻيءَ جو هي ڪتاب تاريخي توڙي تنقيدي نقطه نظر کان گهڻي اهميت رکي ٿو. منهنجي تقاضا ۽ دلي تمنا اها آهي ته هن ڪتاب کي پڙهندي ۽ پُرجهيندي اسين سرحد جي ٻنهي طرفن جي ادب جا پانڌيئڙا، اهو به غور ڪريون ته سنڌي ناول جي معيار کي برصغير جي ناول نويسيءَ سان ڪلهو ملائي يا اڃا به عالمي سطح تي اُن کي اوچو ڪٽي اچڻ لاءِ ڏات ۽ ڏانو کان سواءِ ٻيو ڇا ڇا ڪرڻ جڳائي؟ ادبي تنقيد اڻ ڪٽ سلسلو آهي: هاڻي اسان وٽ نه ته سنڌ ۾ جاري رهندو، وڌندو اهڙي نيڪ اُميد جاڳائڻ جو سلو هن ڪتاب اسان لاءِ مهيا ڪيو آهي، ان ڪري مان ان جي آجيان ٿو ڪريان ۽ چوان ٿو ته ’سنڌي ناول جي اوسر‘ ان ۾ اهم ۽ يادگار اضافو آهي.

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

20

ڇا ساريان، ڇا وساريان

20 صديءَ جي فرانس جي اعليٰ اديب جين پال سارتر (Jean Paul Sartre) جو چوڻ آهي ته ’’ادب جي ڏکي ۾ ڏکي صِنف آتم ڪٿا يا سَوانح عُمِري لکڻ آهي. مون زندگيءَ ۾ هڪڙو ئي آتم - ڪٿا ئي ناول لکيو، جيڪو بيحد ئي مَقبوُل ٿيو. جنهن کي مون عنوان ڏنو : Saintgenet. پر اهو منهنجي بهروپي زندگيءَ جو هڪ اهڙو ادبي Fiction هئو، جنهن مان پڙهندڙن کي ته پنهنجائي سگهيس پر منهنجو ضمير مون تي ملامتون وجهڻ لڳو. مون پاڻ کي هڪ اهڙي ڪردار جي روپ ۾ پيش ڪيو هئو، جو ڏينهن جي روشنيءَ ۾ فرشتو بڻجي، پڙهندڙن کي دوکو ڏيئي رهيو آهي، پر رات جي اونداهيءَ ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪڪرم ۽ ڪارناما ڪري رهيو آهي.

ضمير جي اِنهن ملامتن ڪان، منهنجي زندگي ان موڙ تي اچي پهتي جو مان رات جو نه سمهي ٿي سگهيس ۽ نه جاڳي ٿي سگهيس. ان ڪري منهنجي ضمير، مون ڪان سچ ۽ رڳو سچ لکائڻ لاءِ ايترو ته آماده ڪيو جو مون فيصلو ڪيو ته مان پنهنجي آتم - ڪٿا لکندس. جتي خدا جي عدالت اڳيان سچ ئي هوندو ۽ سچ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه هوندو. پر اهڙو سچ لکڻ لاءِ، منهنجي لفظن مونکي ساٿ نه ٿي ڏنو. هڪ رات ڪسيبياڻيءَ سان رهاڻ ڪندي، جڏهن منهنجي جسم جون تاڻيل نسون سهج بڻيون ته مون آتم - ڪٿا لکڻ شروع ڪئي ۽ اُن آتم - ڪٿا کي عنوان ڏنو ’’الفاظ‘‘ (Words). جيئن جيئن مان لکندو ويس، لفظ هوا ۾ پکڙيل نظر آيا. اُهي منهنجي سوچ جي ڪوڙِڪي ۾ نٿي ڦاٿا، جينوٽيڪ مون اُنهن کي جهٽڻ جي تمام گهڻي ڪوشش

پئي ڪئي. هاڻي مونکي اِهو احساس ٿيڻ لڳو ته ’’جيڪي لفظ دل مان نه نڪرندا آهن، اُهي دغا ڏيندا آهن.‘‘

ٽي سؤ صفحا لکڻ ڪانپوءِ، مونکي اهو احساس ٿيڻ لڳو ته پنهنجي آتم - ڪٿا ۾ سچ ۽ رڳو سچ لکڻ، جنهن جي مان شروع ۾ دعويٰ ڪري چڪو آهيان، مون لاءِ ممڪن ناهي. مون پنهنجي آتم - ڪٿا لکڻ تان پنهنجا هٿ کڻي ڇڏيا. مونکي سچ پچ اهو احساس ٿيڻ لڳو ته آتم - ڪٿا لکڻ، هر ڪنهن اديب جي وس جي ڳالهه نه آهي، سواءِ ان اديب جي جنهن کي عالمي ادب ۾ روسو جي نالي سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو ۽ مان روسو جي پيرن جي دز به نه آهيان.‘‘ (1)

هر اديب جي ٻاهرين دنيا سان گڏوگڏ پنهنجي هڪ نجي خانگي دنيا به هوندي آهي. هو آتم-ڪٿا ذريعي اڻڄاتل يا ڳجهي علائقي کي ٻين جي ڄاڻ لاءِ کولڻ چاهيندو آهي. اهو اديب جي پسنديءَ تي ڇڏيل آهي ته هو ڇا ٻڌائي ڇا لڪائي. جڳديش لڇاڻيءَ به پڙهندڙن ڪان پنهنجي آتم-ڪٿا ’ڇا ساريان، ڇا وساريان‘ (2) ۾ گهڻو ڪجهه لڪايو آهي. هو خود آتم - ڪٿا جي مهڙ ۾ قبولي ٿو، ’’حياتيءَ ۾ ڪيتريون سچايون اهڙيون هونديون آهن جن کي وسارڻ ۾ ئي ڀلو هوندو آهي. هتي مان پنهنجي رومانوي حياتيءَ جون به ڪيتريون ڳالهيون اُڏائي ويو آهيان- ڪارڻ حياتي ۽ ادب جا پئارٽ الڳ الڳ آهن. مون پنهنجي حياتيءَ ۾ الائجي گهڻا پيار ڪيا آهن. ان پيار ئي مونکي ليکڪ بڻايو. هر هڪ پيار، مونکي هڪ نه هڪ ڪهاڻي ضرور ڏني. ڪجهه ٻيون حقيقتون به آهن جي چاهيندي به لکي

1. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي: سنڌي ادب ۾ آتم-ڪٿا. سنڌ ماضي، حال، مستقبل. ڪراچي. 2006ع . ص. 79
2. جڳديش لڇاڻي: ڇا ساريان، ڇا وساريان. اُلهاسنگر. سن.2019ع

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

نہ سگھيو آهيان، صرف پنهنجي ڪمزوريءَ جي ٿي باعث ! ان ڪمزوريءَ مان ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش جاري آهي. جڏهن مان ان ڪمزوريءَ تي سوپ پائي سگهيس تہ لکندس اُهي حقيقتون، جن ۾ منهنجي شخصي حياتيءَ سان گڏ، ٻيون ڪيتريون شخصيتون بہ شامل هونديون. زندگيءَ جي سرحد تي ٿيندڙ ڪوڙ ڪپت، ڪوڙيون سچايون، دوستن جي سفيد چهرن هيٺان ڪاراڻ وغيره. جڏهن مان ماڻ آپماڻ کان آجو ٿيس، تڏهن مان پنهنجون بي شمار ڳالهيون کڻي، وري توهان جي سامهون ايندس.[3]

هن ڪتاب جو انگريزيءَ Version بہ ظاهر ٿي چڪو آهي.[4]

هن ڪتاب لاءِ ڊاڪٽر قاضي خادم حسين لکي ٿو، ”ڪافي عرصي کانپوءِ هڪ شاندار ڪتاب مليو آهي، ’چا ساريان، چا وساريان.‘ جڳديش لڇاڻيءَ جهڙي عالم، عظيم اُستاد ۽ تعليمي ماهر جو هي ڪتاب پڙهڻ وٽان آهي. ڪتاب کي پڙهندي پڙهندي آءُ پاڻ ماضيءَ جي ڪن ڪنڊن ۾ پهچي ويس... هن لعل پشپ ۽ ٻين اديبن جي باري ۾ ڪيترا دلچسپ واقعا ٻڌايا آهن... لڇاڻي صاحب جي هيءَ آتم: ڪهاڻي تمام دلچسپ ۽ ڪارائتي آهي.“

هند ۾ هولارام هنس لکيو، ”منهنجي خيال موجب: ساهتيہ جي سولي ۾ سولي ۽ ڏکي ۾ ڏکي صنف آتم ڪٿا يا جيوني آهي. جيوني ساهتيہ صنف ۾ هڪ خاص شخص جي زندگيءَ جي تاريخ آهي. هندي ساهتيڪار اگيہ جو چوڻ هو تہ ” ڪنهن آتم ڪٿا ۾ صرف سچ لکڻ ايترو اوکو آهي، جيترو ڪنهن ڪهاڻي يا ناول ۾ ڪوڙ لکڻ سولو آهي.“

پر جڳديش، جنهن پاڻ کي --- ’جڳديش چندر‘ بہ سڏايو هو، ان پنهنجي آتم - ڪٿا، شديد ايمانداري، عقابي اک،

3. چا ساريان، چا وساريان. ص. 7
4. Jagdish Lchhani : And life goes on......2019

انتهائي بي رياعي ۽ جريت سان، پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي آهي. فرمائي ٿو.... منهنجي آتم ڪٿا، آتم ڪٿا گهٽ، ڪهاڻي وڌيڪ رهي آهي. جا منهنجي خيال موجب سچي رهي آهي. هن اديب نندپڻ جون لڇايون، زندگيءَ جا وڻندڙ واقعا، ان وقت جي هندو - مسلم ايڪتا، تعليمي حالتون...مالي حالت ... سندس اٺن سالن جي عمر ۾ 1948 ۾ ورهاڱي جا وڍ.. سنڌين جون جفاڪشيون... مهاجرن جا حملا ... ليڪ بل ڪئمپ مان نڪري، ڪلياڻ ڪئمپ ۾ اچي ٿانئيڪو ٿيڻ.... تعليم-ماستري... پروفيسر مان ڪاليج جو پرنسيپال ٿيڻ.... سنڌي ادب ۾ نالو ڪمائڻ... ايوارڊ حاصل ڪرڻ... وغيرهہ وغيرهہ فلم جي يا ڪنهن ناٽڪ جي الڳ الڳ پاڻن مثل آهن. هيءَ هڪ دلچسپ ڪهاڻي آهي، جا اوهان کي ضرور پڙهڻ کپي.... هن جي ڪهاڻي، نقش قدميءَ لاءِ اُتساهہ پيدا ڪري ٿي. ليڪڪ اٺن سالن مان اڄ اسي سالن تي پهتو آهي. هن جي طبيعت منڍ کان وٺي رومانٽڪ پئي رهي آهي. هن جو جنم پير ڳوٺ ۾ ٿيو هو. هن جي جنم جي تاريخ 4-12-1939 لکيل آهي . پر اها سندس صحيح تاريخ ڪانهي. سندس خيال موجب، خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ هن کي ڪنهن جي بہ محتاجي نہ ڏسڻي پيئي...اها سندس امڙ جي آسيس آهي. هن جا ٻئي پٽ اڄ ويل سيٽلڊ آهن. هن جي ڪهاڻي نہ صرف سندس، پر ديس، سماج، وقت ۽ حالتن جي ڪهاڻي آهي ۽ آهي هڪ وڻندڙ ڪهاڻي! آتم-ڪٿا مان جيڪي فائدا آهن:

1. پنهنجو لکيل احوال سچو ۽ صحيح شمار ڪري ليکبو آهي.
2. پنهنجا خيال ۽ رايا ظاهر ڪرڻ جو وجهہ ملندو آهي.
3. اهڙو احوال سندس اولاد ۽ اولاد جي اولاد کي پوري خبر ڏيندو آهي ۽ هو سندس اصولن ۽ مثالن تي بہ هلڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. هن ڪلاتمڪ ڪهاڻيءَ مان اهي سڀ فائدا حاصل

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪرڻ جي، هن ڪتاب ۾ ساک آهي.

هيءُ ذات ڏٺي منهن ڪان وٺي سنڌيت جو شيدائي به ٿي رهيو آهي. جيئن ته سنڌي ٻولي/ ساهت / فلم/ ناٽڪ وغيره ۾ چاهه ۽ ڀرو . هي رچناڪار/ سرجڻهار /ڪلاڪار نه صرف هند ۾ پر سنڌ ۾ به مشهور آهي. سنڌ جي زيارت به ڪري آيو آهي. شاهه جو ڀٽ به ڏسي آيو آهي. سنڌ جو عظيم شاعر تاجل بيوس جڏهن هند ۾ قلمڪارن سان ملڻ آيو هو ته هو جڳديش جي گهر ۾ به رهيو هو ۽ اُتي سنڌ جهڙي سوادي روٽي کائي ڏاڍو خوش ٿيو هو. جڳديش جي جيون ڪهاڻيءَ جا خاص نقطا:

1. بي انصافي سهڻ هن جي سڀاءَ ۾ نه آهي.
2. ڪيتريون ٿي هن کي چاهينديون هيون.
3. هن ڊرامن ۾ پارٽ به ڪنيو.
4. هن کي پريم پتر به پهتا.
5. هيءُ هنديءَ ۾ ماهر آهي ۽ پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ ڪيترا هندي شعر پيش ڪيا اٿائين.
6. هن جي ماڻٽن هن جي شادي ان سان ڪرائي جنهن کي هو پيار ڪندو هو.
7. هن سٺر سفر به ڪافي ڪيا آهن، جن جو ڪتاب ۾ عمدو بيان پيش ڪيل آهي.
8. هن جا دوست هئا: لعل پشپ، آنچل، ڪرشن لعل بجاج.
9. هن جي ساهتيه کي ڪيترن نامور ليکڪن ساراهيو آهي.
10. هن ڪيترن سيمينارن ۾ پيپر پڙهيا آهن.
11. سنڌ ۾ وڃڻ جي موقعي تي هن جي عاليشان آجيان ٿي. ڊاڪٽر فهميده حسين، ادل سومرو، راشد مورائي ، پروفيسر سليم ميمڻ، امر جليل، محمد ابراهيم جويو،

sindhsalamat.com

شوڪت ۽ ٻين ڪيترن هن جي آجيان ڪئي.

12. هن سان گڏ ساهتيڪار هيرو ٺڪر به هو، سنڌ جي سفر تي.
13. هن ساهتيڪار نيوز لئنڊ جو به سفر ڪيو آهي.

هن ساهتيڪار جو ساهتيه سنسار

1. پروفيسر رام پنجواڻيءَ تي هن جي ٽيلي اسڪرپٽ- جنهن جو عنوان آهي ”جوڳي جادو لائي ويا“
2. ايم. ڪمل تي ڪتاب
3. شاهه لطيف تي ڪتاب - ’تون ڏاتار، آءٌ ڏڻي‘، ’آچيندي لڇ مران‘. ’آچيندي لڇ مران‘ تي هن کي ساهتيه اڪادمي انعام عطا ٿيو آهي.
4. لاهوتي لڏي ويا
5. واسديو موهيءَ تي ڪتاب
6. موهن ڪلپنا، شيام جئسنگهاڻي، گني سامتاڻي، لعل پشپ ۽ رام پنجواڻيءَ تي مونوگراف - هي ڪتاب هنديءَ ۾ آهن.
7. ٻال ساهتيه ۾ هن جو وڏو يوگدان آهي.

وسيع مطالعي ۽ مشاهدي جي ڪري، جڳديش هڪ اعليٰ ليکڪ بڻيو آهي. هن جو سنڌيءَ تي دسترس، ملڪ، ماڻهن ۽ مٽيءَ سان محبت، خيال جي اُڏام، انهن سڀني گڻن هن کي شعور وارو ليکڪ بڻايو آهي.

هن ڪتاب ”ڇا ساريان، ڇا وساريان“ جي گيٽ اپ، ڇپائي، پنو، فوٽوز ۽ لاسٽ ڪور تي ڊاڪٽر قاضي خادم جا تاثر، پڙهڻ لائق آهن. پڇاڙيءَ ۾ ياد لکمي کلاڻيءَ جو ’آچيندي لڇ مران‘ ڪتاب تي، انعام جي باري ۾، عمدو رايو ڏنل آهي.

ڪتاب جي پوئين صفحي تي جڳديش لکيو آهي - لکڻ

books.sindhsalamat.com

منهنجو خفت / جيون/ پاڳل پڻو /۽ خوراڪ آهي. سنڌيءَ ۾ پانڪ ڳم آهن.... پوءِ بہ مان لڪان ٿو ۽ لڪندو رهندس.
شاباس جڳديس کي.

هاڻي جڳديش لڇاڻي منهنجي نظرن ۾:

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي شڪل جو شاهاڻو، قد جو پورو پنو، ڪليل پيشاني، مک تي مرڪ، سٺو ويس وڳو، محفلن جو مور، سيمينارن ۾ سرمور، مقالن تي سندس دسترس، يار ويس. ڪنهن سان نہ ڦٽائيندڙ، سڀ جو ڀلو چاهيندڙ، وسيع مطالعي ۽ مشاهدي جو مالڪ... پري کان ئي مونکي پروفيسر لڳندو آهي.

هڪ دفعي آءٌ هنجي صبحت جي سرهاڻ ماڻڻ لاءِ هن جي ڪاليج- ڪالاڻي ڪاليج ۾ هن سان ملڻ ويو هوس. 'بيست سنڌي سڀا' جي ساليانی جلسي ۽ جشن ۾، مون هن کي مکيہ مهمان ڪري گهرايو هو. ياءُ هري موٽواڻيءَ جڏهن 'ايم.ڪمل تي خاص پرچو' شايع ڪيو هو تہ ٿاڻا مان ، مان ۽ شعور وارو شاعر ڪرشن راهي ويا هئاسين شرڪت ڪرڻ لاءِ اُتي بہ جڳديش مليو هو. منهنجي هڪ ڪتاب تي هن مهاڳ بہ لکيو آهي... 2000ع ۾ جئہ هند ڪاليج، ممبئيءَ ۾ جڳديش، هيرو نڪر ۽ مان NCPSL جو ايوارڊ عطا ٿيڻ وقت بہ گڏ هئاسين. جڳديش جا لوچڻ لائق ليک آنءُ هندستان ۽ هندواسيءَ ۾ پڙهندو هوس ۽ پڙهندو آهيان. اجڪلهہ هندواسيءَ ۾.

هن ڏات ڌڻيءَ / قلمڪار/ سرجڻهار /رچناڪار جا ڪتاب اسان جي 'سَرو سيوا سمتيءَ' جي لئبرريءَ جا سينگار ۽ سونهن آهن.

ههڙي ڀهڳڻي ڪلاڪار ۽ قلمڪار جي آتم ڪٿا پڙهي آنند اچي ويو..... ۽ بس.

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

21

ادبي قدرشناسي

جيڪر سنڌ ۾ لڇاڻيءَ جهڙو ليکڪ هجي !

شوڪت حسين شورو

سنڌ توڙي هند ۾ شاعري ۽ فن فڪشن خاص طور ڪهاڻي طرف گهڻو لاڙو آهي. شاعري ۽ فڪشن جو بالشڪ تخليق سان تعلق آهي، جنهن لاءِ ذات ۾ ڏانءُ جو هجڻ ضروري آهي، پر اهي خوبيون ڪن ٿورن شاعرن ۽ ڪهاڻيڪارن يا ناول نگارن جي نصيب ۾ هونديون آهن. باقي گهڻا تہ زور زبردستي رچناڪارن جي قطار ۾ شامل ٿي ويندا آهن. مقصد نالو ڪمائڻ ۽ اوارڊ وٺڻ هوندو آهي. سنڌ ۾ آلبت ڪجهہ ماڻهو تحقيق (research) جو ڪم بہ ڪري رهيا آهن، پر ادبي اڀياس جنهن ۾ نامور ليکڪن جي لکڻين جو تنقيدي جائزو ورتو وڃي سو تمام گهٽ آهي. تنقيد تہ سنڌ ۾ آهي ئي ڪانہ. هند ۾ هوندي تحقيق طرف اينرو ڌيان ڪونہ ٿو ڏنو وڃي، پر ادبي اڀياس ۽ تنقيد ۾ سنڌ کان گهڻو وڌيڪ ڪم ٿيو آهي. تحقيق ۽ اڀياس ۾ سيني کان وڏو حصو ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي جو آهي.

ڊاڪٽر لڇاڻي هڪ اهڙو اديب ۽ عالم آهي جنهن تحقيقي ڪم کي گنڀيرتا سان ورتو آهي. ان لاءِ هن سنڌي ساهت جو گهڻ رخو اڀياس ڪيو آهي، جيڪو سندس شايع ٿيل 50 ڪتابن مان ظاهر آهي. هن سنڌي ساهت جي هر پهلو ۽ پاسن تي لکيو آهي. سندس ڪتاب ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي شاگردن جي لاءِ سنڌي ساهت جي ڄاڻ جو خزانو آهن. ساڳئي وقت پنهنجي جاءِ تي انهن ڪتابن جي اهميت پڻ آهي.

تحقيق ۽ ادبي اڀياس کي عام طور سولو ڪم سمجهيو

sindhsalamat.com

ويندو آهي. ڪجهہ ماڻهن ان کي سولو ڪم ڪري ورتو بہ آهي. ڪتابن ۽ رسالن مان حوالن (references) جا ٽڪرا ٽوٽا ڪڍي، انهن جي آڌار تي مضمون جوڙي وٺڻ هنن لاءِ اينرو ڏکيو ڪم بہ ڪونهي. سنڌي ادب ۾ پي ايڇ.ڊي ڪندڙ ڪي ماڻهو ان طريقي سان ٿيسز تيار ڪري وٺندا آهن پر اصل ڳالهہ اها آهي تہ حقيقي ڪم جو معيار پنهنجو پاڻ ڳالهيندو آهي، تہ ان موضوع تي لکڻ جي لاءِ ڪيترو گهرو اڀياس ڪيو ويو آهي. ڪيترو نور نچويو ويو آهي. ڊاڪٽر لڇاڻي جي ڪيل ۾ جيڪا محنت ٿيل هوندي آهي سا چٽيءَ طرح ظاهر آهي.

ڊاڪٽر لڇاڻي جي گهڻ رخي ڪم ۾ ٻاراڻي ادب کي بہ وڏي اهميت حاصل آهي. ٻارن جي لاءِ سندن ذهني سطح موجب ماءُ جي ٻوليءَ ۾ ڪتاب لکڻ اصل ۾ ان ٻولي جي جياپي لاءِ بنيادي ڪم آهي. ٻارن ۾ اهو شوق پيدا ڪرڻ تہ هو پنهنجي ٻولي ۾ ڪتاب پڙهن تنهن لاءِ اهو بهتر طريقو اهوئي آهي. دنيا جي سڌريل سماج جي ٻولين ۾ ٻاراڻي ادب جي وڏي اهميت آهي. ٻارن جي ڌيان ڇڪائڻ لاءِ نهايت سهڻا ڪتاب ڇپايا ويندا آهن. ڊاڪٽر لڇاڻي ۽ ڪجهہ ٻين سنڌي ليکڪن ٻاراڻي ادب جي سلسلي ۾ ساراهہ جوڳو ڪم ڪيو آهي. ساڳئي ئي وقت ذهن ۾ هڪڙو سوال پيدا ٿئي ٿو تہ انڊيا ۾ سنڌي اسڪول ذري گهٽ بند ٿي چڪا آهن. ٻار هاڻي سنڌي پڙهي لکي ڪونہ ٿا سگهن، نہ رڳو پر هاڻي تہ گهرن ۾ سنڌي ڳالهائڻ بہ گهٽجندو وڃي ٿو. اهڙين حالتن ۾ سنڌي ٻاراڻي ادب جو ڪارج ڪهڙو آهي، سا هڪ منجهائيندڙ ۽ ان سان گڏ ڏکوئيندڙ ڳالهہ آهي.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي هڪ وڏو ڪم اهو بہ ڪيو آهي تہ هن سنڌي ٻوليءَ جو نامور ليکڪن تي مونوگراف لکيا آهن. رام پنجواڻي، موهن ڪلپنا، لعل پشپ، گنو سامتاڻي، شيام

books.sindhsalamat.com

جئسنگهاڻي جي سوانح حيات ۽ سندن فن تي لکيل ڊاڪٽر لڇاڻي جا اهي مونوگراف مرڪزي ساهتيه اڪادمي طرفان ڀارتيه ساهتيه جا اڏيندڙ جي رٿا هيٺ ڇپائي پڌرا ڪيا ويا آهن. ساهتيه اڪادمي جي ان رٿاڪانسواءِ به ڊاڪٽر لڇاڻي سنڌي جي ڪجهه ٻين اهم ليکڪن ايم. ڪمل، واسديو موهي ۽ ڊاڪٽر پريم پرڪاش جي حياتي، فڪري سفر ۽ ادبي يوڳدان تي مشتمل الڳ الڳ ڪتاب لکي ڇاپائي شايع ڪيا آهن. تازو ئي هن ڊاڪٽر موتي لعل جوتواڻيءَ بابت پڻ ساڳئي قسم جو ڪتاب لکيو آهي جيڪو سنڌي اڪادمي دهليءَ طرفان شايع ڪيو ويو آهي. ڪنهن به ادبي شخصيت ۽ سندس فن تي لکڻ جي لاءِ وڏي محنت واري ريسرچ ڪرڻي پئي ٿي. هن جي زندگي جي مڪمل تصوير سان گڏ سندس سمورو ادبي پورهيو هٿ ڪري ان کي پڙهڻو پئي ٿو. ڊاڪٽر لڇاڻي جا لکيل ڪتاب مستند دستاويزن واري حيثيت رکن ٿا. هن جو اهو ڪم ادبي تاريخ جو هڪ اهم حصو ليکيو ويندو. نه رڳو هن وقت پر ايندڙ زمان جي ادبي عالمن ۽ نقادن جي لاءِ ڊاڪٽر لڇاڻي جو اهو ڪم وڏيڪ تحقيق ۽ تنقيد لاءِ مددگار ثابت ٿيندو.

ڊاڪٽر لڇاڻي ادب جو عالم آهي. هن سنڌي ادب جي مختلف صنفن جهڙوڪ شاعري، ناول، ڪهاڻي ۽ تنقيد جو تحقيقي اڀياس ڪيو آهي. ان ڏس ۾ هن ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. 1. ادبي شناس، 2. سنڌي ادب جي روپ ريکا، 3. اصول ۽ آلوچنا، 4. نئون ساهت، 5. اپنياس ۽ سنڌي اپنياس (ناول ۽ سنڌي ناول)، 6. سنڌي ڪهاڻي جي اوسر، 7. ساهتيه جي پرک (هن ڪتاب کي به اوارڊ مليا آهن)، 8. ادبي تنقيد، 9. نثري نظم ۽ ان جو ادبي پسمنظر، 10. نئين ڪويتا - ارتقائي سفر. شايد ئي ڪنهن ٻئي ليکڪ ادب جي صنفن تي اينرو لکيو هوندو.

ان کان سواءِ ڊاڪٽر لڇاڻي گذاري ويل سنڌي ليکڪن کي ياد رکڻ لاءِ جوڳئيڙا جهان ۾، لاهوتي لڏي ويا، يادن جا ورق، دل جي دنيا جهڙا ڪتاب لکيا آهن. انهن ڪتابن ۾ ليکڪن تي خاڪا پڻ لکيل آهن.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌي ٻولي، ساهت ۽ سنسڪرتي جي سڃاڻپ آهي، جنهن کي دنيا جي وڏن شاعرن ۾ ليکيو وڃي ٿو. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي هن وقت هند جي سنڌي ساهت جو اڪيلو عالم آهي جيڪو شاهه لطيف جي شاعري ۽ فڪر تي مختلف پهلوئن کان پنهنجو اڀياس لکندو رهي ٿو. سندس پهريون ۽ آڳاٽو ڪتاب ”شاهه ۽ صوفي مت“ هو، گهڻو پوءِ هن ٻيو ڪتاب ”آچيندي لهج مران“ لکيو جيڪو سنڌ ۾ ڪلچر ڊپارٽمينٽ، سنڌ سرڪار طرفان شايع ڪيو ويو هو. شايد اها شاهه لطيف جي شاعري جي برڪت هئي جو ڊاڪٽر لڇاڻي کي هڪ وڏي عرصي جي انتظار کان پوءِ نيٺ ان ڪتاب تي مرڪزي ساهتيه اڪادمي ڀاران 2017ع جو اوارڊ مليو. ڪنهن ليکڪ کي شاهه لطيف تي ڪيل ڪم جي اهڙي مڃتا ملي سا ٻالشڪ وڏي فخر جي ۽ مانَ جي ڳالهه آهي. ڊاڪٽر لڇاڻي جو ٽيون ڪتاب جيڪو هن شاهه لطيف جي شاعري، فن فڪر ۽ فلسفي تي لکيو آهي سو آهي: ’تون ڏاتار آءُ ڏڌُ.‘

ان حقيقت کي آءٌ بنا ڪنهن هٻڪ جي مڃان ٿو ته سنڌ ۾ مونکي ڪوبه اهڙو اسڪالر ڪونه ٿو سمجهي جنهن ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي وانگر ادب جي هر صنف تي اينرو تفصيل سان اڀياس لکيو هجي يا وري ساهتڪارن جي سوانح حيات ۽ سندن ادبي يوڳدان تي تحقيقي اصولن تحت ڪتاب جوڙيا هجن.

ڊاڪٽر لڇاڻي پنهنجي ذات ۾ خود هڪ ادارو (institution) آهي، هن ڪنهن به ڪائونسل يا اڪادمي کان گهڻو

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

وڏيڪ اڪيلي سر ڪم ڪيو آهي. جيڪو لڇاڻي جهڙو ڪو اسڪالر سنڌ ۾ به هجي.

امداد حسيني پاران جڳديش لڇاڻي بابت.....

جڳديش لڇاڻي به ’پير ڳوٺ‘ جو آهي! ۽ هڪ اتفاق نه بلڪ حسين اتفاق ٿي آهي ته اسان جي يورپ ۾، اٿين اوچتو اچرج مان پاڻ کا ٿي سوال ڪيم ته ’يورپ ۾ اچا تائين اسان کي ڪو سنڌي پريوار نه مليو آهي ! جڏهن ته اسين چوندا وتندا آهيون ته سنڌي سڄي دنيا ۾ پکڙيل آهن.‘ سو، اسين پراگ ۾ ٽوئرسٽ بس جي لاءِ بيٺا هئاسين ته هڪ چئن ڀاتين جو پريوار مليو. اسان کي پاڻ ۾ سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو ڏسي، ان پريوار جو وڏو اسان ڏانهن وڌي آيو ۽ پڇيائين ته:

”سنڌي آهيو؟“

”ها“ وراڻيم.

”ڪٿان آيا آهيو؟“

”سنڌ کان“ چيم ۽ پڇيم ”۽ توهين؟“

”هند کان!“ هن وراڻيو

هن جو نالو نارائڻداس هو. هوءَ سندس گهرواري، پٽ ۽ اُن جي پتني. اهو هن جو پريوار هو. نارائڻداس، جڳديش لڇاڻيءَ جو ڳوٺائي هو. پير جي ڳوٺ جو ! نارائڻداس جو پٽ هنديءَ ۾ ڳالهائي رهيو هو. کانئس پڇيوم، ”توکي سنڌي نه ٿي اچي؟“ ته چيائين، ”ٿوري ٿوري اچي ٿي!“ کيس چيم ته، ”سنڌي تنهنجي ماتر ڀاشا آهي، اها توکي ضرور اچڻ گهرجي! سڄي دنيا جون ٻوليون سکو، پر اهو ياد رکو ته سنڌي ٻولي اسان سنڌين جي سڃاڻپ آهي!“ نارائڻداس کي به چيم ته، ”ٻارن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهايو!“ ٻنهي نارائڻداس ۽ سندس پٽ مون سان اهڙو وچن ڪيو.

اها ڳالهه تڏهن ياد آيم جڏهن جڳديش جو ’سنڌو جوت‘ (سنڌ ياترا-خاص انڪ) ۾ سندس ’سنڌ جو ادبي سفر‘ جون هي سٽون پڙهيم:

”منهنجي انتظار جون گهڙيون ويون ٿي وڌنديون. دل ويئي ٿي ٻسندي، ڪنهن کي کُلي دل سان ٻڌائي به نه پئي سگهيس ته ڪو مان سنڌ وڃي رهيو آهيان. مون پنهنجي ڀاءُ نول کي به ڪونه ٻڌايو. سنڌ جي زيارت ڪري موٽيم، ته ڀاءُ کي سمورو احوال ڏنم، ارمان ٿيو، جڏهن هن ٻڌايو ته اسان جي ڏورانهين ماٽيياڻي اڃا به پير ڳوٺ ۾ رهندي آهي، مان پنهنجي جنم آستان پير ڳوٺ ته ويو هوس، پر انهيءَ ماٽيياڻيءَ سان مڪاميلو ڪري نه سگهيو هوس. اهو ارمان دل ۾ رهجي ويو آهي.“ (ص. 183)

ان ريت هڪ ارمان پورو ٿئي ٿو، ته هڪ ارمان رهجي ٿو وڃي!

هڪ سٽ لکندي لٽندي، ٻي سٽ ٿاءِ رسندي
هڪ سوُر کي سمهاريم، ٻئي سوُر کي اُٿاريم!
شايد اهائي زندگي آهي !

مون کي به اها خبر تڏهن پئي ته جڳديش ’پير ڳوٺ‘ جو آهي، جڏهن جڳديش چيو ته ’سپون‘ جو هڪ انڪ ڪن تي اچي رهيو آهي ۽ ”آءُ مٿس ڪجهه لکان!“ ۽ مون سندس ڪتاب ڳولهڻ شروع ڪيا. پر مجال آهي جو ملن! اٿين ڳولها ڪندي ’سنڌو جوت‘ ملي ويو. ان ۾ جڳديش جو ”سنڌ جو ادبي سفر“ پڙهي پروڙ پئي ته هن جو جنم استان ’پير ڳوٺ‘ آهي.

’سپون‘ سان به منهنجون ڪجهه ساروڻ سلهاڙيل آهن. نارائڻ چاولا ۽ پارو چاولا جو به درشن ڪري چڪو آهيان. گذريل ڀيري جڏهن هيرو ٺڪر سنڌ ڀيٽڻ آيو هو، تڏهن ’سپون‘ هڪ

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

يادگار انڪ مون کي ڏنو هئائين، جنهن لاءِ آءٌ سدائين سندس ٿورائتو رهندس.

’سپون‘ جڳديش لڇاڻيءَ کي مڃتا ڏيڻ لاءِ خاص انڪ آڻي هڪ ساراهه جوڳو ڪم ڪري رهي آهي. جڳديش لڇاڻي اسان جي دور جو هڪ پرسڌ ليکڪ آهي، جنهن هند ۾ سنڌي ٻوليءَ، ساهت ۽ سڀيتا لاءِ فخر جوڳو ڪم ڪيو آهي.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي آس پاس

رکيل موراڻي

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ سان منهنجي پهرين ملاقات سال 2001 جي سيپٽمبر مهيني ۾ سنڌين جي ثقافتي مرڪز سيتا سنڌو ڀون ممبئي ۾ ٿي هئي. جنهن ۾ اسان (مون رکيل موراڻي، تاجل بيوس ۽ سندس ونيءَ) جو آجياڻو ۽ انٽر نيشنل مشاعرو رکيو ويو هو. هيءُ منهنجو هند وڃڻ جو پهريون ڀيرو هو.

ان کان اڳ سندس نالو سنڌ ۾ پهتل هو، نه رڳو سندس نالو پر سندس ڪتاب پڻ منهنجي نظرن مان نڪتل هئا. ان سڀ کان اهم ڳالهه اها ته سندس ذڪر سنڌي ٻوليءَ جو ڀهڳٽو شاعر سائين تاجل بيوس اڪثر مون سان ڪندو رهندو هو، ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ ان وقت تاجل سائين ئي اهڙو اديب هو، جيڪو ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ کي ٻنهه ويجهو هو، ڇاڪاڻ ته سائين تاجل گذريل صديءَ نوي واري ڏهاڪي ۾ جڏهن ممبئي ويو هو ته سندس شناسائي ڊاڪٽر صاحب سان ٿي هئي. اها شناسائي اڳتي هلي اهڙي ادبي دوستيءَ ۾ بدلجي وئي، جيڪا ادب کان اڳتي وڌي، ڀائپيءَ تان وڌي، سائين تاجل ڊاڪٽرصاحب کي دوست جي درجي ڏيڻ کان وڌيڪ هڪ ڀاءُ جو درجو ڏيندو هئو. اهو ڊاڪٽر صاحب جو درجو تاجل سائين جي اکين ٻوٽڻ تائين ساڳئي مرتبي سان موجود رهيو.

sindhsalamat.com

ڊاڪٽر صاحب جو هڪ تنقيد /تحقيقي ڪتاب ”سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر“ سنڌ ۾ ڇپيو، ان کانپوءِ هو ٻيڻ وارو آهي جو سندس شاهه سائين تي لکيل اهم ڪتاب ’آچيندي لڄ مران‘ سنڌ حڪومت جي ثقافت واري کاتي پاران ڇپايو ويو. هن هڪ کان وڌيڪ ڀيرا سنڌ ڏٺي، سنڌ جي عالمن، اديبن سان ميلو، ڪچهريون ڪيائين انهن جي محبت ماڻيائين، ڪيس سنڌ جي اديبن ڪيترو پڙهيو آهي، ان جو رد عمل ڏٺائين، ڀٽائيءَ جي زيارت ڪيائين ۽ ٻيو به گهڻو ڪجهه!

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي هڪ ليکڪ /اسڪالر طور جيترو سنڌي ادب کي ڏنو آهي، اوترو ٿورن ئي اديبن ڏنو هوندو. ادب جي اها ڪابه شاخ نه هوندي، جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب جي دين نه هوندي، سندس تحقيق، ادبي تاريخ، تنقيد ، اسڪرپٽ، شخصيت تي لکيل آتم ڪٿا، انٽرويوز، هن ڇا نه لکيو آهي.

منهنجي خيال ۾ هڪ اسڪالر طور ڊاڪٽر صاحب کي جنهن ليول تي لکڻ کپي، ان تي ئي لکيو آهي، جنهن جو مثال اهي ڪتاب ئي آهن، جيڪي ٻن درجنين کان وڌيڪ آهن ۽ جن ۾ ادب جون لڳ ڀڳ سڀ صنفون اچي وڃن ٿيون، شاعريءَ کانسواءِ .

ائين به ممڪن آهي ته ڊاڪٽر صاحب شاعري به ڪئي هجي، منهنجي علم ۾ نه هجي، ڇو ته بظاهر ائين لڳي ٿو ته ڊاڪٽر صاحب عمر جي ڪنهن حصي ۾ ضرور شعر لکيو هو ۽ سچ پچ منهنجو هيءُ لکڻ ڊاڪٽر صاحب جي هڪ عالم طور /ليکڪ طور پرک ڪرڻ ٻنهه نه آهي، ڀيڻ شوڀا لعلچندڻيءَ جي حڪم جي پيروي آهي. واڌو شخصي طور جيئن مون ڊاڪٽر صاحب کي ڏٺو آهي. ساڻس ممبئي ۾ اڻ ڳڻيون ڪچهريون سنڌ جي دورن وقت ساڻس ڪيترو ئي وقت گڏ هجڻ، سفر ڪرڻ، سڀ

books.sindhsalamat.com

اکين اڳيان ڦري رهيا آهن.

خاص طور اُلهاس نگر جي هڪ ڏينهن واري ياد نه مون کان ڪڏهن به وسري نه سگهندي. وسندڙ مينهن ۾ سنڌي ٻوليءَ ناميارو نقاد ۽ ڪهاڻيڪار پروفيسر هيري شيوڪاڻي، پياري نند ڇڳاڻي ۽ ڊاڪٽر صاحب سان گڏ سنڌي لوڪ ادب تي سند رکندڙ سدا حيات ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتيءَ جي سنڌي ٽائيمس جي آفيس ۾ ڪچهري ۽ ان کان پوءِ ڊاڪٽر لڇاڻي صاحب جي گهر تي ڪچهري ۽ ٻاهر وسندڙ زوردار مينهن ۽ منهنجي اُلهاسنگر کان ممبئي واپسي. هڪ خواب هو، جيڪو گذري ويو. هاڻ ته فقط يادگيريون ٿي آهن. جيڪي ساڻ رهنديون آهن پر جڏهن اهي يادگيريون سنڌي ادب جي هنن وڏن شخصن سان گهاريل گهڙين جون هجن ته انهن تي فخر ٿي ڪري سگهجي ٿو ۽ پڪ سان مون لاءِ ته اهي يادگيريون فخر ڪرڻ جهڙيون آهن. جو ته انهن جي وچ ۾ اڄ سنڌي ٻوليءَ جي اسڪالر ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جهڙي شخصيت موجود آهي.

ڪٿي نه پڄبو ٿڪ مسافر

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي هڪ اهڙو ليکڪ آهي، جنهن پنهنجي علميت، ذهانت ۽ وقت سنڌي ٻوليءَ کي ارپي ڇڏيو آهي. هن جو قلم ڪڏهن به ٿڪو نه ۽ نه هن ڪڏهن ”ساهيءَ“ جي طلب ڪئي آهي. هو اهڙو فڪري مسافر آهي، جنهن ڪٿي به ٿڪ ناهي پڳو. سندس زندگيءَ جي جاکوڙ ۽ جستجوءَ جو فلسفو شاهه سائينءَ جي هڪ سٽ ۾ سمايل آهي: ”جان جيئين تان جَلُ“ ڪانهي جاءِ جلڻ رءِ. ڊاڪٽر لڇاڻيءَ انگريزي ۽ هندي ٻولين ۾ به لکيو آهي، پر سنڌي ٻوليءَ سان هن جي جذباتي وابستگي ۽ فطري رغبت آهي. جنهن ڪري سندس فن ۽ فڪر جو وڏو حصو پنهنجي ماءُ جي ٻوليءَ کي ٿي ارپيل آهي. هوءَ هڪ

مڃيل محقق ۽ سچاڻ نقاد آهي. هڪ ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ سندس روپ هڪ تخليقڪار وارو به آهي. سندس انهيءَ تخليقي جوهر، هن جي تحقيق ۽ تنقيد واري شعبي ۾ وڏي مدد ڪئي آهي. محسوس ڪجي ٿو ته ڊاڪٽر لڇاڻيءَ لکڻ کي جڻ عبادت جو درجو ڏنو آهي . اهوئي سبب آهي جو سندس فڪري ۽ فني سرگرميون، هن جي ذات جو اهم حصو بڻجي ويون آهن. ڀير ڳوٺ سنڌ کان اُلهاسنگر هند تائين هن جي زندگيءَ ۾ ڪيئي لاهما چاڙها آيا، پر هوءَ همت ۽ حوصلي سان جاليندو رهيو. ٻال ساهت، ٽيلي ڊراما اسڪرپٽ، تحقيق، تنقيد ۽ ڪهاڻيءَ جي شعبن ۾ هن چاليهن کان مٿي سنڌي ادب کي ڪتاب ڏنا آهن. ايواردن جي صورت ۾ هن جي مڃتا به ٿي آهي. پر هن سَنڌُن ۽ ايواردن کان مٿيرو ٿي پنهنجي ٻوليءَ ۽ ان جي ادب لاءِ سوچيو آهي. اڄ جڏهن هند ۾ عربي سنڌي لپيءَ جا ڏينهن پورا ٿيندا پيا وڃن ۽ پرسرام ’ضيا‘ جي فڪر جي تصديق پئي ٿئي ته:

ٻمبئيءَ ۾ اُلٽي گنگا ٿي وهي،
هرڪو سنڌي، سنڌي ٻوليءَ کان ڏهي.
(پرسرام ضيا)

تڏهن ڊاڪٽر جڳديش گهڻو فڪرمند آهي ۽ اُنهيءَ اُلڪي احساس کي سامهون رکندي پنهنجي ٻوليءَ جو بچاءُ ڪندي سنڌيءَ ۾ لکندو رهي ٿو ۽ سندس ڪتاب شايع ٿيندا رهن ٿا.

ادل سومرو

سکر - سنڌ

21 جون 2018

هن سنڌ امڙ جهڙو
اُلهاس -نگر ڪاڻي

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

جڳديش چيو مون کي

نديون بہ هتي ڪيئي

سنڌو ۽ سر ڪاتي

جڳديش چيو مون کي

ائين ڪير ڇڏيندو آ

پنهنجو ئي گهر ڪاتي

جڳديش چيو مون کي

ذرتيءَ کان ڏڪاريل جو

سُڪندو آ پگهر ڪاتي.

جڳديش چيو مون کي

- ادل سومرو

سنڌي ساهتيہ جو سرجڻهار ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي

جڳديش شهدادپوري

ساهتيہ سرجڻ جي فن ۾ نيارو، جڳديش لڇاڻي اُن ۾ خوب پيارو آ،

ٻال ادب بہ هن خوب رچيو آ،تنهن ۾ تازو انعام بہ کٽيو آ.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جيون ڪلا بابت ڄاڻائي ٿو تہ:
”هر شخص جو جيون هڪ ڪلا آهي، جيڪو چڱيءَ طرح جيئڻ ڄاڻي اُهو ئي سچو ڪلاڪار آهي. هر انسان کي سچي ارٿ ۾ جيئڻ نہ ايندو آهي، ڇو تہ چڱيءَ طرح جيون جيئڻ لاءِ ڀاونائن کي اهميت ڏيڻي پوندي آهي. ايشور ۾ بہ اعتقاد رکڻو پوندو آهي ۽ پاڻ سان ايماندار بہ ٿيڻو پوندو آهي، تڏهن ئي اسين نئون جيون گهاري سگهنداسين. جيون ڪلا جي اظهار لاءِ سرير، من ۽ ٻڌيءَ روپي نيم ايشور طرفان عطا ٿيل آهن....“

هونئن بہ راشٽر پتا سدا حيات مهاتما گانڌيءَ بہ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ : ”جيون سڀني ڪلائن کان سريشٽ آهي. جيڪو چڱيءَ طرح جيئڻ ڄاڻي.“

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ ۾ جيئڻ جي ڪلا جيئڻ جو تيئن سمايل آهي ۽ شايد ان ڪري ئي ڊاڪٽر لڇاڻي پنهنجو پاڻ کي سستي مشهوريءَ کان پري رکندو آهي، هن جو ڏيکاو ۾ وشواس ڪڏهن بہ نہ هوندو آهي، هو گروهہ بنديءَ جي چڪر کان بہ پرتي رهندو آهي گهٽ ڳالهائو ۽ پاڻ ۾ پورو انترمکي هوندو آهي، هو ڪم ۾ وشواس رکندو آهي.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي نثر نويس طور شهرت جي روشنيءَ ۾ آيل آهي. نثر ۾ مضمون، آدبي مقالا، ڪهاڻيون ۽ تنقيدون وغيرهہ لکي ڇپائڻ ۾ هر وقت اڳرو پئي رهيو آهي. نہ صرف ايترو پر ’اکل ڀارت سطح‘ جي ڪيترن ئي سيمينارن ۾ ’آدبي مقالا‘ پڙهڻ لاءِ ڪيس مانَ سنمانَ سان گهرايو ويندو آهي. هن ڪن سيمينارن جي صدارت پڻ ڪئي آهي. هن بالغن کانسواءِ ٻال ساهتيہ بہ خوب رچيو آهي، جنهن ۾ خاص طور ٻال ڪهاڻيون وڌيڪ اِشاعت هيٺ آيل آهن. ڊاڪٽر لڇاڻيءَ جو کوجناتمڪ ڪتاب ’آدبي شناس‘ سڀ کان وڌيڪ ناموس ڪڍي آهي، جيڪو ڪتاب نہ صرف نوَن ۽ سيکرات ساهتيڪارن لاءِ اُپيوگي پئي رهيو آهي، گڏوگڏ درجي ٻارهين ۽ ڪاليجي امتحانن جي سنڌي شاگردن لاءِ بہ هڪ ڪارائتو ثابت ٿي رهيو آهي.

ڊاڪٽر جڳديش صوڀراج لڇاڻيءَ جنم 4 ڊسمبر 1939 تي سونهاري سنڌ جي پير ڳوٺ ۾ ٿيل آهي. تعليم جي خيال کان هن هنديءَ ۽ سنڌيءَ ۾ ايم.اي.، بي.ايڊ.، ساهتيہ رتن، سنڌي ادب تي ايم.فل.، پي ايڇ.ڊي جي ڊگري حاصل ڪيل آهي. پيشي جي خيال کان هن شروعات هڪ اسڪول ۾ اڌياپڪ سان ڪئي هئي. بعد ۾ سنڌونگر جي چاندي ٻائي ڊگري ڪاليج ۾ هندي ۽ سنڌي ٻوليءَ جون پروفيسر طور ڏنل شيوائن کي بہ وساري نٿو سگهجي بعد ۾ پرنسيپال جي عهدي تان رٽاير ٿيڻ

sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

ڪان پوءِ سندس تعليمي جڳت ۾ بہ آملھ خدمتن ڪي ڏسندي هڪوار ٻيھر ايس.ڊي.ٽي. ڪالاڻي ڪاليج آف آرٽس، سائنس ۽ ڪامرس سنڌونگر ۾ پنھنجون لاثاني تعليمي شيوائون ڏيئي رهيو آهي، سندس اِها حاصلات ۽ لاٿفي جاتيءَ لاءِ فخر واري ڳالھہ آهي . شايد سنڌونگر جو اهو پهريون تعليمدان آهي جنھن کي فارغ ٿيڻ ڪان پوءِ ٻيھر ساڳئي عهدي تي نامزد ڪرڻ ۾ آيو هجي، جنھن لاءِ ڊاڪٽر لڇاڻيءَ کي مبارڪون.

ڊاڪٽر لڇاڻي پهرين ادبي زندگيءَ جي شروعات ننڍيءَ عمر ۾ سنڌ مان شايع ٿيندڙ ناميار ي ادبي رسالي 'مهراڻ' ۾ 1956 ۾ ڪهاڻي چٽاپيٽيءَ ۾ 'لُڙڪن جي لڙيءَ' تي انعام حاصل ڪيو هو، جنھن بعد ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ کي سنڌي ساهتيہ رچڻ لاءِ اهڙو اُتساھہ مليو جو اڄ سوڌو برقرار آهي. هيءُ ممبئي يونيورسٽيءَ جو پهريون شاگرد آهي جنھن سنڌيءَ ۾ ايم.اي جي ڊگري حاصل ڪئي. ڏيان طلب آهي تہ اُنھن ڏينھن ۾ سدا حيات پروفيسر رام پنجواڻي، دادي پوپٽي هيراننداڻي ۽ ارجن 'شاد' ايم.اي جا ڪلاس وٺندا هئا. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جا جيڪي ڪتاب ڏينھن جي روشنيءَ ڏسي چڪا آهن تن ۾ مکيہ آهن: 'خاموش زندگي'-1957، 'آدبي شناس'-1958، 'آڌوري پياس' (گلشن نندا)، 'سڏا'-1959، (ناول)، 'ميناڪشي' (پرڀوڌ ڪمار سانيال)-1960، 'هڪ تصوير ٻہ پاسا' -1961، 'سنڌي ادب جي روپ ريکا'-1966،'ڏنم جا ڏينھڙا' -1972، 'جهرڪيءَ لڏو ٽڪو' -1979، 'گُلن ڦلن جي راڻي'-1982، 'ساهتيہ - روپ'، 'اُپنياس ۽ سنڌي اُپنياس'-1982،'ڪُني آندي ڪنوار'-1983،'سنڌي لوڪ ڪهاڻيون'، روپ رنگ جي راجڪماري' (ڪهاڻيون)، 'ريڊيو ناٽڪ'-1986، 'هڪڙو هو ڏاهري' - 1989، 'گيان گنگا'- 1990،'سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر'، (ايم.فل. ٿيسز) - 1991،'لال هيري جي ڳولھا'- 1992 (ٻال ساهتيہ)،'وگيان جون آکاڻيون' - 1994، 'نرالا' (پرمانند شريواستو) -1996 (ترجمو)، 'ساهتيہ جي پرک' -1998،'آدبي تصويرون'-1999،'آدبي انٽرويو' - 2004،'ايم.ڪمل جي شاعري'،'موهن ڪلپنا' - 2007، 'آدبي رهاڻ'،'ڪُڪڙ ۽ ڪيئون'- 2009،'روشن راھہ'، 'نثري نظم ۽ اُن جو ادبي پسمنظر'- 2010،'شيام جئسنگهاڻي، (تنقيد)، 'آکاڻيون'.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي هر هڪ آدبي رچنا پوءِ ڀل اُها ڪهڙي بہ صنف جي چونہ هجي، اُن جي ٻوليءَ جو تال-ميل، تمام بهترين نموني سان گڏ اُن جو مواد ۽ رٿا، چٽائي ۽ وياکيا، ڏانءُ ۽ ڇيد سان گڏ، پختگي ۽ اظهارڻ جو نمونو بہ هڪ نواڻ آڻي ٿو ۽ شايد اِهو سبب رهيو هجي جو هن جي هر رچنا پاٺڪ کي پنھنجي من ۽ ذهن ڏانھن وٺي وڃڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي، هن ٿيلي پلي،آتم ڪٿائون ۽ اِنٽرويو بہ لکيا آهن، پوءِ بہ هن خاص طرح سان تنقيد صنف تي ڪجھہ وڌيڪ ۽ علحدي نموني ڪاميابيءَ سان قلم هلايو آهي.

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي رچنا سنسار جي ساراھہ ٻرک ۽ اعليٰ ليکڪن هن ريت ڪئي آهي شري لکمي کلاڻي لکي ٿو، ''اها هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ ٻارن جو ساهت لکڻ مشڪل آهي. توهان جيڪا هن ڪتاب 'جهرڪيءَ لڏو ٽڪو' تي محنت ڪئي آهي، ان بيشڪ داد جا مستحق آهيو، ڪي ڪهاڻيون پنھنجن ٻارن کي پڙهي ٻڌايم، ڪين ڏاڍو مزو آيو....'' ٻال ساهتيڪار ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيءَ پنھنجو رايو ڏيندي لکيو آهي: ''جڳديش لڇاڻيءَ جو سنڌي ٻال ساهت جي وڪاس ۾

sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

گهڻو ۽ اهم رول ادا ڪيو آهي. هي ننڍڙو وڏندڙ ڪتاب ’ڪوئن جي بستي‘ تمام ننڍي عمر جي ٻارڙن لاءِ آهي.....“ هوڏانهن وري لوڪ ادب جي اديب ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتيءَ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جي حوالي ۾ پنهنجن لفظن ۾ ڪجهه هنيئن فرمايو آهي: ”هر شخص پنهنجي ننڍپڻ ۾ پنهنجي ماءُ، ڏاڏيءَ، نانيءَ کان ڪئين لوڪ ڪهاڻيون ٻڌيون هونديون، پر ڪن کي اُهي ياد آهن. ڪن کي نه پر جڳديش لڇاڻيءَ کي ڪهاڻيون ياد آهن جي هن ياد جي پٽيءَ تان اُتاري پيش ڪيون آهن، ڏاڍو سٺو ڪم آهي، سنڌيءَ ۾ ٻال-ساهت جي کوٽ آهي، ان ۾ سندس ٻال-ڪهاڻين جا مجموعا چڱو اِضافو آڻين ٿا.... “ هوڏانهن وري سنڌ مان اديب شري تاج جويو ڊاڪٽر لڇاڻيءَ کي ڪجهه هن ريت ساراهيو آهي: ”ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي، سنڌي اَدب جو وڏو نقاد ۽ اَڀياسي آهي، هوُ ٻال اَدب جو سگهارو، تخليق-ڪار آهي....“

ڊاڪٽر جڳديش جي ساهتيڪ يوگدان کي ڏسندي وقت به وقت سرڪاري توڙي غير سرڪاري ساهتيڪ، سيپتڪ ۽ سماجڪ سنستائن ۽ ادارن وٽان مان-سنمان ۽ اوارڊ پئي ملندا رهيا آهن، جن ۾ قابل-اي-ذڪر آهن: سال 1979 عالمي سطح تي ملهايل ’چلڊرين ييئر‘ جي مدنظر سندس ڪتاب ’جهرڪيءَ لڏو ٽڪو‘ ٻارن جي آکاڻين کي پسند ڪرڻ ۾ آيو هو. سينٽرل هندي ڊئريڪٽوريٽ، نئي دهلي طرفان سال 1999 ۾ ۽ ساڳئي ئي ڪتاب تي راشٽريه سنڌي ٻوليوڪاس پريشد طرفان سال 2000 ۾ عنايت ٿيل آهي، گڏو-گڏ ’ايم.ڪمل شاعري‘ جي ڪتاب تي ’بهترين يوگدان اوارڊ‘ ڏنل آهي. هوڏانهن وري سال 2011 ۾ ممبئيءَ جي بيست سنڌي طرفان’شيخ اياز اوارڊ‘ عنايت ٿيل آهي.

sindhsalamat.com

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ مرڪزي ساهتيه اڪاڊميءَ جو 50 هزارن جو ٻال ساهتيه اوارڊ ’روشن راهه‘ (ٻال ڪهاڻيون)- 2012 تي عطا ٿيل آهي. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي ممبئي سنڌي يونيورسٽيءَ جي سنڌي وڀاڳ ۾ ۽ مهاراشٽرا سيڪنڊري ۽ هاءِ سيڪنڊري تعليمي سنستا، ۾ ميمبر طور پنهنجون بهترين شيوائون ڏنل آهن ۽ هن راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد نئي دهليءَ جي سنستا ۾ ميمبر جون شيوائون به ڏنيون آهن ۽ ڀارت ڀر جي جدا جدا يونيورسٽين سان گڏ پرڏيهي ملڪن جي به ڪيترن ئي تعليمي سنستائن ۽ يونيورسٽين ۾ هلندڙ سنڌيءَ ۾ پي ايڇ.ڊگريءَ جي امتحانن ۾ پيپر جاچيندڙ ۽ ڪورس پسندگيءَ سمتيءَ ۾ ميمبرن جون به شيوائون ڏنيون آهن.

هلندي -هلندي برک ۽ اعليٰ اديب ڊاڪٽرجڳديش لڇاڻيءَ کي به بي اِنتهائي محبت ڪندي صدق وچان مان جيڪر ڪجهه هيئن چوان:

لوڪ لاڏلو ليکڪ آهي، هر ڪو ڀانئڪ ٿو ڪيس چاهي،
اَدبي حلقن ۾ پرسڌ آ، ناموس ڪيڏي هند-سنڌ ۾ آ.

(موقعي موجب مهڪ ۽ مرڪ تان)

books.sindhsalamat.com